ڪلام گرهوڙي

مؤلف:
ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

ڪلام گرھوڙي

خليفه عبدالله طاهري

ڪوٽڙي.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

ڪلام گرهوڙي

يعني

شهيد عبدالرحيم گرهوڙيءَ رحمة الله عليه جي سنڌي

مؤلف

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

ڇپائيندڙ:

ثقافت ۽ سياحت کاتو

حڪومت سنڌ، ڪراچي

١٩٩٥ع / ١٤١٦ھ

www.maktabah.org

حڪومت سنڌ جي خصوصي اسڪيم "قديم ۽ ناياب ڪتابن جي اشاعت" جي سلسلي ۾ شايع ڪيل

پهريون ڇاپو : ١٩٥٦ع
ٻيو ڇاپو : ١٩٩٥ع
تعداد : هڪ هزار
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : آغا رياض ۽ اڪبر خشڪ

ملهه : -/300 رپيا

ISBN 969-81013-X

هي ڪتاب عبدالحميد آخوند سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي پاران آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.maktabah.org

حکومت سندھ کی خصوصی اسکیم "قدیم و نایاب کتابوں کی اشاعت"
کے سلسلے میں شائع کیا

پہلی بار : ۱۹۵۶ء

دوسری بار : ۱۹۹۵ء

ISBN 969-81013-X

www.maktabah.org

فهرست

ديباچو	٩
شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحہ جو مختصر احوال	١٣
شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحہ جو ڪلام	٦٥
حقيقت محمدي	
دربيان بسمل و سورة الفاتحة	
تفسير الڪوثر	
تفسير قل هوالله	
سنڌي ست فرض	
ايمان جون صفتون	
دربيان توڪل	
دربيان ڪلمه	
دربيان ڪلمه	
سنڌي ترڪي واري	
سنڌي بيت	٢٥٣
مُلڪي سنڌي ياسنڌي ملن واري	٣٠٣
ڏکين لفظن جو فرهنگ	٣٣١
آيتن، حديثن ۽ ٻين عبارتن جو ترجمو	٣٤٩

www.maktabah.org

ناشر طرفان

مخدوم ميون عبدالرحيم گرهوڙي شهيد، هڪ جيّد عالم ۽ موحد انسان هو. هڪ عالم جي حيثيت ۾، سنڌن باري ۾، سنڌ ۾ ڪيئي حڪايتون اڄ به عام آهن. هن عالم شاعر، پنهنجي فڪر ۽ فهم جو دائرو ”حقيقت محمّدي“ (ﷺ) جي پس منظر ۾ قائم ڪيو. سندس سنڌي ۽ بيت سنڌي زبان جو املهه سرمايو آهن.

سنڌ حڪومت، سنڌي توڙي انگريزي زبان ۾ سنڌ بابت لکيل آڳاٽن ۽ ناياب ڪتابن جي ٻيهر ڇپائي جي تجويز منظور ڪئي، جنهن تحت حڪومت سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان ڪيترائي نادر ۽ ناياب ڪتاب شايع ڪيا پيا وڃن، انهيءَ سلسلي جي هڪ اشاعت ”ڪلام گرهوڙي“ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

”ڪلام گرهوڙي“، مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر محمّد عمر بن داؤد پوٽي جي تحقيق آهي. مرحوم ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي جهوني شاعري تي، جديد تحقيقي اصولن مطابق محنت ڪئي، جيڪا اڄ به اسان جي عالمن لاءِ مشعلِ راه آهي. مرحوم ڊاڪٽر صاحب هڪ سچو محقق ۽ سنڌي زبان جو شيدائي ۽ فدائي هو. گرهوڙي صاحب جي ڪلام ۾ قران مجيد و فرقان حميد توڙي حديثن جي تمام گهڻي اُپٽار ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب پنهنجي علمي تبحر ۽ تحقيق جي جديد طريقن سان اُن تي ٽيڪا ٽپڻي به ڪئي آهي، ۽ هڪ سچي محقق جي حيثيت ۾، جنهن ڳالهه يا نڪتي جي ڇاڻ محسوس نه ڪئي اٿس ته ”هِن يا هُن ڳالهه جي معنيٰ منهنجي سمجهه ۾ نه آئي آهي، اُن ڪي ٻي ايڊيشن ۾ واضح ڪيو ويندو“.

www.maktabah.org

ڊاڪٽر صاحب جي زندگي وفا نہ ڪئي، ۽ هو گرهوڙي صاحب جي ڪلام تي مزيد تحقيق نہ ڪري سگهيو. اِنهيءَ جي باوجود، هيءَ تحقيق پنهنجي جاءِ تي موجوده وقت جي ماڻهن ۽ محققن لاءِ نشانِ راه آهي. اُميد ڪري سگهجي ٿي، اڄ جي دور جا عالم ۽ محقق هن ڪم کي، سنڌي زبان جي قديم ورثي کي وهڃائڻ لاءِ پنهنجي سر ڪوشش ڪندا، ۽ سنڌي شاعري جي هن قديم اساسي کي مزيد نروار ڪرڻ لاءِ، جديد تحقيق جي بنيادن تي ڪم ڪري، پنهنجي ٻولي ۽ شاعري جي خدمت ڪندا.

عبدالحميد آخوند
سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت
حڪومت سنڌ

ڪراچي
٢، جولاءِ، ١٩٩٥ع

www.maktabah.org

ديباچو

سڀڪا ساراهه ۽ ثناء جڳائي تنهن سائينءَ کي، جنهن ”ڪُن“ جي لفظ سان ڪائنات کي جوڙيو، ۽ پنهنجي نور ظهور منجهان پيغمبر پاڪ (صلي الله عليہ وسلم) پيدا ڪيائين، جنهن وحدت جي وائيءَ سان ڪفر جي ڪارنهن عالم تان ڪوري ڪڍي. رضامندو رحمانَ جو شل سندس چئن يارن ڀلارن تي هجي، جن دين جي ديوار درست ڪئي، ۽ سندس آل اطهار تي جي ڀڏندڙن لاءِ ٻيڙيون آهن، ۽ رحمتون ۽ برڪتون سيني صحابن ڪرامن، امامن مجتهدن ۽ ولين سڳورن تي، جن سچ جي واٽ ورتي!

اما بعد هي عاصي عرض ٿو ڪري تہ سن ۱۹۳۴ع ۾ جڏهن اسماعيل ڪاليج انڌيري (بمبئي) ۾ عربي مدرس هوس، ۽ پياري وطن جي ادب جي احياء لاءِ اندر اداسي هوندو هوم، تڏهن هڪ ڀيري پير جهنڊي جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو، جتي مرحوم مغفور پير ميان احسان الله صاحب العلم الخامس پنهنجي بي بها ڪتب خاني جي معايني جو موقعو بخشيو. ڪتاب قولندي حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان (رح) جي سنڌي ابيات جا ٻہ نسخا جناب حضرت قدوه المجتهدين و زبده الشهداء الصالحين شيخ عبدالرحيم (رحہ) جي شرح سان هٿ لڳا، ۽ انهن سان گڏ پڻ سندس سنڌيءَ جو هڪ سڌاريل ۽ صحيح نقل پلءِ پيو، ازانسواءِ بزرگن مولوي غلام محمد خانزئي مرحوم جو رسالو پڻ مطالعي ۽ اشاعت لاءِ مرحمت فرمايو. اهي ناياب ۽ نادر تحفا ساڻ ڪري بمبئي پهتس، جتي بزرگ گرهوڙي جي سنڌي ڪلام جي مزيد نسخن ڪٺي ڪرڻ جو شوق مافوق پيدا ٿيو. استاد محترم ڊاڪٽر گربخشاڻي لنواريءَ جو هڪ نسخو، جو منهنجي سعادتمند تلميذ رشيد پير سعيد حسن (اطال الله عمره) ڪيس ڏنو هو، سو مون کي ڏياري موڪليو ۽ منهنجي اڳوٺي عزيز شاگرد دين محمد سومري وري عبدالحي نقرچ جو اتاريل نسخو ٽيهن روپين جي هديہ تي مهيا ڪيو، ۽ ازانسواءِ نهايت تڪليف وٺي سن ۱۹۳۸ع جي اواخر ڏاري گرهوڙ شريف جي پير سال بزرگ فقير سنگهار واتان پڌل گرهوڙي صاحب جي حياتي جو احوال قلمبند ڪري پهچائي ڏنو، جو اڪثر مستند ۽ ڪتابي سوانح جي مطابق آهي، ۽ پڻ پنهنجي سابق پر هاڻ منهن موڙيل دوست سيد عطا حسين شاه موسوي جي طرفان چند سنڌي ڪلام جا نسخا عطا ٿيا. خاص جناب پير صاحب خواجہ ميان گل حسن لنواري واري جو منت پذير آهيان، جن پاڻ وٽ رکيل نسخي جو ماستر شير محمد صاحب هٿان نقل ڪرائي ٻيٽ لاءِ عطا ڪيو. ۽ پڻ قاضي محمد اشرف صاحب ٽنڊي جان محمد واري جو، جنهن مرحوم مير خان محمد خان ٽالپر جو هٿ

www.maktabah.org

اکر لکيل نسخو موجود ڪري ڏنو. پڻ عزيزم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ميان محمد حسين ماٽڪاٽي جو نهايت احسان مند آهيان، جن مختلف نمونن ۾ بنده سان ڀلائي جا پير ڀريا آهن. انهن ٽوڙي ٻين سڀني صاحبن جو شڪرگذار آهيان، جن سگهوري شهيد جي ڪلام بلاغت انجام ڪي صحيح نموني ۾ تيار ڪرڻ لاءِ بي لوث مدد ڏني آهي. جزاهم الله عني احسن الجزاء.

بزرگ گرهوڙي جي سنڌي ڪلمن جو صحيح متن بمبئي واري زماني ۾ ئي تيار ڪري رکيو هوم، باقي بيت آئنده لاءِ ڇڏي ڏنا هئم. سنڌ ۾ موٽڻ بعد ٻيا بہ ڪيترائي نسخا ملي ويم، پر جنهن صورت ۾ انهي سگهوري ڪلام جي اشاعت جو امڪان ئي نظر نٿي آيو، تنهن صورت ۾ وڏيڪ محنت کي مهمل ڪري ڇڏيم، تان جو ۱۹۵۰ع ۾ سنڌي ادبي سوسائٽي جو بنياد پيو، ۽ سڀڻن صلاح ڏني تہ هي برڪت ڀريو ڪلام سوسائٽيءَ جي ماتحت ڇپائي، ۽ خاص ڪري عزيزم دين محمد سومرو انهيءَ ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ محرڪ ٿيو، ۽ درگاه گرهوڙ شريف جي سجاده نشين سيد احمد شاهہ کي آمادو ڪيائين تہ ڪلام جي طباعت لاءِ پنج هزار روپيا عطيو ڏئي، سوسائٽيءَ جو وڏو مربي بڻجي، پر افسوس جو ڪاپي رائيٽ جي مسئلي تي اها آچ رد ٿي وئي. ليڪن مون اميد نہ لاٿي، ۽ سڀني نسخن جي نئين سر تطبيق ڪري ۽ بيتن کي سرن جي صورت ۾ آڻي، مسودو تيار ڪيم، الله تي آس رکي مطبعة العرب جي حوالي ڪيم، جنهن اڳي ئي ”گل خندان“ ڇپيو آهي. ڪاغذ نهايت عمدو ۽ قيمتي ڪم آندو ويو آهي ۽ ڇاپي جي صحت تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. تنهن هوندي بہ امڪان آهي تہ ڪيترين ئي خفيف چڪون منجهس رهجي ويون هجن، جي قارئين ڪرام لطف ۽ عفو جي نظر سان درست ڪري ڇڏيندا. قدردان اندازو لڳائي سگهندا تہ صحيح متن جي تيار ڪرڻ، ۽ تمهيد ۽ شرح لکڻ تي ڪيڏي نہ ڀاري محنت ٿي هوندي.

مخفي نہ رهي تہ هن کان اڳ بزرگ گروهوڙيءَ جو ڪلام، ٻہ دفعا ناقص نموني ۾ ڇپجي چڪو آهي: پهريائين عالي جناب نواب ڄام ڪانيو خان جي اهتمام سان ۱۹۰۴ع ۾، ۽ ٻيو دفعو مرحوم استاد مولوي حاجي عبدالرحيم منگسيءَ جي هٿان سن ۱۹۳۱ع ۾. ڄام صاحب وارو نسخو مرحوم مير خان محمد خان ٻنهنجي ”پريتم پياري ماستر واسومل ولد ڄاڃي مل، ساڪن نوشهره فيروز جي مدد سان اتاري پورو ڪيو“ هو، پر ويچاري هندو صاحب کي پراڻي سنڌي پڙهڻ ۾ ئي ڪين آئي، جنهنڪري سارو ڪتاب چڪن سان ڀريو پيو آهي. مرحوم مولوي صاحب تہ ڪلام جو ڪجھ حصو بالڪل ڇڏي ڏنو آهي، انهيءَ اميد تي تہ باقي رهيل ٻئي حصي ۾ ڇپائيندو ۽ ديباچي جي آخر ۾ هيئن ٿو فرمائي تہ ”ڪتاب ۾ ڪيترين غلطيون فرصت گهٽ هجڻ ۽ اڳين پراڻي سنڌي ۽ صورت خطي نہ سمجهڻ ڪري رهجي ويون آهن“. تنهنڪري گويا ڇٽبو تہ ڪلام جهڙو ڇپيو تهڙو نہ ڇپبو. انهيءَ مد نظر تي نهايت ڪشالو وٺي هن لاثاني سنڌي ڪلام کي

www.maktabah.org

”سنڌي ادبي سوسائٽيءَ“ جي سهاري هيٺ نئين سر آب ۽ تاب سان ڇپايو وڃي ٿو. ڏکين لفظن جو فرهنگ ۽ واجبي فقرن جي شرح ڇپجاڙيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. تنهن هوندي به ڪي پڙهڻيون اڃا به مشتبه آهن، جن تي شرح جي دوران مختصر بحث ڪيو ويو آهي. جيڪو صاحب انهن تي روشني وجهي، هيٺ صحيح ڪندڙ کي اطلاع بخشيندو، تنهن جو بئي ڇاپي ۾ شڪرانو ادا ڪيو ويندو.

هي ديباچو ميلاد النبي صہ ۱۳۷۴ھ جي ڀلاري ڏينهن لکيو ويو آهي. باري تعاليٰ جي درگاهه ۾ التجا آهي ته انهيءَ سڳوري ڏينهن جي برڪت سان بنده جي هيءَ ناچيز ڪوشش مقبول ٿئي، ۽ عام توڙي خاص ماڻهون، هي متبرڪ ڪلام پڙهي فيض حاصل ڪري، هن ضعيف جي حق ۾ خير جي دعا گهرن. وعندالله اجر بغير حساب.

اضعف العباد

تاريخ ۱۲ ربيع الاول ۱۳۷۴ھ

ع. م. داودپوٽو عفي عنه

مطابق ۸ نومبر ۱۹۵۴ع.

www.maktabah.org

وڌيڪ محنت کي مهيا ڪري سگهيس، تان جو [illegible]

[illegible] ته هي [illegible] ڪلام [illegible] جي [illegible] ۽ خاص ڪري [illegible]

[illegible]

[illegible] شاعر [illegible] ڪلام جي [illegible]

[illegible] جي [illegible]

ليڪن مون اميد ته [illegible] ۽ [illegible] نسخن جي [illegible] سو تطبيق ڪري ۽ بيان کي [illegible] جي [illegible]

آهي. [illegible] الله [illegible] جي حوالي [illegible]

[illegible] آهي [illegible] ۽ [illegible] آهي ۽ [illegible] جي [illegible]

[illegible] ويو آهي. انهن [illegible] ۾ [illegible] آهن ته [illegible]

[illegible] جي قارئين ڪرام [illegible] ۽ [illegible] جي [illegible] درست ڪري [illegible]

[illegible] ته [illegible] ۽ شرح [illegible]

هوندي.

[illegible] ته هن [illegible] بزرگ [illegible] جو ڪلام [illegible]

[illegible] آهي. [illegible] عالي جناب نواب [illegible] خان جي اهتمام سان ۱۹۰۲ع [illegible]

مرحوم استاد مولوي حاجي عبدالرحيم [illegible] خان سن ۱۹۲۶ع [illegible] صاحب [illegible]

[illegible] مرحوم [illegible] خان محمد خان [illegible] ماستر [illegible]

[illegible] صاحب جي [illegible]

[illegible] آهي [illegible] مرحوم مولوي صاحب

[illegible] ڪلام [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] ڪلام کي

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحہ
جو
مختصر احوال*

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي، ذات مگريو، حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان لنواري (قدس سره) جو وڏو خليفو، زماني جي عجائبن ۽ بي نظير هستين مان تي گذريو آهي، چاپندي چام هو، ننڍي هوندي کان ئي مطالعہ جو شوق هوندو هوس، ۽ ايتري قدر علمي تبحر حاصل کيو هئائين، جو ساري سنڌ ۾، ملتان کان ويندي ٺٽي تائين جهڙس جيد عالم ڪونہ هو. منقول توڙي معقول ۾ اعليٰ درجي جي مهارت هيس، ۽ مباحثي ۽ مناظري ۾ ايڏو تہ دسترس هوس، جو ڪو بہ عالم مٿس غالب پئجي نہ سگهندو هو. فقهہ جي ميدان ۾ جهڙي تهڙي کي ڪين مڃيندو هو، ۽ هميشہ پنهنجي اجتهاد تي هلندو هو، جيئن هيٺ معلوم ٿيندو.

ولادت

گرهوڙي صاحب جي ڄم جي پوري خبر ناهي، پر جنهن صورت ۾ سنديس شهادت سن

---

* هي احوال هيٺين مآخذن تان ورتو ويو آهي:

١. فردوس العارفين، مولف بلوچ خان ولد مکرم تالپر، تاريخ تاليف رمضان مبارڪ، سن ١٢٠١هہ مطابق جون ١٧٨٦م. اکثر ڳالهيون حافظ هدايت الله کان نقل ٿيل آهن، جو حضرت سلطان الاولياء جو ٻيو خليفو هو، ۽ سندس خدمت ۾ سڄا سارا چاليهہ سال گذاريا هوائين.

٢. مرغوب الاحباب، مولف نظر علي بلوچ، تاريخ تاليف سن ١٢٧٣هہ مطابق ٥٦ - ١٨٥٧م. هن ڪتاب جو مدار گهڻو ڪري فردوس العارفين آهي مگر ان ۾ ٻيو بہ ڪيتروئي مواد ڪٺو ڪيو ويو آهي.

٣. متفرق رسالا، جن جو بنياد پهرين مذڪوره ڪتابن تي ٻڌل آهي، جي موجود پير صاحب لنواري جي خاص ڪمدار حاجي ميان عبدالرحمان وٽان پڙ پيا.

۴. سنگهار فقير جي زباني روايت، جا عزيزم دين محمد سومري مون ڏي آڪٽوبر ١٩٣٧ع ۾ نقل ڪري بمبئي موڪلي هئي، ۽ جا گهڻو ڪري پهرين ٻن ماخذن سان ملي اچي ٿي، فقط مگرين جو اصل نسل ۽ بارگاہ نبوي تان گرهوڙي صاحب کي ٿي مليل ارشاد وغيره فقير صاحب جو اصلي اضافو آهن، جيئن مختلف موقعن تي نروار ڪيو ويندو.

www.maktabah.org

ت سن ١١٩٢ھہ ۾ واقع ٿي، ۽ ان وقت سنديس عمر چاليهہ سال هئي، تنهن صورت ۾ قوي گمان آهي، تہ سنديس ولادت سن ١١٥٢ھہ ڌاري ٿي هوندي. ڪٿي ڄائو ۽ ڪيئن نپنو، تنهن جو بہ پورو پتو ڪونہ ٿو پوي. قرائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس جنم خيرپور رياست جي مشهور شهر راڻيپور ۾ ٿيو هوندو. سندس والد صاحب جو نالو سعدالله هو، پر ان کان وڌيڪ هيو ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي (١). سندس والده صاحبہ سندس شهادت تائين جيئري هئي، پر سندس نالي جي بہ خبر ناهي، قياس طور چئي سگهجي ٿو تہ سندس والدين وڏي هستي ۽ شيءِ وارا هئا، جن اهڙو لاثاني فرزند پيدا ڪيو.

مگريا قوم جو اصل ۽ نسل (٢)

راجپوتانا جي رڻ پٽ ۾ هڪ ننڍي رياست هئي، جنهن تي ڪنهن سمي هڪ هندو راجا باجيراءِ نالي حڪومت ڪندو هو. ڪنهن قضاني سندس راڻيءَ (نيامت؟) کي پيٽ ٿيو. پورن پنجن مهينن جي عرصي گذرڻ بعد راڻي جي بطن مان ڪلمہ "لاالہ الله" جو آواز اچڻ لڳو. انهيءَ از غيبي ۽ غير معمولي آواز اچڻ سبب راڻي خواه راجا ڏاڍو حيران ٿيا. جيئن جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن تيئن آواز بہ ويو وڌندو. آخر لاچار ٿي راجا اهو راز پنهنجن منترين ۽ ٻانيٽن اڳيان رکيو. انهن گهڻي غور ۽ ويچار بعد راجا کي صلاح ڏني، تہ جيڪڏهن اهو ٻار ڄائو تہ اسلامي راڄ قائم ڪندو، بهتر آهي تہ ان کي ڄمڻ کان اڳي ناس ڪيو وڃي. ڪهڙي نموني ۽ طريقي اهو ٻار نابود ڪجي، انهيءَ متعلق گهڻي خوض ۽ خيال بعد فيصلو ڪيو ويو تہ راڻي کي ڏاڱهہ چاڙهيو وڃي. ڪاٺين جو وڏو انبار ڪٺو ڪري، راڻي کي ان جي چوٽ تي وهاري، ڦوڪي آگ ڏني ويئي. جڏهن راڻي کي چوڌاري باهہ ويڙهي وئي ۽ ماڻهن ائين سمجهيو تہ راڻي سڙي ڀسم ٿي چڪي هوندي، تڏهن سندس پيٽ مان ٻار ڀڙڪو ڪائي اچي ٻاهر پٽ تي پيو، ۽ ڪرڻ سان چيائين "محمد رسول الله" اهڙي آواز تي ماڻهون عجب ۾ پئجي ويا. ڪن جو خيال هو تہ ٻار کي وري باهہ ۾ جلائي ڇڏجي، مگر راجا ۽ سندس صلاحڪار ڊڄي ويا، ڇي اهو ٻار آڙاهہ مان بہ نڪري آيو، تنهن ۾ وڏو ڪو اسرار آهي، ۽ متان ائين ڪرڻ ڪري خود راجا کي نہ ڪو نقصان رسي. تنهنڪري راجا اهو ابهمڙو ڪٽي چانهيا قوم جي حوالي ڪيو ۽ کين چيائين تہ هي نينگر مسلمان ٿو ڏسجي، اوهين وڃي ڪيس سنڀاليو. ڇوڪري جو نالو مگرراءُ"(٣) رکيو ويو، ۽ سنديس پالنا ۽ پرداخت لاءِ چانهين کي ڪي جاگيرون بہ ڏنيون ويون.

---

(١) سندس وڏي ڏاڏي جو نالو موسيٰ هو، جنهنڪري سندس پاڙي کي "موسيجا" بہ چوندا آهن.

(٢) سنگهار فقير جي روايت موجب.

(٣) مگر معني باه.

www.maktabah.org

اڃ ننڍو سيان وڏو، جڏهن مگر راءِ بلوغت کي رسيو، تڏهن سندس شادي ڪرائي وئي، ڪيس ٽي پٽ ڄاوا، جن مان وڏي جو نالو ساهڙ هو. ساهڙ کي هڪ پٽ ۽ نياڻي پيدا ٿي. پٽ جو نالو ٻڪيو هو، باقي نياڻيءَ جي نالي جي خبر ناهي. ٻڪيي جي ڏينهن ۾ مگر راءِ لاءِ ڏنل جاگيرون ڪسجي ويون، جڏهن ٻئي پاءُ پيڻ وڏا ٿيا ۽ ڪاني، ڪرامت جا صاحب ٿيا، تڏهن وقت جي راجا ڪان جاگيرن جي واپسيءَ جي طلب ڪيائون، پر راجا صفا نابري واري. ٻنهي ڄڻن صلاح ڪئي ته هاڻ جنهن صورت ۾ ٻيو وس نٿو هلي، تنهن صورت ۾ جاگيرن کي ڪرامت جي زور تي هٿ ڪجي. اهو ٻهه ڪري ٻئي ڄڻا اچي جيسلمير ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ راجا کي چوائي موڪليائون ته جيڪڏهن ڪسيل جاگيرون موٽائي نه ڏيندين ته زوري ورتيون ويندين. جڏهن راجا پنهنجي هٺ ڪان هيٺ نه لٿو، تڏهن ٻڪيي جي پيڻ، جا پاءُ ڪان وڌيڪ اک واري ۽ زياده طاقت رکندڙ هئي، تنهن پاءُ کي چيو ته "تون هڻ ڪاني پوءِ جي راجا آڻ مڃي ته آءٌ اها ڪاني ڪٽي وٺنديس، پر جيڪڏهن مون ڪاني هڻين ته توڪان ڪجهه ڪين سگهندي". تنهن بعد ٻڪيي وٺي قلعي تي سٽ جي ڏيري اڇلائي ته سڄو قلعو لڏڻ لڳو، ۽ هڪ هنڌان ڦاٽي پيو. راجا ۽ سندس صلاح ڪار سنگي ويا ۽ جاگيرن ڏيڻ جو وعدو ڪيائون. تنهن تي ڪاني واپس ورتي وئي، مگر قلعي ۾ جيڪو ڦاٽ پيو هو، سو قائم رهيو. ٻڪيو ۽ پيڻس انهن جاگيرن جي پيدائش تي گذارڻ لڳا ۽ پشت به پشت اهي جاگيرون سندن عزيزن ۾ ورهاست ٿينديون آئيون، اهڙي طرح مگريا قوم جو بنياد پيو.

ڪجهه زماني گذرڻ بعد مگريا جيسلمير مان لڏي اچي شاهه ڳڙهه ۾ رهيا، جتان ٽلڪندا ٽلڪندا سنڌ ملڪ ۾ پهتا. ڦرين ڦرين راڌيپور ۾ سندن ورود ٿيو، ۽ پوءِ رفته رفته ميرپورخاص ۾ اچي رهيا. انهيءَ وقت ميرپورخاص ۾ ڪهڙي هنڌ رهندا هوا، سو چئي نٿو سگهجي. مگر ايئن معلوم ٿئي ٿو ته بزرگ گرهوڙيءَ جي والد شريف جو گهر ڪڏڙي ريلوي لائين جي اوڀر طرف هوندو هو، جتي هينئر ڳاڙها سيد رهندا آهن، اهو پڻ چئي نٿو سگهجي ته ميرپورخاص ۾ ڪيترو وقت رهيا. ليڪن پاڻ ڇوڪرائي اوستا ۾ آيا ٿا ڏسجن، جو ظاهري علوم به ميرپورخاص ۾ اچڻ بعد حاصل ڪيا هوائون، ۽ ميرپورخاص مان ئي لنواري شريف وڃڻ ٿيو هون(١).

ظاهري علومن جي تحصيل

انهن ڏينهن ۾ ڇوٽيارين جو ڳوٺ علم جو هڪ وڏو مرڪز هو، ۽ ميون محمد مبين

---

(١) ان وقت حضرت سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان پيرسن ۽ ضعيف هئا (جيئن هيٺ ڏنل حڪايت سان ظاهر آهي) يعني گرهوڙي صاحب جو لنواري وڃڻ تقريباً ١١٨٠ ۽ ١١٨٨ هه جي وچ ڌاري ٿيو هوندو.

www.maktabah.org

انهيءَ مدرسي جو مدارالمهام هو. چيو وڃي ٿو ته گرهوڙي صاحب ظاهري تعليم ميين ميين وٽان پرائي(١) ۽ سيني هڪ جيڏن کان اصول توڙي فروع ۾ گوءِ کٽي ويو. فردوس العارفين جو مؤلف فرمائي ٿو ته : "ننڍي وهيءَ کان ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغول هوندو هو، ۽ جيڪو ڪو ساٿس مباحثو ۽ مناظرو ڪندو هو، تنهن تي غالب پوندو." هڪ زبردست مناظري جو بيان اڳتي ايندو. گرهوڙي صاحب کي پنهنجي استاد ميين محمد مبين لاءِ سخت عزت ۽ محبت هوندي هئي ۽ کيس "بابو" ڪري سڏيندو هو. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪنهن شخص کي خطرو ٿي پوندو هو، ته انهيءَ کي پاڻ هيئين طرح سلام ڏياري موڪليندو هو ته، "ميين عبدالرحيم پٽ ميين مبين ۽ ميين ميين پٽ رعد جي سلام ڏنا اٿئي، اي خطرا هليو وڃ. انهيءَ نيابي تي خطرو هليو ويندو هو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي، ته بزرگ گرهوڙي اتر ڏي(٢) منهن ڪيو وينو زور سان چئي "ميان مبين ڪوپرو، ميان مبين ڪوپرو.." ٿوري ئي وقت ۾ ميون مبين اچي سهڙيو ۽ ڏونگهين جا ڪوپرا اچي اڳيان رکيائينس. مجلس وارن ائين سمجهيو ته شايد گرهوڙي صاحب کي ڏونگهين جي ضرورت هئي، جن لاءِ ميين مبين کي سڏي رهيو هو. مگر پوءِ ميين مبين کان معلوم ٿيو ته گرهوڙي صاحب مون کان دريافت ڪري رهيو هو ته "خداوند ڪريم ذوالجلال جو ڪو پرو پاند آهي يا نه؟ ۽ ائين ناهي جيئن ماڻهو سمجهي رهيا آهن"

طريقت ۽ روحاني تعليم

گرهوڙي صاحب ظاهري علومن سان آراسته هوندي به هميشه باطن ڏي مائل هوندو هو ۽ خواهش هوندي هيس، ته ڪو باڪمال روحاني بزرگ ملي ته ان جو دامن وٺان. روايت آهي(٣) ته

---

(١) هي حقيقت عزيزم حاجي نواب محمد علي خان تاجپوريءَ جي ڏنل چوپڙيءَ مان نروار ٿئي ٿي. هُنَي ڪنهن به آڳاٽي مآخذ ۾ ميين ميين جو نالو نه آيل آهي. ميين ميين سان بزرگ گرهوڙيءَ جي محبت جو ذڪر سنگهار فقير جي روايت ۾ پڻ آيل آهي. فقير راضيءَ کان معلوم ٿيو ته ڪنهن سمي گرهوڙي صاحب دائره شريف (اڏيرو لعل) جي هڪ سيد بزرگ وٽ درس وٺندو هو. جيئن ته هو بدن ۾ تمام ڏهرو ۽ شڪل جو پورو پنو هو، ٻيا شاگرد ڪانئس نفرت ڪندا هوا. ۽ کيس پاڻ سان ماني کائڻ نه ڏيندا هوا. تنهن تي سيد سونهاري چيس ته ابا تون مون سان ماني کاءُ. انهيءَ سبب ڪري گرهوڙي صاحب کي سيدن لاءِ وڏي عزت هوندي هئي. شايد اهو ئي ڪارڻ هو جو پنهنجن ٽن نياڻين جو سڱ سيدن سان ڪيائين. فقط هڪڙي نياڻي پنهنجي پاڻيي کي ڏني هوائين. سو به پنهنجي والده صاحبه جي زور آڻڻ تي.

(٢) چوٽيارين جو ڳوٺ گرهوڙ شريف جي اتر طرف آهي.

(٣) هيءَ روايت عزيزم نواب حاجي محمد علي تاجپوريءَ جي چوپڙيءَ تان ورتل آهي. جنهن جي تائيد جهوڪ شريف جي موجود سجاده نشين جناب ميان عبدالستار صوفي پڻ ڪئي آهي. چي، اها روايت حضرت شاهه شهيد (رحه) جي فقراء کان ٻڌي ويئي آهي. اهو چار جو وڻ جنهن جي هيٺان دڪيءَ تي خليفو ابن ۽ گرهوڙي پاڻ ۾ روحاني راز اوريندا هئا، سو اها دڪي اڃا به موجود آهي.

www.maktabah.org

سچا ٻارنهن مهينا شاهه شهيد عنايت الله صوفي (رحہ) جي خاص خليفي ميان اَبن سمي "اوڙاه" جي صحبت ۾ جهوڪ شريف جي درگاهه تي گذاريائين، ۽ وٽانئس گهڻو فيض پرايائين. آخر ۾ خليفي ابن سمي گرهوڙي صاحب کي چيو تہ "اسان کان جيڪا خدمت پڳي سا ڪئي سون، هاڻ وڃو لنواري شريف جتي اوهان جي عقده ڪشائي ٿيندي.

لنواري شريف جي زيارت

گرهوڙي صاحب جو لنواري شريف ڪيئن وڃڻ ٿيو، ان بابت ٻہ روايتون آهن. پهرين روايت سنگهار فقير جي هن ريت آهي: شروعات کان وٺي سندس دلي تمنا هوندي هئي تہ ڪنهن ڪامل مرشد کان ارشاد وٺان، مگر ڪو اهڙو يگانو نظر ڪونہ ٿي چڙهيس. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ نماز خاطر وضو پئي ڪيائين، تہ هڪ پري کان ايندڙ مسافر اچي عرض ڪيس تہ سائين مهرباني ڪري مون کي ڪرو (ڪونرو) ڏيو تہ مان بہ وضو ڪري نماز پڙهي وٺان. تڏهن مسافر کان پڇيائين تہ اوهين ڪاڏي ٿا وڃو؟ مسافر وراڻيو تہ مان لنواري شريف وڃي رهيو آهيان. تنهن تي گرهوڙي صاحب چيس تہ "ڏني سون توهان جي لنواري". انهيءَ جي جواب ۾ مسافر چيو تہ "الله ڪندو تہ ضرور ڪنهن ڏينهن لنواري شريف ڏسندا". اها ورندي سڻي پاڻ ڪجهہ وقت ٺپيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ٿورن ئي ڏينهن بعد لنواري ڏي روانو ٿي ويو.

ٻيءَ روايت موجب (١) سندس طريقت جي ابتدا هن ريت آهي: ڪنهن دفعي واٽ ويندي هڪ درويش کي ڏٺائين، جو لنواري ڏي پئي ويو. ڪيس چيائين تہ پنهنجي پير کان منهنجي طرفان پڇجانءِ تہ "اها واٽ جنهن تان اسان جو پيغمبر ﷺ آسمان تي ويو آهي، سا فقط سندس لاءِ مخصوص هئي، يا ٻين لاءِ بہ کليل آهي؟" لنواري پهچڻ بعد اها ڳالهہ سندس دل تان لهي وئي، ۽ جڏهن موٽڻ جو ارادو ڪيائين، تڏهن حضرت خواجه محمد زمان (رحہ) ڪانئس ازخود پڇيو تہ، "فلاڻي تو کي ڇا چيو هو؟" تڏهن ياد پيس ۽ ساري ماهيت عرض رکيائين. پاڻ فرمايائون تہ، "شيخ عبدالرحيم کي چئج تہ بغداد جي خليفي لاءِ پل اڏي هئون. جا اڃا تائين قائم آهي ۽ سيڪو پيو متانس لنگهي. ساڳئي طرح عالم جي سردار لاءِ بہ گويا هڪ پل ٺهرائي وئي هئي، سا ڪا ڍهڻ جي آهي. البته حضور جن جو ان تان لنگهڻ خاص سندن شان ۽ دستور وٽان هو، ۽ لشڪرين جو سلطان پٺيان لنگهڻ سندن شان ۽ رواج موافق آهي".

انهيءَ جواب ٻڌڻ شرط گرهوڙي صاحب هڪدم لنواريءَ هليو آيو. پهريائين دل ۾ خيال

---

(١) هيءَ روايت فقط "مرغوب الاحباب" جي مؤلف ڏني آهي، ۽ ٻين پڻ ان تان نقل ڪيو ٿو ڏسجي. فردوس العارفين واري انهيءَ روايت ڏي اشارو نہ ڪيو آهي.

www.maktabah.org

ٽيس ته ڏسان ته خواجه صاحب جن ڪيتري پاڻي ۾ آهن. ڇا وٽن حقيقت ۽ معنيٰ به آهي يا فقط اسم ۽ رسم، تنهن تي حضرت خواجه صاحب جن ڪائنس قرآني آيت "والطور و ڪتاب مسطور في منشور والبيت المعمور" جي معنيٰ پڇي. شيخ عبدالرحيم ظاهري معنيٰ ته بالڪل سهڻي نموني ۾ ادا ڪئي، پر جڏهن خواجه صاحب جن مٿس روحاني معنيٰ جا راز پلٽيا، تڏهن اکين تان انداريون لهي ويس(١) ۽ يڪدم سندس مريد ٿيو. پوءِ علمي بحث مباحثا ڇڏي وڃي عرشين لڳو. هڪڙي ئي ملاقات ڏئي ڇڏيس، هڪڙي ئي ڇاٽيءَ چريو ڪري ڇڏيس.

پر پراڻي عادت ڪا منجهڻ جي آهي، ڪنهن ڏينهن ٽپهري نماز جو وقت ضعيف ٿيڻ تي هو. پاڻ خواجه صاحب جن کي ڇتايائين. خواجه صاحب جن فرمايو ته اسان جي مشائخن اهو وقت دير سان پڙهيو آهي. شيخ عبدالرحيم چيو ته فرضن جي ادا ڪرڻ ۾ طريقت تي هلڻ جي ڪهڙي

---

(١) سنگهار فقير جي روايت مان ظاهر آهي ته خود حضرت سلطان الاولياء سندس علمي مبلغ معلوم ڪرڻ لاءِ انهيءَ آيت شريف جي معنيٰ پڇي هئي. گرهوڙي صاحب ظاهري معنيٰ ته چڱي ادا ڪئي، پر جڏهن روحاني معنيٰ پڇيائون تڏهن منجهي پيو. ٻيا به جيڪي سوال پڇيائونس تن جو فقط هي جواب ٿي ڏنائين ته "اها قلب جي ڳالهه آهي." شيخ صاحب سمجهيو ته زياده طاقتور هستيءَ وٽ پهتو آهيان ۽ چوڪنيو ۽ ٻڌجي ويو آهيان. پر وري به دل جهلي سوال پڇيائين ته "قبلا، حقيقت محمدي ڪي اولياء ڪيئن تا ڳڏجن؟ ان جي جواب ۾ پاڻ هي بيت پڙهيائون:

جي محبت منجهه مٺا، سي مور نه مرن ڪڏهين،
من قتلته فانا ديته، وڏي ملهه وٺا،
ان الدين عندالله الاسلام، وڃي موت وهاءِ،
موتان اڳي ماءِ، اڳاهون اسلام ٿيو.

انهيءَ بيت ٻڌڻ بعد گرهوڙي صاحب سمجهيو ته واصل بالله ٿي ويس يعني حقيقت محمدي کي پهچي چڪس. ٻئي رات سومهاڻيءَ وقت گرهوڙي صاحب کي ارشاد ٿيو. صبح جو معلوم ٿيو ته هوش ۾ ناهي. تڏهن وڃي مسجد ۾ ڇڏيائونس، جتي اٺ پهر غش ٿيو پيو هو. جڏهن اها خبر خواجه صاحب جي ڏيان مبارڪ تي آندي وئي، تڏهن پاڻ فقيرن سميت مڪريي فقير وٽ آيا. ۽ ڪيس اٿاري هڪ ڪتاب ڏئي هليا ويا. شيخ صاحب اهو ڪتاب پڙهي زار زار پئي رنو، ۽ هيٺيان بيت پئي پڙهيائين:

١ - ڏڙهه ڏونگر ۽ ڏيهه، وڃن رات وسايا،
مون منجهارا ڪيهه، ڪنهن وڏي ٻارڻ نڪري.

٢ - ورد وظيفا وسريا، نڪا ٿي نماز،
هنيون بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

(خبر ناهي ته اهي بيت سندس آهن، يا شاهه عبداللطيف جا، ڇاڪاڻ جو رسالي ۾ پڻ اچي وڃن ٿا.)

www.maktabah.org

ضرورت آهي؟(١) حضرت سلطان الاولياء تنهن تي فرمايو تہ اجان ملن وارا مناظرا وٺيو اچين ! تڏهن گرهوڙي صاحب چيو تہ :

ڏڙهہ، ڏونگر ۽ ڏيهہ، وڄن رات وسائيا،
مون منجهانرا کيهہ، کنهن وڏي پارڻ نکري.

تڏهن پاڻ وضو کندي، هٿ چنبڙ کري، ڏانهنس اشارو کيائون. شيخ عبدالرحيم مورڇا تي کري پيو ۽ ٻئي ڏينهن تائين بيهوش هو. جڏهن وري وڃين جي مهل تي، تڏهن فقيرن عرض کيو تہ، ”قبلا، ميون عبدالرحيم گرهوڙي اجا انهيءَ حالت ۾ پيو آهي.“ تڏهن پاڻ وٽس اچي فرمايائونس تہ: ”مگريا فقير، اسين تہ باوجود پيريءَ جي وڃين نماز پيا پڙهون، پر تون تہ کيترائي وقت قضا کري چکو آهين.“ تڏهن هوش ۾ آيو ۽ هي بيت پڙهيائين:

منهنجو ماهہ مجاز، پيچاري جيئن پچيو،
ورد وظيفا وسريا، نکا رهي نماز،
هنيڙو بحري باز، چوري کيو چنبن ۾.

ان بعد کيس پنهنجي وطن ڏانهن موٽي وڃڻ جو امر ٿيو، ۽ پاڻ اچي ميرپورخاص ۾ رهيو. مگر کيس اهڙي جلالت اچي کنيو(٢)، جو وٽن تي چڙهيو، پاڻ کٽي پٽ تي ڇڏي، ۽ بار بار هيٺيون بيت پيو پڙهي:

فرزند بي بي فاطمه جا، ناحق کسن کيئن؟
وير وٺندي سينءَ، پاسو پٽ نہ کوڙيان،
الله اکبر، کونهي تکبر.

ائين چئي پاٽي جو کونرو وٺيو مٿي تي نائي، جو سڄو مٿي ۾ جذب ٿيو وڃي. اها حقيقت ٿوري گهٽي ڏينهڙين وچي لنواريءَ پهتي، اتان نياپو آيو تہ پاڻ هينئر جلاليءَ ۾ آهي، ۽ کو بہ سندس ويجهو نہ وڃي، مبادا کو نقصان کري وجهي، کيس چورائي موکليائون تہ بهتر آهي

---

(١) ايستائين روايت ”متفرقه رسالات“ جي آهي. مير خان محمد خان ٽالپر ساڳئي روايت مذکوره دليل بغير پنهنجي هٿ اکر لکيل کلام گرهوڙيءَ جي نسخي جي آخر ۾ هک خالي صفحي تي آندل آهي. ۽ هيٺ بيان لکي ڀڳ مير صاحب جي لفظن ۾ ادا کيو ويو آهي. ”متفرقه رسالات“ وارو اڳتي هلي هيئن ٿو لکي: خواجه صاحب جن لمحو کن ماٺ ۾ رهيا ۽ پوءِ نماز لاءِ اٿيا - ان کان پوءِ شيخ عبدالرحيم ڏانهن منهن کري فرمايائون تہ: اسان جي ڊرڙائي جو سبب بدن ۽ طبع جي هيٺائي آهي. شيخ صاحب چوندو هو تہ اهڙي گستاخي کري اڄ تائين وڃين نماز پوري وقت تي پڙهي نہ سگهيو آهيان.

(٢) هي سارو احوال فقير سنگهار جي روايت موجب آهي.

www.maktabah.org

تہ هلي چلي۽ تي هلو. جڏهن هي پيغام پهتس، تڏهن وٽن تي چڙهڻ ۽ پاڻ کي پٽ تي ڪيرائڻ ڇڏي ڏنائين، ۽ چيائين تہ منهنجو ارادو هو تہ شيطان کي دنيا مان تڙي ڪيان، جو خدا جي مخلوق کي پيو خراب ڪري، پر هاڻي اجازت نہ ملي.

خدا آباد ۾ مناظرو (١)

مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي۽ کي ڪنهن جهڙي تهڙي فقه جي ڪتابن تي اعتماد نہ هوندو هو، ۽ پنهنجي فهم فراست ۽ اجتهاد موافق فقه تي عمل ڪندو هو. انهي۽ ڪري وقت جي علمائن سندس تبديع ۾ فتوائون لکيون ۽ اتفاق ڪيائون تہ ڪيس تعذير ڏيون، جو هو بي شرع ڳالهيون ٿو ڪري(٢). سندن چرچ تي وقت جي حاڪم (شايد ميان محمد سرفراز خان ڪلهوڙو: ١١٨٦ هہ ـ ١١٩٧ = ١٧٧٢ ـ ١٧٧٥ع) عالمن ۽ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي۽ کي دارالسلطنت خدا آباد ۾ مناظري لاءِ گهرايو.

گرهوڙي صاحب وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، پر اول چوائي موڪليائين تہ هڪ عالم جو سيد آل رسول هجي، تنهن کي امين مقرر ڪن، ۽ هيئن بہ چوائي موڪليائين تہ هر هڪ سان جدا جدا مباحثو نہ ڪيو ويندو، بلڪہ پاڻ مان هڪ عالم چونڊين جو ساڻس منهن ڏئي، ۽ ٻيا ان جا مددگار ٿين ۽ ڪتابن مان حوالا ۽ عبارتون ڪي ڏينس. عالمن اهو شرط قبول ڪيو ۽ سيد جمال شاهہ گهوٽڪي(٣) واري کي منصف ڪري چونڊيائون جو ڪلهوڙن وٽ ملازم هو.

حضرت شيخ صاحب جڏهن شهر کي ويجهو پهتو، تڏهن پنهنجي رفيقن کي هن آيت موجب "لا تدخلوا من باب واحد، وادخلوا من ابواب متفرقه" امر ڪيائين تہ جدا جدا ٿي مقرر مسجد ۾ داخل ٿين، ۽ پاڻ تن تنها رواجي لباس ۾، گودڙي ڪڇ ۾ ۽ چادر مٿي تي، جنهن مان

---

(١) هي مناظرو غالباً حضرت خواجه محمد زمان (قدس سره) جي ارادتمندي۽ ۾ اچڻ بعد واقع ٿيو آهي. تنهنڪري هن جاءِ تي ڏجي ٿو. هن مناظري جو ذڪر مرغوب الاحباب ۽ رسالات متفرقه ۽ سنگهار فقير جي روايت ۾ آيل آهي.

(٢) گرهوڙي صاحب جا ڪيترائي اجتهادي فيصلا ذڪر ٿيل آهن، پر فارسي ۽ عربي ايتري تہ غلط آهي، جو انهن جو مطلب مشڪل سان سمجهڻ ۾ ٿو اچي. از انسواءِ هڪ ادبي تصنيف لاءِ غير ضروري آهن. جنهنڪري هتي نظر انداز ڪيا ويا آهن.

(٣) سنگهار فقير جي روايت موجب جمال شاهہ "لوءِ" (پريالوءِ) جو وينل هو. ساڳئي روايت موجب عالمن جو انداز ٢٤٠ هو، ۽ انهن مان ١١ چڱا علم جي زور تي پير بہ هوا مگر ڪين مرشد ڪونہ هو. مناظري لاءِ خاص جاءِ ٺاهي وئي هئي، جتي شيخ عبدالرحيم لاءِ هڪ ڪرسي ڇڏيل هئي ۽ وچ ۾ ڪتابن جو ڍير رکيل هو.

www.maktabah.org

دستار جو طرو ڏسڻ ۾ پئي آيو، اچي وارد ٿيو(١). رمضان جو مهينو هو ۽ سخت اج لڳي هيس. مسجد ۾ گهڙڻ شرط پاڻيءَ جي طلب ڪيائين. علمائن ڪيس منع ڪئي، چيائين ته مان مسافر آهيان. علمائن چيو ته تاهم منع ڪرڻ واجب آهي. تنهن تي گرهوڙي صاحب هي سڳوري آيت پڙهي "ومن كان مريضاً او علي سفر، فعده من ايام أخر"(٢) ۽ پڻ هي حديث ايراد ڪيائين: "الصائم في السفر كالمفطر في الحضر"(٣). خادمن مان هڪڙي ڪيس پاڻي ڏنو، جو پي ويهي رهيو(۴). علمائن هاڻي ڪيس سڃاتو ۽ منصف ڪي چيائون ته (رمضان جي مهيني ۾) پاڻي پيڻ سراسر بدعت آهي. گرهوڙيءَ صاحب منصف ڪي چيو ته حضرت رسول ﷺ جن جو سيني ائن تي سوار ٿيل اصحابن ڪي گڏ ڪري علي الاعلان پاڻي پيتو هو، سا به بدعت آهي؟

ايتري ۾ گرهوڙي صاحب جي تشريف آوريءَ جو ٻڌي، شهر جا اڪابر ۽ افاضل ۽ دربار جا امير ۽ مشير به اچي مسجد ۾ گڏ ٿيا، ۽ مباحثو ظهر ڪان وٺي عصر تائين هليو. علمائن ڪتاب کولي سوال پئي پڇيا ۽ گرهوڙي صاحب انهن جا شڪ ۽ شبها قرآن ۽ حديث جي روشنائي ۾ پئي رد ڪيا، ۽ وري وري پئي چيائين ته منصف صاحب انصاف ڪري ته مان دليل قرآن مجيد ۽ حديث

(١) مرغوب الاحباب جي روايت موجب شيخ صاحب گهوڙي تي چڙهيل هو. جڏهن هالن نون مان مخدوم نوح (رحہ) جي درگاهه وٽان اچي لنگهيو تڏهن مجاورن چيس ته گهوڙي تان لهو، پر شيخ صاحب نه لٿو. اتفاق سان انهيءَ وقت شيخ محمود مجذوب، جو پڻ خواجه محمد زمان صاحب جن جو هڪ برگزيدو مريد هو، سو ڪيس ملڻ آيو. جيئن شيخ صاحب سندس تعظيم لاءِ جهڪيو ته تيئن دوال بند ٽٽي پيو، ۽ شيخ صاحب وڃي گوڏن ڀر ڪريو. مجاورن چيو ته ڏٺو، جو اسان منع ڪيس پر نه مڃيائين ۽ ان جو ڪيتو لوڙيائين. گرهوڙي صاحب ڪو خيال نه ڪيو. پر شيخ محمود صاحب چيو ته "نه نه، پنهنجي گوڏن سان قبي کي ضرب هنئي اٿس" ۽ پوءِ جلد ئي روضي جو گنبذ ڪري پيو. منهنجي خيال ۾ اها روايت واهيات آهي. مخدوم نوح جي درگاهه اڳيان گهڻائي گهوڙي سوار ۽ موٽرن وارا پيا لنگهن، پر ڪنهن کي به آسيب ڪو نه ٿو رسي. اهڙي طرح قبي جو اتفاقي ڪرڻ به تحقيق طلب آهي.

(٢) يعني "۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي، ته پوءِ اوترا ڏينهن ٻيا روزا رکي سگهي ٿو".

(٣) يعني "روزائتو سفر ۾ ائين آهي جيئن روزو ڇوڙيندڙ پنهنجي شهر ۾" مون کي هي حديث اڃا هٿ نه لڳي آهي، شايد حديث بالمعنيٰ آهي.

(۴) فقير سنگهار جي روايت موجب گرهوڙي صاحب قرآن شريف هٿ ۾ کڻي پٽ تي ويهي رهيو. تڏهن سڀ مجلسي اٿي بيهي رهيا، ڇي ڀهريون الزام ته اهو آهي، جو قرآن شريف پٽ تي رکيو ويو آهي. انهيءَ جي جواب ۾ پاڻ فرمايائين ته قرآن ڪريم حضرت رسول ﷺ تي نازل ٿيو، ۽ پاڻ سڳورا پٽ تي هئا، ۽ آخر زمين ۾ داخل ٿيا، پوءِ کهڙو گناه ٿيو، جو قرآن مجيد پٽ تي رکيو ويو. انهيءَ جواب ملڻ تي ملن پنهنجو اعتراض واپس ورتو ۽ ڪيس عرض ڪيائون ته مٿي ڪرسي تي وهو تنهن تي پاڻ ٽپ ڏيئي ڪتابن جي ڍير تي چڙهي ويٺا. انهيءَ فعل تي گهڻو گوڙ ٿيو، جنهن جي جواب ۾ شيخ صاحب چيو ته مان به هڪ ڪتاب آهيان (ڇاڪاڻ ته ڪيس سڀئي ڪتاب برزبان ياد هوا) پوءِ جيڪڏهن هڪ ڪتاب ٻين ڪتابن تي رکيو ويو ته کهڙو قصور؟

www.maktabah.org

شريف موجب ڏيان ٿو، ۽ انهن بعد اصحابن جي اجماع ۽ مجتهدن جي قياس موجب، ۽ ڪنهن به جهڙي تهڙي فقيه جي قول کي شمار ۾ نٿو آڻيان. انهيءَ ردو بدل بعد فيصلو ڪيو ويو ته هڪ ٻئي ڳالهائي، ۽ جيڪو وچ ۾ ڳالهائيندو، تنهن جو رد ڪيو ويندو. ٻيو شرط هي وڌائين ته مون سان اهو ملو بحث ڪري، جيڪو مرشد وارو هجي. انهيءَ شرط ٻڌڻ تي مجلس جي امين سيد جمال شاهه يڪدم عرض ڪيو ته قبلا مون کي مرشد ناهي، مون کي ارشاد نوازش ٿئي. انهيءَ وچ ۾ هڪ طالب العلم(١) چيو ته مخدوم محمد هاشم هيئن لکيو آهي. جنهن تي گرهوڙي صاحب هڪ مس ڪيڙي پرکري انهيءَ طالب العلم کي هنئي. جو سندس پيشاني مان رت وهڻ لڳو، ۽ چيائين ته "مخدوم محمد هاشم جا سڪايل وڻ اجا ساوا ئي نه ٿيا آهن، ۽ تون ٻيو هاشم هاشم ڪرين. جيڪڏهن ٻيو دليل ڪو نه اٿئي ته چوٿين درجي جو دليل(٢) آڻ نه ته بيهودو نه ڳالهاءِ..." انهيءَ سندس فعل تي ڏاڍا اعتراض اٿيا. مگر مقرر ڪيل شرطن موجب گرهوڙي صاحب کي ڪجهه ڪري نٿي سگهيا. اهو طالب العلم هڪڙيئي ڌڪ سان وڏي هدايت کي رسيو، ۽ طريقت جو صاحب ٿيو.

القصه علماء جواب ڏيڻ کان عاجز ٿيا، ۽ سيد منصف ظاهر ڪيو ته "بدعت هن شخص وٽ ڪٿان آئي، هي ته خود قرآن ۽ حديث جو نور آهي". اهڙي طرح ملن جي مناظري جي ڪيڏ نٽي پئي، ۽ سيئي رفو چڪر ٿي ويا. سيد جمال شاه تمام گهڻو زور ڀريو ته مون کي ارشاد ڏيو. تنهن تي پاڻ ڪيس گهڻو سمجهايائون ته هن وقت ارشاد توهان لاءِ چڱو نه ٿيندو، جو مون تي جلالت جو جوش آهي، ۽ ان جي سختي اوهان جي سهڻ کان پري آهي، بهتر آهي ته مڪان تي اچو ته ارشاد به ڏيانو، ۽ تانءَ به جهلڻ لاءِ ڏيانو، ٻئي صورت ۾ جلي مري ويندا. مگر سيد جمال شاه نه مڙيو ۽ ڪين ارشاد ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيائين. تنهن تي گرهوڙي صاحب چيس ته "هڪدم پنهنجي ڳوٺ هليا وڃو، جيئن پنهنجي وڏن جي قبرستان کي پهچو." شاهه صاحب انهيءَ دم روانو ٿيو، ۽ گهوٽڪيءَ کان هڪ فرسنگ پنڌ تي ساهه ڏنائين. سندس ساٿي جنازو کڻي سندس وڏن جي مقام ۾ آيا ۽ اتي دفن ڪيائونس.

ٻيون پيرو لنواري شريف وڃڻ

بيان ڪيو ٿو وڃي(٣) ته هڪ رات بزرگ گرهوڙيءَ خواب ڏٺو ته حضرت رسول الله ﷺ

---

(١) فقير سنگهار جي روايت موجب اهو طالب العلم خود مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو پوٽو هو.

(٢) يعني مجتهدن جو قياس

(٣) فقير سنگهار جي روايت موجب.

www.maktabah.org

جن تشريف فرما ٿيا آهن، ۽ ڪيس فرمايو اٿن تہ هڪدم لنواريءَ هليو وڃ، جو خاندان ۾ رلي پوڻ جو امڪان آهي، انهيءَ ڪي وڃي بند ڪر. انهيءَ فرمودي موجب پاڻ يڪدم لنواريءَ شريف پهتو، ۽ چا ڏسي تہ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان (قدس سره العزيز) جن هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪرڻ وارا آهن(١). ان وقت سندن فرزند ارجمند حضرت خواجه گل محمد صاحب جي عمر فقط ١١ ورهيہ هئي. سندس مامي سليمان جي سازش تي ڪن وڏن مريدن ۽ يارن سندس سجاده نشينيءَ تي اعتراض اٿاريو هو، چي ”هو اڃا ٻار آهي، سو مريدن جي ڪهڙي تربيت ڪري سگهندو. خلافت جي وڏي عهدي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چاليهن ورهن عمر هئڻ ضروري آهي“. اڃا اڪثر اصحاب حضرت سلطان الاولياء جي ڪفن دفن ۾ مشغول هوا، تہ ميان سليمان مخالف ڌر جي مدد سان وڃي خانقاه جي مسند تي ويٺو، ۽ ماڻهن کان بيعت وٺڻ لڳو. اها خبر جڏهن شيخ عبدالرحيم صاحب کي پيئي، تڏهن يڪدم ڊوڪيندو خانقاه ۾ آيو ۽ گوڏا ڀڄي ميان سليمان ڏي نوڙڻ لڳو. ميان سليمان سمجهيو تہ شيخ عبدالرحيم بہ شايد سندس بيعت ڪرڻ آيو آهي، سو خوش ٿي پير ٻاهر ڪڍي چمڻ لاءِ ڏنائينس. شيخ صاحب بہ نڪا ڪئي هم نڪا تم، ٽنگ کان گهلي ڪڍي ڪيائينس ٻاهر، ۽ پاڻ صاحبزادي سان بيعت ڪري ڪيس هنج ۾ وهاري مسند تي ٿي ويٺو، ۽ سيني خليفن، مريدن ۽ خادمن کي اعلان ڪيائين تہ اچي بيعت ڪريو. تنهن تي حضرت سلطان الاولياء جي خاص خليفن جهڙوڪ شيخ ابو طالب ۽ حاجي طاهر ۽ حافظ هدايت الله بيعت مڃي، ۽ پوءِ سيني حاضرين سندن هٿ ورتو. فقط بہ ٽي پوءِ تي پرڪيا. انهن مان هڪ ظاهري عالم هو، جنهن کي شيخ عبدالرحيم صاحب مناظرو ڪري مڃايو ۽ قرآن شريف جي هي آيت پڙهي: ”و آتيناه الحکم صبياً“ (يعني اسان حضرت يحيي کي دانائي بخشي جڏهن اڃا ٻار هو) ڪيس شڪن ۽ شبهن جي گرداب مان ڪڍي، اقرار ۾ ايمان جي ساحل تي آندو. ٻيو شخص ڪمال عصار (چاڪي) هو، جو پنهنجي گمراهيءَ تي قائم رهيو.

اهو ڪمال چاڪي مير بجار خان جو خاص ماڻهو هو، ۽ مير صاحب وٽ وڏي عزت هيس. جڏهن شيخ عبدالرحيم صاحب، عالمن سان مناظريءَ لاءِ خدا آباد ويو هو(٢) تڏهن ڪمال چاڪيءَ مير صاحب جا ڪي نياپا ڪٺي آيو هو. هٿ ملائڻ وقت شيخ صاحب ان کي ڏاڙهيءَ کان جهلي زمين تي ڪيرايو، ۽ خوب لتون هنيائينس، ۽ چيائينس تہ ”انهيءَ ڏينهن کان وٺي جڏهن تو اسان جي مرشد جي بيعت نہ ڪئي هئي، منهنجي دل ۾ سخت غيرت ويٺل هئي. پير ڀائي هئڻ

---

(١) خواجه صاحب جن جي وفات جي تاريخ آهي: چوٿين ذوالقعده ١١٨٨هہ (٦ جنوري ١٧٧۵ع).

(٢) انهيءَ مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو مناظرو خواجه محمد زمان جي وفات بعد ٿيو هو. تنهن جي معنيٰ تہ غلام نبي شاه ڪلهوڙي جي وقت ۾ ٿيو هو، جا ڳالهہ ناممڪن آهي. تاريخ ۽ ڏند ڪٿا جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. غلام نبي شاه يا عبدالنبي شاه کي لڙاين کان فرصت ڪٿي هئي، جو اهڙو مناظرو ڪرائين.

www.maktabah.org

ڪري گهڻي ئي ڪوشش ڪيم تہ اهو ڏمر دل تان لهي، پر پيو ڪو بہ چارو نظر نہ آيم، سواءِ انهيءَ جي تہ توسان اها جٽ ڪريان، ۽ توکي هلاڪيءَ کان بچايان. جيڪڏهن سچ سمجهين تہ مون توسان وڏي ڀلائي ڪئي آهي" تحقيق :

ظهور خشم بزرگان تهي ز رحمت نيست
غبار چهره گردون دليل باران است(١)

خواجه گل محمد صاحب جي بيعت بعد شيخ عبدالرحيم صاحب (رحہ) تقريباً هڪ سال سندس ملازمت ۾ رهيو. چون ٿا تہ جڏهن ڪڏهن خواجه گل محمد صاحب محبوب الصمد ڪنهن مريد ڏي متوجه ٿيندو هو، تڏهن شيخ عبدالرحيم سندن پٺيان وهندو هو، ۽ توجه وقت پنهنجي روحانيت ۽ همت ڪم آڻيندو هو، تہ مريد تي زود اثر پوي. تنهن کان پوءِ خواجه صاحب کان رخصت وٺي پنهنجي اصلي وطن ميرپورخاص(٢) موٽي آيو، ۽ خلوت اختيار ڪيائين. ڪاڏو تمام ٿورو کائيندو هو، ۽ ٽئين ٽئين ڏينهن مسهل وٺي معدو خالي ڪندو هو.

مرغوب الاحباب جي مؤلف جو ڏاڏو حاجي شهمير ڳالهہ ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سندس در تي ويس. نوڪر ويٺو هو، جنهن خبر ڏني تہ شيخ صاحب ڪنهن کي بہ پاڻ وٽ اچڻ نٿو ڏئي، چيومانس تہ اطلاع وجي ڏينس. نوڪر کيس خبر ڏڏائي، تنهن تي چيائين تہ پير پائي آهي، سندس خاطر ضرور ٻاهر ويندس. ٿوري وقت بعد ٻاهر آيو ۽ سانس هٿ ملايم. سخت ضعيف ٿي ويو هو، ۽ هڏن جي مٺ وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. چيو مانس تہ "چو پاڻ کي ايتريءَ محنت ۾ وڌو اٿو؟" چيائين تہ قرآن شريف ۾ آيو آهي تہ "واذكرو الله في ايام معدودات"(٣). تنهنڪري مصلحت انهيءَ ڳالهہ ۾ ڏٺيم پوءِ جڏهن الله جو امر ٿيس، ۽ خلوت جا ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن غسل ڪري، نئون ويس اوڍي، ٻاهر نڪتو، ۽ دهلارين کي سڏي حڪم ڏنائين تہ شهر جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ وڃو ۽ پڙهو ڏيو تہ "جيڪو اچ منهنجي بيعت ڪندو تہ سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) آءٌ سندس دوزخ کان دوريءَ جو ضامن ٿيندس". سڄو ڏينهن منادي ڦري، پر ڪير بہ انهيءَ عنايت کان مستفيض نہ ٿيو، مگر هڪ "بخشو شامو" جنهن کي اڳيئي هڪڙي مجذوب کان فيض پهتل هو.

شيخ فتح محمد بيطار بہ سندس مريدن مان آهي. ان جي ڳالهہ ڪن ٿا تہ اجا بالغ ئي مس ٿيو هو تہ پنهنجن رفيقن سان سامان جا اٽ پرائي شهدادپور کان ميرپورخاص روانو ٿيو. شيخ عبدالرحيم جي اچڻ جو غوغا ٻڌي دل ٿيس تہ وڃي سندس تماشو ڏسان. دوستن جهليس تہ متان

---

(١) يعني بزرگن جي ڪاوڙ رحمت کان خالي ناهي. آسمان جي چهري تي لٽ مينهن جو دليل آهي.
(٢) فقير سنگهار جي روايت موجب "گرهوڙ" شريف.
(٣) يعني "۽ الله کي ياد ڪر ڪن ڳاڻ ڳڻين ڏينهن ۾"

www.maktabah.org

وڃين، ماڻهن کي ماري ٿو. چيائين تہ مان سندس ويجهو کو نہ ويندس، رڳو گهر جي پٺيان سوراخ مان سندس نظارو ڪندس. ان وقت حضرت شيخ پڻ انهيءَ سوراخ ۾ جوهہ ماريو وينو هو. فتح محمد کي ڏسڻ شرط پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ پڪڙي وٺي اچوس. جڏهن ٻڌي وٺي آيس. تڏهين فرمايائين تہ هاٿي ڇڏي ڏيوس، چيائون تہ هڪ دفعي ڀڳو تہ وري هٿ نہ ايندو. تنهن تي وراڻيائين تہ "جيڪي ٿيو سو ٿيو، آينده سندس هذا بہ هٿ پراڻا ٿيندا". انهيءَ سخن سندس دل ۾ اهڙو تہ گهرو اثر ڪيو، جو دنيا ۽ ماسوا کي ڇڏي سندس خدمت ۾ ويهي رهيو، ۽ وڏي روحاني رتبي کي وڃي رسيو. چوندو هو تہ "رب تعاليٰ جو حضور مون کي هردم حاصل آهي، ۽ هڪ اک جو لمحو بہ رب تعاليٰ مون کان پري ناهي".

مرغوب الاحباب جو مؤلف بيان ٿو ڪري تہ سندس ڏاڏي جو ڀاءُ ابوالحسن غازي، جو وڏي خواجه صاحب جن جو مريد هو، سو شيخ عبدالرحيم جي گرهوڙ ۾ شريف جو ٻڌي وٽس زيارت لاءِ ويو. ڏٺائين تہ رليءَ ۾ ويڙهيو تونريءَ تي ستو پيو آهي ۽ ماڻهو سندس چوڌاري مراقبي ۾ ويٺا آهن. دل ۾ خيال آيس تہ حضرت خواجه جن وڏي جو بہ شان ڏٺو هوم، ۽ هي ڇا احوال آهي؟ قوم جي رهبر کي قدري تجمل هئڻ گهرجي. في الفور ڏانهن نظر ڪري هي بيت چيائين:

مکن عيب درويش مدهوش مست
کہ غرق ست زان مي زند پا و دست (١)

اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي قصا سندس باري ۾ مشهور آهن.

ميرن کي صاحبي وٺي ڏيڻ (٢)

ڪلهوڙا جيتوڻيڪ بادشاه هوا، پر ان سان گڏ پيريءَ مريدي بہ ڪندا هوا. ٽالپر يا مير اوائل کان ڪلهوڙن جا مريد هوا ۽ مٿن وڏو ويساه هون. سرفراز ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ميرن جو وڏو مير بهرام خان ولد مير شهداد خان هو، جنهن ڪلهوڙي خاندان جون وڏيون خدمتون ڪيون هيون. ليڪن هڪ شرير سردار راڄي ليکي جي چرچ تي سرفراز خان هوڙائي ڪري مير بهرام

---

(١) يعني: مدهوش ۽ مست درويش جو عيب نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ هو غرق آهي، ۽ انهي ڪري هٿ پير هڻي رهيو آهي.

(٢) هي بيان مرغوب الاحباب ۽ متفرق رسالات ۽ سنگهار فقير جي روايت تي مبني آهي، تاريخي ڪتابن ۾ انهيءَ ڳالهہ ڏي ڪو اشارو ڪو نہ آيو آهي. پيروز پٽافي جيڪو ڪلهوڙن جي لشڪر جو مهندار هو، سو لانياريءَ جي لڙائي ١١٩٠هہ (= ١٧٧٦ع) ۾ قتل ٿيو.

www.maktabah.org

خان ۽ سندس ننڍي پٽ صوبدار خان کي دغا سان گهرائي مارائي ڇڏيو(١). ان وقت مير بهرام خان جو وڏو پٽ مير بجار خان حج تي ويل هو، تنهن کي ڪلهوڙن جي انهيءَ ڪلور ڪان واقف ڪيو ويو. جيستائين ڪ مير بجار خان پهچي تيستائين ميرن جي هڪ عزيز مير فتح خان ڦڙتي ڪري پروچ سپاهين جي مدد سا خدا آباد جي قلعي تي گهيرو ڪيو. سرفراز خان پي واه نہ ڏسي راتو واه پيڙيون ڪري وڃي حيدرآباد نڪتو ۽ قلعي ۾ پناه ورتائين. مير فتح خان تنهن تي سرفراز خان جي پاءُ محمود خان کي گاديءَ تي وهاري، يڪدم حيدرآباد ڏي روانو ٿيو. مير فتح خان جي پيش قدمي ڏسي، ۽ مير بجار خان جي انتقام جي هراس کان ميان سرفراز ڪلهوڙي جا مکيہ سردار ۽ امير جهڙوڪ راڃو ليڪي ۽ الله بخش جهنجهڻ، ميان سرفراز جو طرف ڇڏي اچي مير سان شامل ٿيا. سيني مڙي حيدرآباد جي قلعي تي گهيرو ڪيو ۽ هفتي اندر قلعو فتح ڪري منجهس گهڙي پيا. ميان سرفراز گهڻو ئي پڇتايو، وفادار ميرن جي قتل تي ارمان ڪيائين، ۽ راڃي ليڪيءَ کي بدشد ڳالهايائين ۽ پاراتا ڏنائين. پر ڪجهہ نہ وريو. خزانن جون ڪنجيون مير فتح خان کي ڏنائون، پر هن ونڻ کان انڪار ڪيو، ”ڇي مير بجار خان اسان جو وڏو آهي، اهو پاڻهي اچي دشمن کي جوڳي سزا ڏيندو، حال في الحال مون پنهنجي اندر جي آڳ اجهائي.“

راڃي ليڪيءَ کي اهڙو بهانو گهربو هو، سو ڪنجيون ڪٽي پاڻ وٽ سوگهيون ڪيائين ۽ پنهنجي پٽ تاجي کي قلعي جي سنڀال هٿ ۾ ڏنائين. ڪيس جو خزانا هٿ اچي ويا، سو دل کولي خرچڻ ۽ مير بجار خان جي مقابلي جي تياري ڪرڻ لڳو. الله بخش جهنجهڻ ۽ پيروز پتافي ۽ ڪوسن جي سردار کي پنهنجي طرف ڪيائين. مير فتح خان اها روبڪار ڏسي، حيدرآباد کان هٽي وڃي شهدادپور ۾ ڇانوڻي ڪئي. راڃي ليڪيءَ، محمود خان کي گاديءَ تان لاهي، ميان غلام نبي خان کي پڳ ٻڌائي (١١٨٩ هہ = ١٧٧٥ ع). ميان غلام نبي خان پنهنجي سر چڱو مڙس هو، پر لاچار حريفن سان نباڻو ٿي پيس. ايتري ۾ مير بجار خان جي اچڻ جا هاواٽا پيا. راڃي ليڪيءَ ڏپ وچان زهر کائي پنهنجي حياتي پوري ڪئي، ۽ سڄو ڪاروبار سندس شرير پٽ تاجي جي هٿ ۾ اچي ويو.

مير بجار خان حج تان موٽندي، جڏهن خداآباد جي ويجهو پهتو، تڏهن سندس پٽ عبدالله خان ۽ صوبدار خان جا چار صغير پٽ ماتم ڪندا اچي کيس مليا. اتان سنڌ جي سردارن ۽ چڱن مڙسن ڏي راڃي ليڪيءَ ۽ سندس پٽ تاجي جي ظلمن بابت خط لکيائون، ۽ گهڻائي ماڻهون اچي ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿيا. اتي مير بجار خان خيال ڪيو تہ ميان غلام نبي خان جو وچ لهجي، پر جنهن صورت ۾ هو پنهنجي خود غرض سردارن جي هٿن ۾ لاٽين وانگر هو، تنهن صورت ۾ هن مير

---

(١) فقير سنگهار جي روايت موجب ڪلهوڙن ميرن کان سڱ گهريو هو، مگر سندن انڪار ڪرڻ تي ڪلهوڙن وڏا مير گهرائي مارائي ڇڏيا.

www.maktabah.org

صاحب کي ليکيو ئي کين. انهي کري لاچار ٿي پنهنجو مال ۽ اسباب کڻي وڃي عمر ڪوٽ کان نڪتو، جتان ڪوسن کي هڪالي قلعو والاري ويهي رهيو. پر سنت ئي الله بخش جهنجهڻ جي حرفت ڪري اهو قلعو ڇڏڻو پيس، ۽ الله بخش جهنجهڻ اتي پنهنجا ٻه هزار هٿيار بند سپاهي ويهاري ڇڏيا. مير بجار کي جڏهن انهيءَ ڪيڏ جي خبر پيئي تڏهن ٻه مهينا ترسي آخر تاجي ليکيءَ کي چوائي موڪليائين ته ميان غلام نبي کي تڪليف ڏيڻ کان سواءِ اچي کلي ميدان ۾ مقابلو ڪريو. ميان گهٽو ئي صلح لاءِ پاڻ پتوڙيو، پر تاجو ليکي ٻين همراهن جهڙوڪ الله بخش جهنجهڻ، پيروز پتافي، محمد حسن ڪهاوڙ ۽ محراب جتوئي جي معيت ۾ ٽيهه هزار لشڪر سان مير بجار جي سامهون ٿيو. مير بجار وٽ ٦٠٠٠ سرويچ سپاهي هوا. ٻئي لشڪر لانياريءَ* (تعلقي شهدادپور) وٽ دوبدو ٿيا، ۽ خونريز لڙائي لڳي. جنهن ۾ پيروز پتافي مارجي ويو. ميان غلام نبيءَ جڏهن ڏٺو ته سندس مهندار هڪ ٻئي پٺيان ناس ٿي رهيا آهن، تڏهن پنهنجن خاص خدمتگارن هٿان مير بجار ڏي قرآن شريف جي ميڙ ڏياري موڪليائين ته مون کي هن پاپين جي چنبي کان ڇڏايو. تاجي ليکيءَ کي جڏهن اها ڪٽڪ پيئي، تڏهن ميان غلام نبيءَ کي اڦٽ ماري، ساري لشڪر سان ڀڄڻ ۾ چڙهي شاه ٻڱه ڏي روانو ٿي ويو. هي واقعو سنه ١١٩٠هه (= ١٧٧٦م) ۾ ٿي گذريو.

هي آهي تاريخي واقعي جو مختصر بيان، جنهن کي مرغوب الاحباب جي مؤلف ۽ فقير سنگهار مرچ مصالح ڏيئي جدا جدا نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

مرغوب الاحباب جي روايت

جڏهن مير بجار خان ڪلهوڙن سان لڙائيءَ جو ارادو ڪيو، تڏهن حضرت شيخ عبدالرحيم صاحب جي خدمت ۾ هلي آيو ۽ دعا گهريائين. شيخ صاحب فرمايو ته ”اوهان جي فتح ٻچ شرطن تي منحصر آهي، جيڪڏهن اوهان اهي شرط پشت به پشت قبول ڪيا ته بادشاهي اوهان جي آهي“. اهي سڀ شرط اهل دين جي آسودگي ۽ بدعت جي پاڙ پٽڻ، ۽ باقي ڪافرن کي ناس ڪرڻ بابت هوا. القصه عهد نامي تي مهرون هنيون ويون. ان وقت جاسوسين مير بجار خان کي ڪن ۾ اچي چيو ته دشمن جو پنجاهه هزار(١) لشڪر پيروز پتافيءَ جي سرڪردگي هيٺ ويجهو اچي رهيو آهي، جو وڏو ظالم ۽ سرڪش آهي. مير جو لشڪر فقط چار هزار هو(٢)، جنهنڪري سندس منهن مان پريشاني بکڻ لڳي. شيخ صاحب فرمايو ته فڪر نه ڪريو، دشمن جو لشڪر جيڪڏهن پنجاهه لک هوندو ته به سوڀ توهان جي آهي، شيخ صاحب مير جي هڪ سپاهي کي

* ”گنجينه جهان نما“ واري ”لانياري“ بدران ”هالاڻي“ لکيو آهي.

(١) تاريخي روايت موجب: ٽيهه هزار

(٢) تاريخي روايت موجب: ڇهه هزار.

www.maktabah.org

ڏاڙهيءَ کان جهلي مير کي چيو تہ ”هي اٿئي سسي پيروز پٽافي جي، وٺ“. پوءِ فرسنگ کن ساٺس گڏجي لشڪر سان ويو ۽ چادر جو تڪر ڪاٺيءَ ۾ ٻڌي چيائين تہ هي آهي جهندو اسلام جو. پوءِ مير کي چيائين تہ ”آءٌ دعا جو لشڪر آهيان، اوهان پلي اڳتي وڌو“. پاڻ پوئتي هٽي، پري کان جنگ جو نظارو ڪرڻ لڳو. ڪنهن وقت اوچتو اٿيو، ۽ پنهنجي جاءِ کي پنهنجي هٿن سان ٻهاري ڏئي ۽ ڪلهي تي مشڪ پاڻيءَ جي کڻي ڇٽڪار ڪيائين، ۽ پوءِ ادب سان گوڏا ڀڃي اتي ويهي رهيو، ۽ ماڻهن کي چيائين تہ ڪو بہ ليکي اندر نہ اچي. ٿوري دير رکي، مٿو مٿي ڪري چيائين تہ ٻئي امام سڳورا منهنجي سڏ تي آيا هوا ۽ هينئر سوڀ جي مبارڪ ڏئي اٿيا آهن. ويرم نہ گذري تہ قاصد مير بجار جي فتحيابيءَ جي خوشخبري کڻي آيو ۽ پڻ اها خبر آنديائين تہ انهيءَ شخص جنهن جي ڏاڙهي حضرت شيخ پڪڙي هئي، تنهن ئي پيروز پٽافيءَ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. تنهن تي شيخ صاحب الله تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندو، ۽ انهيءَ سوڀ کي اسلام جي فتح ڪري سڏيائين.

فقير سنگهار جي روايت

جڏهن مير بهرام خان ۽ سندس پٽ مير صوبدار خان کي ميان محمد سرفراز هڙهم ڪري مارايو، تڏهن حادثي جي خبر مير بجار خان کي حرمين شريفين موڪلي وئي، جو ان وقت مدينه منوره ۾ هو. اها حقيقت معلوم ڪري مير بجار خان کي سخت اندوہ ۽ ارمان ٿيو، ۽ دل ۾ چيائين تہ انهيءَ درد جي دانهن کڻي مديني جي مير اڳيان عرض رکان، تہ اهو ڪو غور ڪري. سو اهو ظلم جو داستان کڻي وڃي روضي پاڪ اڳيان روج راڙو ڪيائين. سندس آهہ ۽ زاريءَ هٽي هنڌ ڪيو. رات جو خواب ۾ مديني ڌڻيءَ فرمايس تہ ”سنڌ ۾ مهدي(١) وينو اٿئي، وڃي سندس دامن جهل تہ ماڳهين سنڌ اوهان کي وٺي ڏئي“.

---

(١) امام مهديءَ بابت مختلف رايا آهن، جن جو وستار قيامت واري ڪلمي ۾ ڪيو ويندو. مهديءَ جي معنيٰ آهي ”هدايت ڪيل“ يعني اهو شخص جنهن کي رب تعاليٰ جي طرفان هدايت ٿيل هجي تہ گمراهن کي سنئين راه تي آڻي. اهڙو شخص مهديءَ موعود(؟) کان سواءِ ٻيو بہ ٿي سگهي ٿو، بشرطيڪ اهو استعداد هجيس. يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ بزرگ گروهڙي ڪا مهديت جي دعويٰ ڪئي هئي. بهرحال هيٺين بيت مان اهڙو انومان ڪڍي سگهي ٿو:

ٻاگون پٽن سنديون، گل قل گجراتا،
آبا آديسين جا، واحد ويچاييا،
گيڙو گوڏڙين جا، خالق خوار ڪيا،
پيئيون تلڪن توپيون، ٿيا ملا مرادودا،

(باقي اڳين حاشيہ تي)

www.maktabah.org

سنڌ ۾ موٽي اچڻ بعد مير بجار خان گهڻن ئي فقيرن جا دروازا کڙڪايا. مگر سندس مطلب حاصل نہ ٿيو. آخرڪار رلندي ڀٽڪندي، اچي گرهوڙي صاحب وٽ حاضر ٿيو، ۽ دامن جهلي عرض ڪرڻ تي هو، تہ پاڻ يڪدم فرمايائونس تہ ”ڪاٺا متان مديني جو تو نشان ڏين“ تڏهن مير صاحب چيو تہ ”قبلا، هائو“ تنهن تي مير صاحب کي چيائون تہ ”اسين تنهنجو هينئر ئي ٽا فيصلو ڪريون. اسين ٽا ڪريون ڪهڙ، ۽ تون وڃي ڏي باهہ“(١). مير صاحب کي اعتبار نہ آيو. تنهن تي پاڻ وري فرمايائونس تہ ”تون آهين ڏاٽو، ۽ هو (يعني ڪلهوڙا) آهن گاهہ. وڃي لٽين“. تڏهن بہ مير صاحب نہ مڃيو، ۽ عرض ڪيائين تہ ”قبلا، آءٌ اڪيلو ڪو نہ ويندس، مهرباني فرمائي مون سان گڏجي هلو“. نيٺ ٽوريءَ رد بدل کان پوءِ پاڻ مير سان گڏجي هليا. انهيءَ وقت ميرن جا ڪل ٦٠٠ ڪن(٢) هوا، جن مان ڪيترن کي تہ بندوقون بہ ڪين هيون. ٿنڊي الهيار وٽ وڃي منزل انداز ٿيا ۽ ڪلهوڙن کي اطلاع ڏياري موڪليائون. اهڙي اطلاع ملڻ تي، ڪلهوڙن کي ڏاڍي ڪل آئي ۽ پيروز پٽافيءَ جي هٿ هيٺ هڪ هزار گهوڙي سوار سندن مقابلي لاءِ روانا ڪيائون. ميرن کي جڏهن خبر پيئي، تڏهن پڇڻ جا سعيا ڪرڻ لڳا. گرهوڙي صاحب پڇن تہ ڪاڏي ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا آهيو؟ تڏهن پنهنجي دل جو حال اوريائون. انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ تي پاڻ يڪدم هڪ پرسان بيٺل ٻروچ جي ڏاڙهي هٿ ۾ جهلي، ڏاڍا لوڏا ڏئي، فرمايائون تہ ”پيروز پٽافيءَ جي ڏاڙهي منهنجي هٿ ۾ آهي، توهين ڇو ٿا بي همت ٿيو؟“ تنهن تي مير پنهنجا وهٽ اتي ئي ڇڏي، اڳتي وڌي وڃي هڪ ڇن ۾ لڪي ويٺا. دشمن سمجهيو تہ ميرن جو لشڪر شايد اجا اڳيرو آهي سو اڳتي وڌندا ويا ۽ جڏهن اچي ميرن جي لشڪر جي دوبدو ٿيا، تڏهن گرهوڙي صاحب کين بندوقن هلائڻ جو حڪم ڏنو. اوچتو بندوقن ڇٽڻ تي ڪلهوڙن جي لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پئي، ۽ اهو ٻروچ جنهن کي گرهوڙي صاحب ڏاڙهي کان جهلي لوڏا ڏنا هوا، تنهن پيروز پٽافيءَ کي قتل ڪري، سندس سسي آڻي مير جي اڳيان رکي. ان بعد ڪلهوڙن وڃي حيدراباد جي قلعي ۾ پناهہ ورتي، ۽

ناهہ مکو ناهہ مدينو، نکو عرفاتا،
آهہ آس اها، تہ سيف سٽيندس ڪل تي،
آهہ آس اها، تہ مهدي ٿيندس ملڪ جو.

مرغوب الاحباب جي مصنف جي هيءَ عبارت انهيءَ دعوئي جي مزيد تائيد ڪري ٿي: چنانکہ مهدي موعود شيخ عبدالرحيم در شرح بيت شصت و نهم از ابيات سندهي آورده است. ان کمال الانسان في مراتب القرب الخ ـ والله اعلم بالصواب.

ڊاڪٽر نبي بخش صاحب وري هيءَ روايت ٻڌي آهي. فقير دعا ڪيس تہ :

بجر ڪاٽا، وڃي وجهينس ڪهاٽا.
نہ ڇٽنديس توبون، ليندس ناٽا.

(٢) تاريخ موجب : ڇهہ هزار.

www.maktabah.org

حڪومت مير جي هٿ آئي(۱). ڪلهوڙا ڪجھ وقت قلعي اندر بند هوا، پر سنتئي آڻ مجيائون ۽ غلام نبي خان ڪلهوڙي کي موسي ڪتياڻ جي ڳوٺ وٽ ماريو ويو(۲). ان بعد ڪلهوڙا جوڌ پور طرف لڏي ويا، جتي اجا بہ سندن نسل موجود آهي.

جڏهن ميرن کي سنڌ جي صاحبي ملي، تڏهن گرهوڙي صاحب کين ڪي شرط لکي ڏنا(۳) ۽ فرمايائين تہ جيڪڏهن انهن شرطن موجب حڪومت هلائيندا رهندا، تہ اوهان جو راڄ قيامت تائين قائم رهندو. پير ميرن انهن شرطن جي پرواھ ڪا نہ ڪئي، جنهن جو نتيجو آخر اهو نڪتو، جو سٺ ورهين اندر ئي سندن اميري ختم ٿي ويئي.

گرهوڙ وسائڻ (۴)

يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ شيخ عبدالرحيم صاحب ڪڏهن گرهوڙ وسايو. آيا حضرت

(۱) هيءَ ڳالھ تاريخي حقيقت جي ابتڙ آهي. لانياري جي جنگ، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ۱۱۹۰ھ (= ۱۷۷۶م) ۾ ٿي گذري. حڪومت ميرن جي هٿ ۾ ڪانہ آئي، بلڪ ميان غلام نبي شاھ جي وصيت موجب مير بجار خان ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي، باوجود سندس ظلمن جي، مسند تي وهاريو. ۽ پاڻ سندس وزير ٿيو. ۽ ملڪ جو سمورو ڪاروبار سندس هٿ ۾ رهيو. سن ۱۱۹۴ھ (= ۱۷۸۰م) ۾ عبدالنبي ڪلهوڙي جوڌپور جي راجا وٽان موڪليل ٻن رانوڙ راجپوتن هٿان مير بجار کي دغا سان قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ پوءِ پاڻ ميرن جي انتقام جي ڊپ کان قلات ڏي ڀڄي ويو ۽ پنهنجا پٽ جوڌپور جي راجا ڏي ڏياري موڪليائين. سندس غيبت ۾ مير بجار خان جي پٽ مير عبدالله خان هڪ گوشه نشين ڪلهوڙي فقير ميان صادق علي خان کي گديءَ تي وهاريو. ان جي ڏينهن ۾ جوڌپور جي راجا باجيسنگ جو لشڪر هڪڙي طرف کان ۽ قلات جي خان جو لشڪر ٻئي طرف کان عبدالنبي جي سرڪردگي هيٺ سنڌ تي ڪاهي آيو. پر ٻنهي کي مير عبدالله خان شڪست ڏني. عبدالنبي ڪلهوڙو تنهن تي سردار مدد خان پٺاڻ کي چاڙهي آيو، جنهن جي لشڪر ساري ملڪ جي طول ۽ عرض ۾ ڦرلٽ جي باھ ٻاري ڏني. ميرن ڪجھ وقت تائين تہ افغانستان جي بادشاہ تيمور شاھ جي حذر ڪري، مدد خان جو مقابلو ڪيو، پر جڏهن سندس ظلم حد کان وڌي ويو، تڏهن عبدالله خان ڪجھ ڏيکر ڏيکاري ۽ مدد خان کي سنہ ۱۱۹۵ھ (= ۱۷۸۱ع) ۾ ملڪ مان پويان پير ڪرڻا پيا. ظالم عبدالنبي ڪلهوڙي وري قرآن مجيد جي ميڙ وٺي ميرن سان صلح ڪيو، پر پنهنجي اندر جو وير ڪين وساريائين، ۽ دوھ سان مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان کي پاڻ وٽ بي هٿيار گهرائي مارائي ڇڏيائين. تنهن تي ميرن فتح علي خان کي پنهنجو وڏو مقرر ڪيو، جنهن عبدالنبي کي هالاڻي جي جنگ ۾ شڪست ڏني، ۽ ان بعد بہ گهڻين تڪليفن کان پوءِ سن ۱۱۹۷ھ (= ۱۷۸۳ع) ڌاري سنڌ جي حڪومت جي واڳ مس مس پنهنجي قبضي هيٺ آندي.

(۲) اصل روايت ۾ لکيل آهي تہ غلام نبي شاھ کي موسي ڪتياڻ جي ڳوٺ وٽ ٽالپرن ماريو هو. جو حقيقت جي خلاف آهي.

(۳) جي اڃتي فارسي خط ۾ ايندا. جو شيخ عبدالرحيم صاحب مير بجار خان ۽ مير فتح خان ڏي لکيو هو، ۽ جنهن ۾ مهاڏيو جي مڙهي مسمار ڪرڻ لاءِ ڪاٺئن مدد گهري هوائين.

(۴) سچو بيان فقير سنگهار جي روايت تي ٻڌل آهي.

www.maktabah.org

سلطان الاولياءَ جي وفات (١١٨٨هه) کان اڳ يا پوءِ؟ پاڻ هڪ سال حضرت محبوب الصمد خواجه گل محمد صاحب جي ملازمت ۾ گذاريائون، ۽ ان کان پوءِ خبر ناهي ته ميرپور خاص وجي رهيا يا گرهوڙ ۾. منهنجو خيال آهي(١) ته لانياري جي ٿي لڙائيءَ (يعني ١١٩٠هه) بعد گرهوڙ ۾ لڏي گهر ڪري ويٺا. سندن گرهوڙ طرف ڪوچ ڪري وڃڻ جو سبب فقير سنگهار هن ريت ڄاڻايو آهي:

شروعات ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته مگريا قوم رلندي رلندي اچي سنڌ ۾ وارد ٿي هئي، ۽ سندن جاگيرون ٻيا ماڻهو آباد ڪري رهيا هوا. جيئن ته شيخ عبدالرحيم صاحب وڏي ڪاني ڪرامت جو صاحب هو، تنهنڪري سندس ماڻهن مٿس زور پريو ته اسان کي هلي پنهنجن ابن ڏاڏن جون جاگيرون واپس وٺي ڏيو. پهرين ته پاڻ انهيءَ ڳالهه جي سخت برخلاف هوا، پر پوءِ سڀني فقراءَ ۽ والده صاحبه جي سٽاءَ تي جيسلمير ڏانهن هلڻ جو قصد ڪيائون. جڏهن گرهوڙ وٽان انهيءَ هنڌان اچي لنگهيا، جتان هن وقت زيارتي تبرڪ طور خاڪ جي چپٽي کڻندا آهن(٢)، تڏهن پري کان هڪڙو سفيد ريش نوراني شڪل سان پير مرد ايندو ڏسي اٽ تان لهي پيا. پير مرد ويجهو اچي عرض ڪيو ته قبلا سائين، جڏهن خداوند ڪريم پوڻءِ پڪيڙي، تڏهن حضرت رسول ﷺ جن مدينه منوره واري زمين مان هڪ ٽڪرو ڪڍي، هن هنڌ رکيو، ۽ مون کي امر ڪيائون ته تون هت ويهي رهه، ۽ جڏهن شيخ عبدالرحيم اتي اچي، تڏهن هي زمين جو ٽڪر سندس حوالي ڪري، جيڏانهن وٽيئي تيڏانهن هليو وڃ. توهان جي شڪل مبارڪ مون کي ڏيکاري ڇڏي هوائون. هاڻي توهان اچي ويا آهيو، سو پنهنجي امانت هٿ ڪريو ۽ آءٌ وڃان ٿو. انهيءَ ٻڌڻ تي پاڻ يڪدم قافلي سميت اتي ترسي پيا ۽ اڳتي وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون ۽ پنهنجا ٻار ٻچا به گهرائي ورتائون.

ان وقت گرهوڙ ۾ پلن جو هڪ وڏو راڄ رهندو هو، جن جو مرشد نالي محمد شاهه وڏي امانت جو صاحب هو. شيخ عبدالرحيم وٽ ماڻهن جو رجوعات ڏسي ڪيس اچي ڏپ ورتو ته متان سندس ماڻهون نه وڃي شيخ عبدالرحيم جا مريد ٿين. تنهن تي لنگهي ويو شيخ عبدالرحيم صاحب وٽ، ۽ چيائينس ته هتان هليا وڃو، نه ته اوهان لاءِ چڱائي نه ٿيندي. تنهن تي شيخ صاحب چيس ته ”مان توهان جي پٽ آهيان، ۽ توهان کي مون مان ارهو نه ٿيڻ گهرجي.“ سيد محمد شاهه جواب ڏنو ته ”ٻه شينهن ٻيلي ۾ نه ماپندا، بهتر آهي ته اوهان هتان هليا وڃو، ٻيءَ صورت ۾ مان اوهان

---

(١) منهنجي هن خيال جي تقويت ”تذڪره مخادير کهڙه“ مان ملي ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي، ته جڏهن مير گڏجي ميين عبدالرحيم وٽ دعا لاءِ آيا هوا، تڏهن پاڻ لڏ پلاڻ ۾ مشغول هوا. پر پوءِ ميرن جي اصرار تي حال في الحال ميرپورخاص ۾ رهي پيا.

(٢) هن جاءِ تي پاڻ عبادت ڪندا هئا ۽ ڏها رکندا هئا. انهيءَ جاءِ جي چوڌاري پيت ڏنل آهي ۽ انهي کي وڏي عزت سان ڏٺو ويندو آهي.

www.maktabah.org

ڪي ڪرامت جي زور تي ڪڍي ڇڏيندس.“ پاڻ فرمايائون تہ ”اوهان جي مرضي، مگر مان هتان نہ چرندس“. اهڙي ڪتي جواب ملڻ تي سيد محمد شاهہ ڪاوڙجي روانو ٿي ويو، ۽ وڃڻ سان وڃي ڏهوڙ رکيائين. انهيءَ ڏهي ۾ ميان محمد شاهہ پاڻ کي رسول الله ﷺ جي ڪچهريءَ ۾ ڏٺو، جتي سڀ وڏا وڏا بزرگ حاضر هئا. مجلس پور ۾ هئي تہ هڪ شخص ڪاغذ کڻي آيو، جنهن تي حضرت جن جي حضور ۾ ويهي تي مهرون هڻي هليو ويو. تڏهن محمد شاهہ پاڻ ڪريمن کان دريافت ڪئي تہ هي ڪير هو، جو مجلس ۾ ويهڻ جي بدران هليو ويو. تڏهن جواب مليس تہ هي اهو شخص آهي، جنهن کي تنڻ لاءِ اوهان ڏهو ڪيو آهي. محمد شاهہ تنهن تي يڪدم توبه ڪئي ۽ چيائين تہ مان ئي خود اتان هليو ويندس، مگر مون کي آگاهہ تہ ڪريو تہ هي ٽي مهرون ڇا جون هڻي، ڪٽي ويو آهي؛ پاڻ فرمايائون:

پهرين مهر: پٿورو اصل مسلمان هو، مگر مٺي ڪان پوءِ ڪيس هندو سمجهي، مٿس ڏيوري ناهي وئي آهي. ان کي ڊاهي قبر ناهڻ ۽ بانگ ڏيڻ جي اجازت.

ٻين مهر: ٿر ۾ ٻن وٽن جا ٽڙ آهن، جن جي وچان ماڻهو اڪاري، حرام ۽ حلال جي خبر ورتي ويندي آهي. انهن ٻنهي وٽن جي ڪپڻ جي اجازت.

ٽين مهر: خيرپور رياست جي ٿر ياڳي ۾ ڪافر مهاڏيو جي مڙهيءَ پچڻ جي اجازت.

سيد محمد شاهہ ڏهو پورو ڪري، گرهوڙ مان لڏو ڪٽي هليو ويو، ۽ پنهنجن مريدن کي پڻ هدايت ڪيائون تہ توهان بہ گرهوڙ مان ٽپڙ کڻي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهو.

بزرگ گرهوڙيءَ جا ٽي ڪارناما

پهريون ڪارنامو

پهريون ڪم گرهوڙي صاحب يڪدم هٿ ۾ ڪنيو. پٿوري جي ڏيوري ڊهرائي، مٿس قبر ٺهرايائين، ۽ بانگ ڏيارايائين. ان ڪان پوءِ جڏهن ميلو لڳندو هو، تڏهن سندس ماڻهو انهيءَ موقعي تي اچي قبر تي بانگ ڏيندو هو، ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندو هو، تہ پٿورو مسلمان آهي ۽ نہ هندو، جيئن سندس مريد مينگهواڙ سمجهندا آهن.

پير پٿورو اصل ۾ غوث بهاءُ الدين ملتان واري جومريد هو، ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو آهي، ۽ وڏيءَ ڪرامت جو صاحب هو. هر سال بدي مهيني جي پهرينءَ تاريخ مٿس ڏم ڌمان ميلو لڳندو آهي.

www.maktabah.org

ٻيون ڪارنامو

ٽنڊي جان محمد جي ويجهو ٻه شيطاني ٽڙ هوا، جن ۾ جادوگر رهندا هوا، جي جادوءَ جي زور تي ماڻهن کي ڪاريندا هوا. پاڻ ٻن ڄڻن کي انهن شيطاني ٽڙن جي ڪپڻ لاءِ سنيرايائون، ۽ کين هدايت ڪيائون ته ”مان تو انهن جادوگرن جي نند ٻڌان ۽ اوهين وڃي ٽڙ ڪپيو. انهن ٽڙن جي اندران ٻه نانگ نڪرندا، جن کي جيڪڏهن اڦٽ ماري وڌو، ته آينده شيطاني ڪم ڪونه ٿيندو، جي نه ته انهيءَ جاءِ تي ميلو لڳندو رهندو. ٻيو چيائين ته جيڪڏهن ٻئي جادوگر جاڳي پون ته يڪدم وڃي ٻڇجو، نه ته جان جو جوکو آهي. مان اوهان کي زمين تنگ ڪري ڪٽي وٺندس. آخرڪار گرهوڙي صاحب جا ٻئي ماڻهو منزل مقصود تي پهتا. حڪم موجب هڪ ٽڙ ڪپيائون، ته برابر ٽڙ مان نانگ نڪتو، جنهن کي اتي جو اتي ماري وڌائون. وري ٻيو وڻ ڪپيائون ۽ نانگ به نڪتو، پر جادوگر جاڳي پيا. گرهوڙي صاحب جا ماڻهو اتي ڀڳا، تان جو اچي گرهوڙ ڪان نڪتا. هن جاءِ تي اڄا ميلو لڳندو آهي، جنهن کي آمريءَ جو ميلو سڏيندا آهن.

ٽيون ڪارنامو

تنهان بعد ٽيون وڏو ڪم هٿ ۾ ڪنيائون يعني مهاڏيو جي مڙهي ڀڃڻ، جنهن ۾ پاڻ شهادت جو پيالو پيتائون. انهيءَ ڳالهه ڏي اشارو ”فردوس العارفين“ ۾ به آهي، پر مفصل بيان ”مرغوب الاحباب“ ۽ سنگهار فقير جي روايت ۾ ڏنل آهي، جنهن جون سلسليوار ڪڙيون ڳنڍي هن ريت بيهاريون ويون آهن:

مٿي چئي چڪا آهيون ته ميرن کي حڪومت گرهوڙي صاحب جي دعا سان ملي هئي، جنهنڪري سڀ مير ڏانهس مراد رکندا هوا، خصوصاً مير بجار خان وڏي مراد رکندو هو، ۽ ٿورو گهڻو گستاخ به هوندو هو. هڪ دفعي گرهوڙي صاحب، مير بجار خان ۽ سندس وزير مارو ٿيبي، جو شيخ عبدالرحيم صاحب جو مريد هو، گڏجي ماني پئي کاڌي(۱) جڏهن کاڌو کائي فارغ ٿيا، تڏهن ڳالهين ڪندي، مير بجار خان گرهوڙي صاحب کان پڇيو، ته ”قبلا ٻڌائي سگهندا ته منهنجي پيڄاڙي ڪيئن ٿيندي.“ پاڻ فرمايائون ته ”اوير ڪان ٻه ٻگهڙ ايندا، جي اچي تنهنجو پيٽ ڦاڙيندا“ آخرڪار ٿيو به ائين، جو جوڌپور کان ٻه راجپوت آيا، جن ٻنهي خنجرون هڻي ماري

(۱) مرغوب الاحباب موجب: هڪ ڏينهن شيخ صاحب، مير بجار خان، مير فتح (محمد) خان ۽ سيد الله بخش شاهه پاڻ ۾ ماني پئي کاڌي. حضرت شيخ فرمايو ته اسين چارئي شهيد ٿينداسين. پر شاهه صاحب کي حسيني درجو حاصل ٿيندو. آخر ان کي هڪ سخت واقعو پيش آيو، جنهنڪري آل عيال سميت منهن ڏئي اٿي ڀڳو. لاچار اچ ڪان ماندا ٿي هڪ پاڙيءَ جي چشمي وٽ پهتا، جتي شهادت جو شربت چکيائين. اهڙي طرح باقي ٽي ڄڻا به شهيد ٿيا.

www.maktabah.org

وڌس(١) وري حجاب لاهي پڇيائين تہ پلا ٻڌايو تہ اوهان جو موت ڪيئن ٿيندو. تڏهن پاڻ جلالت ۾ اچي فرمايائون تہ ”مون کي حسيني شهادت نصيب ٿيندي“. انهيءَ ٻڌڻ تي ماروءَ ٽيپي رڙ ڪري چيو، تہ ”قبلا، آءٌ ڪيئن جهان ڇڏيندس“، گرهوڙي صاحب جواب ڏنو تہ ”پنهنجا رت ڳڙبا“. هن هيٺ سندن شهادت جي ذڪر ۾ بيان ڪيو ويندو تہ ڪيئن مارو ٽيپو ابو، ابو ڪري اچي گرهوڙي صاحب جي مٿان پوندو، ۽ ڪيئن منحوس ڪيس ترار سان قتل ڪري وجهندا.

مهاڏيو جي مڙهيءَ جو ذڪر

مهاڏيو جي مڙهي خيرپور رياست جي ٽر واري ٽڪر(٢) ۾ هئي. چون ٿا تہ انهيءَ مڙهي جو بنياد ٥٠٠هہ ۾ پيو. روايت آهي تہ مرهيءَ جو برپا ڪندڙ گنگا نديءَ مان پاڻي ڪٺي نڪتو هو، انهيءَ ارادي سان تہ ڪٿي هڪ وڏي مڙهي ٺاهي وڃي رهان. ڪٿي ۽ ڪهڙن اصولن تي مڙهي ٺاهي وڃي، انهي لاءِ گنگا جر ڪنيو هوائين، ۽ دل ۾ رٿيو هوائين تہ جنهن هنڌ جو پاڻي گنگا جر سان تور ۾ هڪ جيترو ٻيهندو، اُتي اها مڙهي اڏائي ويندي. گهٽائي ڏيهہ ڏوريائين، مگر پاڻي يا وزن ۾ گهٽ ٿي ٻيٺو يا وڌيڪ. آخر جڏهن رلندي رلندي هگورن(٣) وٽ آيو، تڏهن اُتي جو پاڻي گنگا جر سان وزن ۾ پچي آيو. پوءِ اهو ٻائو اتي مڙهي ٻڌي ويهي رهيو ۽ ان کي مهاڏيو جي مڙهي يا مهاڏيو جو مندر ڪري سڏيائين. آهستي آهستي ان جي چوگرد هڪ شهر بنجي ويو.

انهيءَ مڙهيءَ جي مهنت کي جادو جي زور تي ڏاڍي طاقت هوندي هئي، جنهنڪري سڄو ملڪ نميو پيو هوندو هوس. چيو وڃي ٿو تہ اوائل ۾ مڙهي جو مهنت پنهنجي مرٽي ڪونہ مرندو هو، بلڪ پاڻ کي جيئري دفنائيندو هو. وڏي ڪوهي ڪٽائي انهيءَ اندر مهنت وهندو هو ۽ تنهن بعد سائن سوٽن سان وٺي مٿس لوڻ پلٽيندا هوا. پوءِ اڌ ڪن ڪوهي لوڻ سان پري مٿي وجهي، مٿانس ڏيوري ٺهرائي ڇڏيندا هوا. رفته رفته اهي ڏيوريون ڍهي زمين دوز ٿي ويندون هيون. جڏهن مهاڏيو جي مڙهي مسلمانن جي قبضي ۾ آئي، جيئن هيٺ ذڪر ايندو، تڏهن انهيءَ ٽڪري اندر ڪوهيون کوٽيندي ٻن ٽن هنڌن لوڻ مان ماٺهن جا مڙهہ نظر آيا هوا.

---

(١) مير بجار خان جي قتل لاءِ ڏسو ص حاشيہ. ۽ مير فتح خان ۽ مير عبدالله خان ولد مير بجار خان کي عبدالنبي ڪلهوڙي بيڪ ڪري (١١٩٧هہ ۾) مارايو. (ڏسو صفحہ ٣٣ حاشيہ). ۽ باقي شهيد گرهوڙي جو ذڪر اڳتي ايندو.

(٢) ڳوٺ جو نالو هٿونگو هو، جو هاٿوڪي هٿونگي کان بالڪل جدا هو. (جيڪي ضلعي سانگهڙ ۾ آهن).

(٣) تيجسنگہ سولنڪيءَ موجب، اها مڙهي راٺا سر کان پريرو هئي.

www.maktabah.org

مهاڏيو جي مڙهي ڀڄڻ ۽ شهادت جو پيالو پيڻ

ٻارهين صدي هجري جي اواخر ۾ مهاڏيو جي مڙهي جو مهنت سوامي دت گرنالي هو، جو پنهنجي نندي ياءُ گرت گر جي حمايت سان وڏي هستي رکندو هو. هندو خواه مسلمان هزارن جي تعداد ۾ سندس پوئلڳ هوا، ۽ گهڻي پسگردائي ۾ سندس ميتا هلندي هئي. سندس لنگر هميشه جاري هو، تنهنڪري آيو ويو سندس نمڪ کائي سندس ارادتمنديءَ جو دم ڀريندو هو. چانهيا ۽ گجو ذات جا مسلمان (جي اصل ۾ هندو هوا) پڻ سندس مريد هوندا هوا. انهن جي استدعا تي سوامي دت گر کين شڌ ڪري وري هندو ڌرم ۾ داخل ڪندو تي ويو(١).

جڏهن ڪان مسلمانن جي مرتد ٿيڻ جو ڪڙلاءُ گروهڙي صاحب جي ڪن تي پيو، تڏهن ڪان وٽي دلي ارادو هوندو هوس تہ اها مڙهي منهدم ڪري، ساري ماندڻ کي نابود ڪري ڇڏيان. هڪ دفعي لنواري شريف ڏي ويندي، مڙهي جي طرف ڪان ايندڙ يارن وٽان معلوم ٿيس تہ بتخانو اڳي ڪان بہ وڌيڪ زور تي ويو آهي. اها ڳالهہ ٻڌندي ڏاڍو جوش ۽ خروش ٿيس ۽ يارن کي چيائين تہ "بتخانو ڊاهڻ ضروري آهي". حاضرين مان هڪ درويش کي پنهنجي پارن خواجه گل محمد صاحب ڏي موڪليائين تہ وٽي احوال پهچائي ۽ پاڻ پوئتي موٽيو. انهيءَ درويش خواجه صاحب جي حضور ۾ پهچي، سربستو احوال پيش ڪيو ۽ عرض ڪيائين تہ شيخ صاحب مون کي اماڻ وقت هيٺيون بيت روئي پڙهيو. اگرچہ مون کي رئڻ نٿو اچي:

جنهن ڪن ٿوپايا ڪوڙ مان، تنهن کي ڪهاڙو؟
ماڻس ستاڙو، پٽس نالو ڪين ڪي.

حضرت خواجه صاحب جن اهو سنيهو سٽي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ فرمايائون تہ "حضرت شيخ پنهنجي عمر جي پڇاڙي ڏني آهي"(٢).

پوءِ گرهوڙ پهچي وٽي عام پڙهو گهمارايائين تہ آهي ڪو غازي جو جهاد في سبيل الله ۾ ساهہ ڏئي؟ مگر هلي اهو، جنهن کي ڦٽي ڏيڻ جيڏي ڏاڙهي هجي. ڪل ٻاهتر ماڻهو ساڻس هلڻ لاءِ

---

(١) اها حقيقت تيجسنگ سولنڪي عمر ڪوٽ واري جي هڪ مقالي مان ورتي وئي آهي، مرغوب الاحباب جو صاحب انهيءَ قصي جي ابتدا هن طرح تو ڪري: "صادق دوستان گويندگہ بيست فرسنگ دور از گرهور در ريگستان بتخانه اي بود از هنود که دران انواع فواحش مي گرديد، و حضرت شيخ را بر تخريب آن پيوسته اهتمامي بود." يعني سچن دوستن کان روايت آهي "گرهوڙ کان سٺ ميل پري ريگستان ۾ هڪ هندن جو بتخانو هو، جتي طرحين طرحين جون بڇڙايون ٿينديون هيون ۽ حضرت شيخ صاحب جن کي هميشہ سعيو هوندو هو تہ انهيءَ بتخاني کي ڊاهيان."

(٢) هي سارو بيان "مرغوب الاحباب" تان نقل ڪيو ويو آهي.

www.maktabah.org

تيار ٿيا.(١)

---

(١) جيئن حضرت امام حسين (رضہ) سان ٻہ ٻاھتر ماڻھو مديني کان گڏجي نڪتا ھوا. مرغوب الاحباب موجب "سندس اھل ۽ اصحاب جو سڄو تعداد ٻاھر نڪتو". فقير سنگھار واري روايت ۾ آھي، تہ اھو پڙھو ٻڌي ماڻھن ۾ ڏاڍي چرچر پيدا ٿي، ۽ چيائون تہ مڙھي جو مھنت ڏاڍو زور وارو آھي، اُتي اسان جي نہ ھلندي، تنھنڪري اھڙي ڪا تجويز ڪجي، جو انھيءَ ارادي کان باز اچي. گھڻي ڪوشش ڪيائون، پر گرھوڙي صاحب نہ مڙيو. سندس والده صاحبہ کي سيکاريائون تہ توھين کيس منع ڪريو، ۽ جيڪڏھن نہ مڃي تہ کيس چئجو تہ "مان تنھنجي والده آھيان، منھنجو قرض لاھي پوءِ ڀلي وڃ". تنھن تي جواب ڏنائينس تہ "مون تنھنجو حق اڳيئي لاھي ڇڏيو آھي، جو تون اجان ٻڙي سان ننڍڙي ھئينءَ تہ توکي جھڪ ڪنيو پئي ويئي. مون تہ تو کي انھيءَ جھڪ کان بچايو ھو."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وري ھي روايت ٻڌي آھي: تہ جڏھن فقير صاحب جھاد لاءِ روانو ٿي ٿيو، تڏھن سندس نياڻيون کيس روڪڻ لاءِ قرآن شريف ميڙ ڪئي آيون، جنھن تي چيائين تہ:

ڳورا ھئي ٻار، ھورو مار نہ ھيڪڙو،
وھان تہ ويرم پئي، نينھن ۾ پوءِ نھار،
ھتي وعدي جي وار، ھتي سوٽون ڏينم سرتيون.

ھي بيت حقيقت ۾ شاھہ لطيف (رحہ) جو آھي:

ڳورا ھئي ٻار، ھنيون حيرت ۾ پيو،
وھان تہ ويرم ٿيي، نينھن ۾ پوءِ نھار،
وڃان تہ واڪو ٿيي، ٻاڙي پوءِ پچار،
ھت ٿي وعدي وار، ھت سوٽون ڏينم سرتيون.

مخدوم محمد عاقل صاحب کھڙائي پنھنجي تاريخ "گنجينہ جھان نما" ۾ ذڪر ڪيو آھي تہ واڻ ويندي مخدوم صاحب کي ڪنھن شخص چيو تہ حضرتا اوھان سان ٿورڙا ماڻھو آھن ۽ جوڳي وٽ چيلا گھڻي انداز ۾ رھن ٿا، پوءِ توھين انھن سان ڪيئن مقابلو ڪري سگھندؤ؟ تنھن تي پاڻ فرمايائون تہ "ادا جي ھوءِ مڙھي ڀڳي تہ بہ فتح اسان جي، پر جي ھيءِ مڙھي ڀڳي تہ بہ فتح اسان جي".

ھن ڳالھہ جي تصديق عزيزم محمد اسمعيل عرسائيءَ جي موڪليل احوال مان پڻ ملي ٿي، جو سندس سھڻن لفظن ۾ ھو بھو ھيٺ ڏجي ٿو:

"مرحوم ميين عبدالرحيم گرھوڙي ھن وڏي فتني جي خبر ٻڌي پنھنجا چند سرفروش دوست روبرو حالتون ڏسڻ لاءِ ھٽونگي روانا ڪيا، جن سموري روئداد ڏسي اچي بزرگ وٽ حقيقت پيش ڪئي. پاڻ فوراً پنھنجن احبابن ۽ دين محمدي جي شيداين کي جمع ڪري چيائون تہ جھاد في سبيل الله ڪرڻو آھي. ڪير آھين اھي ھڪڙي خداي عزّ و جل جا سچا پرستار ٻانھا جي مون کي پنھنجو خون لکي ڏيندا ۽ الله جي راھہ ۾ سرقربان ڪندا؟ ڪيترن ئي ايمان وارن اھو حق جو نعرو ٻڌي سندس ھڪل تي لبيڪ چئي جان فدا ڪرڻ جو وعدو، پنھنجي رت سان لکي بزرگ جي پيش ڪيو. پر ڪي اھڙا بہ ضعيف الايمان ٻانھا ھوا جن بزرگ جي عزم کي سست ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، ۽ کيس چيو تہ "سائين ٻائي جي مڙھي جادوءَ جو مرڪز آھي ۽ ان کي فتح ڪرڻ ڪا چرچي يا

www.maktabah.org

روانی ٿيڻ وقت هڪ خط ماروءِ ٽيپيءِ هٽان مير بجار خان ڏي لکي موڪليائون(١) ۽ هي نياپو ڏنائون تہ: جنهن جي نياپي تي مون توهان کي دنيوي رهايش لاءِ هڪ زمين جو ٽڪر هٿ

مذاق جي ڳالهہ ناهي. لهذا تعجيل کان ڪم وٺڻ سراسر غلط ٿيندو. تنهنڪري دوباره پنهنجي فيصلي تي غور ڪريو. مگر شهيد اعظم مجاهد في سبيل الله جن سونن الفاظن ۾ جواب فرمايو، اهي هي لفظ آهن: ”فتح هر حال اسان جي آهي جي هوءَ مڙهي (هائي واري) پڳي تہ بہ فتح ۽ جي هيءَ مڙهي (يعني ديهہ يا جسم) تہ بہ فتح“. پوءِ هڪدم الله اڪبر جو نعرو هڻي پنهنجن مجاهدن سان منزلون ڪندو، اچي هٽونگي پهتو.

(١) هي خط فارسي ۾ موجود آهي جو نقرچ واري نسخي کان سواءِ پير صبغت الله شاهہ واري ملفوظات جي قلمي نسخي ۾ خليفه گل محمد صاحب سانوٽيءَ جي هٿ اکر (سن ١٢٥٥هہ) ۾ ڏنل آهي. جو عزيزم ڊاڪٽر نبي بخش تڪليف وٺي مون ڏي نقل ڪري موڪليو. عزيزم دين محمد سومري پڻ ان جو صحيح نقل گرهوڙ شريف جي درگاهہ تان آتاري موڪليو هوم تاهم ان جي فارسي تمام جڏي آهي. خط ۾ مير صاحبان کي ترغيب ڏني وئي آهي تہ شريعت جي متابعت ڪن، ۽ اهلبيت رسول الله صلعم کي تعظيم ڏين ازانسواءِ منجهس نفس جي حقيقت تي روشني وڌي وئي آهي، ۽ منجهس ”مڙهي مهاڏيو“ جي تخريب ڏي اشارو آهي. انهن ٻنهي نقلن کي ملائي، هيٺ ان جو متن سنڌي ترجمي سميت ڏجي ٿو:

مکتوب مرشد مکمل قبلة العارفين مخدوم حضرت ميان عبدالرحيم صاحب قدس سره العزيز بجانب مير فتح خان و بجار خان تالپور.

مير صاحب مهربان ميان فتح خان و مير صاحب هشيار بسيار وقار ميان بجار بعافيت دارين باشند، ونحن کذلک - آمين!

بعد از سلام آنکه اين احقر چون از لشکر دعائي است که بعزت الله و رسوله از لشکر غزاء برتراست. قال رسول الله صلي الله عليه و آله و سلم انما تر زقون و تنصرون بضعفاء کم، وکان رسول الله يستفتح بضعفاء المهاجرين،

مصطفي جويد ز مسکينان دعا

وخير خواه شماست بنابر الثالث بالخير -

ماسکين رادر مجادله صغري و کبري همراه دانند، يعني قوم نانکي را بتيغ حديد و دفع قوم يزيدم را بقرآن مجيد: الذين يؤ ذون الله و رسوله، لعنهم الله في الدنيا والاخره - سازند، و ذالک من العجائب الاتفاقيه:

مرشد ڪامل ۽ قبله العارفين مخدوم حضرت ميان عبدالرحيم صاحب قدس الله سره العزيز جو خط مير فتح خان ۽ مير بجار خان ڏانهن.

مير صاحب مهربان ميان فتح خان و مير صاحب هشيار بابسيار وقار ميان بجار. شل ٻنهي جهانن جي عافيت نصيب هجين، ۽ اسين بہ اهڙي طرح - آمين!

بعد سلامن جي واضح هجي تہ هي احقر دعا جي لشڪر منجهان آهي، جو الله ۽ سندس رسول جي توفيق سان رواجي جنگ جي لشڪر کان گهڻو مٿاهون آهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ ”ضعيفن ڪري ئي اوهان کي رزق ۽ نصرت ملي ٿي“ ۽ رسول الله ﷺ خود ضعيف مهاجرن کان سوڀ جي دعا گهرندو هو.

مصطفي دعا تو گهري مسڪين کان ۽ پڻ اوهان جو خير خواهہ آهي، ٽي دعا خير جي.

مون مسڪين کي ظاهري ۽ باطني جنگ ۾ پنهنجو همراهہ ڄاڻن. يعني نانڪ جي (هندو) قوم کي تکي ترار سان ناس ڪن ۽ يزيدي قوم کي قرآن مجيد جي هن آيت سان دفع ڪن: جيڪي الله ۽ سندس رسول کي ايذائين ٿا. انهن تي دنيا توڙي آخرت ۾ خدا جي لعنت

www.maktabah.org

ڪري ڏنو هو، انهيءَ نيابي موڪليندڙ جي ڪم سان مان هتان روانو ٿيان ٿو. توتي هاڻي فرض آهي تہ اچي منهنجي مدد ڪر. حڪم موجب مارو ٽيپي مير بجار خان کي وڃي خط ڏنو. مير کي

(بقيه الحاشيه)

غنيمت دان امور اتفاقي را

قوله تعالىٰ: و اذ أغرقنا آل فرعون و أنتم تنظرون: يعني في الواقعة الاولي والثانية

يک حسام الدين و ديگر مولوي
جمع گشتة موت هر ملحد غوي

وكفي الله المؤمنين القتال

(يعني(؟) بعلم علي سبب عدم نقمة الكافرين)

وقوله تعالىٰ: فما لهولاءِ القوم لا يكادون يفقهون حديثا

يا بنا برحق آشنائي وهسايگي، يا بنا بر رسم روزه و نماز و تعظيم قرآن ڪريم، ونا داشتن مذهب غير مذهب قرآن ڪريم، يا بنا بر حسنات ظاهري ميخواهد که سرداري شمارا وفادار باشد ـ يعني في الدارين موجب سرخرو ئي شما باشد:

اين نعمت عظمي و دولت قصوي وقتي بدست آيد که فرامين شريعت را بر فرامين زيدو عمرو راجح دارند.

ان تنصروا الله ينصرڪم" بر صحيفة جان نگرند. بالفعل تعظيم فرمان دين رسول الله صلي الله عليه آله وسلم و اولاد او تابجا نيارند، قدم بر زمين نسايند.

قوله تعالىٰ: ولقد مكنا ليوسف في الارض.

(اڳئين سان مليل)

آهي، ۽ اهو هڪ اتفاقي عجائبن مان آهي.

اتفاقي امورن کي غنيمت ڄاڻ.

الله تعاليٰ فرمايو آهي (ياد ڪريو) جڏهن اسان فرعون جي پوئلڳن کي ٻوڙيو ۽ اوهان اهو رنگ ڏسي رهيا هئا، يعني پهرئين ۽ ٻئين واقعي ۾.

هڪ حسام الدين ۽ ٻيو مولوي
جمع ٿيڙا - موت هر ملحد غوي

۽ الله تعاليٰ مومنن کي جنگ کان بچايو.

(يعني ڪافرن کي نہ سزا ڏيڻ جي سبب جي علم هوندي بہ (؟) ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ هنن ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي، جو ڪا بہ ڳالهہ نٿا سمجهن؟

يا آشنائي ۽ هسايگيءَ جي حق موجب، يا روزي ۽ نماز ۽ قرآن ڪريم جي تعظيم، ۽ قرآن ڪريم بغير ٻيو ڪو بہ مذهب نہ رکڻ جي راهہ ۽ رسم جي بناء تي. يا ظاهري چڱاين جي بنياد تي، هي (مسڪين) گهري ٿو تہ اوهان جي سرداريءَ سان وفادار رهي، جنهن ۾ اوهان لاءِ ٻنهي جهانن جي سرخروئي آهي. هيءَ وڏي نعمت ۽ پراهين دولت انهيءَ وقت هٿ ايندي، جڏهن شريعت جي فرمانن کي زيد ۽ عمرو جي فرمانن تي ترجيح ڏيندا.

"جيڪڏهين الله کي مدد ڪندا تہ الله بہ اوهان کي مدد ڪندو". اها ڳالهہ پنهنجي جان جي صحيفي تي چٽي ڇڏيو. حال في الحال جيستائين رسول الله ﷺ جي ديني احڪامن ۽ سندس اولاد جي تعظيم بجا نہ آڻيندا، تيستائين زمين تي پير نہ گسائيندا.

خدا تعاليٰ فرمايو آهي، تہ اسان يوسف کي زمين تي پختو ڪيو.

www.maktabah.org

انهيءَ وقت ايمان ڇڏي ويو. پاڻ تہ کو نہ آيو، پر مدد بہ کانہ موڪليائين. پاڻان جواب ڏياري موڪليائين تہ توهين ۽ مهنت ٻئي فقير آهيو، اسان جو انهيءَ ڪم ۾ ڪو بہ واسطو نہ آهي: جيئن وڻيو تيئن ڪريو. هوڏانهن مهنت کي چوائي موڪليائين تہ اسان جو مگريي جي ڪاهہ سان ڪو

(بقيه الحاشيه)

عليم دين متين بدان خواهد بود که بخانه کفر خراب کنند، و مجامع ايشان تفريق شوند، و مهري مهاديو ضرور تخريب کنند، و ايشان را ابر مسلمانان عامل نکنند. اشداءُ علي الکفار رحماءُ بينهم، علامت محمديان همين است.

واز کسي که نمازي بود متهکي نگيرند. قال رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم: ليس علي المسلم جزيه و بي نماز را بيلي ندارند. و درشادي و غمي دعوت نکنند، که قطع و وصل براي محبوب حقيقي رواست. نہ براي اغراض دنيا؛

هر چه جز عشق خدا جانکاهي است و بردروازه شريعت کاردار کسي رادارند که مسئله شرعي نگذارد، و برشوت و رياء ميل نيکند. وقاضي جاهل را بمذهب محمدي قاضي کردن روا ندارند؛

آکه ز شرع نيست بود رهزن انعام و از قوت مسلمانان لاگم نگيرند، که خلاف شريعت است، و حصه زراعت موجب حکم شريعت بگيرند، که بر مسلمانان ظلم واقع نشود.

و (نتيجه) تعظيم اولاد رسول عليه الصلوه و (علي) آله السلام بدان است که هريکي راکه کند يعني متاهل گردد، ده جريب سيري کنند يا پنج.

(اڳئين سان مليل)

دين متين جي تعظيم هن ۾ آهي تہ ڪافرن جا بتخانا ڊاهيو، سندن مجموعا ڇڙوڇڙ ڪريو، مهاڏيو جي مڙهي ضرور ناس ڪريو، ۽ انهن کي مسلمانن جي هٽان ڪامورا ڪري نہ مقرر ڪريو. محمدين جي هي نشاني آهي تہ ”ڪافرن تي سخت هجن، ۽ پاڻ ۾ نهايت ٻاجهارا.“

۽ جيڪو نمازي هجي، تنهن کان مٽڪي نہ وٺو. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ ”مسلمانن تي جزيو نہ آهي“ ۽ بي نمازي کي ٻيلي ڪري نہ رکو، ۽ شادي توڙي غمي ۾ ان کي نہ سڏيو. ڇاڪاڻ تہ ڇنڻ ۽ ڳنڍڻ خاص محبوب حقيقي جي خاطر هئڻ گهرجي ۽ نہ دنياوي غرضن لاءِ: ”خدا کان سواءِ ٻيو سڀڪجهہ جان جو کاپو آهي“.

شريعت جي دروازي تي انهيءَ ماڻهوءَ کي ڪاردار مقرر ڪجو جو شرع جا مسئلا ڇڏي نہ ڏئي، ۽ رشوت ۽ رياء ڏي لاڙو نہ رکي، ۽ جاهل قاضي کي قضاوت لاءِ روا نہ رکجو: ”(جو) شريعت کان غير واقف ۽ ڊورن جو چور آهي“.

۽ مسلمانن جي قوت مان لاڳ نہ وٺجو جو شريعت جي خلاف آهي. پوک جي پيدايش جو حصو شريعت جي حڪم موجب وٺجو، جيئن مسلمانن تي ظلم نہ ٿئي.

۽ رسول الله ﷺ جي اولاد جي تعظيم هن ڳالهہ ۾ آهي تہ جڏهن کو منجهانئن شادي ڪري، تہ ان کي پنج يا ڏهہ جريب زمين جا سيريءَ طور ڪري ڏيو، يا از خود اوهين ان جو طريقو (يعني مسکيني) اختيار

www.maktabah.org

ٻہ واسطو ڪونہ آهي، توهان مگربي سان ڪهڙو ٻہ سلوڪ ڪري سگهو ٿا.

گرهوڙ کان پهرين منزل "رکن ڏليار" وٽ ڪيائون، جو ڪپري کان ٥ ميل اوڀر ۾ آهي. اُتي ٿيپن وٽ سرينهن جي وڻ هيٺ ڏينهن ٽارياءُون. مارو ۽ الياس ٽيو ٻئي ياٿر جهاد لاءِ تيار ٿيا.

(بقيه الحاشيه)

يا از خود هر طريق او ديگر سپردند(؟)

حيف باشد كه اهلبيت رسول
گر سنه خسپندو توسير و ملول

ما ا متيان را دستار و تيغ وقتي زيبد كه از اهلبيت پيش نخوريم.

وقال عليه الصلوه والسلام:

"اطلبوني في اهل بيتي" وقال صلي الله عليه وسلم: لا ايمان لمن بات شبعان و جاره طاو.

بني آدم اعضاء يكديگرند.

ومانع از رعايت اين هفت امور هيچ نيست مگر نفس، كه دشمن خانگي انسان است. مولوي گويد:

جمله قرآن شرح خبث نفسهاست
ورنه نور باغها در باغهاست وجامي گويد:

نفس چون نيست در درون باقي
چہ غمر از دشمنان آفاقي

تتمه: نفس چيست تلاش غير شرعي اين وصيت نامه خود بخوانند و عمل نمايند.

جوا نا سر متاب از پند پيران.

والسلام.

(اڳئين سان مليل)

ڪريو.

حيف آهي جو رسول الله ﷺ جا اهلبيت بکارا سمهن ۽ تون ڍاول ۽ سست هجين! اسان امتين کي پڳ ۽ ترار انهيءَ وقت سونهي جو اهلبيت کان اڳ ۾ نہ کائون.

رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ:

"مون کي منهنجي اهلبيت ۾ ڳوليو" ۽ پڻ فرمايو آهي تہ رسول خدا جي تہ "ان کي ايمان ناهي جو رات جو ڍاول سمهي ۽ سندس پاڙيسري بکايل هجي".

بني آدم هڪ ٻئي جا عضوا آهن.

انهن ستن ڳالهين جي رعايت رکڻ کان ٻيو ڪجهہ بہ مانع نہ آهي مگر نفس، جو انسان جو گهرو دشمن آهي. مولانا جلال الدين رومي فرمايو آهي:

سارو قرآن نفس جي بڇڙاين جو شرح آهي. نہ تہ باغن جو نور باغن ۾ ئي آهي (؟)

۽ مولانا جامي چيو آهي:

جڏهن اندر ۾ نفس باقي ناهي،
تڏهن ٻاهرين دشمن کان ڪهڙو خوف؟

ضميمو: نفس ڇا آهي ۽ غير شرعي شين جي تلاش هي وصيت نامو خود پڙهندا ۽ ان تي عمل ڪندا.

اي جوان ! پيرڻ جي نصيحت کان منهن نہ موڙ

والسلام.

www.maktabah.org

۾ پاڻ الياس کي پوئتي گهر جي سنڀال لاءِ ڇڏيائون، ۽ فقط ماروءَ کي ساڻ کنيائون(١). اُتان کوچ ڪري راڄ جي سيدن ۾ آيا. سيدن کي چيائون ته "اوهان سونهان ٿي هلو". سيدن چيو ته "مهنت تمام ڪرڙو آهي ۽ هي لشڪر ڪڏهن به ڪونه ڪتندو ۽ جيڪڏهن مهنت کي خبر پئي ته اسان سونهپ ڪئي آهي ته اسان کي پيڙي ڇڏيندو". انهن ڇئي هلڻ کان انڪار ڪيائون. سندن ساٿ ۾ ڪامل نالي هڪ ڪوري هئو، جنهن چيو ته "قبلا، مان تازو اُتان اَن خريد ڪري آيو آهيان، واٽ آءُ به ڏيکاري سگهندس. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته "جڏهن تون هن ٧٢ ڇٽن جو هن وقت سونهو ٿيو هلين ٿو. تڏهن ڏينهن قيامت جي به هن ٧٢ ڇٽن جو سونهو ٿي هلندين. هن سيدن جي سيدي وني تو ڏيان ڪورين کي، ۽ ڪورين جي ڪورپ وني تو ڏيارين راڄ جي سيدن کي". راڄ، ڪپري تعلقي ۾ هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جتي اجا تائين ڪيترا سيد ويٺا آهن، جي ڪورڪو ڪم پيا ڪن. ڪامل ڪوريءَ جا پويان اجان تائين گرهوڙي صاحب جي درگاهه جا مجاور ٿيندا اچن. مرحوم سنگهار فقير جنهن جي واتان هي روايت هتي آندي وئي آهي، سو به ڪامل ڪوريءَ جي ڪڙم مان هو.

آخر راڄ کان رڙهي، اچي مهاڏيو جي مڙهي(٢) کي قابو پيا. ان وقت سڄي عملي وٽ فقط هڪ ڏور دار بندوق هئي.

مهنت جي جادوءَ جو ذڪر

مهنت وٽ هڪ ڪشتو هوندو هو، جو هر ڪنهن طرف کان اَن، گيه، گوشت وغيره گڏ ڪري اچي سندس ديڳ ۾ وجهندو هو، جا رجهي تيار ٿيندي هئي، ۽ ان مان اتي جا رهاڪو، هندو خواهه مسلمان کائيندا هوا. انهيءَ ديڳ ۾ اهڙي حڪمت هئي، جو سوين ماڻهو کائي اُٿندا هئا، پر هوءَ اوتري جي اوتري رهندي هئي(٣). ازانسواءِ کهڙو به مريض وٽس ايندو هو، ته مٿس به ٿي

---

(١) هي روايت مون کي برادرم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان ملي آهي.

(٢) عزيزم ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقات موجب اها مڙهي هاٿوڪي خيرپور رياست جي حد ۾ دين ڳڙهه طرف هئي، يعني ته ڪپري کان اٽڪل ٿيهه ڪوهه اتر اوير طرف. اُتي به ٽڙ هوا: ١. رهو، ٢. ڏيڏرو. رهو مڙهيءَ کان ٤ ميل ڏکڻ ۽ ڏيڏرو ٣ ميل اولهه هو. فقير عبدالرحيم ڏيڏرو ٽڙ تي هڪ ڪنڊيءَ هيٺ اچي لٿو، جا ٽڙ کان الهندي طرف دڙي تي بيٺل هئي.

(٣) عزيزم عرسائي صاحب کان معلوم ٿيو، ته اها جادوءَ جي ڪونڊي يا ننگهه مڙهي ڀڄڻ بعد مجاهد پاڻ سان کڻي آيا هئا. ۽ اجا تائين درگاهه لنواري تي سلامت رکيل آهي. مٿس سنسڪرت جهڙن اکرن ۾ ڪي جادوءَ جا ڪلما لکيل آهن، جي زماني جي دستبرد سبب پڙهڻ ۾ اچي نٿا سگهن. اها ڪونڊي حضرت سلطان الاولياءِ جي مقبري واري صحن جي ڏکڻ اوير واري ڪنڊ ۾ رکيل آهي، جا هر هڪ تمنائي ڏسي سگهي ٿو.

www.maktabah.org

لفظ پڙهي شوڪاريندو هو، ته مرض لهي ويندو هو. انهي ٻنهي ڪرتبن ڪري ماڻهن ۾ مهنت جي وڏي ميڃتا هوندي هئي.

شيخ عبدالرحيم صاحب شهر جي ويجهو وارد ٿيڻ شرط هڪ جتي جي پادر ڪي حڪم ڏنو ته ڪشتي کي ڪيڏانهن به نه ڇڏج. سو ڪشتو جيڏانهن وڃي تيڏانهن موچڙا ڪايو موٽيو اچي سامي جي اڳيان ڪري. سامي حيران ٿي چيو ته شايد ڪو جادوگر آيو آهي، جو ڪشتي کي گدائيءَ کان روڪي ٿو. چوڌاري چاري موڪليائين جن اچي خبر ڏنيس ته ٻيو ته شهر جي ڇڪ ۾ ڪونه آيو آهي، سواءِ گرهوڙ واري مگريه فقير جي. سامي کي اڳيئي سڌ هئي ته مگريو وڏو درويش آهي، جنهن ميرن کي سنڌ وٺائي ڏني هئي. تنهن تي ساميءَ جي نندي ٻاءُ گرت گر کيس چيو ته هن کي ميرن جي ضرور مدد هوندي ۽ ازانسواءِ فقير به آهي، انهي سبب ساڻس وڙهڻ چڱو ناهي، بهتر ٿيندو ته منٿ ڪري جند ڇڏائجي، ۽ کيس ڪجهه ڏن ڏيئي پوئتي موٽائجي. دت گر کي اها صلاح آئڙي، ۽ ٻئي ڄڻا گروهڙي صاحب وٽ لنگهي ويا. گهڻيون ئي منٿون آزيون ڪيائونس، سون، هيرن جواهرن ۽ سوڍين عورتن جي لالچ ڏنائونس، مگر گرهوڙي صاحب سڀني آڇن کان انڪار ڪيو، بلڪه ٻنهي ڄڻن کي اسلام جي دعوت ڏنائين، ۽ کين صاف چيائين ته جيڪڏهن ايمان نه آڻيندا ته مان جنگ کان کين گسندس. ٻنهي ڄڻن ايمان آڻڻ کان نابري واري. تنهن تي پاڻ کين چار شرط پرڪا طور وڌائين، ۽ فرمايائين ته جيڪڏهن انهن مان ڪو به شرط قبول نه ڪيو ته پنجون شرط تلوار جو آهي، جا پاڻهي فيصلو ڪندي.

ڇئن شرطن جو ذڪر (١)

پهريون شرط: هندن جو سردار اسان وٽ اچي. اسين کيس چاليهه راتيون هڪ ڳڙکين کان سواءِ جاءِ ۾ بند ڪري ٻاهران در کي قفل ڏئي ڇڏينداسون. اهڙي طرح آءٌ جو مسلمانن جو

---

(١) مرغوب الاحباب موجب، فقير سنگهار جي شرطن ۾ قدري اختلاف آهي. روايت جو ٽيون ۽ چوٿون شرط مرغوب الاحباب جي ٽئين ۽ ٻئين شرط جي مطابق آهن. روايت جو پهريون ۽ ٻيون شرط مرغوب الاحباب جي پهرين شرط سان معنيٰ ۾ موافق آهن. مرغوب الاحباب جو چوٿون شرط بالڪل نيارو آهي. روايت جا پهريان ٻه شرط هن طور آهن:

١ - رات جو ٻئي ڄڻا اڪيلا رهاڻ ڪريون. پوءِ جيڪڏهن تنهنجي صحبت جو اثر مون تي پيو ته مان جٽيو پائي هندو ٿيڻ جو اعلان ڪندس، ۽ جيڪڏهن منهنجو اثر توتي ٿيو ته تون خود بخود مسلمان ٿيندين.

٢ - ٻنهي ڏرين جا ماڻهو جدا جدا جاين ۾ بند ڪري، ڪنجيون ڪٽي پري وڃي ويهجي. پوءِ جنهن جي طرف مالڪ ذوالجلال هوندو، تنهن طرف جا ماڻهون پاڻهي نڪري ايندا. جيڪا ڌر بنديل رهي، سا ٻاهر نڪتل تي سواءِ ڪنهن شرط شروط جي ايمان آڻي.

www.maktabah.org

مهندار آهيان سو وٽن چاليهہ راتيون قفل اندر بند رهندس. پوءِ جيڪو بہ اسان مان فوت ٿيو، تنهن جو لشڪر آڻ مجيندو.

ٻيون شرط: هڪ ميدان مقرر ڪجي. هندن جو لشڪر هڪڙي طرف بيهي ۽ مسلمانن جو سامهين طرف، جيئن هڪ ٻئي کي ڏسي سگهن. پوءِ مان ۽ هندن جو سپه سالار ميدان ۾ ملهون وڙهنداسون. جيڪڏهن تئي دفعا آءٌ مٿس غالب پيس تہ هو مسلمان ٿيندو، نہ تہ آءٌ جٽيو ٻڌي ساري لشڪر سميت سندس تابع ٿيندس.

ٽيون شرط: مون کي ۽ هندن جي سرڪردي کي سيني ماٿهن جي روبرو ٻڌري پٽ ساهميءَ ۾ تورين. جيڪڏهن هو باوجود ٿلهائي جي ڳورو ٿيو، تہ مان سندس رسمون پاڻ تي هموار ڪندس، پر جيڪڏهن آءٌ باوجود ڏٻرائي جي وزن ۾ سرس ٿيس تہ هو اسلام آڻيندو.

چوٿون شرط : هندو پنهنجي بت اڳيان راڳ روپ ۽ ريتيون رسمون ڪن، جڏهن جوش ۾ اچن، تڏهن آءٌ تن تنها وٽن حاضر ٿيندس. پوءِ جيڪڏهن مون تي تصرف هلايائون، تہ مان سندس جماعت ۾ شامل ٿيندس، يا آءٌ ذڪر جي حلقي اندر ويهي رهندس، ۽ سندس سردار اڪيلو اچي، اچا اوٽيهہ وڪون پري هوندو تہ از خود ڪلمه شهادت پڙهي مسلمانن جي دين ۾ داخل ٿيندو.

پنجون شرط آهي جهاد، جنهن جي لاءِ سنبري آيا آهيون.

انهيءَ پيغام موڪلڻ بعد شيخ عبدالرحيم پاڻ کي ڪلهن تائين واريءَ ۾ پورايو، ۽ سيني سپاهين کي سڏي ڪائڻ پڇيائين تہ ڪهڙي صلاح آهي، جيڪڏهن ڪافر چار شرط نہ مڃين. سيني يڪ آواز چيو:

صلاح ماهمه آنست کان تراست صلاح

(اسان سيني جي اهائي صلاح آهي جا اوهان جي آهي.)

تنهن تي پاڻ فرمايائين تہ مون کي هيءَ ڳالهہ منظور آهي يعني تہ شهيد ٿي پورجون. سيني چيو تہ شهادت جو موت قبول ڪري آيا آهيون. تنهن ڪان پوءِ زمين ڪان ٻاهر ڪڍيائونس(١).

مٿيان چار ئي شرط سامي قبول نہ ڪيا. تنهن تي گرهوڙي صاحب ڪيس ٻيو وجهہ ڏنو ۽ چيائينس تہ "اوهان ڪشتو گهرايو ۽ ڪائنس پڇو. جيئن هو چوي تيئن ڪريون. ڪشتي ڪان دريافت ڪئي ويئي، پر جواب ندارد. تڏهن گرهوڙي صاحب چيو تہ هاٿي وري جمنيءَ ڪان تا پڇون، پوءِ جيئن چوندي تيئن ڪنداسين. ساميءَ سمجهيو تہ جمني بہ ڪشتي وانگر خاموش رهندي، سو اهو شرط ڪٿي قبول ڪيائين. جمني وٽي ڪيو "دين ! دين !" سامي مڪر ڪري چيو

---

(١) هي تفصيل "مرغوب الاحباب" تان ورتل آهي.

www.maktabah.org

تہ جمني مان ”ڏن ! ڏن !“ جو آواز ٿو اچي. تنهن تي يڪدم ”حق! حق!“ جو آواز اچڻ لڳو. انهي ڪشمڪش تي ننڍي ڀاءُ گرت گر وڏي ڀاءُ دت گر کي چيو تہ بهتر آهي تہ نيزاري ڪري پاڻ ڇڏائجي، نہ تہ هن بلا مان جند نہ ڇٽندي. پوءِ ٻنهي ڀائرن صلاح ڪرڻ لاءِ اجازت وٺي پنهنجي جاءِ تي ويا(١).

جاءِ تي پهتا ئي مس تہ مير بجار خان جو مخفي خط بہ اچي مليـن، جنهن ۾ لکيل هو تہ اسان جو مگريہ فقير جي لڙائي سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، اوهين پاڻ ۾ ڄاڻو. ٻنهي ڀائرن کي مير صاحب جو ڊپ هو، پر جڏهن خبر پين تہ مير جو هٿ ناهي، تڏهن پيٽ ۾ ساهہ پين، ۽ چيائون تہ انهن ٻاهتر ڄڻن کي اڄهو تا گهمائي وٺون. انهيءَ خيال سان وٺي پير تي ڏونڪو هنيائون ۽ جنگ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ گرهوڙي صاحب جي ماڻهن بہ اچي احوال ڪيو تہ ”قبلا، سامي ۽ سندس ڀاءُ تہ صلاح مشورت لاءِ وقت وٺي ويا هوا، مگر ڏسجي ائين پيو تہ جنگ لاءِ تياري ٿي رهي آهي“ . تڏهن پاڻ فرمايائون تہ شايد مير بجر ڌوهہ ڪيو آهي. ٽيندو بہ ساڻس ڌوهہ:

اسان پاري، بجر نہ پاري، وٺي بجر جي سرداري(٢)

هن جنگ ۾ ڪي ٽالپر بہ شامل هئا، جن عرض ڪيو تہ ”قبلا: بجر تہ دغا ڪئي، پر اسان ٽالپرن کهڙو ڏوهہ ڪيو. جو اسان کي بہ پاراتو ڏنو ويو آهي“. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ:”اوهين مير پيا سکيو پيٽ پاليندا“ . انهيءَ دعا جو نتيجو اهو ٿيو. جو اڄ اڄاڻ تائين سڀ ڪنهن ٽالپر وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ زمين جو ٽڪر آهي، ۽ خوش گذران ڪري رهيو آهي.

ٿوري وقت ۾ ساميءَ جو لشڪر اچي ويجهو پيو. پاڻ پنهنجي ساٿين سان اڳيرو وڌيا ۽

---

(١) هي تفصيل فقير سنگهار جي روايت تي ٻڌل آهي. انهيءَ روايت ۾ وڌيڪ آيل آهي تہ جڏهن ٻئي ڀائر صلاح مصلحت لاءِ موڪل وٺي ويا، تڏهن گرهوڙي صاحب بہ پنهنجن ساٿين سان مشورت ڪئي. ڀهرين ڀهرين ابراهيم سوڊڙي کان صلاح پڇيائون. هي ماڻهو تازو مسلمان ٿيل هو ۽ ويجهڙائي ۾ لنواري شريف مان ارشاد وٺي آيو هو. جواب ڏنائين تہ قبلا، نبيءِ بہ جزبو وٺي ڇڏي ڏيندا هوا، پاڻ بہ ڪٿي ائين ڪريون“. وري گرهوڙي صاحب ابراهيم ٽالپر کان پڇيو، جنهن جواب ڏنو تہ ”قبلا، هيءَ مهل برڪت واري اسان کي وري هٿ نہ ايندي، باقي توهان لاءِ تہ اهڙيون گهڙيون هميشہ پيون اينديون. تنهنڪري هي موقعو نہ ڇڏڻ گهرجي“ . تڏهن پاڻ ابراهيم سوڊڙي ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون تہ ”توکي تازو ارشاد مليل آهي، تہ بہ تو مان اڃان ڪفر جي بوءِ پئي اچي“، وري ابراهيم ٽالپر ڏي منهن ڪري چيائون تہ، ”تنهنجو درجو خليل الله وارو آهي.“

(٢) هن ڳالهہ ڏي برٽن صاحب بہ پنهنجي معرڪة الآرا ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌونديءَ جي ماٿر ۾ رهندڙ قومون“ (سن ١٨٥١) ۾ اشارو ڪيو آهي.

www.maktabah.org

رامڻ ٽالپر(١) کي حڪم ڏنائون تہ بندوق ڀري ڇڏ. رامڻ جواب ڏنو تہ مون اڳيئي ڀري ڇڏي آهي. چيائونس تہ ٻيو ڪان بہ ڀري ڇڏينس، ۽ جڏهن مان چوانءِ تڏهن ڇوڙج. جنگ ڇڙڻ تي پاڻ پرڀرو ٿي رامڻ سان گڏ وڃي بيٺا. مريدن هڪ ترار ۽ ڍال واري کي موڪليو تہ وڃي ڀر ۾ بيهہ تہ وقت سر ڍال سان بچاءُ ڪري سگهجي. پاڻ يڪدم ڍال واري کي هٽائي چيائون تہ:

سپر سور ڪندياءِ، مرڻ ٻاس تہ مير ٿين (٢).

پوءِ تہ مجاهدن وٺي هندن جي لشڪر تي هلان ڪئي. گرهوڙي صاحب پاڻ نڪو هٿيار هلايو، ۽ نڪي ڪو ڪاوڙ يا پٽ جو لفظ وات مان ڪڍيائين. رڳو ”اياڪ نعبدو اياڪ نستعين“ واري آيت پئي دهرايائين. ايتري ۾ سامي دت گر، ڪاري گهوڙيءِ تي چڙهيل، ڪتاري چيلهہ سان ٻڌل ۽ نيزو هٿ ۾ لشڪر اڳيان گهوڙي کي ٽپائيندو ۽ کڏائيندو نظر آيو. پاڻ رامڻ ٽالپر کي حڪم ڏنائون تہ سامي جي سيني ۾ بندوق هڻ. بندوق لڳڻ سان سامي گهوڙيءِ تان آهتجي پيو ۽ سندس ٽنگ رڪيب ۾ ڦاسي پئي. هندن جي لشڪر جڏهن ڏٺو تہ سندن صوبو ڪري پيو آهي، ۽ گهوڙي کيس گهليندي وتي، تڏهن چيائون تہ ڀهرين ساميءِ کي بچايو. ۽ پوءِ انهن ٻاهتر ماڻهن کي گرفتار ڪندي ويرم نہ ٿيندي. دشمن ۾ ٽاڪوڙو ڏسي، مسلمان پٺيائن ڪاهي پيا. اهو وجهہ وٺي دشمن جا ڪي آدمي گرهوڙي صاحب تي اور ڪري آيا(٣). ڀهرين ڀهرين لڪاني چانهين گروهڙي صاحب تي بندوق ڇوڙي، پر بندوق ڦاٽي پئي. پوءِ بندوق اڇلي اچي کيس ٻرڇيون هنيائين(٤)، ۽ ستابي گجوءِ(٥) ترار جا ڏڪ هنيا، ۽ هنگورئي ۽ راهڙ مٿس ڪهاڙين جي وار ڪئي.

---

(١) مرغوب الاحباب ۾ آهي تہ بزرگ گرهوڙي جي جماعت ۾ رامي نالي هڪ ڪيرو نوجوان ٽالپر هو، جنهن کي واڻ ويندي ساڻ ڪنيو هوائون، ۽ واڪو ڪري چيو هوائونس تہ ”هليو آءُ، اڄ تنهنجو وقت آهي“ جنهن ڳالهہ سندس رفيقن کي عجب ۾ وڌو هو. جنهن دت گر کي نيزو هٿ ۾، گهوڙي چڙهيل ايندو ڏٺو هو، جو ”ماريو ماريو“ ڪندو پي آيو. الله اڪبر پڙهي بندوق سيني ۾ سٽڪا يائينس، ۽ سندس لشڪر فراري ٿيو. موجود لنواري درگاهہ جي سجاده نشين خواجہ گل حسن صاحب مون کي زباني ٻڌايو تہ خواجہ گل محمد صاحب جن گرهوڙي صاحب کي اشارو ڪيو هو تہ رامن ٽالپر کي واڻ تان ضرور ڪڍجو.

(٢) مرغوب الاحباب ۾ آهي تہ ”جڏهن يارن مان هڪڙي کي هٿ ۾ سپر ڏنائون، تڏهن کيس واڪو ڪري (اهو بيت) چيائون، جا ڳالهہ پڻ موزون آهي. مون سنگهار فقير جي روايت اختيار ڪئي آهي.

(٣) هي منهنجو قياس آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي روايت (صفحہ ٥٧ حاشيہ) موجب جنگ جي ختم ٿيڻ بعد ئي لڪاني ۽ ستابي کيس ٻرڇيون هنيون هيون. والله اعلم بالصواب.

(٤) انهي ڪري گرهوڙ ۾ چانهين کي گهٽ نظر بلڪ نفرت سان ڏٺو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ : لڪ لعنت لڪاني کي، جنهن مگريو ماريو.“ ڪيترن سالن تائين چانهيا درگاهہ گروهڙ تي ڪو نہ ايندا هوا. انهي ڪري جو جيڪو بہ روضي مبارڪ جي دروازي کان لنگهندو هو، تنهن جي ڏاڙهي ٽنگجي پوندي هئي. ڪجھ سالن کان اها تڪليف مٿائن دور ٿي آهي.

(٥) اصل روايت ۾ گجوءَ جو خاص نالو ڏنل ناهي. عزيزم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ٻڌل روايت مان ورتو ويو آهي.

www.maktabah.org

مارو ٽيبي(١) جڏهن هي حال ڏٺو تڏهن ڊوڙندو ڊوڙندو "ابو ابو" ڪري، اچي گرهوڙي صاحب جي مٿان پيو، ۽ انهن ساڳين نامرادن کيس ترار هڻي ماري وڌو(٢). اهڙي طرح گرهوڙي صاحب جي ماروءَ جي حق ۾ پيشنگوئي پوري ٿي ۽ سندن رت گڏيا.

ايڏن زخمن هوندي به شيخ صاحب جي بدن مبارڪ مان رت جو هڪڙو ڦڙو به نه وهيو، ۽ سيئي گهاو اندران اڇا ڏسڻ ۾ پئي آيا. انهيءَ حادثي بعد پاڻ ٽي ڏينهن جيئرا هوا(٣)سامي جي لشڪر تي اچي لاهي مصيبت ڪڙڪي جو سڄو ناس ٿي ويو ۽ گرهوڙي صاحب جا به ڪيترائي اصحاب شهيد ٿي ويا. پاڻ پنهنجي لشڪر ۽ ماڻهن کي حڪم ڏنائون ته مڙهن کي ڊاهيو، ۽ بت کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو. پوءِ انهيءَ جاءِ تي مسجد ٺهرايائون، ۽ مٿس مجاور(۴) مقرر

---

(١) اها ڳالهه تحقيق طلب آهي ته آيا مارو ٽيبو مير بجر خان جو وزير هو يا ڪو رواجي فرد هو.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي روايت موجب، شيخ عبدالرحيم جنگ هلندي ڪو نه زخميو هو، نڪي ڪي سندس ساٿين مان ڪو شهيد ٿيو هو. بلڪه جڏهن مهنت کي شڪست ڏيڻ بعد پاڻ مڙهي جي پرسان هڪ ڪنڊيءَ هيٺ اڪيلو ويٺو هو، ۽ مسجد جي اڏاوت جي نگراني پئي ڪيائين. تڏهن لڪانو چانيهو ۽ ستابو گجو ٻڙيون لڪائي وٽس زيارت جي بهاني سان آيا، ۽ ڪيس اچي سخت زخمي ڪيائون. مارو ٽيبو جو پريرو ويٺل هو، سو هاءِ هاءِ ڪري اچي مٿانس پيو. ايتري ۾ ٻيو فقير اهو هنگامو ڏسي ترار ڪڍي ڊوڙندو آيو، ۽ ڀانيائين ته شايد ماروءَ گرهوڙي صاحب کي زخميو آهي. سو ماروءَ کي به ماري وڌائين. انهيءَ حادثي تي ماروءَ جي ياءَ الياس ٽيبي هي ٻه بيت چيا آهن:

١. ستابو ٽيو عتابو، جنهن ڏڪيل ڏڪ هنيو،
گجو گانڊو غير تي، سو اصل عتابو،
لڪ لعنت لڪاني ڪي، جنهن سورهه ڪين سڃاتو.

٢. عبدالرحيم اڌ ٽيو، مارو تنهن مٿا،
انين جا الياس چي، ليڪا سڀ لٿا.

گرهوڙي صاحب جا ماڻهو حملي ڪندڙن پٺيان پيا. پر بزرگ منع ڪين ۽ چيائين ته انهن کي ڪجهه به نه چئجو ۽ پڻ عوض نه وٺجو جو عوض ڏٺي وڻ آهي. اهو پوپاڙيءَ جو وقت هو، ۽ فقير سنت ٽي دم ڏنو. سڄ لٿي لاش لڏيائون، ۽ ٻئي ڏينهن سومهاڻي وقت گرهوڙ آندائون.

(٣) مرغوب الاحباب موجب: چند ضربات تيغ و نيزه بحضرت الشيخ رسيده که بساعتي وفات فرو: يعني حضرت شيخ صاحب کي ايترا ترار ۽ نيزي جا ڌڪ لڳا جو گهڙيءَ اندر وفات فرمايائون. فردوس العارفين جي عبارت موجب هي حادثو سن ١١٩٢هه (١٧٧٨ع) ۾ ٿي گذريو، ۽ ان وقت شيخ صاحب جي عمر چاليهه سال هئي. روايت آهي ته لاڏاڻي وقت بار بار هيٺيون بيت پئي دهرايائون:

ستي وٽ (نہ) سومري، مٿو (نہ) ڏوتائين،
قيمتي ڪپڙا، اڇا (نہ) اوڍيائين،
ملير ماڻيائين، ستيءَ سيل نباهيو.

(۴) ڊاڪٽر بلوچ جي روايت ۾ آيل آهي ته اتي جيڪي هنگورا ذات جا ماڻهو ويٺل هئا. تن کي چيائين ته مسجد جي سنڀال ڪجو.

www.maktabah.org

ڪيائون. لشڪر کي هدايت ڪئي وئي ته ڪائڻ پيڻ مباح آهي، مگر ڪنهن شي ڪٽڻ جي اجازت ناهي. ٽن ڏينهن اندر سارو انتظام پورو ڪري پوءِ دم ڏنائون. رحمة الله رحمة واسعة!

چون ٿا ته وصال وقت امر ڪيو هوائون ته مون کي يڪدم نه پوريو وڃي، جو ٽن ڏينهن بعد(١) جيئرو ٿي اٿندس. پر جيڪڏهن منهنجي مڙهه تي ڪا مک وهي ته پوءِ هڪدم دفنايو وڃي، سندن همراز ساٿي اجا پٽ ۾ سندن حڪم موجب ڪم ڪري رهيا هوا، ته سندن جنازو گرهوڙ اچي پهتو. سندن شهادت جو ٻڌي ڪيترائي ٽالپر به اچي گرهوڙ ۾ ڪٺا ٿيا هوا. جڏهن انهن کي خبر پئي ته گرهوڙي صاحب جو هي فرمان آهي، تڏهن ڪين اچي ڏپ ورتو ته جيڪڏهن گرهوڙي صاحب جيئرو ٿي اٿيو، ته اسين سخت ڏوراپي هيٺ اچي ويندا سين، جو اسان سندن سڏ نه وڙنايو هو. سو اچي ٿاهوت مچايائون ته بزرگ کي هڪدم دفن ڪيو وڃي. آخر انهن جي زور تي جنازو تڙ تڪڙ ۾ زمين داخل ڪيو ويو. جڏهن سندن سچا ساٿي پهتا، تڏهن ارادو ڏيکاريائون ته قبر ڪوٽي جنازو ٻاهر ڪيي رکون، مگر خواب ۾ اشارو ٿين ته اهو هلي چلي جي برخلاف ٿيندو، تنهنڪري ضرورت ناهي.

مهاڏيو جي مڙهي واري شهر جو نالو مٽائي دينپور رکيو ويو. اتي جا مجاور اجا به گرهوڙ درگاهه تي ايندا آهن ۽ هر سال اتان جي ڪجور نذراني طور رکي ڪجهه نه ڪجهه وٺي ويندا آهن.

مزار تي قبي جي اڏاوت

سندن مزار جو قبو مير احمد خان شاهواڻيءَ ٻڌايو، ۽ جيڪو پيرو ان جي چوڌاري آهي، سو اصل ۾ خواجه محمد زمان صاحب جي مقبري وارو پيرو هو، جو پوءِ نئين پيري ٺهڻ بعد گرهوڙ شريف موڪليو ويو(٢). گرهوڙي صاحب زماني جي عجائبن مان هڪ، ۽ مرغوب الاحباب جي مؤلف هيٺيون قطعو سندس شان ۾ چيو آهي:

گرهري آنکه چون اوکس نديده — بخوبي در زمانش نافريده
جهان علم در ظاهر بدانش — بمعني از دو عالم دل بريده
درين دشت هوا انگيز پرآز — رميد از خويش باحق آرميده
بحسن يوسفي در مصر عرفان — غلامي را دل عاشق خريده
بکور دل ز قدح همت خويش — حجاب غير از چشمش دريده
چنين گويند کآن بگزيده حق — چو برچل سال دورانش رسيده

---

(١) ڪن جو چوڻ آهي ته ”چاليهن ڏينهن بعد“

(٢) پراڻي پيري جي تاريخ ”رضوان من الله“ مان نڪري ٿي يعني ١٢١٣هه.

www.maktabah.org

زدست ساقيءِ دهر اندرين دير مئي تلخ شهادت در کشيده
چوتاريخ وصالش جستم از دل جواب آمد "بحق خلوت گزيده"

سندس اهل و عيال

گرهوڙي صاحب کل پنج شاديون ڪيون: ١. مگرياڻي، ٢. هنگورجي، ٣. ٽيبي، ٤. اوٺي ۽ ٥. ڪتياڻي * پوئين گهر مان پٽ پيدا ٿيو هون، پر ڇئن پنجن ورهين جي عمر ۾ گذر ڪري ويو. ٻين گهرن مان ڪين چار نياڻيون هيون: هڪ ڏاڏي پوٽي مان ۽ ٽي هنگورجيءَ مان. ڏاڏي پوٽيءَ مان چاول نياڻي پنهنجي ڀائيٽي عبدالله کي ڏنائون، ۽ ڪيس امر ڪيائون ته پنهنجي خاوند جو هر هميشه حڪم مڃجانءِ، ۽ ميان عبدالله کي چوڻ هو ته جيڪي مولا سائين موڪلي، تنهن تي راضي رهج. تنهنجو ٻيو ڪو ثاني ڪونهي، ۽ ڀاءُ ڀنڊ کي لوڙهي اندر نه ڇڏج، ۽ چيائونس ته مون ڪان جدا گهر اڏي وڃي ويهه. سندس غربت ۽ مسڪيني ايتري حد تائين هئي، جو سندن نياڻي ۽ ناٺي جو نڪاح ساڳين روز مره وارن ڪپڙن ۾ پڙهيو ويو. چون ٿا ته هڪ ازغيبي ماڻهو سندن نياڻيءَ لاءِ نوان وڳا ڏئي ويو. شادي جي موقع تي ابڙيون سڏيون هوائين، جن اچي ڪم ڪار نباهيو. انهن ماين جا نالا عزت، ڪرامت ۽ رحمت هوا.

باقي ٣ نياڻيون سيدن کي پرڻائي ڏنائين، جن جا نالا هوا: سيد حاجي قطب شاهه، سيد پير شاهه ۽ سيد ڪرم علي شاهه. انهن ٽنهي نياڻين جي شادي سندن شهادت ڪان پوءِ ٿي، مگر پاڻ فيصلو اڳيئي ڪري ويا هوا. پنهنجي نياڻين جو سڱ پنهنجن عزيزن سان نه ڪيائون، ۽ جنهن صورت ۾ ڪين نرينو اولاد ڪو نه هئو، تنهن صورت ۾ سندس سجاده نشين پڻ سيد ٿيندا آيا آهن. موجوده سجاده نشين ميان احمد شاهه آهي، جو هڪ خدا ترس، عابد ۽ نيڪ انسان آهي.

تبرڪات

جمني جنهن جو مٿي ذڪر ٿيل آهي، سا ۽ ترار اڄ ڏينهن تائين درگاهه گرهوڙ شريف جي سجاده نشين وٽ موجود آهن.

جمنيءَ لاءِ وڃي ٿو ته ڪيس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ(١) جي معرفت ملي هئي. هڪ دفعي

---

* بزرگ ڪتين بابت فرمايو آهي: خوش هجن ڪتي، جتي سي تتي.

(١) شاهه عبداللطيف (رحه) جي وفات وقت شيخ عبدالرحيم صاحب جي عمر ١٢ سال هئي. تنهنڪري مان نٿو ڀانيان ته انهيءَ اوستا اندر ڪو گرهوڙي صاحب ايڏي روحاني اوڄ ۽ ولايت کي رسيو هوندو، جو شاهه لطيف ڪيس سوغاتون ڏياري موڪلي. اها روايت ۽ ٻيون ڳالهيون جي عوام جي وات ۾ آهن، سي خوش اعتقاديءَ جو نتيجو آهن. باقي نهايت ممڪن آهي ته گرهوڙي صاحب ننديءَ وهيءَ ۾ شاهه لطيف جي زيارت ڪري، سندس صحبت مان مستفيض ٿيو هجي.

www.maktabah.org

شاهہ صاحب پنهنجن فقيرن کي چيو تہ امانت آيل آهي، جا هلو تہ ڪيئي ڏياري موڪليون. پوءِ فقراءِ سان ڳڌجي هڪ ڪوهہ تي ويا. ڏسن تہ ڪوهہ جو پاڻي مٿي آيو آهي ۽ متانس جمني پئي تري، جا ڪيائي عزت سان شيخ عبدالرحيم ڏي ڏياري موڪليائون. جمنيءَ ڪيڻ بعد ڪوهہ جي پاڻيءَ وڃي تر ورتو. شاهہ صاحب نہ فقط جمني ڏياري موڪلي، پر ان سان گڏ هڪ لٺ ۽ ترار بہ تحفي طور شيخ صاحب ڏي عرضي خاصخيلي(١) هٿان موڪلي ڏنائون. عرضي ٻانهون پوئتي موٽي ڪونہ ويو، اُتي ئي گرهوڙي صاحب جي خدمت ۾ رهي پيو. مهاڏيو جي مڙهيءَ تي حملي پيريءَ بہ ساٿن گڏجي ويو هو، مگر ڪيس شهادت نصيب ڪا نہ ٿي، ۽ پاڻ زنده موٽي آيو. پاڻ سان اهي ٽيئي شيون بہ کڻي آيو، جي پشت بپشت سندس پونين وٽ رهنديون آيون. عرضيءَ جي پٽ موسي خاصخيلي جي گهر کي اوچتو اچي باهہ لڳي. جمني ۽ ترار ڪيئي ورتائون. باقي لٺ نڪري نہ سگهي، جو باهہ چوڌاري ويڙهي وئي هيس. پوءِ لٺ سڙو گهر جي ڇت مان پڙڪو ڪائي مٿي هلي وئي.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي

۽

شاه عبداللطيف ڀٽائي

جيئن مٿي حاشيه ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ شاهہ عبداللطيف (رحہ) جي وفات وقت (١١٦٥هہ) شيخ عبدالرحيم صاحب فقط ٻارهن تيرهن ورهين جو ننڍڙو هو. ليڪن انهيءَ ننڍيءَ وهيءَ ۾ ئي علم ۾ اڪابر هو، ۽ الاهي ذات حاصل هيس. تنهنڪري قوي گمان آهي تہ ابتدائي طلب واري زماني ۾ شاهہ عبداللطيف (رحہ) سان ڏيٺ تي هجيس، ۽ ان جي صحبت ڪيميا اثر مان حظ حاصل ڪيو هجيس. ڳالهہ ٿا ڪن(٢) تہ هڪ دفعي شاهہ عبداللطيف ڪنهن ڳوٺ جي مسجد ۾، ماڻهن جي زور تي عشاءَ جي نماز پڙهائي. پٺيان عالمن جو هجوم هو، ۽ گرهوڙي صاحب بہ انهي سٽ ۾ شامل هو. پهرين رڪعت ۾ هڪ بيت پڙهي رڪوع ڪرڻ مهل، پنهنجو منهن اتر طرف ڦيريائون، ۽ اهڙي طرح هر رڪعت پيري پنهنجو منهن ٽئين طرف ڦيرائيندا رهيا، تان جو آخري رڪعت قبلي طرف منهن ڪري نماز پوري ڪيائون. پڙهيا سڀ پٺ ڇڏي جدا نماز جوڙي بيهي رهيا، باقي فقط شيخ عبدالرحيم شاهہ صاحب جي پٺيان جتو رهيو. نماز کان فارغ ٿيڻ بعد

---

(١) مير بهرام خان جي ٻانهي جو نالو پڻ عرضي هو، جنهن کي مير صاحب ترار ڏيئي ميان سرفراز ڪلهوڙي وٽ ويو هو. ممڪن آها تہ اهي ڳالهہ مٿينءَ روايت جو بنياد بڻي هجي.

(٢) هيءَ ڳالهہ عام مشهور آهي. مون پڻ پنهنجي مرحوم چاچي ميان نظام الدين (ننده) جي واتان ٻڌي هئي، اگرچہ اهڙيون ڳالهيون ٻنهي بزرگن جي عمر ۾ وڏي ويڇي هوئڻ سبب وسهڻ جوڳيون ناهن.

www.maktabah.org

جماعتين شيخ عبدالرحيم کان شاهه صاحب جي انهيءَ عجيب روش جو سبب پڇيو. چيائين تہ موڳا اوهان کي انهيءَ مامر جي کهڙي خبر؟ سڀ ڪنهن رڪعت وقت ملائڪن سڳورن ڪعبة الله کي ڦيرائي جدا جدا طرفن تي ٿي بيهاريو. تنهنڪري نماز قبول ٿي تہ اسان ٻن ڄڻن جي ٿي. والله اعلم باصوب.

حڪيم معين الدين صاحب گلچين هالائي کان هي روايت ٻڌيم تہ هڪ ڀيري شاهہ صاحب پنهنجي ڪنهن مريد هٿان هيٺيون سوال ميين عبدالرحيم ڏي جواب لاءِ ڏياري موڪليو:

جو مڙني موچارو، سو آهي ڪهڙو؟

ميين عبدالرحيم هي جواب ڏياري موڪليو:

هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرين جو پاڙو.

فرض ڪري ونجي تہ شاهہ عبداللطيف ۽ ميين عبدالرحيم جي پاڻ ۾ ملاقات نہ ٿي، ليڪن انهيءَ ڳالهہ ۾ ذري جو بہ شڪ نہ آهي تہ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جو اثر شيخ عبدالرحيم جي ڪلام تي گهڻي قدر پيو آهي. پنهنجي مرشد حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان وانگي جدا جدا موقعن تي شاهہ جو شعر شواهد طور ڇيو اٿس، ۽ پڻ ڪيترائي شاهہ جا بيت سندس بيتن سان گڏجي مسجي ويا آهن، جن کي ڪوشش ڪري خارج ڪيو ويو آهي. شيخ عبدالرحيم صاحب کي شاهہ لطيف جي لاثاني ڪلام لاءِ بيحد عزت هئي، جيئن هن بيت مان پڌرو آهي:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو. (١)

گرهوڙي صاحب جون تصنيفون

شيخ عبدالرحيم صاحب اصول ۽ فروع جو عالم هو. سندس تصنيفون فقه ۽ سلوڪ ۾ حد ۽ حصر کان ٻاهر آهن. پر سندس ڪيترائي ڪتاب مدد خان افغان واري تفرقي ۾(٢) گم ٿي ويا.

---

(١) هي بيت مون گهوٽ سائينءَ ۽ فقير راضيءَ کان ٻڌو، اگرچہ وٽن ڪا سند ناهي. فقير راضيءَ وڌيڪ بيان ڪيو تہ ميون عبدالرحيم (رح) کيس خواب ۾ آيو ۽ چيائينس تہ بيت جي ٻنهي سٽن جي وچ ۾ هيٺين تڪ داخل ڪري ڇڏ:

ٻڙهيائين پريت مان، باريءَ جو بيان.

والله اعلم باصوب.

(٢) سردار مدد خان پٺاڻ سن ١١٩٥هہ (= ١٧٨١ع) ۾ عبدالنبي ڪلهوڙي جي چرچ سان سنڌ تي ڪاهي آيو. سندس لشڪر ساريءَ سنڌ ۾ ڦرلٽ جي ڪري ٻرڏول وجهي ڏنو. ۽ ماڻهن ۾ سخت لڏ پلاڻ پئي. سندس وڃڻ کان پوءِ ملڪ ۾ اهڙو تہ سخت ڏڪار پيو، جو ماڻهن هڪ ٻئي جو ماس پئي کاڌو.

www.maktabah.org

انهن مان ڪي ٿورا اڃا بہ موجود آهن، جهڙوڪ:

١. فتح الفضل (عربي) جنهن ۾ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان (رحہ) جي ۴۴٦ چوندڊ مقولن جو شرح ڏنو اٿس. اهي مقولا اصل سنڌيءَ ۾ هئا، ليڪن گرهوڙي صاحب انهن ڪي عربي زبان ۾ آندو آهي. هن عذر سان تہ "ولا باس باختلاف اللسان في اتحاد البيان" يعني زبان جي اختلاف ۾ ڪا حرڪت ناهي جڏهن بيان هڪڙوئي آهي. ڪاش هي نڪتا سنڌيءَ ۾ قائم رهن ها، تہ خبر پوي ها تہ ٢٠٠ ورهيہ اڳي سنڌي نثر جي ڪهڙي صورت هئي.

٢. شرح ابيات سنڌي (عربي) جنهن جو سنڌي ترجمو هن ضعيف ١٩٣٩ع ۾ شايع ڪيو، ۽ اميد تہ ٻيو سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپو زود سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ ڇپايو ويندو*. بزرگ جو هي شرح تصوف جي باريڪ نڪتن جو عجيب ڀنڊار آهي. ليڪن نڪي ان ۾ لفظي معنيٰ جو ڪو خيال ڪيو اٿس، ۽ نڪي ٻين شارحن وانگي ويهي لغوي مشڪلاتون سمجهايون اٿس. تصوف جي بي پايان بحر ۾ ڪاهي پيو آهي، ۽ پنهنجي مرضيءَ موافق ان ۾ خوب ٽٻيون هنيون اٿس. ڪٿي فقط مختصر لفظن ۾ مطلب ڏنو اٿس، تہ ڪٿي وڃي تار ۾ پيو آهي. بعضي تہ صوفي اصطلاحات ڪري سندس مطلب ئي سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي. بيت ۾ ڪنهن بہ تصوف جي نڪتي ڏي اشارو مس آيو، تہ هي مانجهي مرد ان سان گڏ ٻين نڪتن جي بہ وٽيو اپٽار ڪري. الف ليله وليله وانگي حڪايت اندر حڪايت آهي. بهرحال تصوف جي اڃايسين لاءِ هن شرح ۾ گهڻو مايو موجود آهي.

٣. رساله گل نما (فارسي)، جو مثنويءَ جي طرز تي لکيل آهي(١)، ۽ ان ۾ خواجه گل محمد صاحب (رحہ) جي شان ۾ بيت چيا اٿس. انهن مان هينيان فردوس العارفين واري پنهنجي تصنيف جي آخر ۾ ڏنا آهن، جي ڪاتبن جي جهالت سبب غلطين کان خالي ناهن:

گل محمد در منازلها تمام	غير بلبل اين چہ داند خاص و عام
دست مشرک ڪي رسد گل پاک را	خاک را اين نور ايمان خاک را
خاک مسجود ست بهر بوي گل	جز خراباتي نباشد جاي مل
عارف آن باشد گه باشد گل شناس	گل ببيند جمله بيند بيقياس
جان مرجان ولي را دوست نيست	رابطه شان آنچہ آنرا پوست نيست
خلق پندارد ولي را شهوتي	روي خود بينند اورا رحمتي
تاقيامت آزمايش دائم است	پس بهر دوري ولبي قائم است

۴. مڪتوبات (فارسي)، جي حقيقت ڪري امام رباني صاحب (رحہ) جي مڪتو بات جو

* هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ١٩٥٦ع ۾ سنڌي سوسائٽي، ڪراچي ۽ ٽيون ڇاپو ١٩٩۴ع ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ طرفان شايع ٿيو.

(١) هن رسالي جو اصل نسخو خواجہ گل حسن صاحب وٽ موجود آهي؛ ان جو نقل ڪرائي موڪلي ڏنائون. زهي احسان!

www.maktabah.org

اختصار آهن، پي ڪا منجهن خاص خوبي ڪا نہ ٿي ڏسجي.

۵. مجموعه سنديات : يعني گرهوڙي صاحب جا سنڌي ڪلما ۽ ابيات، جن جو مفصل ذڪر هيٺ ڏنو ويو آهي (۱).

ڪلام گرهوڙي جا قلمي ۽ ڇاپي نسخا

افسوس آهي تہ بزرگ گرهوڙي جي سنڌي ڪلام جو سندن هٿ اکر لکيل يا لڳ ڀڳ سندن وقت جو نقل ٿيل قلمي نسخو باوجود تلاش جي دستياب نہ ٿي سگهيو. اهي قلمي يا سنگي نسخا جن تي هن مرتب ٿيل ڪلام جي متن جو بنياد آهي، تن جو مختصر بيان هيٺين آهي:

۱ ـ ل نسخو

لنواري شريف وارن پيرن جو نسخو، جو مون کي آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي جي هٿان پهتو، ۽ آنجهاني کي پير سعيد حسن صاحب کان مليو. هي هڪ درگاهہ جي معتقد حافظ يارمحمد چانڊيه جو هٿ اکر لکيل آهي. ڪتابت جي تاريخ ڪٿي بہ ڏنل ڪانهي. پر جنهن صورت ۾ لنواري جي خواجگان جو سلسلو خواجه محمد حسن مدني (وفات ۱۲۹۸هہ) تي ختم ڪيو اٿس، تنهن صورت ۾ انومان ڪيدي سگهجي ٿو، تہ هي نسخو ۱۲۹۸هہ کان گهڻو اڳ جو لکيل آهي. بلڪل صحيح آهي، ۽ اکر موچارا اٿس. ڪلام جي ترتيب موجود ڪتاب(۲) جي مقابلي ۾ هن ريت آهي:

۸ـ۹ـ۱ـ۲ـ۷ـ۳ـ۴ـ۶ـ۱۳ـ۱۰ـ۵ـ۱۱ـ۱۲

ازانسواءِ هن نسخي ۾ حضرت سلطان الاولياء جا ۸۴ صوفيانا بيت بہ داخل ڪيا ويا آهن ۽ آخر ۾ رحيم الله گدا (جو هڪ شيعو ٿو ڏسجي) جي فارسيءَ ۾ مدح آهي، جنهن جو مڪرر بند آهي:

بيخلافت ڪي علي بوده است و زهرابي فدڪ

۲ ـ ج نسخو

هن نسخي جو اصل لنواري درگاهہ جي هاڻوڪي سجاده نشين خواجه گل حسن صاحب

(۱) عزيزم ڊاڪٽر بلوچ مون کي لکيو آهي، تہ ڪيس مير الله بخش خان ٽالپر ساڪن جهول کان معلوم ٿيو تہ پاڻ بزرگ جو هڪ عربيءَ ۾ ڪتاب ميين حاجي محمد چوٽارين واري وٽ ڏٺو هوائين، جنهن ۾ برسات تي (بحيثيت رحمت و زحمت) فلسفيانو بحث ڪيل هو. مديني شريف ۾ بزرگ جي فرزند ميان عبدالحڪيم کان معلوم ٿيو تہ سندن سڀ ڪتاب منتشر ٿي ويا آهن. پر انهن مان ڪيترائي ڪنيرن جي ڳوٺ ۾ آهن. جيڪڏهن اهو ڪتاب هٿ آيو تہ انشاء الله العزيز ان تي بسط ۽ تفصيل سان تبصرو ڪيو ويندو.

(۲) سيني نسخن جي بيان ۾ اهو التزام رکيو ويو آهي.

www.maktabah.org

وٽ آهي. مون کي ان جو هو بهو نقل ڏياري موڪليائون، جو ماستر شير محمد صاحب جو لکيل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ اصلي ڪاتب هن طرح رقمطراز آهي:

تمام شد مجموع سندي از ڪلام شيخ المشائخ زبدة العارفين واصل بالله مخدوم ميان عبدالرحيم گرهوڙي قدس الله تعالي سره از دست احقرالناس جان محمد غفر الله له ولو الديه مع جميع المؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات ـ آمين. برحمتک يا ارحم الراحمين. وصلي الله تعاليٰ علي سيدنا محمد و آله وصحبه اجمعين.

تاريخ ۷ ماه جمادي الاولي سنہ ۱۲۹۳ھ

هر که خواند دعا طمع دارم زانکه من بنده گنه گارم
الهي هر انکس که اين خط نوشت عفو کن گناهش عطا کن بهشت
قارئا برمن مکن قهر و عتاب من نوشتم آنچه ديدم درکتاب

انهيءَ کان پوءِ خواجه محمد زمان صاحب جا بيت آندا اٿس ۽ تهان پوءِ بزرگ گرهوڙيءَ جا. آخر ۾ رحيم الله گدا واري فارسي مدح بہ ثبت ڪئي اٿس.

ڪلام جي ترتيب : ۹ـ۸ـ۱ـ۲ـ۷ـ۳ـ۴ـ۶ـ۱۳ـ۵ـ۱۱ـ۱۲

هن نسخي ۾ ترڪي واري سنڌي (۱۰) ۽ ملڪي سنڌي نہ ڏنل آهي.

۳ ـ خ نسخو

هي نسخو مرحوم مير خان محمد ٽالپر، ساڪن ٽنڊي جان محمد، جو لکيل آهي، جو قاضي محمد اشرف صاحب جو مون ڏي مقابلي لاءِ موڪليو. ۽ هنڊن تي تاريخ ۱۱ ۽ ۱۲ ذوالحجه ۱۳۲۰ھ لکيل آهي. هي ساڳيو ئي مير صاحب آهي، جنهن جو نالو ڄام صاحب واري نسخي ۾ ذڪر ٿيل آهي. اڪر پورا سارا اٿس، ليڪن ڪوشش ڪري دقت ۽ صحت سان لکيو ويو آهي.

ڪلام جي ترتيب : ۹ـ۸ـ۱ـ۲ـ۷ـ۳ـ۴ـ۶ـ۱۳ـ۱۰ـ۵ـ۱۱ـ۱۲

بزرگ گرهوڙي ڏانهن منسوب ٿيل بيتن کان اڳ خواجه محمد زمان صاحب جا بيت مندرج آهن. رحيم الله گدا واري مدح منجهس ڪانهي.

۴ ـ جھ نسخو

هي نسخو مون کي جهنڊي وارن بزرگن جي ڪتب خاني مان هٿ آيو. اڪر تمام سٺا اٿس ۽ متن جي درست ڪرڻ ۾ گهڻي دقت ورتي وئي آهي. ڪاتب جو نالو ڪٿي بہ ڇاڻايل ڪو نہ آهي. پهريان بہ ٽي ورق ڦاٽي گم ٿي ويا آهن ۽ آخر ۾ هي الفاظ درج آهن:

www.maktabah.org

پورو ٿيو ڪتاب مجموع سنڌيات مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

عليه الرحمة الغفران

۱۰ جمادي الاخري ۱۳۲۱ ھ

ڪلام جي ترتيب : ۹-۱-۲-۷-۳-۵-۶-۸-۱۳-۱۰-

هن نسخي ۾ نڪي ڪي بيت آهن، ۽ نڪي نثر جا فقرا آهن.

۵ - ج نسخو

هي سنگي ڇاپو آهي، جو مرحوم نواب ڄام ڪانيو خان جي اهتمام سان تاريخ ۱۹ رجب ۱۳۲۲ھ مطابق ۲۰ سپٽمبر ۱۹۰۴ ڌاري شايع ٿيو. هي ڪمياب نسخو مون کي عزيزم علي نواز جتوئي مهيا ڪري ڏنو، جنهن لاءِ سنڌس تهدل شڪر گذار آهيان. ديباچي ۾ ان جو هن طرح بيان ڏنل آهي:

"هي ڪلام اصل سنڌس (يعني گرهوڙي صاحب جي) مکيہ خليفي (؟) گڏ ڪيو هو. اهو ڪتاب لعل خان لغاريءَ جي ڳوٺ تعلقي ميرپورخاص مان علي خان لغاريءَ وٽان مرحوم مغفور ميان علي خان ولد ميان شير محمد خان ٽالپر اصل ساڪن جهول تعلقو سنجهورو، هاڻ ٽنڊو جان محمد محال ڊگهڙي، جي اتارڻ واسطي آندو هو. مگر مٿئين مير صاحب هن فاني دنيا مان ڪتاب جي اتارڻ کان اڳ رحلت فرمائي، تنهنڪري سنڌس پاءُ ميان حاجي خير محمد خان ٽالپر پنهنجي پاءُ جي يادگيري قائم رکڻ لاءِ ميان خان محمد خان ولد ميان علي بخش خان کي (جو سنڌس سوٽ آهي) اُتارڻ لاءِ اچن پنن جو نوٽبڪ ٺهرائي ڏنو، جنهن پنهنجي پريتم پياري ماستر واسو مل ولد ڇاڄي مل ساڪن نوشهره فيروز جي مدد سان اتاري پورو ڪيو".

انهيءَ اصل نسخي جي گهڻي پڇا ڪئي وئي آهي، پر اجا پتو ڪونہ پيو آهي.

ڪلام جي ترتيب : ۹-۱۳-۱-۸-۳-۴-۵-۲-۷-۱-۱۰-۱۱-۱۲-

هن نسخي ۾ خواجه محمد زمان جا صوفيانه بيت ڪينهن.

۶ - ح نسخو

هي نسخو حامدالله از قوم لنجو، ساڪن پارڪر، ريگستان (ٿر) جو لکيل آهي. ڪتابت جي تاريخ اٿس ۲۰ جمادي الاولي ۱۳۲۸ھ. اگرچہ اکر ڏنگا ڦڏا اٿس، پر نسخي صحيح لکڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي اٿس. ڪيترين ئي ٻين نسخن جون چڪون هن نسخي جي قرأتن جي آڌار تي درست ڪيون ويون آهن. خواجه محمد زمان صاحب جا بيت جيئن جڳائي ترڪ ڪيا ويا آهن.

www.maktabah.org

مگر انهن مان ڪيترائي بزرگ گرهوڙيءَ جي ڪلام ۾ ٽنبيا ويا آهن. گرهوڙي صاحب جي بيتن ۾ پڻ گهٽي قدر ڪتر وڌي وئي آهي، جيتوڻيڪ ٿورا نوان بيت به داخل ڪيا ويا آهن. منثور ڪلام جا ٻئي نوع حذف ڪيا ويا آهن. پڇاڙيءَ ۾ خليفي محمود ڪڙيه واري جي سنڌي ڏني وئي آهي، جا آخر ۾ ناقص آهي.

ڪلام جي ترتيب -۱-۲-۷-۳-۴-۶-۱۳-۹-۸-۱۰-۱۱

هن نسخي جو مالڪ ميان محمد صادق عبدالله درس وينئل هالا حويلي جو آهي. صحيح جي تاريخ ۲۲-۳-۱۹۳۱ع.

۷ - ق نسخو

هي نسخو قاضي پير بخش ولد قاضي محمد حسن نصرپوري جو لکيل آهي، جو هن سنه ۱۹۱۸ع (= ۱۳۳۶هه) ڌاري، جڏهن ترائي اسڪول جو ٻيو پيرو هيڊ ماستر هو. تڏهن جناب پير حاجي ميان عبدالقادر لنواريءَ واري جي نسخي تان هو بهو نقل ڪيو. پر وقت جي تنگي سبب ملڪي سنڌي، خواجه محمد زمان صاحب ۽ بزرگ گرهوڙيءَ جا بيت ڇڏي ڏنا اٿس. ترڪي واريءَ سنڌيءَ جو به رڳو اول ۽ آخر حصو لکيائين. ۽ باقي حصن جي تقسيم وارو وچون وڏو ڀاڱو طوالت سبب فروگزاشت ڪيائين. ڪاش جناب پير صاحب وارو نسخو پيدا ٿي نه ٿي سگهيو. اگرچه سندس لائق فرزندن کان پڇا ڪئي ويئي. قوي گمان آهي ته ل نسخو شايد پير صاحب جو هجي. رحيم الله گدا واري فارسي جڏي نظم کي ”مدح شهيد شريف“ سڏيو ويو آهي!

ڪلام جي ترتيب : ۹-۱-۸-۲-۷-۳-۴-۶-۱۰-۵-۱-۱۲

۸ - ن نسخو

هي نسخو عزيزم دين محمد سومري جي معرفت حاجي عبدالحي نقرچه مڪان گرهوڙ شريف واري کان ورتو ويو. اگرچه مس گهڻي ۽ اکر بالڪل ردي اٿس، ته به خوبين کان خالي ناهي. نقرچه حتي المقدور صحيح ڪلام لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تاريخ اتمام ڪتابت ۱۴ شعبان ۱۳۳۷. پڇاڙيءَ ۾ رحيم الله گدا واري فارسي مدح، گل امام غزالي (فارسي) ۽ بزرگ گرهوڙي جا به ٽيئي فارسي ۾ خط - هڪڙو مير فتح خان ۽ بجار خان ڏي ۽ ٻيو حاجي الحرمين الشريفين ميان حاجي محمد صالح ڏي - درج ٿيل آهن. لنواري واري نسخي جي بالڪل مطابق آهي.

ڪلام جي ترتيب : ۹-۸-۱-۲-۷-۳-۴-۶-۱۳-۱۰-۵-۱۱-۱۲

۹ - الف نسخو

هي نسخو حافظ ابو الحسن جو لکيل آهي، جنهن جو والد بزرگوار قاضي حاجي حافظ ميان

www.maktabah.org

ولي محمد متعلوي شايد خواجه محمد حسن صاحب مدنيءَ جو مريد هو، ۽ اتي ئي ٻلي پار ۾ تربت اٿس. حافظ ابوالحسن جا اکر فردوس العارفين جي آخري ۾ ٻہ ڏنل آهن، ۽ ميان ولي محمد متعلويءَ جو هٿ اکر لکيل شاهہ جي رسالي جو قلمي نسخو مون وٽ موجود آهي. مؤخرالذکر مولوي عبدالرحمان صاحب جو ڏاڏو آهي، ۽ چوڏهين صديءَ هجريءَ جي شروعات ۾ وفات ڪئي ٿي ڏسجيس. حافظ ابوالحسن جا اکر پڻ چڱا آهن، ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي ڪوشش ڪري صحيح لکي اٿس. هن نسخي ۾ ترڪي واريءَ سنڌي جو آخرين حصو (تہ برڪت وياءَ ان چئن جي، وجن ماءِ وياءِ) وڃائجي ويو آهي، ۽ ان ڪان پوءِ ٥٢ صفحا خالي ڇڏيا ويا آهن، ۽ وري شروعات (ٻڙي ٻانهہ ۾ لوڏا - لخ) واري بيت سان ڪئي وئي آهي. منجهس ڪجھ نوان بيت بہ آهن، جي ٻين نسخن ۾ عدم پيدا آهن. ڪتابت جي تاريخ ١ ماهہ ذوالقعده ١٣٤١هہ.

ڪلام جي ترتيب : ٢-٧-١-٦-٥-٩-٨-٤-٣-١٣-١٠-١١

١٠- ڏ نسخو

هن نسخي جو مالڪ نالي ابوبڪر نصرپوري آهي، ۽ ڪاتب جو نالو الهڏنو (معلم، مڪتب نم سهتو، تعلقو ٽنڊو باگو) آهي، جنهن هي نسخو تاريخ ١٠ ماه شوال سنه ١٣٤٣هہ ۾ لکي پورو ڪيو. اکر نهايت عمدا اٿس. ڪهڙي نسخي تان اتاريائين، تنهن جي خبر ڪا نہ ڏني اٿس. نڪي بيت درج ڪيا اٿس ۽ نڪي نثر جا فقرا. منڍ وارن ٣١ صفحن ۾ هڪ نامعلوم شاعر جو سنڌيءَ ۾ شاهہ ڪريم جي بيان العارفين جي هڪ باب جو ترجمو آهي. وچ تي وري هڪڙي گمنام سگهڙ جو طالب المولي جي بيان ۾ دم پختو ڇپايو اٿس، ۽ آخر ۾ محمد شريف جي ملڪي سنڌي ۽ احمدنالي شاعر جو فقرنامو ڏنو اٿس.

ڪلام جي ترتيب : ١-٩-٤-٥-٦-٨-٢-٣-٧-١٠-١-١٣

١١- م نسخو

هي مرحوم استاد مولوي عبدالرحيم صاحب مگسيءَ وارو سنگي ڇاپو آهي: جو هن ڊسمبر ١٩٣١ع مطابق رجب ١٣٥٠هہ ۾ شايع ڪيو. مرحوم وٽ ڪو نهايت صحيح ۽ سٺو نسخو هو، جنهن جو پتو سندس پٽن ڪان ڪونہ پيو. شايد اهو نسخو ڪيس مرحوم مير غلام محمد خان ڪان پڙ پيو هو. اگرچہ اهڙو مذڪور ڪونہ آندو اٿس. مرحوم پاڻ اعتراف ڪيو آهي تہ فرصت گهٽ هجڻ ۽ پراڻي سنڌي نہ سمجهڻ ڪري، منجهس ڪيترين ئي غلطيون رهجي ويون آهن. هي سنگي ڇاپو فقط ڪلام جو پهريون حصو آهي. مرحوم جي تمنا هئي تہ هن حصي جي وڪري جي اپت مان ٻيو حصو شايع ڪريان، ليڪن اهو خيال اُتي جي اُتي رهجي ويو، اگرچہ مرحوم هن ڇاپي بعد گهڻائي سال حيات رهيو.

www.maktabah.org

ڪتاب جي آخر ۾ سر سسئي واري ٽيھہ اکري بہ ڏني وئي آھي، اگرچہ ان جو بزرگ گرھوڙيءَ جي ڪلام سان ڪو بہ واسطو ڪونھي. ڇڻن بيتن ۾ سيد جو لفظ ڪم آندل آھي. ازانسواءِ خواجہ محمد زمان صاحب جي بيتن ڪي بہ ھن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آھي.

ڪلام جي ترتيب : ۹-۸-۱-۲-۷-۳-۵-۴-۶-۱۱

خبر ناھي تہ مرحوم مولوي صاحب ڪھڙي ارادي سان ھڻي حصي ڇاپڻ جو خيال ڪيو ھو، ڇاڪاڻ تہ ترڪي واريءَ سنڌيءَ، منثور ڪلام ۽ محمد شريف واريءَ ملڪي سنڌيءَ ڪان سواءِ ٻيو سڀ ڪلام پھرئين حصي ۾ اچي ويو آھي.

۱۲- ر نسخو

ھي نسخو سيني نسخن ۾ ڪھنو ٿو ڏسجي. روھڙيءَ مان شيخ عبدالرحيم صاحب کان مليو ھوم. جنھن جي شڪر ادائي ڪان رھي نٿو سگھجي. پنو قديم نموني جو، نھايت زبون، ۽ اکر موچارا اٿس. اوائل ۾ سعدي (رحہ) جي ڪريما ميان عبدالرؤف جي سنڌي نظمي ترجمي سان ڏنل آھي. تنھن کان پوءِ ۽ آخر ۾ ڪيترائي نوان ۽ عجيب غريب سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ۾ بيت ۾ ٻيا شعردرج ڪيا اٿس، جن مان ڪي ھيٺ ڏجن ٿا.

۱- سيجا وسن سج ۾، سجن سج سھاءِ
سجن سج منجھان، سوجھي لڌو سپرين.

۲- جھڄن ان جھونگار، راتيان ڏينھان روح ڪي،
نيڻ تنين جا نند ۾، ساھہ تنين جي سار،
دم نہ گھرن ڏار، پريان جي پچار ڪون.

۳- وڻ جي ميوو ڪن، پاڻ نہ ڪائن پانھجو،
نڪر پتر ڇاڙپان، سھسين سي جھلن
سخاوت اسحاق چوي، دل ۾ ھئي درختن،
اھي قريو تا قر ڪن، نيت نيڪيءَ پانھجي (۱).

۴- نڪي ڪتي ڪتئي، نڪا ڪتائي،
سنھو سٽ صراف جو، ويني وچائي،
اھا مر پنيو پائي، اره برابر اڳڙو.

---

(۱) ساڳي طرز تي ٻيا بہ گھڻائي بيت آھن، جي پڻ اسحاق جا چيل ٿا ڏسجن. اھي خواہ مخواہ شاھہ جي رسالي جي ڪن نسخن ۾ ٽنبيا ويا آھن.

www.maktabah.org

۵ـ كي جو كتيائين، ٺلهو ۽ ٺورو،
سنيئن پوي صراف کي، قولهي نہ قورو،
اگهائيندو شاہ عنايت چي، ڏڏي جو ڏورو،
جتي ترندو تورو، تتي ڪاٽياري ڪان ٿئي.

وغيره وغيره

ازانسواءِ ”پينار“ وارو معجزو ۽ هارون جي مدح هن مجموعي ۾ درج ٿيل آهن. افسوس جو نڪي ڪاتب جو نالو ڄاڻايل آهي ۽ نڪي ڪتابت جي تاريخ.

ڪلام جي ترتيب: ۱ـ۷ـ۳ـ۴ـ۲ـ۱۲ـ۱۳ـ۶ـ۱۰ـ۹

۱۳ـ ع نسخو

هي نسخو مون کي برادرم عزيز ميان عبدالله آخوند جي سوٽ مرحوم حافظ ميان علي محمد آخوند هالائي کان مليو هو. نهايت جلي ۽ سهڻن اکرن ۾ لکيل آهي. ورق قديم جرڪيدار اٿس، ۽ منهنجي خيال موجب نسخہ ۱۳ کان پوءِ سيني ۾ اقدم آهي، ۽ من حيث الصحة مڙني کان اڳرو آهي. ليڪن نڪي ڪاتب جو نالو ڄاڻايل آهي ۽ نڪي ڪتابت جي تاريخ. ڪتاب جي اوائل ۾ فارسي ۾ قاضي ۽ چور جو قصو ڏنل آهي ۽ آخر ۾ چند بيت، جن مان خواجہ محمد زمان جا، تہ ڪي شاه لطيف جا ۽ ڪي وري بزرگ گرهوڙي جا آهن:

۱۴ ـ الله بخش وارو نسخو.

هن نسخي جو مالڪ الله بخش نالي آهي. ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جي تاريخ ڄاڻايل ڪانهي. رواجي فلسڪيپ پني تي لکيل آهي. اکر چڱيرا اٿس.

ڪلام جي ترتيب: ۱ـ۵ـ۹ـ۸ـ۴ـ۷ـ۲ـ۳ـ۶ـ۱۱

هي نسخو ۽ حافظ ابوالحسن وارو نسخو ٻئي مون کي پنهنجي قديم پياري پر هاڻ رتل دوست سيد عطا حسين شاه موسوي جي معرفت مليا هوا، جنهن لاءِ آءٌ سندس گهڻو احسان مند آهيان.

مٿين نسخن کان سواءِ هيٺيان ٻہ ڪتاب مون کي عزيزم سيد حسام الدين راشدي (حفظہ الله تعاليٰ) کان مقابلي خاطر ٿوري وقت لاءِ مليا هوا، جن لاءِ مان سندس گهڻو ٿورائتو آهيان. اهي ٻئي موجود ڪتاب جي صحيح ڪرڻ ۾ استعمال ڪيا ويا آهن.

۱ـ مجموعو بنايل ميان حامد صاحب ولد حسن جو، جنهن جي منڍ ۾ ”عثمان انصاري

www.maktabah.org

واري عشقيه" جو سنڌي ترجمو آهي، جو ڪتاب جي جامع پنهنجي مرشد خليفه محمود ڪڙيه واري جي حڪم موجب لکيو. ان جي آخر ۾ ميان عبدالرحيم گرهوڙي جا هيٺيان رسالا ملحق ڪيا ويا آهن:

۱- رساله در حقيقت محمدي
۲- تفسير، تبارک
۳- ترڪي واري سنڌي
۴- تفسير الڪوثر
۵- تفسير بسم الله و سورة الفاتحة
۶- تفسير الڪلمة الطيبة
۷- سنڌي ست فرض.

هي مجموعو مشهور سنڌي عالم حاجي احمد بن حاجي محمد سمي پنهنجي هٿ اکر لکي سن ۱۲۹۲هه ڌاري مطبع حيدري بمبئي ۾ ڇاپايو.

۲- انيس المتقين جو قلمي نسخو. ڪاتب حافظ ولي محمد بوبڪائي ساڪن مدينه منوره، ۱۵ شعبان ۱۲۱۰هه. ڪتاب جي آخر ۾ "ترڪي واري سنڌي" ڏني ويئي آهي.

موجود صحيح شده نسخي جون خصوصيتون

هي نسخو سيئي نسخا ڀيٽي تيار ڪيو ويو آهي. جيڪا پڙهڻي زياده موزون نظر ۾ آئي آهي، سا ئي متن ۾ اختيار ڪئي ويئي آهي، ۽ باقي قرأتون حاشين ۾ ڏنيون ويون آهن. باوجود تدقيق ۽ تحقيق جي ڪي پڙهڻيون اڃا بہ مشتبه آهن، جن تي مناسب جاين تي بحث ڪيو ويندو. پراڻي صورت خطي ڪي قدر مٽائي وئي آهي. مثلا، "جہ" جي بدران "جنه"، "ڪه" جي بدران "ڪنه"، "مٿا" جي بدران "مٿان" وغيره وغيره. جن جن ڪلمن ۾ الف اشباعيءَ جي پٺيان قلمي نسخن ۾ زائد همزو هو، سو ڪيرايو ويو آهي، سواءِ ڪن جاين جي جتي ضروري آهي. بابن جي ترتيب مضمونن جي تسلسل آهر رکي وئي آهي: پهريائين الله تعالي جي تعريف، پوءِ رسول الله (ص) جي نعت ۽ حقيقت محمدي، پوءِ تفسير ڪن سورتن جو، پوءِ فقهي مسئلا، ۽ پوءِ سنڌي بيت ۽ نثر جا ٽڪرا. بيت اصل ۾ سواءِ ڪنهن ربط جي گڏيل سڏيل هوا. انهن ڪي سرن وار ۽ مضمون موافق ترتيب ڏني وئي آهي. ليڪن ممڪن آهي تہ هڪ سر جا بيت ٻئي ۾ اچي ويا هجن. قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي تہ ان باري ۾ پنهنجا رايا مون ڏي موڪلي ڏين تہ آئينده طبع ۾ اصلاح ڪئي وڃي.

www.maktabah.org

انتباه

عام طرح هڪ سنڌي پيشينگوئي شهيد سونهاري ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي. جنهن جا ڪيترائي بند مون خود پنهنجي والد مرحوم ۽ چاچي مرحوم ميان نظام الدين کان ٻڌا هئا. ۽ عموماً، ماڻهن جي وات تي هوندا آهن. ان جي عبارت نهايت ڪچي ۽ ڪريل ۽ بزرگ جي شان وٽان نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس ٻيو ڪلام اعليٰ عليين آهي، تہ هي اسفل سافلين تي آهي. ازانسواءِ سيد احمد شاه گرهوڙ واري هڪ خاص اعلان ڇپرائي انهي نسبت جو انڪار ڪيو آهي. تاهم انهي ڳالهہ جي اعتراف ڪان رهي نٿو سگهجي، تہ انهن مان ڪيترين ئي پيشينگويون بالڪل صحيح نڪتيون آهن. جهڙوڪ: "لنڊن ۾ لنگور ڪي گولا گهاو ڪندا" يا "ڪنگري ۾ ڪوس ٿيندو" جي انهن واقعن کان گهڻو اڳ جون چيل آهن.

اسند راڪات.

١- بزرگ گرهوڙيءَ جي ولادت جو هنڌ

تازو عزيزم ڊاڪٽر بلوچ جي هڪ انگريزي مقالي مان معلوم ٿيو تہ بزرگ گرهوڙي ڪپري تعلقي جي واڙ ڳوٺ ۾ ڄائو هو.

٢- محمد شريف راٽيپوري جومختصر احوال*

ممدوح راٽيپور جي فاروقي بزرگن مان هو. وڏو عالم ۽ ڪامل ۽ ولايت جو صاحب هو. شرعي قضاوت ڪري عام طرح ڪيس قاضي جي لقب سان سڏيندا هئا. سندس حويلي شهر جي پراڻي ٽاٽي وٽ، جتي هينئر سرڪاري اسپتال آهي، اتر اولهہ طرف اٽڪل پنجاه وکن تي هوندي هئي. چوڏاري ڪوٽ بہ هوس، جو زماني گذرڻ ڪري ڀري زبون ٿي ويو هو. ۽ اندريون جايون بہ ڍهي ويون هيون. شهر جي هندن سن ١٩٤٥ع ۾ اها حويلي خريد ڪري، ان جي چوڌاري ڪوٽ ڪٽائي ڇڏيو ۽ تا تہ اها حويلي جي يادگار قائم رهي. اهو نئون ڪوٽ اڃا تائين سلامت آهي. وري بہ آفرين آهي غير مسلمانن کي، جن بزرگ جي ماڳن جو مان ڪيو.

حويلي جي اولهہ ۾ هڪ مسجد آهي، جا بزرگ جي وقت ۾ شايد جامع مسجد هئي.

---

* محمد شريف راٽيپوري، جو جزوي احوال مون کي جناب علامه محمد صادق صاحب راٽيپوري، ۽ عزيزم پروفيسر علي نواز جتوئي کان معلوم ٿيو. جنهن لاءِ مان سندن از حد احسان مند آهيان. ٻنهي جو موڪليل احوال لڳ ڀڳ ساڳيو آهي.

www.maktabah.org

مسجد جي اڳيان ڀڪو کوهہ ۽ ڏکڻ ۾ مختصر قبرستان آهي، جنهن ۾ بزرگن جي قبر بہ واقع آهي:

بعد از وفات تربت مادر زمي مجو
سينه هاي مردم عارف مزار ماست

سندس ولادت ۽ وفات جي تاريخن جي خبر ناهي. هن وقت بزرگ جو ڪوبہ پونير راڻي پور ۾ موجود ڪونهي، مگر سندس خاندان مان وڏا علماءِ ۽ قاضي ٿي گذريا آهن (١).

بزرگ جي هڪ ڪرامت بالڪل مشهور آهي. چون ٿا تہ جڏهن سندس مسجد تعمير ٿي رهي هئي، تڏهن واڍي ۽ ٻين ڪاريگرن ۽ ڪمين ڪيس اچي ٻڌايو تہ مسجد جي ٿنين مان هڪ ٿنڀ جي ڪاٺي ڏيگهہ ۾ گرانٽ کن گهٽ ٿي پئي آهي، سو ڇا ڪجي. بزرگ کين چيو تہ فڪر ناهي، اُها ڪاٺي هلي ڏيڪاريو. ڪاريگر هلي اها ڪاٺي ڏيڪاري، جنهن تي بزرگ پنهنجو ساڄو هٿ ڦيرائي هي دعا گهري: ”يا رب، تون سائي ڪاٺي کي وڌائي سگهين ٿو، ڇا سڪي ڪاٺي کي وڌائي نٿو سگهين؟ يا الله، ڪيس پنهنجي قدرت سان ڏکو ڪر! بيشڪ تون سڀ ڪنهين شي تي قادر آهين“ الله تعالي جي قدرت سان اها ڪاٺي وڌي پئي، ۽ جان واڍو ماپ ڪري ڏسي تہ گهربل انداز کان بہ ڪي قدر زياده هئي. هينئر اهو ٿنڀو ڪريو پيو آهي. تيئڙ تپ جا مريض واري جي ڏينهن انهي ٿنڀ کي وڃي ڀاڪر پائيندا آهن تہ تپ ٽري ويندو اٿن (٢).

بهرحال بزرگ جي سنڌيءَ مان پڌرو آهي تہ هو هڪ قادر الڪلام ۽ مجتهد شخص هو، ۽ خود مطلبي ۽ نفس پرست ملن جي خوب لاڪ لاٿي اٿس.

تم التمهيد والحمد لله علي ذلک

---

(١) مولانا محمد صادق صاحب خبر ڏني تہ درازن جي ڳوٺ ۾ بزرگ جي قبيلي مان هڪ نوجوان عبدالمجيد فاروقي نالي خيرپور جي خزانہ آفيس ۾ ڪلارڪ آهي، جنهن وٽ نسب جو شجرو موجود آهي. ان سان اڃا معرفت نہ ٿي سگهي آهي.

(٢) مولانا محمد صادق صاحب کي انهيءَ ڳالهہ جو ذاتي تجربو آهي. فرمائي ٿو تہ مون کي تيئڙ تپ ڇڏيندو ئي ڪين هو. آخر سيد محمد صالح شاهہ راڻيپوريءَ جي صلاح سان ٽي ڏينهن متواتر انهيءَ ٿنڀ کي وڃي چهٽيس، ۽ خدا تعاليٰ انهيءَ جي برڪت سان مون کي ڇوٽڪارو ڏنو.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

کلام گرهوڙي

(متن)

www.maktabah.org

تتمہ حج مکے

(بقیہ)

www.maktabah.org

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

حقيقت محمديءَ جي بيان ۾(١)

اسمَ سائُ آللهَ جي، سَيَئِي(٢) توکَ ڏِيا،
جو خالق مخلوقن جو، رَهبَرُ رَحيما.
صَلاتُون سَرورَ اُتي، جو جَوهَرُ جَهانا.
آلُ آحمَدَ ٻيہَڙِيُون، يارَسِ ڏِيهَ ڏِيا.
ڪِٿي عاشق(٣) کوڏيا، سالکَ سَچارا.
جي سَدا شَوقَ شفيع جي، پَچَنِ پروانا؟
وَڏا طالِعَ تن جا، جي سِکَنِ سَيّدَ لاءِ،
آلمَرءُ مَعَ مَن أَحَبّ، ايڏي رازِ رَسيا.

---

(١) هي عنوان جدا جدا نسخن ۾ جدا جدا نموني ۾ ڏنل آهي - ا: سنڌي مداح، ڄ : سنڌي معراج واري، ق : ساراه رسول الله، نواب : دربيان صفت آنحضرت صلعم. بمبئي واري مجموعي ۾ حاجي احمد سمي هن ڪلمي جو عنوان هن طرح ڏنو آهي: هي ڪتاب زبدة العاشقين و قدوة الواصلين پيشواء عارفين راهنماء سالڪين يگانه موحدين مولانا الشيخ عبدالرحيم گرهڙي رحمه الله عليه جي تصنيفاتن منجهان جو مشهور خاص عام آه (٢) ڄ ر : سيئي (٣) ڄ : عشق

www.maktabah.org

پر سِڪَڻُ سُڄاڻَنِ ري، مَحض مُحَالِي آهِ،

ڪونَ سُڄاڻي ڪَڏهِم(١)، هوتُ(٢)هِيين ڏاران.

وَڪَيفَ يُدرِڪُ فِي الدّنيَا حَقِيقَتَه

قَومٌ نِيامٌ تَسَلّوا عَنهُ بالحُلُم - آهي(٣) اِشارتا.

سِڀِي ڪنءَ(٤) پِسَنِ سُپرين، جَنِين قَلبَ سُتا؟

سُتِّي صُورَتَ ظاهِرِي، آيُن آراما.

اِيُ سَڀُ سُنهڻو سَڄَڻِين، پاڻ پَراهُم(٥) آهِ.

دارُ دُنيا جو ڄڏي، لَنگهُه لِقَاپُر ڏانهَ،

جِتِي جَلوي شاهَ جي، سِجَ چَندَ سِجهايا(٦).

اِذَا الشَّمسُ ڪُوّرَت، اَجُهِم(٧) وَڄُ اوڏانه(٨).

اَنَا وَالسّاعَةُ ڪَهَاتَين اُلسَّبَابَةِ وَاُلوُسطَيٰ نِرتِي - ڪَرِنگاهَ.

---

(١) اڄ ح ق ن ڪڏهين (٢) اب : ڪو هوت (٣) جھ: ات آهي (۴) اب ح ڏق ل : ڪي يا ڪيءِ يا ڪينءِ (۵) اب ڄ ح جھ ڏ ق ن : پراهون (٦) ابو الحسن سجهايا، ٻيا سڀ نسخا : سجايا، سمه حاشيه : سجايا: اي راست ڪردو صفا ڪرد. (٨) ا : اڄئي، ب : اجھ، جھ ح ڏ ر ف : اجهين (٧) ڪي نسخا : ايڏانه.

اَنتُم وَالسّاعَةُ فِي قَرنِ : اُتو عَلي شاه.

اَلمُؤمِنُ مِراَةُ اُلمُؤ مِنِ: رَمزَ(١) پُڄي رَمُ راهَ.

ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جهي، حياتِي حَيفَا.

الدّنيَا سِجنُ اُلمُؤمِنِ: اُهجُ ايمانا.

هَڏَ نہ اچي هِن ڏيهَ ۾، عاشقَ آراما.

اَحمَدُ دُنيا دارَ ۾، مُور ان تان نہ مِياءِ(٢).

تہيلانه دوزخُ مومنہين، دُنيا جو دارَا.

کُن فِي الدّنيَا کَاَنَّکَ غَرِيب اَوعَابِرُ سَبِيل، پرين

پَراهون آهِ.

جيکڏهم(٣) دُنيا دَارَ ۾، پِرِين ٿيا پڌرا،

تہ هُوندَ نہ رهيو کڏهِين کافِرُ، منجهہ کُفرا(۴).

يَنظُرُونَ اَليکَ وَهُم لاَيُبصِرُونَ: هوتَ نہ هِتِ هُوَا:

لالنُ لِقَا پُرِنہ رَهہي، پَڌَرِ پاچويا:

---

(١) س : اي رمز (٢) ڏ: ميان (٣) اجهہ س ق ل : جيکڏهين ، ب: جيکڏه، س حاشيه: جيکر دنيا دار ۾ پرين هوا پڌرا (۴) س : کو کافر ۾ کفرا.

www.maktabah.org

اُهي ڏِسن اُنِ کي، جهي اُنَ ڏِيهِ وِيا.

ٻِيا سڀ سٽِين(١) ڳالهيُون، ڪهي(٢) پَسَنِ پاڇويا.

ڳُڙُ نہ سُجاڀي ڳالهِيين، جان جان ڳُڙُ نہ کاءِ.

جان(٣) تو سِڪَّ شفيعَ جِي تان(٤) لاڳاپا سڀ لاهِ.

دنُيا دارُ نہ دوسَ(٥) جو، نِکرُ تِنه نِجهرا(٦)،

مُلکُ(٧) پسِين محبوبَ جو، جِت عَيشَ نہ عَيشَ جِهَا:

سدا سارَنگُ تو وَسهي، نَکو وَڻُ(٨) کُوماءِ(٩)،

مَرَضُ مُوران(١٠) ناهِ کو، قحطَ جاءِ نَہ کَا،

مُوتُ مُحالِي تُنهنجو(١١) وائِي ويرِيَ ناهِ،

علمُ عَطائِي اُتهِم(١٢)، ڪِينهن(١٣) شَکَّ شبُهَا،

ڏکُ نہ تِيهي اُنَ ڏِيهَ ۾ سِيئي، سَرَها،

---

(١) جهہ سٽن، ر: سٽي (٢) ع س : ڪ (٣) س: جي (۴) س: تہ (۵) س: دوست (٦) ع: نجهرا، ٻيا سڀ : نجريا يا نجرياء يا نجهرياء (٧) س : تہ ملڪ (٨) ع : ڦل (٩) ب : ڪنماء، ح: ڪونماء، (١٠) ل : مور ائين، ڏن: مور اهين، (١١) جهہ، اتهين (١٢) اب جهہ ح س ن : اتهين (١٣) جهہ: ڪونهي، س ح : ريهين، ع ق ل ن : ڪينه

www.maktabah.org

سِجَ رِي سَهائو تيي، ڪَپَهَ رِيَ(١) ڪَپڙا،

سَيُڪين مُيَسَّرُ سَبَ ڪَنهين(٢) وِيلِي(٣) واٽَ نہ ڪا.

وِجُهلَ(٤) اُنَ وَطنَ جي، مُنکي ماريو ماءُ!

آئِي پَهرَ اُداسَ ۾، ڳِري ماهُ مَتانءِ.

سِجَهَيس سڪ سانِيهَ جي، وِيتر پاڙيچا.

اَمِن تَذَكُّرِ جِيرانَ بِذِي سَلَمِ: حالُ مُنهنجو ماءُ.

جنين قُربُ ڪَندِن سين(٥)، مَحَرُ ماٽِ لاءِ،

پَلُرَ پِياڪُو سُپرين، سانگِي سَلَمَ جا،

جِهجان جهورِيَ تن(٦) جي، ڳَلن سِرِ ڳوڙها.

وِرِي پاڙِي پِريان(٧)، ڪِنه پَرِ مِڙان(٨) ماءُ.

ساريو سُپِرين کي، ڦاٽان فِراقا.

مَولا مِيڙِ غريبَ کي، مِنو محبوبا،

---

(١) س: ڪپاه ري (٢) س: اتهين (٣) سيئي نسخا: ويله (٤) رع ل: وجل ، ب و ن : ونجهل، ح : ونجل، ا: وجهل (٥) ڏ: سان (٦) ڏس: جن (٧) ب س : پرين جي، ڏ: پاڙي پرين، رسول جي(٨) ڏ : ملان

www.maktabah.org

وَصفَ جِنهِ وَرنَهَ جهِي، مَتو مُورِ نہ آهِ:

سَسُئِي، سُنهِٽِي مُون پِرِين، مارُئِي محبوبا،

پاڙِي مُون پِرِيَنِ جي، مَجنُون مشتاقا،

ڪهڙي مَدح ڪَونَرَ جِي، جو سَيِني سِينگارا(١)،

مَدحَ ۾ محبوبَ جي، هاتڪ حَيرانا.

اَللهُمَّ صَلِ عَلَي مَن ذاتُه جَوهَرٌ وَالعَالَمُ كُلّه عَرَض:

اَحمَدَ اُهيجاڻا.

حقيقتَ حبيبَ جِي، عجب جِهڙي آهِ:

جَامِعُ لَيلَ نَهارَ(٢) کهِي، شَفقَ جِيَ سَاجاءِ،

اَعيِي اُلوَرَي فَهمُ مَعنَاهُ فَلَيسَ يُرَي

لِلقُربِ وَاُلبُعدِ مِنهُ غَيرُ مُنفَحِم - پِريان پارِ(٣) اِهَا.

فَرعُ فَاهِمُ نہ تِيہِي، اَصلَ کي آصلاَ،

عَقلُ اوراهَون رهِي، اَحمَدُ عَاليَ جاءِ(۴)

حَدّ حُسنَ جِي ناهِ ڪا، قُريشَي ڪمالا،

---

(١) س: سردارا (٢) ب : الليل النهار، ق : ليل النهار (٣) جھ : پر، س : پاڙ (۴) جھ ل : عاليجاه

www.maktabah.org

جِهڙو(١) صُورَتَ سَفَرو، تَهڙو منجهہ مَعنيٰ.

مُنَزَہٌ عَن شَرِيک فِي مَحَاسِنِہِ

فَجَوهَرُ الحُسنِ مِنهُ غَيرُ مُنقَسِم، عَرَبِيَ اُهيائا.

اَصلُ سَيَنِي مَاهِيَتَين محبوبا.

آگو چؤ مَ اُنَ کي نَکين(٢) مخلوقا.

مَلَکَ ماگِ نہ هوت جي، پَرِيُون(٣) پينارا.

اِي سَبِ پَردا پِريان، اُوءِ کِ اور ٿيا.

مُوران ناهِ مُلک ۾، کو سَيّدَ شَرِيکا.

پَدَرو پَدَمَن ۾ ٿِيِي(۴)، عددُ مُورِ نہ آہ.

حُسنُ جَوهَرُ هيکَڙو، کَثرَتَ(۵) جاءِ نہ کا،

ناهِ جَجهائِي جوتِ ۾، توڙي(٦) ڏهہ لک ٻرن(٧) ڏِيا.

حسنُ حقيقتَ هيکڙِي، بيحد بُرُوزا(٨).

---

(١) هي جهہ ۽ ڏ جي پڙهڻي آهي، ٻين سيني ۾ "تهڙو" آهي (٢) س: نہ مثل (٣) هہ ڏ س : پري (۴) س: ٿي پدمن ۾ (۵) س: کثر (٦) ا هہ : توڻي (٧) اب ڏ س ق ل ن : ٿين (٨) س : بروجا

www.maktabah.org

سَروَرُ آخِرُ صُورَتَ ۾(١) مُهَڙُ منجهہ مَعنَي.

اَصلُ عَاَلَمَ(٢) مُون پِرين، عِلّتَ اِيجَادا.

آدَمَ وَلَدُہ اُنَ جو، توڙِي وَالِدُ آہِ.

وَالِدُ آهِي وِٹ جِنءِ(٣)، ميوو مَولُودا.

اَوّلُ الفِكرِ آخِرُ العَمَلِ، پِريان پَارِ اِها(۴)

پاڙهين سُونهِي مُون پِرِين، پِيَا سَبِ اُن سَبَبا.

نِرمَلُ نُورِي پاڙهِين، پِيَنِ نُورَ اُتان.

صَلاتُون سرورَ اُتِي، عالَمَ تِي اُنَ كَان.

لالَنَ سَندِيَ لِكَڙِي(۵)، رَحمَتَ رَنگَ كَيا.

حُسنَ ذَارانِ هوتَ جِي، جَلوو جَنّتَ ناہ.

حُسنُ حُورُنِ كي سَرِيو، سَيّدَ صُحبتَ كان.

سَچِي سُونہَ شَفِيعَ جِي پِيَنَ هوتَ هَتَان.

---

(١) ب : جو ، س : صورتآ (٢) س: سين (٣) س : جو (۴) س : پار تها (۵) ا : لاكڙي، ح: لک سين، ڃ : لک ڙيءَ، ڏ: لكڙيءُ ب س : لک ريءُ.

www.maktabah.org

وَمَا اَرسَلناكَ الاَّ رَحمَة لِلعَالَمِين، اَحمَدَ رِي اوُنداهِ(١)

آڳي وَڏيو اُنَ سِين، اُهوئِي (٢) محبوبا.

ٻاجهہ نہ پوءِ ٻِيَن تي، مَولِي ڪِي مُوران.

مگر مُحَمَّدَ(ص) ڇامَ ڪان، ڪِين حُسنُ هَٿ ڪَندا.

پاڙِي رَهِي پِرِينءَ(٣) جِهِي مَحبَتَ ماڻيندا.

تَڏهِ تُسِي تَنِ تي، سَيِّدَ جِهِي سَبَبا.

وَمَا ڪَانَ اللهُ لِيُعَذِّبَهُم وَأَنتَ فِيهِم، پِرتان(۴) پِرِينءَ سَندا.

وَڏا طالعَ تن جا، جن ۾ ساجَنَ(۵) ساءُ.

سَيِّد سَلُوٽا سَبِ ڪِيَا، مَلاحَتَ مَنجهان.

جِتِ اَثَرُ حقيقتَ هوتَ جو(٦) نِشَانِي نُورا،

اُتي عِيدَ مُدامَ جِي، جُڪِي جاءِ نہ ڪَا.

لَهُمُ اَلبُشرَي في اَلحَيواةِ اَلدّنيَا: ايڏي مانَ مِڙيا.

---

(١) ب : انداها (٢) ا : اوهوئي : ب ڄ جهہ ع : اوهي، س : اوهئي (٣) ب : پرين (۴) ع : پَرَتا، ٻين سيني نسخن ۾: پِرتا (۵) ڄ : ساجن جو (٦) ا ذ ف ل ن : جي، ب: جت اثر پريان پير جو.

بُشرَيٰ مِڙيا(١) بودِلا، گُوندَرَ سَڀِ گَيَا.

پيهِرَ سَندَانِ پَٽَ تهِي، آيَنِ اوتارا.

حقيقت حبيبَ جِي، پَسندِي(٢) پُرَ تيا.

ڏيهُ لَنگهيائُون(٣) ڏُکَ جو، سُکَ سَرِ سُنهاٽا(۴).

بابُو بُوءِ بَشِيرَ جِي، سُنگهندي(۵) سونُ ٿِيا.

لوکُ چڏيائون لوهَ جو، ٿِيا پَارِس پاڙيچا(٦).

مَاهِيَّتَ مُحمدَ شاه جِي، اِهڙي عجيبا

صُلحِي سَائُسِ سُکَ ٿِيا(٧)، هَرِ هَرِ ٻِيَنِ لاءِ.

فَاتّبعُوني بُحببكُمُ اُللهُ: جهِيَ گَڏِيا سهِي آڏِيا.

وَكُلٌ آي أتي اُلرّسُلُ الكرامُ بِهَا،

فَانَّمَا اُتّصَلَت مِن نُورِهٖ بِهِم: سُٽِي كَرِ صَحيَا.

مَلَكَنِ آدمُ مَجِيو، سَيِّدَ جي سَبَبَا،

---

(١) اجهہ : مليا (٢) ب ع : پسندهم، س ح : پسنده (٣) ل : لنگهايائون (۴) ڏر : ساکاٽا، س : سکانا (۵) ع : سکندي، ب : سکنده (٦) جهہ : پارس پاس پڳا (٧) جهس : صلح ساٿن سنگ ٿيا

www.maktabah.org

بيڙي طُوفَانَا نِڪَئِي، نِرملَ جي نَظَرا،

اَحمَدَ اِبراهيمَ جا(١) آڙَهَ اُجَهايا،

بَحرَ موسيٰ مَڃيو، ساڄَنَ جي ساڃاءِ،

مَٿي دَرَ دوستن جي، دَرسَنُ داؤدا،

شَوڪَتَ سُليمانَ کي(٢)، نُورِيَ جي نَظرا(٣)،

قُدرَتَ قربن جي، ڦيرِيو فِرعونَا.

مِلڪَ سَبِ محبوبَ(۴) جِي، پَسِي(۵) پاڻَ سَنديِاءِ،

گهَرَ ڏَجَاٽِي(٦) گهورَ ڏِي، ٿَمِي(٧) ٿاندي لاءِ.

حُسنَ منجهه حبيبَ جي، ٿيو مَحوُ منصُورا،

ڏُوئِي ڇڏيو دوست(٨) سِين، وارِي صُلحَ واءُ،

گهَرُ تَڙُ گهورِي جِندڙو، صدقو ڪري ساهُ،

دعوي ڇڏي دوسَ(٨) سِين، نَمِي نيازا،

---

(١) اب چ جهه ح ڏ س ع ل : ۾، ر : سان، ق ن : جا (٢) ب : جي (٣) جهه ۽ س حاشيه: فائق جي فيضا (۴) ا چ ح ڏ س ع ل ن : محبوبن (۵) جهه : جي پسين (٦) جهه : ڏياٽي (٧) جهه : ٿوبي (٨) جهه س : دوست

ٿورا مڃي سڄڻين، نہ ڄڻ فِرعونا،

آءُ ڇڄي آهيان ڪينَ ڪين، هِيُ سڀُ حَبيبا.

تماچِي جو تابُ پِيو، ناتَ مِيءَ ڪي مانَ ڪِئان؟

لَئِن شَڪَر تُم لأزِيدَنّڪُم: پاڻُ مَ پَسهي ڪا،

شُڪرُ وَڻِي سَڄڻين، شِرڪَتَ شيطانا.

مِلڪَ سڀَ محبوبَ جِي، تُنهنجو تِرُ نہ آهِ،

آبَ، پُون، ڪُرسِي، عَرشُ ٿِيو(١)، مَلڪ مُحتاجا،

وَلَهُ الحمدُ فِي السَّمَاوَاتِ وَالَاَرضِ: لالَنَ حمدَ لِواءُ.

پَيونَدَ ذاران پِرينءَ جڳي، مِڙَئِي مَردوُدا.

مَجُٺَ(٢) محمّد ڄامَ(ص) جڳي، عالَمَ(٣) اُجَارِيا.

پَلءِ لَڳِي(٤) پِرينءَ جڳي، آڳلاَ سڀِ(٥) آگهِيا،

صُحبَتَ سُپرينَ جڳي، ڪُلِّي عَيبَ ڪَٽِيا.

---

(١) ب ر س : ٿئا (٢) س : مجيت، مجيئت اچڻ (٣) س : پئي عالم (۴) س : لڳندي (۵) س: پڻ

اَلحَمدُ(١) يَملأُ(٢) مَابَينَ اَلسَّمَاءِ وَالاَرضِ، صُحبَتَ اِهڙو

ساءُ.

ڏرو زُليَخَا(٣) سَرِيو، سَيِّدَ سُونَه مَنجهان،

مِهتَر يُوسُفَ مَگِيو، حُسنُ حبيبن کان(٤)،

سِجُ، چَندُ، تَارا، ڪَتيُون، پِريَنِ پَينارا.

بِهِشتُ باغُ بَشِيرَ جو، لاڳاپي لُطفا،

مَظهَرُ نَازُ نَذِيرَ جو، ڪَرشَمُ قَهرَ سَندِيَاءِ.

لُطفُ لالنَ هٿ ۾، غَضَبُ بِہ(٥) غُلاَمَا.

لُطفُ لَهرين اڳرو، ڪَنڌِي قَهرَ نَہ ڪا.

جيري پاڙِي پِنِيو، حُسنُ هوتَ هَٿَان.

جيڪين جَنِ مَگِيو، اُوهو اُنِ عَطَا:

ڪي قَتلَ جا ڪوڏِيا، ڪي عاشِقَ اِيمانَا،

مُوجِب سُڪا(٦) سَائلين، بخشي بَشِيرا.

---

(١) اجهہ ڏرس : الحمدلله (٢) س : مجيت، مجيئت ـ اچڻ (٣) س: زليخا کي (٤) س : حسن هوت هٿان (٥) س : پڻ (٦) ر : سِڪَ (يعني سڪ)، ب ج : سُڪا، ق : سُڪان

www.maktabah.org

مَڪّو، مَدينو مُشڪَ سِين، پِرينءَ پُرڪيا.

ڪَافِرَ دوزَخَ ڪوڏِيا، اَحمَدَ (صہ) اُتِ مُڪَا.

سَيَتِ سِڪَنِ پِرينءَ ڪي، مِڙَئِي مَخلوقا(۱)

پَرَ ساجاءِ وارا سڪَ ۾، واءِ ٻِيَنِ ڪي واءِ!

اَهلُ اُلمَعرُوفِ فِي الدّنيَا هُمِ اَهلُ اُلمَعرُوفِ فِي اُلاخِرَةِ،

ساڄَهِ(۲) مڱ سدا.

مَارُو(۳) پاڙِيَ پيچَرِي(۴) پُڄَن لالنَ لاءِ.

ڪَڪَرَ منجھہ قريبَ ڪي، سِڪَنِ سَنگھارا.

ساڄَنَ سَنديَ سُونہَ ڪان، سُرڪِي(۵) سَمونڊا.

اَمُلَ ماڻڪَ اَگھِيَا، سُپيرِيان جهِي ساءِ.

ڳُلَ ڦُلَ مَجرَ موريا، دِلاسِي دوُسا.

خوشبوءِ ڪَتورِيَ ۾، وَرنَہَ وِصالا.

پُنھُونءَ راڙي پِنيو، جانِبَ جوتِ منجھان.

مُومَلَ ٻَسِي ماتُ تِي، حَبِيبي حُسنا.

---

(۱) هي سٽ الله بخش واري نسخي ۾ ناهي (۲) ڏجي پڙهٽي، ٻين سيني نسخن ۾: ساڄاءِ (۳) ق ن : ماڻهون، ب ج جهس : ماڙو، ج : مڙهو (۴) جھہ س : پيچرا (۵) ج : سرڪهي

www.maktabah.org

بَرقُنِ(١) مِيرَ بَشِيرَ جي(٢) ايڏا اوجَ ڪِيا.

پاڻَ پِريان(٣) ڪِي جَنِ ڏنو، تَنِ وائِي واتِ نَہ ڪَا.

وَڏِي هِنيَڙِي(۴) هَٽَڙا(۵)، ويٺا ويچارا،

جِيَرائِي جَهانَ ڪان، لاهُوتِي(٦) لَڏِيا.

خَالِصَ خِيَانَتُنِ(٧) ڪان، هوتن هَٿِ ڪِيا.

ڱُجهَہ اندَرَ جُون(٨) ڱالِهيون، نازُڪَ نِياپا،

اُنِ سِيڻَ اوري مُون پرين، اَت(٩) نہ ڏي عَاما.

وَاَلّذِينَ اُوتُوا اُلعلِمَ(١٠): ايڏو اُنِ ڪَرمَا.

فِڪرَ قولھ مَ ڱالهَڙِي، ڪُجھَ جاءِ نَہ ڪَا:

مَٿو هِنَ مِهرَاڻَ جو، لَڏو نَہ لوڪا،

ڪَڪَنِ مَٿان ماڪَڙِي، چِٽِيندِي چُرِيا.

سُتِي پاڻِيَ صاف جِي، ڪَنِہ ڪي ڪوڙِ مَنجهان.

---

(١) هي پڙهڻي حافظ ابو الحسن واري نسخي جي آهي، ٻيا سڀ : برقن، جدا جدا زيرن زبرن سان. جھہ: برقن ميڙ بشير ڪي، برڪت مير بشير جنھ (٢) ڏ:جي، رح ل ن : جھ، ب س : جنھ (٣) س : پري (۴) ڏ : هيين (۵) ا :وڏي هٽن سين هينڙا (٦) س : سي لاهوتي (٧) جھہ ر : خيانت (٨) ڏ : ڱجھاندر جيون (٩) جھہ : اونت (١٠) ب ج جھ ڏ س س م "درجات" جو لفظ واڌو آهي.

www.maktabah.org

عِلمَ لَوحَ قَلَمَ جا، دُنيا آخِرتَا،

سُرڪِي هِنَ سَمُوندَ جِي، پَدَرِ(١) پيئِي آهِ.

آزَلَ ابدَ جي وِچَ ۾، دَريَا دَورَ ڪِيَا.

مَتو مُوران نہ(٢) آڇي(٣) عِشقَ آراما.

پِرتِ پُورِي نہ ٿِيي، نُورَ نِهَايَتَ ناهِ.

متو مُحَمّدَ(صہ) نَہ لَيي، سَيِّدُ سَمُوندا.

لاَلَنُ لِبَاسَنِ ۾ جَانِبُ ڏي جَلوا،

ڪُلَّ يَومٍ هُوَ فِي شَانٍ: اِتِ آهي اِشارتَا.

ڪِنهِ پَرِ پاسي نہ ٿِيي، پِرِين پَرورَ ڪان.

وَرَفَعنَا لَڪَ ذِڪرَڪ: هَر دَمُ هيڪاندا.

جِتي نالو هيڪَڙو، اُتي بيو پڻُ آهِ.

سُرتِ سَمجِهجِ ڳالهڙِي، متان ڀُلِن پورا.

ڏورِجِ سُونهَ شفيع جِي، ڇَوڏِس ڇوڏارا:

---

(١) ب ح س ع ق ل : پڌي (٢) ن : نا (٣) جھ : ليي

www.maktabah.org

اندرِ ٻاهرِ آحمَدِي، نُورِي نِظَارا.

نُوڙِ نِهارِجِ سُپِرين، ڏورِجِ ڏِنيَ(١) ڏانه َ.

بَرَ ۾ جاءِ بَشِيرَ جِي، آپَ، پُون(٢) اوطاقا(٣).

صُحبتَ سُپِيرِيَنِ جِي، ڪَڪَ پَنَ ڪَڪورِيا.

عَيشَ عِيدُون لَذّتُون، باغَنِ بَهارا.

آثَرُ پِريان جِي پِيرَ جو، لَاڪِيٽو(۴) لالاءِ.

ڪُلّ جَدِيد لَذِيذُ(۵) تَڙ تَڙ تازو ساءُ.

آگا مِيرِ عَبدَ(٦) ڪِي، مِٺو(٧) محبوبا.

اَندرُ آئِي عَينَ ڪِي، اوري(٨) نہ آراما.

لوڪُ لَهرِين سِيڪُڙو، مُون پِرتِ پاڻِيَ(٩) ڏانه.

مان ساڪِنُ تِيان سِيرَ جو، ماڻيان باغُ بَقاءَ.

لَهرِيُون آچَڙَ(١٠) وَڃِيُون، سَمُنڊُ سَدَائِين آهِ.

---

(١) ڄ ل : ڏاني، ڏٽي (٢) جهہ : پڻ (٣) س : اوتارا (۴) هي، لفظ ح ۽ ڏ جي پڙهٽي آهي، ٻيا سڀ : لاڪيٽي، س : لاڪيٽون (۵) س : لذت (٦) ڏس : عبدالرحيم (٧) س : سو مٺو (٨) جهہ س ر: اور (٩) س : پريان (١٠) س : اڇٽيون.

www.maktabah.org

اَلعِلمُ بَحرُ وَعِلمُ اُلعِلمِ امواَج، وِجُهلاَن(١) وَحدَت

لاءِ.

وَحدَتَ سَندي وِيرَ(٢) ۾ اَحمَدَ (ﷺ) اوطاقا(٣).

ٻَروَرَ! پِرين ميڙِ مُون(۴)، وِچان وچُ وِڃاءِ.

ٺيَرَ نِماڻِيَ پيرَ ۾، بيحَدِ بَندَ ٿِيا.

ڪو وارِيِين واءُ فَضلَ جو، جِنءَ(۵) پَسان پاڙيچا.

قَلبُ ڪَثرَتَ قَيدَ ۾ سِڪِي سَاٺيها.

جِتِ اَحمَدَ(٦) حَامِدُ سو ٿيو، سوئي مَحمُودَا.

سوئِي ساءُ قَهرَ ۾، جِهَڙو(٧) لُطفَ لاءِ.

وِهُ لَيلا جو مَجنِي، مِتو ماکِيَ ساءِ.

سو اُنداهِيَ، سو سوجِهرو(٨)، سو پُنهُون، سو

ڪيچَا.

سِوئي ساءُ آڪَنِ ۾، سوئِي ڪمَاندا.

سَسُئِي سَبزو(٩) نَہ پُڇي(١٠) جِنه ڇَني(١١) ٿيو ڇَپَرا.

---

(١) جهہ : ونجلان (٢) ٻ : ويڙ (٣) س : اوتارا (۴) س : ميڙيين (۵) س : تہ (٦) س : حمد (٧) س : جهو (٨) س: سو اونداهو سوجهرو (٩) س ع: سمرو (١٠) ٻ : پڇئو (١١) س : ڇنون

www.maktabah.org

سوئي صِحّتَ سُکارُ تيو، سو ڏکُ ڏکَارا(١).

رُسَڻُ پِريان راحَتُون(٢) گارِيُون گُلَنِ ساءِ.

وَڻُ نَہ کُومائِي کَڏهِہ(٣)، مُکرِي(۴) مُداما.

سَدا قَلبُ کَکورِيو، مَحَبّتَ ملارا.

سَرَوُ(۵)، سِيارو، واهُندو، ساوَڻُ، آڙهاڙا.

مِينَه مُدامي ميٺَ سين، کَکَرَنِ قَرارا.

ڏک مِٺَا اُنَ ڏيہَ جا، سَهسِين سُکَنِئَا.

لَنگهڻُ گهارَڻُ گهر ۾، کوءِ پُلاهَ(٦) پَرَڏيها.

اَچِي جان اُنَ ڏيہَ جِي، هِنيَڙي کِي هِيرا،

کَتُورِي تاتارَ جي، تنِہِ جو تُلَّ نَہ ساءُ.

ووءِ ووءِ اُنَ وطنَ جو،(٧) مُون(٨) ۾(٩) ماتاما(١٠).

سُکَ سَارِيو سُورَ چَران، کِنه دَرِ ڏيان دانهَ (١١).

---

(١) س: سوئي ساءُ اکن ۾، سوئي کماندا (٢) س :رسن پريان کان رحمتون (٣) اجهہ ح ڏ س ن : ، کڏهين، ب : کنماءِ کڏه، ڏس : کوماءِ (۴) ب س ق : مکريون (۵) س : سرور (٦) اب ڏ ر ع : پلا، جهہ : پلاءِ، ن: پولاه (٧) جهہ : جي (٨) ب ڏ : من (٩) س : منجهه (١٠) جهہ : مون کي ماريو ماءِ (١١) ب ڃ ڏ س ر ل ن : دانه ڏيان.

www.maktabah.org

لِکيو لوڙيان جيڏيون، ڳاڙيان ڳَلَ ڳوڙها.

ٿورا ٿاريــلَن جا، سارِيو مَرَان ماءُ.

کِ پاڙيـچَنِ پارَ کَٽان(١) ڪِ سُرَهِي ساَٿيـها.

لَهُمۡ مَايَشاعُونَ فِيهَا وَ لَدَينَا مَزِيدٌ : اُهِجَ اُنَ ڏِيها.

اخوانَـًا عَلَي سُرُرٍ مُتَقَابِلِينَ : پاڙيچَنِ(٢) پارا.

بَارِي ! بند پَرِي ڪَرِيـن(٣)، وِچوڙِيا ميڙاءِ.

قادِرَ ! ڪوٺُ ڦِٽائيـن، عُمَرَ جو آگا !

تہ پَسان پاڙيـچن کي، جَنِ سِينِ سِبِيو ساهُ.

آندَرُ آٽِي (۴) اُجَ مَري، ڦاٽِي فِراقَا.

جيڪين موکَلِ موتَ کي، جيڪ مُحِبَّ مِلاءِ.

آکُٿَ خزَانَا تو(۵) ڏَٿي، سُڻُ مُون سُؤالا.

جِهجان جهورِيَ جن جي، سيئِي دوس ڊِکاءِ

کَنَدي ناهِ کَرَمَ جِي، خَالِقَ مُون مَگِّجاءِ(٦).

---

(١) ع : کنان ـ ڳنهان، س : پار کهٽان (٢) جهہ : پاڙيچي (٣) ج جهہ ڏ ر س : کري ، ع ق: کرين (۴) س : آئيو (۵) ب : تو هٿ (٦) ب ح ڏ : م کجاءِ ، ج ر ع ل : مکجاءِ، ق : منگجا : ن مگّ جاء.

www.maktabah.org

ڪِينَ مڱان تو مُورِهِمَ(١) مـِيڙائـِـي داران.

ڪِ هِيَهِمَ(٢) مَرَندُسِ(٣) حُبَّ ۾، پُڇَندَمَ پساها،

ڪِ مِلَندُسِ(٤) محبوبن ڪي، سُرَهـِي ساٿـِـيها؟

فِڪرَ ڦورِي هَٿَ ۾، هِنيَڙو حَيرَانَا.

تَندُ تُوڪُّلَ جـِـي لهَان، تہ ڪَرَ(٥) مُون لڪَّ لَڌا.

سَـٻَـرَ(٦) ساڻُ سَلاَمَ رِي، مُوران ماڙِ نَہ ڪا.

آڳو راضي اِنءَ ٿِيـِـي، جِنءَ تُون(٧) سَاڻ رِضا.

ڪوهُ(٨) ڪريان، ڪيڏانہ(٩) وڃان، مُهنجي وَسِ نَہ ڪا.

جان(١٠) ڪُجان تان ڪَڙِي ٿيان، صَبرَ ۾ وِهَ ساءُ.

مَرَڻُ مُهنجو ناهِ ڪو(١١)، جِيَڻُ جاءِ نَہ ڪا.

لاَيمُوتُ فِيهَا وَلاَ يَحيَي: هـِي(١٢) مُون حالَ ٿِيا.

ڪُلُّ ما قُدِّرَ يَكُونُ: آنگَ آڳِهِين(١٣) لِکيا.

---

(١) ب جهہ ح س ن : مورهين، ق : ماڳهين، ڏ : ڪين مڱان ٿي مون ڏٿي (٢) ا ڏ : هيهي، جهہ : هيئين، س ق : هينهين، ن : هيهين (٣) اڏ : مرنديس (٤) اڏ، ملنديس، س : مڙندس (٥) "ڪر" فقط ب جهہ ۾ آهي (٦) ح جهہ : صبر (٧) ق : تو (٨) ب س : ڪينءَ (٩) ب : ڪاڏي (١٠) ب ندارد : جان (١١) ب : مران تان مرڻ نہ ٿيي (١٢) ل ندارد : هي (١٣) س ع: اڳهم

اَمڙِ ايـريو مُون ڏِنو، تَنگ تنجئا اَنگڙا(١).

آڏوهِيَ سِين اِينءَ ٿِيو، هاٿـِي ڏوهَ ٿِيَا.

مَن صَمَتَ نَجَا: ڪُچِڻَ جَاءِ نہ ڪا.

جـيڪين ڏِنو سَجـَٽِيـن، سو سَهُ تُون سَرِيرا.

رات پُڄاڻان ڏِينهُ ٿِيـِي، روزي تَان عِيدا.

مِينهَ پُڄَاڻان تاڙِي، سِبَڻُ ڦَاٽَڻُ تان(٢).

بُکَ ري کَاڄُ نہ کَاڄِـِي، صِحَّـتين وِيڄ کِهَا(٣)؟

لاَ تَيئَسُوا مِن رَوّحِ اُللهِ: ڏِي دِل کـِي دِلاَسَا:

تہ(۴) سِگها مِلندءِ، مارُئِي، مَنَ سُکَ محبوبا،

رَکِجِ مَحَبَّتَ، مَارُئِي! وِجَائِج(۵) مَ وَفَاءَ.

أوفُوا بِعَهدِي أوف بِعَهدِكُمْ: سـيٽِنِ سَچُ سُهَاءِ.

لَنءُ(٦) لاَکِيٺـِي ڏيهَ جِيَ، پَرَڏِيهِي پُهتا.

مَن اَحَبَّ شَيئاً اَکثَر ذِکـرَهُ: اَندرِ آگِ جلاءِ.

---

(١) ق ن : اڳرا (٢) ر : لاءِ، ل : ڦاٽنياءَ (٣) ب جهہ : کٿا (۴) ب ندارد : تہ (۵) ا ج ع ل : وڃاءِ (٦) ر ع ق : لؤ، س : لئي، ل : لوءُ.

جُسوَ زَنجيرَنِ ۾، هِنيڙو هُتِ(١) رَهاءِ.

آلدّنيَا جَنّـَةُ ألكَافِرِ : پَرهـِ(٢) مَ پَٿولاَ.

نَڪُ وَڍِيو تنهِ نَارِ جو، جِنه وَرَ رِيَ ويہسَ ڪِيَا.

مَن لَبِسَ ألحَرِيرَ فِي ألدّنيَا لَم يَلبَسهُ فِي الاخِرَةِ : اِيَ

ٻُجُهـ اِشارتا.

فَاذّ كُرونِي آذكُركُم : سَارَڻُ سَارَڻَ لاءِ.

مَولاَ وَطنِ مـيڙِيہين، ڪَلِمو ڏِي قـلبَا.

پَاڻُ پَسائـيِ(٣) آڪِيہين، پاڙي پِرينءَ رَهَاءِ.

هَادِي وَقتَ هَلَڻَ جي، ڪَلمو قَلبَ ڪَهاءِ(۴)

لاَ اِلَهَ الاّ لله مُحَمّدُ رَسُولُ لله ﷺ.

---

(١) س : هتَ (٢) جهہ ق : پهر (٣) ا ع ل : پساءِ، ب ڄ جهہ ڏ ر س ق ن : پسائين، پسائيين (۴) جهہ س : آگو عالم هيڪڙو محمد رسولا.

www.maktabah.org

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيمِ

دربيان بسمل و سوره فاتحه(١)

سَارِهَ(٢) صاحِبَ کہي کجہي، جو عالِمُ کُلّ عِلمنِ.

سَيُکين جاڙہي مُون ڏٽي، بخشہي عِلمُ بَندَنّ.

مُکَائين فُرقَانَ کہي، جو جامِعُ کِتابَنّ.

صَلوَاتُون سَرورَ اُتہي، جو جَوهَرُ جَهَانَنّ.

آل اصَحابِي تنه سَندا، ڏِئا ڏِيهَ ڏٽِينَ.

آيَتُون قُرآنَ جِيُون، سَنيُون(٣) سہي سَمُجَهنّ:

فَهمَ مَنجهہ فُرقَانَ جہي، حَقِيقَتَ هَلنّ،

اِمَامُ جاڻَنِ اُن کہي، پُٺِيَ تِنه لگِنّ.

پاڻ نہ تِينِ اِمامَ سہي، جنءَ(٤) کہي اَيُدَ کَنّ.

وَالقُرآنُ اَمامِي: چَوَنِ(٥)، چِتَ نہ کَنّ(٦)،

مَتہي پَروڙَ پَانِهجہي، آيَتُون اُپِيارِينِ(٧).

---

(١) هي عنوان فقط نواب غلام حيدر واري نسخي ۾ آهي، ابو الحسن : شروع سنڌي الحمد جي، تصنيف حضرت شهيد گرهوڙي عليه الرحمة (٢) جهہ : سارء، ٻيا سڀ نسخا : ساراه (٣) جهہ ڏ : صحي، ن: صحيون ، ر ق : سٽي (٤) ا : ڪ ، ن : جيڪي ڪي او ڪن (٥) ب ڏ ق : چوڻ (٦) ب جهہ : رکن (٧) جهہ : اپيارن.

www.maktabah.org

وِنگُ(١) نہ وِڃائِن(٢) پانهجو، تا وَڃي وِنگُ ڪَڍِنِ.

تِرڪَنِ(٣) اَنڌِيِن اڪِيِن، نہ مَنجھ ڳوٺ(٤) گهِڙَنِ(٥)

هَاڻِي سڌِهو مؤمِنَا، هِيِين جَنِ ڪَنَنِ:

تہ مَاءُ ڪُلّ قُرآن فاتحه سور چوَن.

بيو سَڀ قُرآن تِنه سُور جِي، مَعني مَنجِھ ٻُجَهنِ.

جَن پَروڙِيو تِنِه سُورَ ڪِي، ڪَرَ سَڀِ پَرُوڙِيو تَنِ.

"قُل هُوَالله" پُڻ ماءُ تِيو، مَتِي ڪَنِ قَولنِ.

تڏهن مَعنَي تَنِ سُورَنِ جِي، مَرُجان سَيِئِي سِڪنِ(٦).

حاصِلُ ڪُلّ قُرآنَ(٧) جو، ڳالهيون ٽِي چوَنِ(٨):

هِيڪُ(٩) وصفَ واحِدَ جِي، جو آگو عالَمَنِ(١٠)،

ٻِي نيڪِي(١١) تَنِين طالِبِين، مَدِي پُنِيرَنِ.

---

(١) ر : ڏنگ (٢) جھ : وڃائن، ٻيا سڀ : وڃائين (٣) : ب ڄ ح : ترڪڻ (۴) ا ڄ ر ق ن: ڪوٽ، ب : گوٺ، ع ڪوت، (٥) ا: ڪرين، ب : گهرين، ڄ جھ ح : ڳرين، ره ڪرين، ع ق ن : ڪرين، ڏ : انڌا ڪرن ڪن ۾، سالڪ سڀ سمجهن (٦) ا ڄ ر ع ق : مڙيئي مرسڪن، جھ : سارا لوڪ سڪن، ڏ : سيئي مرسڪن (٧) ب ح ڏ ر ع : ڪل جو، جھ : ڪل علم جو (٨) ڏ : آهين (٩) جھ : هڪ (١٠) هيءَ سٽ فقط ڏ ۾ آهي (١١) ح : خشي

هِنِ رَضَا ۾ راحَتُون، هوءِ ڏمرَ ڏکَ پسَنِ(١).

ٽِي آهِي پَڇرَ واٽَ جِي، ٻِنهي فَرِيقُنِ:

غَفلَتَ، ظُلمُ، ڪُوڙيُون، ڪارَڻِ پُٺيَرنِ:

مَحَبَّتَ، عَدلُ، سَچِيُون، آهِي سِيرُ سَڄَنِ.

هِنِ تِنِ مَسئَلَن ڙي قَرآنَ ۾، ٻيو ڪِينَ ڪَهَنِ(٢).

نيڪِي بَدِيَ وَصفَ سُٽِي، مَن مَحَبَّتَ جاڳِي مَنِ!

آٽِي اُپِياڙِي واٽ تِي، جا پُهچائِي پِرِينِ.

هَاٽِي تَفسِيرُ تِنه سُورَ جو(٣) مَرجُان سَپُ(٤) سٹُنِ(٥)

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم.

پِهرِين مَعنِي بِسمِلَ جِي، آندر رُوح رڪَنِ:

آهي ماءُ اَلحمدَ جِي آيت اِيَ لکّن.

علمُ مڙوئي اُن ۾، جيڪِي ڪِي سمجهنّ.

اِسمَ سائُ الله جِي، پيدا ٿوڪ ٿين:

(١) ڏ: سندن (٢) هيءَ سٽ ل ۾ ناهي (٢) ب ڄ ر ع: تن سورن جو (۴) جهہ ح: سيئي (٥) ب ڏ: سکن

www.maktabah.org

اَپَ، پُون اُنَ جڳي اِسمَ سين، جيڪِ اندر تَنَّ.

اِسمَ ۾ي اَللهَ جڳي، سَپو ڪِين(١) ڪَهنِ.

نُورَ ڏاران ناه ڪِ(٢)، جَلوو جَهانَنِ.

مُنه ڪَارايُون "ڪِينَ" جِيُون، لاتيُون لُطفَ پِرينِ.

ڪِيهو سَبَرَ سنگَ ري، مَرتيو مِيئَنَ؟

ڪڪِيُون ڪارِيُون خَانَ ۾ي، ڪِهو(٣) قَدرُ لَهنِ؟

چَو ڏِسِ بُوءِ چَندَنَ جِي، سُرَهائِي سَپَنِ.

اَللهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ والاَرضِ: سُرَهو اِسمُ سَنُدنِ.

اِسمُ سُرَهَائِي عَالَمِينَ، مانُ مَخلوقَنِ.

وَهُوَ عليٰ كُلِّ شَيءٍ شَهِيدٌ: ڏورِيندَڙَ ڏِسَنِ.

وَهُوَ مَعَكُم اَينَمَا كُنتُم، دِلاَسو دوسَنِ.

اَينمَا تُوَلّوا فَثَمّ وَجهُ اُللهِ: عاشِقَ عِيدُون ڪَنِ.

اَلرّحمَانِ الرّحِيمِ(۴).

---

(١) س : سيوئي ڪ نہ (٢) ب جهہ : ناه ڪو (٣) جهہ : ڪيهو (۴) ل ندارد : الرحمن الرحيم.

www.maktabah.org

أُو آهِي رَحمَانُ كُلّ جو، رَحِيمُ كارڻ كِنِ،

سَڀِنِي خلقِي، رِزقُ ڏِي، هَادِي كارڻ كِنِ (١).

ٻِينِ هدايَتَ نَہ كَري، مگر ڏِي جيرنِ.

لاَيَهدِيهِم طَرِيقاً الاَّ طَرِيقَ جَهَنَّمَ : وَٺِكُون (٢) گَڏُ كِجَنِ.

اَلحَمدُ لله رَبِّ العَالَمِينَ

سارَهَ سَڀِ (٣) اَللهَ كِي، جو مالِكُ مَخلُوقَنِ.

توڙِي (٤) نَنڍا (٥) جِنءَ مَنهان (٦)، كِ وَڏا جِنءَ آيِنِ.

عَالَمَ كَڍِيَا "كِينَ" مَنجهان، قادِرَ قُدرَتُنِ.

آهِن آگِي هَٿَ ۾، واڳُون تَنِ سَڀِنِ.

اِختيَارَ ۾ اُنَ (٧) جِي، سَڀِ (٨) هَمِيشَه (٩) هَلَنِ (١٠).

وَهُوَ القَاهِرُ فَوقَ عِبادِهٖ: گولا وَسِ آگَنِ.

تَنِين كِي تَربِيَتَ كَري، مثل شاگِردنِ.

---

(١) هيءَ سٽ ل ۾ ناهي (٢) ر : ڏنگون (٣) جهہ كان سواءِ سڀ نسخا : سا سڀ (۴) ب ح ڏ ن : توٽي (٥) ج ق ن : نَنڍڙا (٦) سڀ نسخا : مها (٧) جهہ : انهين (٨) "سڀ" جو لفظ فقط "جهہ" ۾ آهي (٩) جهہ : هميشان، ڏ : هميشاه (١٠) هيءَ سٽ "ح" ۾ ناهي.

www.maktabah.org

جـېـڪِ پاڙهي تَنِ ڪـېـي، سوئِي سَبَقُ(١) پڙهَنِ.
آڳي اِندا ڪَديِا، اُن تـېـي آڪَرَ لِکَنِ(٢).
قُل لَن يُصِيبَنا الاّ مَا کَتَبَ اُللهُ : پَاسـېـي لِکَ نہ پَونِ(٣)
وَمَا ڪَانَ لهُمُ الخِيَرَةُ: پَرورَ پُٽ هَلَنِ.
سَارَہ(۴) صَاحِبَ ڪـېـي ڪجي، سَارَہ نَاہِ بَندَنِ.
وَالسَّمَاوَاتُ مَطوِيَّاتٌ بِيَمِينِہٖ گولا وَسِ آڳَنِ(٥)
حَمدُ حَاتِمِ ڪـېـي ڪِجـېـي(٦)، ڏويان(٧) ذَاتِ مَ چَونِ.
تَبارَڪَ الذي بِيَدِہِ اُلمُلکُ : وَاحِدُ وَڏو پُجھَنِ.
مُلڪُ مِڙو(٨) جِنہِ هَٿَ ۾، وَرُ تِنہِ سِين لَنؤُ لائِنِ.
سَنگهَارَنِ سِين سَگُ ڪِجـېـي، عَاقِلَ اِينءَ چَونِ.
وَاحِدَ جِهَڙو وَهِيون، ڪِٿـېـي(٩) ڪونُ لَهَنِ.
بِيا سَپِ گولا تِنہِ سَندا، دُنيا گولِي چَونِ.

(١) ح سبق . سوئي (٢) ب : ڪين (٣) س : ٿين (۴) جهہ ڪان سواءِ ٻين نسخن ۾ : ساراہ (٥) ڏ : قادر قدرتن (٦) ل ندارد : ڪجي (٧) ا : ڏوپا، ڏ : ڏويان، ٻيا سپ : ڏويا (٨) ب : مڙو، ٻيا سپ نسخا : مڙوئي (٩) ب : ڪٿهين، ع غ ڪٿهر.

www.maktabah.org

سَائُوءَ ڌاران سگُ ڪَرَڻُ، اِيَ پِرَ اَڪَاڄَنَ(١).

واحِدُ آجو(٢) وَهِيون، وَرُ سگُ وَاحِدَ سِين ڪَنِ.

گولو وَفا نَہ ڪَرِي، بُڪِيَا بَارُ ٽِينَ.

سَگُ سُرَهو رَبَّ جو، ٻِيَا سگَ سُورَ ٽِينَ.

سَارَاهِ(٣) سگُ صاحِبَ جو(۴) ٻِئَنُون هَٿَ ڏوپَنِ(۵).

حَمدُ لائَقُ حقَّ کِي، جو خَالِقُ ڪُلَّ خَلقُنِ.

خَالِقَ ڏِنِيُون خُوبِيون مِڙَنِي مَخلُوقَنِ.

جِي ساراهِجِي مَخلُوق کِي، تہ اُو سَارَهَ رَبَّ سَمجهَنِ.

ڪُنا ڪُنيارَنِ سَقَرا(٦)، تَہ اُوءَ سَقَرائِي(٧) تَنِ(٨).

ڪُنَائِي ڪُنَنِ جِي، آهِي اَهلُ(٩) هِنِينِ(١٠)

پَاٽِيَ چَندُ چَمَڪِيو، تہ اِ يَ آهِي سُونهَ اَيِنِ.

ٻُجهَڻَ وَارَنِ ٻُجهِيو، ٻُجهِيو تان نَہ ٻِينِ(١١).

---

(١) ب : اڪاڄن، جهہ : اگانجن ، ح : اڪاجهن، ڏ : اِبوجهن (٢) جهہ : آهہ سو ، ڏ : اهنجو، س : آهہ جو (٣) ب ح ل : ساراه ، ڄ ر ع : ساره ، جهہ : سرهو (۴) ڏ : سگَ سرهو ساڄن جو (۵) س : ڏونئن (٦) ا : سقرا (٧) ا: سقرائي (٨) ڏ : ان (٩) جهہ : اصل (١٠) هيءُ سٽ ڏ ۽ س ۾ ناهي، ۽ الله بخش واري نسخي ۾ ۴٩ - ٨١ سٽون موجود ناهن (١١) هي سٽ ”س“ ۾ ناهي.

نَچِڻَ وَارَا يولَڙَا، آڳِيَانَ (١) اُستادَنِ.

مَالِڪُ مِڙَنِي مُون ڏَٺِي، جَنِءَ وَارِي تِنءَ وَرنِ.

خالق جي خِلقَتَ(٢) ڪِھِي، بُڇڙو ڪِينَ ڪَھَنِ.

اَحسَنَ كُلَّ شَيء خَلَقَهُ: سَيو هَندُ حَمدَنِ.

خَلقُ القَبِيحِ لَيسَ بِقَبِيحِ : ايھِرِيو لاَءِ صِحتُنِ.

ظُلمُ عَدلَ لاءِ خلقيو، ڪُفرُ لاءِ نَبِيِنِ.

مَکِيُون، مَاڪوڙِيُون، ڪِيَان، نَفعُ مَنجھ مِڙِنِ.

ڏُهَارِينِ رِي ڏيہَ ۾، سکرَ نہ سُجَاپِنِ.

اُوندهِ ڏاران سِجَ جو، ڪِھَڙو قَدرُ تَنِ.

دوزَخَ ڏاران دَمڙِي، بِھِشتَ نہ بَها لَهَنِ.

مَاخَلَقنَاالسّموات وَالاَرضَ وَمَا بَينَهُمَا الاّ بالحَقِّ : حَقَ

تہِي حَرفُ ۾ ڪَنِ.

اَلحَمدُ لله عَلَيَ كُلِّ حَالٍ: اِهَا وَاتَ وَنَنِ.

سَيَڪَا طَرَحَ سَفرِي، سَندِي سُپِيرِينِ.

---

(١) س: اگايا (٢) ڏ : خافت، پيا سپ : خلق (٣) س : کي

www.maktabah.org

آهُرِ(١) قَدرُ نہ عَيبَ جو، لالَنَ مَنجهہِ لَهَنِّ.

ڪَامِلَ ڪِتَابَنِ(٢) ۾، جِي ڪُلّي لالَ لِڪَنِّ.

جي لاجُو(٣) لِڪِي نہ سَگهِيا، تہ ڪَهڙي قُدرَتَ تَنِّ؟

سَيُڪِ سَگهِي مُون ڏِٺِي، ڪَامِلُ قُدرَتُنِّ.

عِلمُ مِڙوئِي اُنَ کِي، مَرُ مُلڪَ مَنجهہِ پسَنِّ.

سَيَڪَا طَرَحَ مُلڪَ ۾، ڏورِيندَڙَ ڏِسَنِّ.

قُدرَتَ ڪُلّي رَبَّ جِي، عاقِلَ اِينءَ سَمجهَنِّ.

وَان مِّن شَيءِ الاَّ عندنَا خزائنُه : ڪَٽَنئَان(٤) پَلَ پَسِجَنِّ(٥).

جِنِه سِجُ(٩) جوڙِيو هيڪَڙو(٧) اُن کِي سگهہَ سِجَنِّ(٨).

جِنِہ مَنهو(٦) جوڙِيو هيڪڙو(٧) اُنَ وَٽَ اڪُٽَ(١٠) هُوَنِّ(١١)

عَالِمَ اَهلَ علمَ جَا(١٢) ڪِينُون(١٣) رَنگُ نہ ڪَنِّ.

---

(١) اڄ ر ع ل ن : اهر (٢) ڏ ق ل ن : ڪتابت (٣)ق ن : لانجهو س : لاجو (۴)ا : ڪرنپايل . ڄ : ڪربنا . ڪٺنئان، ح ڪٺنئان ر : ڪرپئا، ع : ڪرنيا ق : ڪڙنئا، ن : ڪٽنئا (۵) ڏ : مالڪ ملڪ چون (٦) ڏ : سج چنڊ (٧) ڏ : هڪڙو (٨) جهہ ح : سؤسجن، ڏ : سٿا سچن (٩) سيني نسخن ۾ : مهو (١٠) ح : اڪٺ، ل : اگهٽ (١١)ا ڄ ح ل : هون ، جهہ : هوئن، ن : هئن ، ڏ : هجن (١٢) جهہ ح : عالم اهل علم جو ، ا ح ڏ ر س ع ل : عالم اهل علم جي (١٣) ح : ڪينو.

www.maktabah.org

مُصَوَّرُ صُورَتَ مُون ڏِنِي، قَادِرُ مَنجهِ ڪِينَنِّ.

ڇيڻُنِ وَائِي واتَ ۾، عِلمُ خُوبُ ڪتَينِّ(١).

آسِين(٢) آڪَرِ هيڪَڙِي، هِي عِلمُ اُستادَنِّ.

آڪُتُ عِلمُ ڪَتِيَ جو، اَصلِ هِن آڪَرَنِّ.

آڪَرَ اَچَڻَ(٣) وَڃَڻا، اَصلُ نَہ وَڃِي اُنِ.

ڪُوڙِيُون(٤) ڇِيڻُون ڪِينَ ٿِيُون، آهِي عِلمُ سَندُنِ.

حَرفَ حَافِظَ هَتَ ۾، ڦَرهِيَان(٥) اَچَنِ وَڃَنِّ.

عَالَمَ آڪَرَ ڪِينَ ۾، ڇِيتَ مِثلِ(٦) ڇُرجَنِّ.

جِہِي سِہِي(٧) سَڙِي ڪِينَ(٨) ٿِيَا، تَہ عِلمُ نَہ وَڃِي اُنِّ.

جَڏهِ ڪَتِيَ خوشِ اَچِہِي، تَڏهِ ڇُرِي(٩) ڇِيڻُنِّ(١٠).

پَرَ نَہ(١١) قَاتِہِي پَڇِڻا(١٢)، آڪَرَ(١٣) اُستَادَنِّ.

---

(١) هيءَ سٽ "س" ۾ ناهي (٢) ق : آهي (٣) جهہ س : اڇٽا (٤) جهس : ڪوڙيين (٥) ا : فرهيون، ب ح ل "فرهيا، ڏ : فرهيان" ڄ ر ع : ڦرهيا، جهہ : فرها (٦) ڏ : جيئن (٧) ر : جن سي (٨) س : خاڪ (٩) ب جهہ ح ق ن : ڇريءِ ڪي (١٠) هي سٽ ڏ ۾ ناهي (١١) ا ڄ ح ر ع ل : پرن، ب : پر نہ ، جهہ ڏ : پڙن ، ق ن : پڙهن (١٢) ا : ڀڇر، ب : پڇر، ڄ : ڀڇرا، جهہ پڇڻان، ح ڏ : بڇڙا، س : ڇيڻن پرن ڦاٽي بڇڙا، ر: پڇرا، ع : پڇران ع: ڀڇڙ ان ق: پڇاٽا : ل : ڀڇران : ن: پڇاٽا (١٣) جهہ انگڻ، ع ل : اڪن : اڪن.

www.maktabah.org

هُنَرَ جَنِ(١) هَٿَنِ ۾(٢)، سڀي ڪِنه دَرِ ڪِينَ وَڃَنِ.

اَلعِلمُ حَبِيبُ اللهِ لاَ يُعطِيه الاَلحَبِيبِهِ : هُنَرَ هَٿ ڪِجَنِ.

هُنَرَ ڏَاران هَڏهِہ (٣) ڇِيڻُون نہ ڇُرجَنِ.

نَقشَ نہ ٻِجَهنِ نَاهِ ۾ آڪَرَ رِي عِلمَنِ.

خادِمُ تِي ڪَتِيَان سَندو، نَقش ٻِڌَڻُ سِکِجَنِ.

عِلمَ ڏاران آدَمِي ڪَرَ نَقشُ مَٿي ڪِيڙَنِ.

۽ جان عِلمُ سکِيو، يان(٤) نَقشبَندُ چَوَنِ.

ڪَڌِه (٥) ويندو ڪِينَ ڪِءِ، هُنَرُ ڪان هِنِينَ.

پَهِنجِي وِڇا(٦) پاڻَ هَٿ(٧)، ٻوڙا وَرُ ٻُڌَنِ.

جَنِ(٨) سڀِڪاري مون ڏَٺِي، سڀئِي عِلمُ سکَنِ.

ٻِيا سَڀِ پُلِجيوُ وَرَ تان(٩)، ويچارا وَڃَنِ.

جي(١٠) ڪَٿِي خُوشِ اَچي، تہ ڪَرِي ڪَارِيگَرُ تَنِ.

---

(١) ا : جن جي ، جهہ ڏ ر ن : جن (٢) اجهہ ڏر : هٿ ۾ (٣) ا ب جهہ ڏ ن س : هڏمين ، ب : هڏه (٤) ب ڏ : تہ (٥) ب : ڪڏه، ح : ڪڏنه، ر ع : ڪڏهہ (٦) ا ق ڄ : وچان، ب جهہ ع : ويچا، ح : ويچان، رل : وڇا (٧) س : وس (٨) جهہ ح ڏ : جن، ق : جن ڪي (٩) ب ڄ ح ر ق ل ن : ورتا : (١٠) جهہ : ۽ جي.

www.maktabah.org

نات پِيھون(١) پُوربِي(٢)، ڪندا ڪئين وَجَنِ.

ڪوڙين(٣) مَنجهان ڪَنھ ڪي، وِڇان وَرُ(٤) سَلَنِ.

سِرَ ري سِرَ نہ سلٽان(٥)، عادت اِيَ سَندينِ.

جَنين سِرُ آندو سوڪَڙي، تَنين سِرّ سلَنِ.

وَڏا طالعَ تَنِ جا، جي اِنَ(٦) مانِ مڙَنِ(٧).

جيڪي حَرفُ حَمدَ جو، پڙهي پَروجَهنِ،

ميو مڙَهين(٨) علمَ(٩) جو، پڙ پيو تَن پُرسَنِ.

وآخِرُ دَعواهُم اَنِ الحَمدُ لله رَبِّ العَالَمِينَ : عَارِفَ اِتَ رَهَنِ.

جَرَ ۾ چَمَڪو چَندُ(١٠) جو، پسڻ پَندُ پُلين(١١).

هنَ پَرِ هَلَڻُ جَنِ جو، ڪافرُ نالو تَنِ.

پَدَم وَرهَنِ جي پَندَ سين، راحتَ ڪين رَسَنِ.

وَاتُوا البُيُوتَ مِن اَبوَابِهَا، وَرجَان سَنوتِ(١٢) سڪَنِ.

---

(١) ب ح : پيھو (٢) ا : پور اتي، ٻ ح : پورهتي، ڄ جھ ڏ س : پورتي، ع : پورائي، ق يوربي، ل : پورتي، ن : يوريي (٣) جھ : ڪوڙيين (٤) س : وجاور (٥) ا : سلنا، ب : سلٽا، ڄ ل : سلران، ر : سليا، ع : سلان (٦) جھ س: انھين (٧) ح ڏ ل : مرن (٨) ع غ : مڙهم (٩) ا : عملن ، ب : ملڪ (١٠) س : سڄ (١١) جھ : يلن (١٢) ح ر ع ق ل ن : سوت ، ڏ: سنئت

www.maktabah.org

اَٽڪَلَ ڪَنِ اَصلَ ڏِي، فِڪرُ فَرعَ مَ ڪَنِ.

پُورُ(١) پَسَڻُ(٢) مَنجھہ ڪَٿيان، حَقِيقَتَ حَمدنِ.

جو اَصلَ پَهتُو آدَمِي، تہ پُورا پَندَ ٿِينِ.

اَلرّحمانِ اَلرّحِيمِ

اُو آهِي مِهربانُ سَيَنِ سِين، مَرَهِي مُؤمِنَنِ.

رَحمَانِي مِڙنِي تِهِي(٣) رَحِيمُ ڪارَڻِ ڪَنِ.

رَحمَانِي رَحمتَ ڪُلَ تِهِي، رَحِيمِي خاصَنِ.

خَلقِهِي نِپائِهِي مِڙنِ کِهِي، هِدايَتَ ڪَرِي هيڪڙَنِ.

پَرَ جَنِ سِين راجا رازُ(٥) ڪَرِي، سِهِي ٿورائِي(٦)

هُون(٧).

وِرَءُ وَظِيفو ڪُلَ جو، خلعتون خاصنِ.

مِهرَ سَيِ سِپاهَہ تِهِي، پَرَ ڏِکِيا ڏُکَ پَسَنِ.

---

(١) ب ح س : پورو ، ر : پوڻر (٢) جھہ ع ن ، پسن (٣) س : رحمان مڙن کي مون ڏني (۴) س : روڻي (٥) ب : راض (٦) ڏ س غ : ٿورائي، ٻيا سڀ : پورائي (٧) ب ڏ : هئن، جھہ : رهن

جِـهِـي رَضَا راجا ڇَڏيا(١)، سِـهِـي تَنه ِ جو تاءُ لَهَنِ.

سَلامِي سڪـِهـين تِيا، عَاقَنِ(٢) آهڪَ تِينِ.

لاَ يُسئَلُ عَمّا يَفعَلُ : سَمجهائِي سَمُجهَنِ.

پُڇِـهِـي سِرُ نَہ پَروُڙِجـهِـي، سُڪُوتَا سَمُجهَنِ.

گڏهَنِ ڪَندا پُڇَ ۾، حَرڪَتِي هَٽَنِ.

گڏهَ(٣) سَؤنت(٤) نَہ سَمجِهڻا، پُڇَ پيڙيو پيڙِينِ(٥).

همّتَ ڇَڏِـهِـي(٦) هُورُ لَهِـي، ڪَندا پَتِ(٧) پُونِ.

بُڪُون ڏُڪُون ڏاڪَرَا، هِـهِـين ۾ هورِشَ ڪَنِ.

سُتِـهِـي(٨) سُورَ نَہ ڇَڏِٽان(٩) بَاسِـهِـين(١٠) بَندَ نَہ لَهَنِ.

مَن اَلْقَي اَلسّلاَحَ فَهُوَ آمِنٌ: آمنُ عَاجِزَنِ.

عَاجِزِيَ جِـهِـي اَمنَ ڪِـهِـي، ڪِـهِـي وَڏا وِيرَ بُجَهنِ(١١).

بِيَا سَبِ دورَٽَ(١٢) سِڪِيَا، پُڇُ(١٣) پِيڙيو پِيڙِينِ(١٤).

---

(١) س : ڇڏٽان (٢) ڏ : عاقي، غ : عاقن، ٻيا سڀ نسخا : عاقين (٣) ا : ڪڏهين (۴) اجهہ : سنوت : ح ر : سوت ، ع ل ن : سؤت (۵) ڏ ر : ڦيريو ڦيرين، س : ڦيريو پڇ ڦيرين (٦) سڀ نسخا : ڇڏي (٧) ا جهہ ڏ س : پٽ . ٻيا سڀ : پٽ (٨) ا ح ع : سَتئين ، ق ن : ستيين (٩) ا ل : ڇڏيا (١٠) ح : باه سين (١١) ا ر : پڇن (١٢) ح ق : ڏورڻ ، ڏ : ڍور نہ (١٣) ا : پڇن، جهہ : ٿاپڇ (١۴) جهہ : پيڙن، ڏ ر س : ڦيريو ڦيرين.

كَندَنِ قلبُ رَتُ كِيو، تپِلَه(١) سَندو تَنِ.

مَالِكِ يومِ الدِّينِ

اُو بادِشاهُ تَنه ڏِينَه جو، جِتِ جَزا سَبِ لَهَنِ.

بُڇَا پَسَندَا بُڇِيُون، نيڪِيُون لاءِ نيڪَنِ.

جِهَڙو جَنِين پوکيو، تِهڙو کَرو تَنِ(٢).

پِيرَ نه تِيَنِ پِيرَنئُون(٣)، آمَا آڪَ نه ڪَنِ.

ڪتُورِي نَڪَنِ ۾(٤)، سوئيرو(٥) آڪِيَنِ.

گَنَدَهُ ڪِيرِي(٦) قَيدَ ۾، ماڙهو چاگَ(٧) چِلَنِ.

بُچو بِهِشتَ نه وِڃي، نيڪُ نه مَنجِهه نارِنِ.

كُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِلىٰ اصلِهٖ: جِي جَنِين سِي تَنِ.

حُكمُ هَلَندو رَبَّ جو، پِيا حُكمَ هُتِ نه هَلَنِ.

حَاكِمُ هُوندو مُون ڏَٽِي، پِيا کِينَ لَيَنِ.

---

(١) ا ب ل : تيلانه : ڇ ح ل ع ق : تيلاه (٢) س : تهڙو سي لڻن (٣) ا : پيرنو، ب ن: پيرين، جهه : پير مان ، ڇ ل : پيرئو، ر ع : پيرنون (٤) ب : نڪ ۾ (٥) ا : سوايروئي (٦) ا ر ع ق ل ن : ڪري (٧) ا ب ڇ جهه ح ر : چاڪ ، ع : چاڪ ، ل : چاڳ.

www.maktabah.org

وَالاَمر يَومَئِذٍ لِلهِ: تارا ڏينه نَہ هُونِ (١).

شَمسَ سُهَائِيِ (٢) پَڌِرِي (٣)، ڳُجها (۴) سڀ ٿِيَنِ.

آڇِـهِمِ (٥) اُنَ ڏيہَ جِي، اَتِڪَلَ عَارِفَنِ.

سُبِہَ (٦) سَندي ڳالهڙِي، اَڃُهِمِ آڍِيسِيَنِ.

لِلهِالاَمرُ مِن قَبلُ وَمِن بَعدُ: حاڪِمُ هيڪُ پَسَنِ.

ٻِي جِيَ حُڪُومَتَ ڏِي، نانگا نَظرَ نہ ڪَنِ.

سَبَقُ سَنَاسِي حَمدَ جو، پُختو پَروجَهَنِ.

سَڌُ سُجاتو ڪاپَڙِيِن، پَڙهَڏَ ڏِي (٧) نَہ پُرَنِ.

سَڄُ سُجَاڻَنِ (٨) اَپَ ۾، جَرَ ۾ سَڄُ نَہ سَندُنِ.

جَڳُ (٩) نہ جوڳِيَنِ سَامُهُون (١٠) سامِي سَنوان هَلَنِ.

پَلِـِي (١١) مَذهَب پُورِبِي (١٢)، مُخَالِفَ مَڃِينِ.

---

(١) جهہ : هئن (٢) ڏ ع : ساهي (٣) ڏس : پڌرا (۴) ا: ڪڄا، ڄ ع : ڪجا (٥) ب جهہ ڏ ع ن : اڇهين (٦) ا : سباهہ : ب ڄ ح ڏ ر ن : صبح ، جهہ س : صباح (٧) ا ڄ جهہ ر ع ل : پرهڏي، ب ح س : پر ڏيه ڏي، ڏ : پڙ هڏي، ق : پڙاڏي، ن : پڙاء ڏي، متن ۾ اختيار ڪيل پڙهٽي "غ" جي آهي (٨) ا : سجاتائون (٩) جهہ : جنگ (١٠) ر : سامهہ (١١) ا ب ج ح س : پلي (١٢) ا ب ح س ع : پوريي.

لوڪُ لَهوارو(١) هَلِيو(٢)، اوِيَر آدِيسِيَنِ.

ان اُلحُڪمُ الاّ لِلهِ : سَبَقُ رَبَّ(٣) سَمُجَهنِ.

ڏاتَر ڌاران ڏِيهَ ۾، ٻيو ڪون ٻُجَهنِ.

حَقيقَتَ هُنَ ڏِيهَ جهِي، پاڻُ پَساِيو تَنِ.

يَومَ يَفِرُّ المَرءُ مِن اَخِيهِ(٤)، اَجُهم ڏِٺو اُنِ.

پِيُ پُٽُ پَنهجي نَفسَ لاءِ، تا قُربُ قرابَتَ ڪَنِ.

جو مُحڪَمُ ڏُڪيو(٥) ڏيل ۾، تہ پِيُ پُٽُ ياءُ يَجَنِ(٦).

پِيُ نہ وِيجهو پُٽَ ڪهِي، ڏِيَرُون نہ ماٽُنِ.

صِحَتَان مَرٽَان هيڪَڙُو، پَروَرَ ڪَانہ پِنَنِ(٧).

مُهِي هَلاَڪِي(٨) هورُ لهِي، صحتين(٩) ڪاڄَ(١٠) سَندَنِ.

نِينهُ سَيَنِي نَفسَ سين، نہ سِين عَزِيزَنِ(١١).

نَفسِي نَفسِي اَجُهِم(١٢)، تَا ساميرَا سُٽِينِ(١٣).

---

(١) ع ل : لا واهرو (٢) س : لڏئو (٣) س : اي (۴) ب ڃ ح ڏ ع ق ل ندارد : من اخيه (۵) س : ڏڪي (٦) س : ڌار ٿين (٧) هي سٽ "ڏ" ۽ "س" ۾ موجود ناهي ۽ پڻ ايندڙ سٽ "س" ۾ ناهي (٨) ب : هلاڪت (٩) جهہ ڏ : صحت (١٠) ا جهہ ڏ ع ق : ڪاڄ (١١) سٽ ١٦٦ ڪان وٺي سٽ ١٨٩ تائين الف ۾ موجود ناهي (١٢) ب جهہ ڏ ن : اجهين (١٣) جهہ س : سٽن.

www.maktabah.org

تيلانهَ سالِڪَ سگُ چِنيو، ڪارِ(١) قِيامَتَ ڪَنِ.
رُجُوعُ پَنهجي رَبَ سِين، ٻي سِين اُنسُ نَہ اُنِ.
فَاذَانُفِخَ فِي اُلصُّورِ فَلاَ أنسَابَ بَينَهُمر : ڪُوفو
ڪونهي تَنِ.

ڪُتِنِ(٢) قَرابَتَ ٽارَ(٣) سِين، جهَڙي جَڳَ سَمُجَهنِ.
دوستِي دُنيا سَندِي، اِنَ پَرِ آڍِيسِيَنِ.
ري لَبَ قُربُ ڪَرِيمَ جو، پِيا سَبِ مَتَ مانِيَنِ.
ڳِجهنِ ڳورانيو(٤) رَتَ سِين، نَہ مَحَبَتَ ساڻ مُئَنِ.
ڏِينِ ڏيکائو مَائرِينِ(٥)، جِنءِ(٦) اورا(٧) پُٽَ پَسِجَنِ(٨).
چِنِي(٩) قَرابَتَ قَبضَ سِين(١٠) پِي پُٽَ(١١) ڏارَ ٽِينِ(١٢).
سَيَڪَنهِ سگَ نَفسَ سِين، نَہ سِين پِي پُٽَنِ(١٣).
نَامُرادِي نَفسَ جِي، ڏِٺي ڏُورِ ٽِيَنِ(١٤).

---

(١) س : ٽا ڪار (٢) سيني نسخن جي پڙهڻي ”ڪتن“ آهي، رڳو ”جه“ جي حاشيه تي ”ڪتن“ ڏنل آهي (٣) ب : ٿار، ح : ٿار، ڏ : نار، ٻيا سڀ : تار (٤) ڏ : ڪجڻ ڪوراپو (٥) ج ح ع ق ل ن : مائن، جه : مائرن (٦) ب ندارد : جنءَ (٧) جه س ، اونرا، غ : اوران (٨) هيءَ سٽ ڏ ۾ مطلق ناهي، ر: ڏين ڏکايو مائن ڪي، جي اهڙا پٽ پسجن (٩) ر ع : جني (١٠) ڏ: سان (١١) ڏ: ”پٽڙا“ بدران ”پي پٽ“ جي، ۽ ع: ”پٹر“ بدران ”پي پٽ“ جي (١٢) ب: يائريجن (١٣) هيءَ سٽ ب ۽ غ ۾ ناهي، ح : پٽ پوٽن، س : پٹر ڏار ٽين (١٤) ڏ : ڏوٽيڙن، ق : ڏٺي ڏور ٽين ، س حاشيه: ڏسي.

لَنۡ تنفعَكُمۡ اَرۡحامُكُمۡ وَلاَ اَولاَدُكُمۡ يَومَ القِيامَة :

پُرِدو(١) پُورِيِنَ.

قَطعُ قَرابَتَ جوڳِيِين، صاحِبَ ڍِي نَہ سَگُّنَ.

لاَغَرضَ جا لالچِي، غَرضِي غَيرُ پَسَنَ.

صَاحِبُ اُلغَرضِ مَجنُونُ، سَمُجهِيو سامِيڙَن.

اَلاَخلاَءُ يَومَئِذ بَعضُهُمۡ لِبَض عدُوٌّ اِلاَّ اُلمُتَقِين:آجا گَڏُ آجنِ.

ڪهَڙو ڪُوفو تَنِ جو، غَرَضِي لاَغَرَضَنَ.

لوڪُ لالَچِ قَيدَ ۾، اُو آڳِ ۾(٣) عِيدُون ڪَنِ.

لَتَركَبُنّ طَبقاً عَن طَبَقِ : سَدا سَفَرتَنَ.

وُجُوهٌ يَومَئِذٍ نَاضِرَةٌ الِي رَبِّهَا نَاظِرَةٌ : رَبَ ڏِي تَرسَنُ(٤) تَنِ.

اَوّلُ آدِيسيِن(٥) مَنَ ۾ آخِرُاُتِ پَسَنِ.

وِچَان وِيراڳِي نِڳِيَا، اَوّلُ وِچُ آتَنِ.

خَيرُ اُلاُمُورِ اوسَطُهَا : وِچِينِ(٦) پارَ پَسَنِ.

---

(١) ب ڏ س ع ق ن: پردو، جهہ : پڌو، ر : پروڏو : ع : پريو (٢) ب : سکن ، ڄ ع ق ل ن: سکون، جهہ : سگهن، سڳن، ع : سگهن : ڏ : سگون، ر غ : سنکون (٣) ر : مان، س: ا ڪ ۾ (۴) ح ڏ موجب : ب ر ع ق ل ن : ترس نہ ، ڄ : نظر (٥) ب ح : آديسين، ڄ ر ل : آديسي (٦) ا : وڄي : ب ق : وچيون، جهہ : وچيين ، ڏ : وچيو.

وِچُ وَڻَ جو ڪَڻُ(١) تِيو، ڪانو وِچُ(٢) نہ ڪَنِ.

نانگن نِينهُ اَصلَ جو، طَرفِي تات نہ تَنِ.

ٻِڌا نِيرَ نِينهَ ۾، لاهُوتِي لُڏَنِ.

اَڌَ ڪُٺا تِيا ڪاپَڙِي، ڪاتِيَ ڪيرَتِ ڪَنِ.

ذوقَ ذَبحَ جهِي موهِيَا، تيلانهَ تا تَرسَنِ.

فِي اَلقِصَاصِ حَيٰوةٌ: سَمجهيو سُور چَرَنِ.

جِنءَ(٣) ڪَڻُ ڪاني مارِيو، تِنءَ(٤) ڪاني مَوتُ مَڱَنِ.

جہ(٥) ڪانو ڪُٺَنِ مارِيو، تہ شادي سامِيڙَنِ.

اَوَلُ آڏيسيَنِ(٦) مَنَ ۾، ٻِي ڪارِ نَہ ڪاپَڙِيَنِ.

حُبَّ حيَاتِيَ موهِيَا، ڪارِ قصاصِي ڪَنِ.

شوقُ شَرعَ جو رُوحَ تَنِ، عَدلَ ۾ اُپِيڪَنِ.

اِيّاڪَ نَعبُدُ وَ اِيّاڪَ نَستَعِينُ

تو رَبَّ پُوڄا ڪَرِيُون(٧)، توڪان مَڱُون(٨) ڪَمَنِ.

---

(١) جهہ س: ڪٺون (٢) جهہ: ڪڻ (٣) جهہ: جي (٤) جهہ: تہ (٥) ا جهہ ح ڏ ع ل: جو، ق ن: جي (٦) ب ج جهہ ح ر ق ل: آڏيسي، ع: آڏيسيين (٧) ب ح س: ڪريهون، چ: ڪرهون، ڄ ع: ڪرهم، ر: ڪرهم (٨) ب ر: منگهم: ڄ: منگهو، جهہ: مگهون: ع منگهون.

www.maktabah.org

تُوهِر(١) آگو آسانھِجو، تُوهِر اسان مَنِ،

لائقُ عِبادَتَ جو، ڪارِسازُ ڪَمَنِ.

توکي عِبادَتَ ڪِجي، توسين عَرضَ ڪِجَنِ.

تو رِءَ(٢) عِبادَتَ جِي، مَنعَ مَخلوقَنِ.

تُوهِر(٣) ٻِيلِيَو ڪَرِيِن، آسان ضَعِيفَنِ.

تو رِءَ مَگُھُونِ نَہ ڪَنهِ ڪان(٤) نُصرَتَ ڏي(٥) ڏُکِيَنِ(٦).

جوڳو عِبادَتَ جو، تو رِءَ ڪو نَہ ڪَهَنِ.

عِبادَتَ آڳي ڪي ڪِجي، جو مَقصَدُ مُحتاجَنِ.

پاڻَ نَہ هوءِ مُحتاجُ سو، خالِقُ عالَمَنِ.

عِبادَتَ پُڻِ اُنَ کي ڪِجي(٧) جَنهِ ساراهَ(٨) ڪَجَنِ.

جَنه کي سارَهَ ناهِ ڪا، سو پُوڄَڻُ ڪُفرُ ڪَهَنِ.

خُوبِيُون(٩) تارَنِ کُوهَ ۾، پَسَڻُ پَرِ اَنڌَنِ(١٠).

---

(١) ان : تون آهين، ب، توهين، جهہ : تونهين (٢) جهہ ڏ س : ري (٣) ا : تون اي : ب ح : تونهين، جهہ س ق : تونهين، ڏ : تون پڻ، ر: توهي (٤) جهہ س : ڪنان (٥) ڏ س : ڏينهن، ع : ڏيين (٦) ا ق : ڏکين، ٻيا سڀ : ڏکن (٧) فقط ا ۾ : ڪجي ، ڏنان جي ڪجي (٨) ڏ : حمد جنه. س : ساراهون (٩) س : خوبي (١٠) ب ج جهہ ح : اپڏن، ر : اپڏن ع : اپڏن.

تارا هُونِ(١) اَيَ ۾، آيَ ۾ اَکِيُون کِجَنِ.

پُوڄا پاڇوينِ جهِي، کَنه جا کَمَ نہ(٢) سَرَنِ.

اِنَ پر جَنِين پانئِيو، تَنِ عَقلُ ناهِ آنڌَنِ.

مُشرِکَ موليٰ سِين ٿِيا، غيرَ کُرِمش کَنِ.

عِبادَتَ آڳِي کهي(٣) کِجهي، جِتَان کاڄ سَرَنِ.

اُنَهِمَ(٤) کِجَنِ سَڏڙا، جَڏِهِ رَنج رَسَنِ.

اَمرَ داران اُنَ جهي، هَلَڻُ حَيفُ لِکَنِ.

نَفعُ ضَرَرُ سَڀُ هَٿِ تنهين(٥)، هَٿِ نہ مَخلُوقَنِ.

وَان يَمَسَکَ اللهُ بِضُرٍّ فَلاَ کاشِفَ لَهُ اِلاَّ هُوَ

وَان يُرِدکَ بَخيرٍ فَلاَ رَادَّ لِفَضلِهِ، کِينهي هَٿِ بَندَنِ.

آڳِي ٿُنهي(٦) جڳَ، رُتِهي(٧)، سَوِين سَهج ٿَينِ(٨).

جڳَ تُسَندِي رَبَّ رُسَندِي، لِکَڻَ(٩) هَندَ نہ لَيِنِ(١٠).

---

(١) س : آهن (٢) ڏ : نہ کينهن جا کم (٣) س : ان جي (٤) ا ب جهہ ح ڏ س ق : انهين (٥) ب : هٿ ۾، س : هٿ تنهين، پيا سي : تنه هٿ (٦) ا : تسي، ڄ ح ر ل : ٿني، ق ن : ڏني (٧) ا : رسي (٨) س : موافق، پيا سي : سيئي ڪاڄ سرن ، هيءُ سٽ ب ۾ ناهي (٩) ال: لکن، ڄ : لکڻ، ح : لکڻ (١٠) هي سٽ "ب" ۾ ناهي، ح : لهن ، ڏ ق : کتن.

www.maktabah.org

وَٺُ وَسِيلو جَنِ ڪِيو، ڪَرتَ تَنِ ڪاتِنِ(١).

جَنِ ڪَنڌُ نايو(٢) قادِرَ(٣) اَڳيان، تَنِ باهِيُون باغَ ٿِينِ.

نؤُتِ(۴) ڪِجهي ڪَرِيمَ سِين، حاجُون هَٿِسِ ڏِجَنِ.

مُحتاجِي مَخلُوقَ جِي(۵) ڦُوڪُون ڦُلهارَنِ(٦).

ٻِيرَ(٧) مَ پَسِجُ ٻَاٺَرِين(٨) ٻِيرَ مٿي ٻِيرِنِ(٩).

ٿِيُ سَمُورو سَجَٽِين، هَڏِ چَمِ رُوحَ رڳُنِ.

جَنهِ پَرِ وَٺي پِرِيَان(١٠)، وَرُ ٽا تَنهِ پَرِ ڪَنِ.

ري ڪَنڌَ نائي قُربَ جِيوُن(١١)، سَڏُون سَڏِرِنِ(١٢).

عَلي اللهِ فَتوڪَلُوا ان ڪُنتُمر مُؤمِنِينَ: پَاڻَ ڏِنهي(١٣) پَهچَنِ.

قطرُ مَ ڪُنڪِجُ(١۴) ڪاتَ سِين، وَرُ جان سِرُ وَڍِينِ(١۵).

آهِي اِسمَاعيلَ (صہ) جِي(١٦) نيڪِي مَنجهہ مُلڪَنِ.

---

(١) جهہ : ڪاٿن: س : ڪاٿين تن (٢) جهہ س: نمايو (٣) ب غ : ڪريم (۴) ا جهہ ڏ ر ق ن : نوڙت، س : نمت (۵) ڄ ر ع : سين (٦) هن ست ڪان وٽي ويندي ٢٩۵ تائين ح ۾ موجود ناهن (٧) ڏ ع ق ن : پير (٨) ڄ جهہ ر ع ق ل ن : پار، پاڙ، س : ٻلور ۾ (٩) ڏ ق ن: پيرن، س : پيرين (١٠) ب : سڄٽين، ڏ : سڄٽن (١١) ب ح ر ع ق ل ن : جي (١٢) ن: سڏيرن (١٣) ر : ڏني (١۴) ب : ڪڇ ، ڏ ، ڪرج، ر : ڪونج : س : قطره ۾ ڪنجهہ (١۵) جهہ : وڍن (١٦) ب ڄ ع ق ل ن : حضرت اسماعيل.

www.maktabah.org

رَضَا سَندِيَ راهَ رِءِ(١) سُڪِيون(٢) سَڏُون ڪَنِّ.

جِيرَيِ جَنگِ دَرياهَ سِينِ، مُئا مَتِسِ هَلَنِّ.

تَوَڪُلَ تُرَهو مُؤمِنيِنِ، اَمنُ اِخلاصَنِّ(٣).

جِنِءَ رَبَّ رِءِ نِؤُتِ(٤) نَہ ڪِجِهِي، نَہ وسِيلا وَتِجُنِ.

واڳُون وَسِيلا(٥) پانِهجا، ڏاتَرَ(٦) هَٿَ ڏِجَنِّ.

مَن كَانَ لِلهِ كَانَ اللهُ لَهُ : جِهِي سَندَسِ سَندو تَنِ.

مَغزُ ڪُلِّ قُرآنَ جو، سالِڪَ هِتِ(٧) سَمُجهَنِ.

تَوَڪُلَ ۽ اخلاَصَ رِءِ، ڪَڏِهِين ڪِينَ چِتَنِّ.

آگِهِي ڪارَڻ عَمَلُ ڪجِهِي، اُنَ سِين عَرضَ(٨) ڪِجَنِّ.

عَمَلُ رِيائي روُحَ ۾، ٻُهر(٩) ٻُڪَ وِجهَنِّ.

آگِهِي ڏاران آسري(١٠)، موڳِهِي حِرصَ هَلَنِّ.

هِڪَ هَٿِ تاڙي ڪا وَڄِهِي، پاڻُهِر(١١) اَرتَ ڪَتَنِّ؟

---

(١) جهہ : تي (٢) ب : سر ڪيون، چ : سڪٹون، جهہ : سڪيون ، ڏ س: سرڪي، ق ن : سڪٹيون، ل : سڪي (٣) جهہ س ق : خلاصن، پيا سڀ: اخلاصون (٤) ا جهہ ر ق ن : نورت، نئُرت، ب س : نيت ، ڏ : نمت (٥) س : وسلا (٦) س : ڏاتار (٧) چ ل : هٿ ، جهہ: ا ت، س : د ر (٨) ب ح : غرض (٩) س : پهار (١٠) آسرا (١١) ا ب جهہ ح س ڏ ق ن : پاڻهين، ر : پاره

www.maktabah.org

ڏَرِتِي رِ ي جَرَ ڪَڪَ ڪَڏِي(١)، اُبتَا مِينهَ وَسَنِ(٢)؟

نَرَ رِي وِيَامَنِ نَہ نارِيُون، ٻَہ تَا(٣) نَفعُ ڪَنِ(۴).

سُرتِ سَمُجِهج ڳَالَهڙِي سَنڌِي سَامِيڙَنِ(۵).

وَهمَ آڏَا واتَ(٦) ڪَهِي، ڪَنِيا(٧) ڪَاپِڙِينِ.

لَبنِ(٨) لَنگهَڻَ(٩) جهِي پَارَ(١٠) جِي، اَتڪَلَ آڏِيسِينِ.

وِچَان(١١) وَرُ سَمُجهَائِيو، وَاحِدَ وِيرا ڳِينِ.

مَاڙُهنِ ڪَڻَ(١٢) وَٽِنِ ۾، هُنِ جا مَنجهه اَيِنِ.

وَفِي السَّمَاءِ رِزقُكُم(١٣) : فَرمَايو ڏَٽِينِ(١۴).

مَولهِي دَارَان مُورِهِم(١۵) ڪَنهَ سِين ڪَمُ نَہ تَنِ.

تَنهَ دَرَ ڏِينِ ڏَانهڙِي، جَنهِ دَرِ ڏَانَ ڏِجَنِ.

ڳَابَا چَارِيَان جَنِ(١٦)! جا، مَانِي مَتهِي تَنِ.

---

(١) ب جهہ نہ ڪيڏي، س : ڌرتي ري ڪڪ ڪري (٢) هيءُ سٽ "ب" ۾ ناهي، س: وين (٣) ا : تہ بند، ج : بندا ، ڏ : ننديا، ر : ٻاتا نفع بندا : س : تہ ندا، ٻيا سڀ : ٻہ تا (۴) فقط س : تن، ٻيا سڀ ڪن (۵) غ : سپرين (٦) ا ج ع : وات (٧) ح ر : ڪيڍيا (٨) ا ج : لپن ، ب ح ر س : لپن ، ق ن : لپ نہ (٩) ا : لڪن، ب لڳڻ، ج ع ق: لڪن، لنڪ، ن : لڪڻ، ل ندارد: لنگهڻ (١٠) ل : بار، س : لپڻ لنگهڻ جي آه ڪ (١١) س : وجا (١٢) جهہ ل : ڪن (١٣) ب جهہ س ۾ زياده آهي : و ماتو عدون (١۴) فرمايو ڏٽين فقط "جهہ" ۾ آهي (١۵) اب جهہ ح ڏ س ق ن : مورهين (١٦) جهہ ح : جن، ٻيا سڀ : جنه

www.maktabah.org

اَلغُنمُ بِالغُرمِ (١) پُختو پَرو جهَنِّ.

اِهدِنَا اَلصِّراطَ المُستَقِيمَ

آگا اسان پَسائيـڀين، سَنِئين واٽَ سَـيـڻِنّ.

اَڪِيـڀـن، ڪَنـڀين، هَٿـڀين، پـيرـڀـن، (٢) ڀِين لِڱنّ.

سَيِئِي(٣) مَڳهُمر(۴) واٽَ سَنِئين، ڏِنگِيَن(۵) ڏُکَ ٿِينِّ.

اُڪَندَ ڏِيهُمر(٦) اَصلَ جِي، جِتَان(٧) ڪاجَ سَرنِّ(٨).

جِتَان(٨) هَلا ڪِي هَڏِ پَڀِي، سامُورِ مَ وِجهِين مَنِّ.

پِرتِ ڏِيهُمر(٩) پاڻَ سين(١٠)، سَاجاءِ ڪُلَّ صِفتُنِّ.

تُنهجِي مَحَبّتَ جَنِ کي، صِفتَ مِنِي سَيَ تَنِّ(١١).

جَنِين سِڪَ سُلطانَ جِي، ڪَنَڪُ قَبُوليو(١٢) تَنِّ.

جـڀي وِجُهلَنِ(١٣) وَزِيرِيَ ڪـڀي(١۴)، وَزِيرُ وِهُجـڀي(١۵) تَنِّ.

---

(١) هي عربي قانوني اصطلاح سيني نسخن ۾ غلط لکيل آهي (٢) س : ۽ تون (۴) ڏ : سيئي، ڀيا سيِ : سيني (۴) اجهہ ح ڏ ق ن : مڳون، ب ر ع : منگهون (۵) "ڏ" جي پڙهٽي، ڀيا سيِ: ڏکيا، س : ڏنگيا (٦) ا : ڏي، ب جهہ ق ن : ڏيهون : ح : ڏينهين، ڏ : ڏ ج تون (٨) جهہ: جٿان (٨) ل : مجهن، ا ج جهہ ر ع ن : سجهن، ب ح س ق : سرن (٩) ب : ڏجاهون (١٠) ڏ : ۾ (١١) س : تن سين (١٢) جهہ ح ر : قبوليو: ڀيا سيِ ، قبيلو (١٣) ب جهہ ح ڏ: ونجهلن (١۴) ڏ س : لءِ (١۵) س : وجهين.

www.maktabah.org

خُوشِي جَنه خوجَپَ جہي(١)، سو مَوتُ مَگّہي خوجَنِّ.

جَنِ لاَلَچِ تِي لَشڪَرين(٢)، سہي لشڪَرَ موتُ مَگّنِ.

جَنين(٣) مَحضُ سِڪَ شاهَ جِي(۴)، سہي تَهہ(۵) رَنگَ رَچنِّ.

جَائِي وَٽہي شاهَ کہي، سائِي وَٽہي تَنِّ.

مُلڪوئي(٦) مِنو شاهَ کہي، تيلاهَ(٧) مِنو تَنِّ.

هِيين ۾ هيڪُ تِيا شَاهَ سيہن، ٻَهَران ٻ ڏِسجَنِّ.

رَضَا طَلَبِي شَاهَ جِي، ڪوڙين(٨) مَنجهان ڪَنِّ.

ٻِيا سَبِ گولا غَرضَ جا، شاهُ وِچايو(٩) تَنِّ.

شاهُ تَنِين(١٠) کہي تارَ(١١) جِنءَ، اُتو(١٢) آٿَنِ مَنِّ(١٣).

آگا آسان کہي ڪَڏين(١۴)، ڪَنان ڪَڌَ(١۵) غَرضَنِّ!

تُنهِجي وَٽِي، آسان وَٽِي، پَنهِجِيُون وَٽِيُون وَجَنِّ.

---

(١) س: خَشي خوجپ جنه کي (٢) ڏ س: لشڪر جي، ن: لشڪر سين (٣) ا ب ڄ ح ڏ ر س ق ل ن: جن (۴) ر: کي (۵) ا ب ح ڏ: تن، جهہ س ق ن گ: تهين (٦) ا ح ر س ن: ملڪ ئي، ڏ ق: منوئي (٧) ڏ س ر: تهو (٨) جهہ: ڪوڙيين (٩) ب: وجيو، ڄ: وٽيو، ح: ويٽو، س: وچويو، ويچويو، ع ل: وچيو (١٠) جهہ : تنين، ٻيا سبِ: تن (١١) ب: ٿار (١٢) ا ب ر ع: اتو، ڄ: اتون، جهہ ح ق ن: اٿو، ل: اٿو (١٣) ڏ ، آٿيو منجهہ آٿن (١۴) ڏ: تون ڪي (١۵) اڄ: ڪي، جهہ: ڪنڊ ، ح: ڳڏ، ڏندارد: ڪڌ ، ر: ڪنڌ، س: ڪڌ، ع: ڪڍ، ق ن: ڪل

www.maktabah.org

خالِقَ ڪَرِيهُمر(١) خَالِصو، ڪَڍِي ڪان ڪَمَنِّ(٢).
ڪَمَنِ پريہي قلبَ تہي، راجا رَحمُ نَہ ڪَنِّ.
مَن لَہُ المَولي فَلَہُ الڪُلّ : سَمجهائِي سَيِنِّ(٣).
قادِرَ واتَ قُربَ جِي، رَسَاٽِييہن رهَينِّ!
جِہي غَرَضَ گَيَا(۴) ڪِيَا گاہَ ۾(٥)، ڏُڪَنِ(٦) ڏِيُل ڏُنِيِنِ.

صِرَاطَ اَلّذِينَ اَنعَمتَ عَلَيهِمِ

اُوءِ سَنئِين واتَ تَنِ سَندِي، تو مِهر ڪِئِي تہي(٧) جَنِّ.
وَٽَت تُنهجہي واہَ ڪِيا، تو سِين وَٽِي تَنِ،
مَحَبّتَ موچارا ڪِيا، اُڪَندَ عِيدُون ڪَنِّ.
لاَ اِيمَانَ لِمَن لاَ مَحَبَّۃ لَہُ، مَحبتَ گهوٽَ گهرنِّ(٨).
دُنيا دَردُ نَہ دِلِ ۾، سُڄَ ئِي(٩) مَالُ سَندَنِ.
هِي هَمِيشَہ باغُ تِيَا، قَنَاعَتَ ڪَنزُونِ.

---

(١) ا : ڪرتون، ب ق ن : ڪريهون، جه : ڪرهون، ر: ڪرهمر (٢) هي سٽ ڏ ۽ س ۾ ناهي (٣) ب ح : سمجهن (۴) ا : گرا (٥) ڏ : گچايا گناہ ۾ ، ر : ڪيا ڪٺا ڪاپڙي (٦) ڏ: تن ڏڪئن (٧) ا : مٿي، جه س : مٿي ڪئي (٨) س : ڪٺن (٩) ج : ساجي، ع ق ن : سانجيءِ، ل: سجئي، ٻيا سڀ : سانجاءِ.

www.maktabah.org

هورُ هِيئن کان حِرصَ جو، قادرَ سو ڪاٽِئِنِّ(١).

تو گھرِيا، توکي گھرَنِ، اِهيو سَيرُ سَندَنِّ.

سُوڙِي سَدَا مَنِ جَنِين، سي ڪُوڙِي ڪِينَ پَسَنِّ.

يُحِبُّهُم ويُحِبُّونَه: اِيَ واٽَ وَرِيامَنِّ.

جِهَڙا نَبِيَ سَچِلاَ، ڪِ شَهِيدَ صَالِحَ هُون(٢).

ڪي هَلَٽا ڪي ڏِسَٽا(٣)، ڪي چڪئو چُورُ(۴) ٽِينِّ.

ڪي چڪائِين پِين ڪي، بالا بخت سَندَنِّ.

علمُ ۽ عَينُ ۽ حَقُ حَقِيقَتَ(۵)، سالِڪَ هت سَمُجهَنِّ.

اِنِ مِڙِني تي مِهرَ تو، سَنِئِين واٽ سَندِيَنِّ.

سِيِني مُحَبَّتَ تُنهنجي(٦)، تُنهنجي مِهرَ مَتِنِّ.

سَدا راضِي رَهِيا، ڪَڏِهِين نَہ ڪُرِڪَنِّ(٧).

رِضوَانَ مِن اللهِ اڪبَرُ : رِضا راهُ سَندُنِّ(٨).

رَضِي اللهُ عنهُم وَرَضُواعَنه: ايڏا طالِعَ تَنِّ.

---

(١) الف موجب، ٻيا نسخا : هور هيين حرص کان، ل: ندارد (٢) جھ : هئن (٣) ا ڏ : چلٽا (۴) س : چوڙ (۵) س : علم عين الحق حقيقت (٦) س : تو سندي (٧) ب جھ ح س : ڪٽڪن (٨) ب : سندون.

www.maktabah.org

ڪَڙو مِٺو سَڀُ تَنِ مٺو(١)، واحدَ رَنگ رَچَنِ.

صِبغَةَ الله وَمَن اَحسَنُ مِنَ الله صِبغَةً: اُنِ وَٽِي وَٽِينَ.

نہ ڪين لُطفَ جَا لاَلچِي، نہ ڪين قَهرُ مَڳَنِ.

جيڪين ڪَري تَنِ سِين(٢)، سُوئِي غَرَضُ سَنُدَنِ.

پهَ(۴) وِڃايو پُورَيِي(٣)، پَرَوَرَ پهِ رَهَنِ.

جيڪا گُهرِءَ اللهَ جِي(۵)، سا سَڀ(٦) گهوٽَ گُهرَنِ.

انّ الّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اُللهُ ثُمَّ اُستَقامُوا : ماڳان ڪِينَ مُڙَنِ.

نِيزا نِيڻَنِ سوئِيرو(٧)، هَٿان حَبِيبَنِ.

اَلبَلاَءُ لِلوَ لاءِ كَاللّهَبِ لِلذّهَبِ: اِيَ پِرِ عُشّاقَنِ.

ڏُکَ ٻيائيَ کان پَري(٨)، حَقّ سِين هيڪُ هُئَنِ.

جيڪَا گُهري مُون ڏِٺي، سا سَڀَ مِٺِي تَنِ.

لاَ قَيِدي تِيا لاڏُکا، تَعَيُنَ تاتِ نہ ڪَنِ.

---

(١) ر ل : مٺو ٿيو (٢) س : جيڪين گهري مون ڏٺي (٣) س : پنهنجو (۴) ب ڏ س : هلن (۵) س : جيڪا گهري مون ڏٺي (٦) س : سائي (٧) جهہ : سوئرو، ق ن : نيزا نيرن نيه سوئيرو (٨) س ع ل : ڏک ٻئايا ڪاپڙي، ب ح : ڏک پئا ڪاپڙي، ڏ ق ن : ڏک نپايا ڪاپڙي، ر : ڏک پرايا ڪاپڙين.

www.maktabah.org

اَلرِّضَا بَابُ اَللهِ اْلاَعظَمُ : سَيو ساٽيھونِ(١).

جَنِين دَرَجو دِلِ ۾، سِي ڪِنءَ سُڪِ تِينِ؟

ڪَڏِنه دَرَجو دَرِ اَچي، ڪَڏِهين خالِي تِينِ.

مَحبّتَ مَرتَبَنِ جِي، ڪَڍِي ڪاپَڙِينِ.

تَنه تي رَاضِي رَهِيا، جيڪا [پر] پِرين ڪَنِ(٢).

وُجُودُڪَ ذنبُ لاَ يُعَادِلُه ذَنبُ، رَبَّ جو پَهُ پَه تَنِ.

هيڪُ پَهُ ڪارَڻِ ٻِن(٣) ڇَٽِين، وَحدَتَ واتَ چَوَنِ(٤).

دوستِيَ جي دَڳَ ۾، ٻَه پَهَ پاپُ ٻُڌَنِ.

رِندُ سَمجھي رَمزَ کي، عاقلَ اِتَ اُجهَنِ(٥).

عاشِقُ(٦) عالَمَ باغَ پَسي، ڪَڙِي جينءَ مِتَنِ.

نامُرادِيَ نورُ ڪِيو، جُدا ڪان جَهلَنِ.

آبوجِهيَ عاقُلُ ڪِيو، ڏاها ڏُکَ پَسَنِ.

گھٽِي(٧) اَهڪِي عاقِلين، ڪو ڪو سُڪُ پَسَنِ(٨).

---

(١) جھ : ساٽيه ان (٢) هي سٽ س ۾ ناهي (٣) جھ : ٻين (٤) ح : ڇڙن (٥) جھ : اچن، ن: اڇهن (٦) ڏ : عاقل (٧) س : گهٽون (٨) س : سهڪ سهن.

www.maktabah.org

ارِنَا اُلاٌشيَاءَ كَمَا هِيَ : لَڏو راهُ رِندنِ.

جَنِ(١) پَسَڻُ وِڃايو پانهجو، پِريان(٢) پَسَڻُ پَسَنِ(٣).

لاَ خَوفُ عَليهِمِ وَلاَهُمَ يَحزَنُونَ(٤) : قطرُ نہ ڏُکَ ڏِسَنِ.

باطِلُ پوکَڻُ باغَ ۾، اِي پَرِ اَڪاڄَنِ(٥).

مَاخلَقنَااُلسّموَاتِ وَالاَرضَ وَمَا بَينَهُمَا لاَعِبِينَ:قَلَندر نَگَه کَنِ(٦).

آهي هِنَ هُنَرَ جو، قَدرُ ڪاپَڙِينَ.

نامُرادِيَ نِجُهري(٧)، سَامِي سُکَ ٿِينَ.

مُوران ناهِ(٨) مُرادَ ڪا، اَندرِ آڌِيسِينَ.

سَفَرُ اِقَامَتَ عَبدَ جِي، آهِي هَتَ آگَنَ.

پَرورَ واٽَ پَسائِيِن، اِيها عُشّاقَنِ.

غَيرِ اُلمَغضُوبِ عَليهِمِ وَلاَاُلضَّالّينَ

رکِهمِ(٩) تَهِمِ(١٠) واٽَ ڪَنَان، جَا سَندي مَغضُوبَنِ.

---

(١) ح : جنين : ع ق ل ن : جي (٢) ر : سي پريان (٣) ح : تن ، ڌ : تا پريان پاڻ پسن (٤) ا ب ڄ ح ڌ ر ع ق ل ن ۾ زياده آهي: كنت سمعه و بصره (٥) جھ : اڳانجهن (٦) جھ : نگه نہ كن، س : ماخلقنا السموات و الارض وما بينهما باطلا ـ فنا فيض سندن، لا خوف عليهم ولاهم يحزنون : قلندر نہ كه كن (٧) س : نامرادي جي نجهري (٨) ا: مور نآه (٩) ا ح: رک، ڌ: رکج، جھ س: رکهون، ق: رکين (١٠) ب ح، تنه، ڌ : تنهن، ن: تنهن.

www.maktabah.org

جَنِ تہِي ڏَمَرُ تُنهِجو، ڇاڙِيو وِنگِي وَڃَنِّ.

۽ پڻ تَهِم(١) واتَ کان(٢)، جا واتَ سَندِي ضالـّنِ.

جَنيِن(٣) خَبَرَ ناهِ ڪا، مُوڙهِي مَتِ سَندِينِّ.

هِنِ ڪي مَتِ نَہ مَنَ ۾، هُوءِ لالَچِ لَبَ پُڇَنِّ(٤).

هورُ نالو پَرِينِ(٥) جو، مُورُ اِسمُ اورِينِّ(٦).

جِهَڙا يهودِي(٧) ٿِيا، جہِي دُنيا دِينُ وِڪڻِّ(٨).

يَشترُونَ(٩) بِايَاتِ اَللهِ ثَمَناً قَلِيلاً : پَروڙِيو(١٠) پُٺ ڏِينِّ.

جِهَڙا(١١) نَصَارا ٿِيا، جہِي سَنئِين نَہ سُڃاڻِنِّ.

حَقُ جُسہِي جو يِحيو، رَڳُون رُوح پُڇَنِّ.

اَلاَ لَهُ الخَلقُ وَالاَمرُ : اَتِڪَلَ اَچہِي نَہ تَنِّ.

آمرَ ذاران آهڪَ جِي، وڃيو واتَ وَتِنِ.

عَهدَ بِدَنِ آگہِي سہِين، ڏادِنِ مُجاهِدَنِّ.

---

(١) ا ح : تنه، جهہ ن : تنهين، ڏ ن : تهين، س : ۽ پڻ رکين تنهين (٢) ب : ڪنا (٣) ا ر ع ل ن : جن (۴) س : پڇن (۵) غ : پهرين (٦) ب جهہ س ن : اورين، غ : اندرين (٧) ق ل ن : يهودي نصارا (٨) جهہ : ڏين (٩) ب : اشتروا (١٠) جهہ س : پڙهئو (١١) جهہ س : ڪ جهڙا، پيا سڀ : جهڙا

www.maktabah.org

پوءِ نَہ پُهچَنِ تَنِ کي، عاجِزَ تِي اُپِينَ.

رَهبَانِيَّة ن اَبتدَعُوهَا مَا كَتَبنَاهَا : نِشَانَ(١) نصَارِنِ.

جيکي مُسلِمَنِ منجهَان، اِهڙِي وَاٽَ وَتَنِ،

اُوءِ پُٺِ پائُرَ يَهُوديِنِ(٢)، جيکي نَصَارَنِ:

جِهڙا عابِدَ عِلمَ رِي، رَبّ سين شَرطَ ٻَڌَنِ،

کِ جَهڙا عالِمَ جنِ کي، سِکَّ نَہ سُپِيرِينَ(٣)،

گندِيَ مانِيَ موهيا، فَنَا يَيءِ(٤) ڦَرکَنِ(٥)،

دوستِيَ دُنيا جي، وِڏا ٻِيائِيَ ٻَنِ،

مُوجِبِ غَرضَ پانهجي، وَحيَ(٦) وِجاهِينِ(٧)،

تَنهِ پَرکَنِ نَہ ڳالهڙِي، جَنهِ پَرِ چَئِي ڏَٿِينَ(٨)،

مَتان پيچي مانُ تَنِ(٩)، اِنَهِمَ(١٠) داءَ ڊِجَنِ،

يَعنِي وِجهيو(١١) وَحيَ(١٢) ۾، تا ماٺون مُنجهائِين(١٣)،

(١) ا جهہ ر : نشاني (٢) ح : يهودن جا (٣) س ۾ هيءُ ۽ اڳين سٽ هن طرح ملايل آهي: جهڙا عابد علم ري جن کي سک نہ سپيرين (٤) جهہ ن : پئي، ق : پر (٥) ا س: ڦڙکن، ق: فرکن (٦) ج ڏ ر : وهي (٧) ا : وينجاهين، ب ح ر : ونجائين، ج ڏ ن: ونجائين، س: ويجائين، ع : ويجاهين (٨) جهہ : پرين (٩) ا : تن جو (١٠) ا ب جهہ ح ڏ س ن : انهين، ق: انهيء (١١) ا : وجهيو وچ (١٢) س غ : وهم (١٣) جهہ : منجهائن.

www.maktabah.org

پاڻَ نہ هاڙي (١) هَلَنّا، ٻِيا پُڻ وِهارِين.

گهٽا ٻِيا پڻ اِنِ جِهَا، مَنجهان فَرِيقُنِ.

جَنِ دگِ (٢) دوستِي ڇڏِيو، ٻِي جِي واٽَ وجَنِ (٣)،

تِيا مُخالِفَ رَبَّ سين، پَروَرَ پَه نہ هَلَنّ،

گولا پَنهِجِي غَرَضَ جا، رَبَّ تِي هَٽَ رکَنِ،

پَروَرُ پُڇَنِ پاڻ لاءِ، جِنءَ وادا لُهَارِنِ،

سُکَنِ سَندو سَيرُ ڇَڏيو (۴)، ڏُکَنِ واٽَ وَجَنِ،

هيکَڙِي گُهري مُون ڏَٽِي، ٻِيَ ۾ رِضا تَنِ،

تِيا مُخالِفَ رَبَّ سِين، ري گُهرءَ سَندِينّ.

فلاَ تسئَلنِ مَالَيسَ لَکَ بہِ عِلمٌ : ڏيا (۵) داغَ لَهَنِّ.

اِستَخَارَنِ جِي عِلمَ جو، وَجُهہ نہ ويچارَنِ،

پَڙهڻُ پَروڙِڻ ري، کَرَ ڇتُون چانگارِينِ.

مَن رّضِيَ (٦) فَلَهُ آلرِّضَا : ايڏاهِم (٦) نہ اَچَنِ.

---

(١) جهہ : هاڙهي (٢) س : دنگ (٣) جهہ : وٽن (۴) س : سرسکن جو ڇڏيو (۵) اچ جهہ ڏ ر س ق ن : دويا، ب ح ع : ديا (٦) ا ل کان سواءِ ٻيا سڀ : رضي الله (٧) ا ب جهہ ح ڏ س ق ن : ايڏاهين.

www.maktabah.org

چَڏيو وِچِينءَ واٽَ کي، پاسا پَچَارِينِ(١)،

جُزوِيَ(٢) جي(٣) زنجير ۾، کُلِيَ کَلَّ نَہ تَنِ.

اَفَتُؤمِنُونَ بَبعضِ اُلکِتَابِ وَتَکفُرُونَ بِبَعضِ:کين

سَهَنِ کين نَہ سَهَنِّ(۴).

جيکين گُهريو(٥) سَڄَڻين، سو سَمجهَنِ کِ نَہ

سمجهَنِّ(٦).

وَتُخفُونَ کَثِيرا: چورِي کَمُ کَڇَنِ،

پِريان پَڌَرِ جو وِڏو، سَا سِٽَ(٧) سَنُؤتَ نَہ سَمُجهَنِ،

چَڏيو راهَ رِضَا سَندِي، کَپَٽ(٩) کُوه کَٽَنِ،

اَلصّلحُ خيرٌ: اِي حَرفُ نَہ هِيِين پَڙهن.

صُلحُ واٽَ سَنئِين تيو، جو مارگُ مُسلِمَنِّ:

سَدا راضِي رَبَّ سِين، مَنجِهہ مِڙَنِي صِفَتُنَّ.

ويئِي(١٠) بَلاتن کي، آئِي سَبَ(١١) روچِينِ(١٢)،

---

(١) جهہ : پچارن (٢) سبِ نسخا : جزي (٣) س : پئا جزي (۴) ب : کين نہ وسهن (٥) ا : چيو (٦) هيءُ سٽ ب ڏ ۾ ناهي، س : سو ميجين کين نہ ميجين (٧) ب جهہ : ساسٽ ، پين ۾ رڳو : سٽ (٨) ب جهہ ڏ س : ڏنن (٩) س : کپ تي (١٠) جهہ س : ويئي تہ (١١) جهہ "سبِ" جي بدران: تہ (١٢) ا : روچي تن، ڏ : آئي روچي تن، س : جي آئي تہ روچين.

www.maktabah.org

جهي هُن سُورُ سَنباهِيو، تہ صِحَتَ سَڏَ(١) نَہ ڪَنِّ،

صِحَتَ صاحِبَ جهي ڏِني، تہ مَرضُ ڪِين مَڳِنِّ،

جيڪا گُهري مُون ڏَٿِي، سائِي واتَ سَندِيَنِّ(٢)،

لَيسَ فِي اُلامكَانِ اَحسَنُ مِمّا كَانَ: جِيرَي جَسُّ نَہ

چُونِ(٣)،

لِلهِ اُلمشرِقُ وَاُلمغرِبُ فَأَينمَا تولـُوا فَثَمّ وَجهُ اُللهِ :

پڙهي پَروجَهَنِّ.

جيڪين خالِقَ خَلقيو، سو سَڀُ مُسلمُ ڪَنِّ.

بَاهَتَر فَرِيقُنِ(۴) گُمراهُ ٿي(۵)، مُسلمَ وچِ وَتَنِّ،

جَنِين ميلُ ظاهِرَ ڏِي(٦)، سي يائُرَ يُهودَنِّ،

جَنِين مَيلُ باطِنَ ڏِي، سي جِهڙا نَصارَنِّ(٧)

مُسلمِ وِچِيِنءَ واتَ تِهي(٨)، وَحدَتَ ۾ وِهُسَنِّ،

مَولِي جهي مُرادَ ۾، مُرادُون وِيِئِن،

نہ ڪين اَنفُسِيَ(٩) ڪوڏِيا، نَہ آفاقِي آهِنّ(١٠).

---

(١) جهہ س : سڏ (٢) جهہ : سندن، ڏ : سا سڀ مٿي تن، ج ح ل : سَيَنِ (٣) ق : جڙين (۴) س : قومون (۵) ا ڏ ر ع ق ل ن : ٿيا، جهہ : ٿيون، (٦) ل : ظاهري، ب ج : ظاهر سين (٧)س: او ء منجهان انصارن (٨) ب: ۾ (٩) ح : نفس (١٠) س : اچن.

نہ ڪو ذوقُ جمعَ جو، نہ فرقَ ۾ قاسنِ،
نيرنِ ڪنانِ نگيا، گھرءَ ۾ گھرُ سندُنِ (١)،
جي گُرَ(٢) ڏنين(٣) ڊِگڙي(٤)، تہ سائي پرماڻونِ(٥)،
مُقلبُ تِي(٦) مشهُورُ تيو، وَسہي منجھہ سَيَنِ.
مان جاڳائِہي مُون پرين(٧)، اِنھمِ(٨) سِڪَ سُمَهنَ!
مَا خطرَ ببالڪ والله سِوا ذَالڪَ : دِل سين دورُ پڙهنِ.
ڪُوفيان نِگِيا ڪاپڙي، ”لَا“ سينِ لڪ(٩) سَندينِ،
مَولہي مَذهَبِي تِيا، قيدُ نہ ڪاپَڙينِ،
بَدا قادر قَيدَ ۾، ڪُلِيَ قَيدَ چِئَنِ (١٠)،
صفَتَ سَندينِ مُون ڏٽي، وِردُ(١١) ڪلاَلتَ(١٢) ڪَنِ،
ڪَڙو تَنِ منو تِيو، قَابلُ قلبُ سَندُنِ،
هِيُون هَيُولاَ تَنِ جو، سَيَڪَنِہ رَنگَ رچَنِ.

---

(١) ح ر ع ل ن : سندون (٢) جهہ گهر، ب ح : گهٺي (٣) ب: ڏين (٤) ا: ڊِگهڙيون، ب : ڊگهري، جهہ : ڏگڙي، ح : ڊِڪڙي، ڏ : ڊِنگهري، ر : ڏڪري، ع : ڊِگري، ون : نگري، (٥) جهہ ن : پرماڻن (٦) ا : اي (٧) ر : ڏني (٨) اب جهہ ح ڏ س ن : انيين (٩) س : لڳ (١٠) س : ڪِڍي ڪنا قيدن (١١) س : ور، ل : وڙڏ (١٢) جهہ : دلالت.

www.maktabah.org

هَڏِ نہ رَچَن ڪَنھ رَنگَ ۾، آرسِي(١) آهنِ(٢)،

ڪَنِ نہ ڪالُھوٽِي ڳالهڙِي، اَڄُ سِين اُنسُ سَندُنِ(٣)،

سِڪَنِ ڪِينَ سُبَاهَ(۴) کي، حاضِرُ حالُ رَهينِ(۵).

ڀَھڳُڻ ٻڌا ٻاڻ ۾(٦)، آتڪل اِتِ سَندِينِ،

لاَ قَدَرَ وَلاَ جَبرَ وَلٰڪِن طَرِيقٌ بَينَ الطَّرِيقَينِ : هِهڙِي واٽَ هلَنِ،

آڏَسِ اُڏَامڻُ تَن جو، ڏَسئان ڏُک ٽِينِ،

واحدَ وَٽي تَن وَٽِي، وِڇِين واٽَ سَندِينِ.

مارڳُ مُسلمن اِهو، جا وَحدَتَ واٽَ ڇَوَن.

ٻِئا سَبِ يائُرَ يَھُودِيِين، جھيڪي نَصارَن.

وِڃِ پَرُوڙڻُ(٧) ڏاڪڙو، وِڏا سڏّ(٨) سَمُجھَنِ.

رِءَ سَمُجھائِي رَبّ جي، ڪِينَ ڪَڏنھ سَمُجھنِ(٩).

هِيَ ڳنڌ نُھين نہ(١٠) ڇُڙٽي(١١)، جا ڏِني پاڻ پِرينِ.

---

(١) ڄ ح : آديسي، د : اسي. (٢) ب ڄ ح ڏ ر و ن : آهين (٣) ب ح : ان (۴) جھ ح ر س ق: صباح ڏ : صبح (۵) ب : حال رهن (٦) ڄ جھ ر ع ن : پاڻ، ڏ : ٻول (٧) س : پروجھڻ (٨) ر : سڌ (٩) س ۾ هي سٽ ناهي (١٠) ا : نہ آهي، جھ: تہ نهين، ڏ: نهن تہ، س : هڏهر (١١) ر: ڀڄٽي، ق : ڇنٽي.

www.maktabah.org

پاڻَ چوڙي تہ چِڙي، ڪارڻِ پاڻَ ڏُئَنِ(١).

ٻِئا سَڀِ پاسہِي(٢) رَهِيَا، دَعوا وِچ رکَنِ.

آگا اسان ڪہِي رَکِين، ڪَنَا اَطرَافَنِ(٣)!

ڪَرِيهُمِ(۴) پَنهجہِي قَيدَ ۾، ڪَدِي ڪَنا قيدَنِ(۵).

توڙِي(٦) قَيدُ نَفِيَ جو، توڙي(٦) اثبَاتَنِ!

نُقطہِي نِهَرَ(٧) نِصيبُ ڪَرِيہِنَ، مَولِيٰ مُؤمِنَنِ(٨)!

نَفيَ ۽ اِثبَاتَ ۾، اُنَ رِءَ(٩) اهڪَ(١٠) ثِيَنِ(١١).

وِينداسہِي اِيمانَ سِين، ڪَلمو جہِي ڪَهَنِ.

لَاالٰه الاّ اللهُ مُحَمّدُ رَّسُولُ اللهِ صلي الله عليه وسلم.

---

(١) ب : ڏٿين (٢) س : پنڌائي (٣) س : تون قادر ڪناتن (۴) ا ڄ س ق ن : ڪريهون، ح : ڪريهين، ڏ : ڪرتون، ل : ڪريهم (۵) جهہ : ڪمن (٦) ا جهہ ڏ س ن : توٽي - (٧) ا س : نهار، ب : نظر، ح : مهر (٨) ڏ س : مشتاقن (٩) ب جهہ : ري (١٠) ن : اوڪ (١١) هي ۽ سٽ ڏ س ۾ ناهي، ان جي بدران ڏ ۾ : چؤ صلواتون حضرت رسول تي لکين مدامن، ۽ س ۾ : ڪلمو قلب پاڙهين، ڪلمو ڪز ڪهن.

www.maktabah.org

سنڌي تفسير الڪوثرِ(١)

بسم اللهِ الرّحمانِ الرّحيمِ.

پَروَرَ پَنهجي نامَ سِين، قَادِرَ توڪَ ڪِيَا،

جو خَالِق مَخلُوقَنِ(٢) جو، هَادِي ڪَنِين لاءِ

صَلَواتُون سَرورَ اُتي، جو مَولي مَحبوبَا.

جيڪي جُدَا تَنه(٣) ڪَنا، سي مَڙَئِي مَردُودا.

۽ پُڻ اَصحَابَنِ اُتي، ۽ مَتي(٤) اَولاَدا،

جي رَتَا رَنگَ حَبِيبَ جي، آگي دَرِ اَگهيَا.

ڪِين قَدرُ ڪَوثَرَ سُورَ(٥) مَنجهان ڪجي(٦) بَيَانَا،

تَہ طالِبَ سُٽِي تَنه ڪي، رِڙهنِ رَبَّانِي راهَ،

مَذهَبُ وَتي مُحمّدِي، وَڃنِ وَحدَتَ ڏاهَ،

پُرَنِ پِريَان جِي پيچري(٧)، رَسنِ راجَ رِضَا.

---

(١) ا : سنڌي انا عطينا، ڄ : سنڌي انا اعطينا اري، ح : تفسير سورة انا اعطينا، ڏ : تفسير سورة الكوثر، ق : سنڌي انا اعطيناڪ، ل : سنڌي تفسير سورة انا اعطينا، م: سورة الكوثر، ن: سنڌي تفسير انا اعطيناڪ. (٢) س: ڪل خلق. (٣) س: انه (۴) س : متي ان جي (۵) س: سورة ڪوثر (٦) س: ڪريهون (٧) ب ح : پير تي.

www.maktabah.org

بِيُون سَڀ واٺُون وِنگيُون، مَگَر هِيَ واٽا،

جا سِيکارِي سَيّدَ کي، مَولِي مِهر مَنجهان.

صَاحِبَ ڪِيو هِنَ سُورَ ۾، تَنه جو بيَانا.

جَنِ وَنِتِي سي واهَ تِيا(١) تَابعَ طٰهٰ جا،

رَسِئَا(٢) تَهِم(٣) راجَ ڪِي، جِتِ هاجي ڪُوڪَ نَڪا.

تَرڪُ تُرهو تارڪي(۴)، اِنهِم(۵) واٽَ وِيا.

قُل ان کُنتُم تُحبُّونَ اُللهَ فَاُتَبِعُونِي يُحبِبكُمُ اُللهُ: قادِر ڪَلاَماَ.

وَنو پَرِ وَرنه سَندِي(٦)، جَنه فَقرَ ۾(٧) فَخرا،

تہ واحِدُ آن سِين وَٽَت ڪَرِي، بَخشِي آن ڏوها.

آپَرِ سُهَاٽا(٨) سَسُئِيَ، پُنهُونءَ پَاڙيچا(٩).

ڪِهڙِيَ ڪَبِي ڳَالِهہ(١٠) تَنِ جِي، جِي پَاڙِي(١١) پُنهُونءَ جا(١٢).

هاٽي سُٽِهو(١٣) هِنَ سُورَ جو، پَهرِين تَفسيرا(١۴).

---

(١) س: جنين وٺتي واٽ سا (٢) ڏ:سي رسيا (٣) ا ب ح ڏ م: تنه، جه س ن: تهين (۴) جه: کي، جه حاشيہ ۾ س: کي (۵) ا ب جه ح ڏ س: انهين، م: انهي (٦) ب ح س موجب (٧) س: فقر جنه (٨) ا: سهانرا، ب: سهانا، جه ح: سهاٽان، س: سهاٽيا (٩) هي سٽ ع ۾ ناهي (١٠) ع: ڳالڙي (١١) ب ڄ ح ر ع ق ن: پازي، س: پاجي (١٢) ڏ: جي پاڙيچا پريان (١٣) ق ر ن: سٽو (١۴) جه: مڙئي مومنا.

www.maktabah.org

سٽِي سِڪِي يادِ ڪَري، طَلَبِيو تفصِيلا.

سَافِرُوا تَربَحُوا: وِهَڻَ وِيرَ نَہ ڪا.

وِينَنِ تَان وارِي وَري، هِمَّتَ جِينءَ هُمَا.

جَنِ هِمَّتَ ڪَئِي تَنِ حَقُ ڏِنو، پِيَا نستَ نادانا.

رُئَندي(١) ڪَيندي رَهِيَا، وِيني گهرِ مُئا.

ڪَونرَ ڪلي جا ڪوڏِيا، جَنِء مِينهِن(٢) سَنگهَارا.

سَارِعُوا اِلىٰ مَغفرةٍ مِن رَبِّكُمْ: پِي جِي بُڌَنِ نَہ ڪَا.

اُنچي(٣) ڳاتِ اَجَلَ ڏي(٤)، وَجَنِ واڪِيندا.

اَجَلُ دِڄي اُنَ يرِ(٥)، واري صُلحَ واءُ(٦).

وِيِس مَتايو مَوتَ جو، تِيي بَاغُ بَقاءُ.

إنّ مَعَ اُلعُسرِ يُسراً: سُورِهَ سوبَ سَدا(٧).

لِلغَارِي اِحدَي اُلحُسنَيَيِن: مانجِهَي(٨) ڪي مُهتا.

---

(١) اب جھ ح ڏ س ق م ن: روندي، ع : رندي (٢) س: مينهين. (٣) جھ ڏ ن س: اونچي، ر: اوچي (۴) ب: سامهان (۵) س: يِيءِ (٦) ع: ساري صلح ساءُ (٧) ا ڄ ع: سندياءِ، ق: سندا: ن: سنداءِ (٨) س: مانجهين.

www.maktabah.org

اِنّاَاعطيناڪَ اُلڪَوثَرَ

صَحيحُ(١) آسان تو سُپرِين، ڏِنو گهڻو خيرا.

حَوضُ ڪَوثر هيڪَڙو، آثرُ اِنَ عطاءَ.

ذَوقُ پِڙ پيوءِ(٢) ذاتِ جو، مُخزَنُ مَستُورا.

آصلُ انعامَنِ جو، ذاتِي ظُهُورا.

سو تو(٣) ڏِنُمِ سُپرين، بِئَنِ صفاتِي ساءُ.

فَصَلِّ لِرَبِّڪَ وَاُنحر

تَڏهِ تِي نمازِي رَبَ لاءِ، ذابحنِ مَنجهان.

مَولِي مِهر مَگ تُون، ڪاتِي ڪُهَڻَ سَنياءِ.

ڪُهَڻُ ڏارا ڪِينَ ٿِيي، نِرمَلَ نَمَازا.

"آللهُ آڪبَرُ" آولَ ۾، آهِي اُهيڃاڻا.

حَلقُ وَڍِ حِرصَ جو، جو رَڳُنِ رِئيسَا.

---

(١) ل ڪان سواءِ سڀ: صحي (٢) ڏ: پڙپي، ا: پڙ پئي، پيا سڀ: پڙپئو (٣) ن: تان.

www.maktabah.org

حُبُ اُلدُنيَا رَاسُ كُلِ خَطِيئَة: لاَمُون هَٿُ رِيَاءِ(١).

قد اَفلحَ مَن تَزكي وَ ذكرَ اُسمَ رَبهٖ فَصَلي، پَهرِين
تي پاڪَا(٢).

وِڍِ لاڳاپا لوڪ جا، تِي هاتِڪَ حَلاَلاَ.

وَاُستَغفِرُ لِذَنبِڪَ: وِهَڻَ وير نَڪا.

اِنَ شَانِئَڪَ هُوَ اُلاَ بترُ

مَٿورو(٣) تو(۴)، مُون پِرِين! ڪُتَل(۵) خَيرَ ڪَنا.

بِـئَـنِ سَـيـنِـي خَـيـرَ مِ، آهـي اُمـيـدا.

آهِي هِنِ(٦) حَرفَنِ جو، بيحَدِ بَيَانا.

تَفِصيلُ تَنِ جو(٧) جِي ڪِجي، تَہ پُڄِي قُرآنا.

لهَا مَعَانِ كموجِ اُلبَحرِ: ليکو لَهرين نَاه.

پَرَ ڪين لِکان تورِڙو، ڪَرَ ڪَڻُ(٨) ياندي ڪان.

انَا اَعطَيناڪَ اُلڪَوثَرَ

---

(١) ب ڄ ڏ ق ل: هٿ، ر: هٿريا؛ ع: هت، س ق: لاءِ م هٿ رياءَ (٢) س: پهرين ڪاتي پاءِ (٣) ا: مٿو، ڏ: تون مٿ گهرو، س: مٿو، ق: مٿورو (۴) ا ب ڄ ح ق م ن: تون (۵) ا: ڪتل، ب جهہ: گتل، ڄ: ڪتل، ح: گتل، س: ڪتل، ل: ڪتل (٦) س: ان (٧) س: تنه جو (٨) س: ڪٿون.

www.maktabah.org

صَحيحُ آسان تو سُپُرِين، ڏِنو گهڻو خيرا.

وَمَن يُؤتَ الْحِكَمَةَ فَقَد أُوتِيَ خَيرًا كَثِيرا: سَيّدَ جاءِ سَنديَاءِ.

مَرڪَزُ(١) مڙِني حِڪمَتين، اَحمَدَ تِيو عَطَاءَ.

تِتهِي تو پير پِيَا جِتهِي جاءِ نہ ماءِ.

نَکو نَبِيُ جِتِ رَسِيو، مَلکَ مَاڳَ ڪِيَان؟

قُربُ لَذوءِ(٢) تَنهِ کُلّ سِين، جَنهِ(٣) لِکَ لُقمَانَا.

مُسَمّيٰ تو مَحبُوبَ کي، آدمَ کي آسمَاءَ.

سِرُ سُجاتوءِ(٣) سُپِرين، پَري تِيا پَردا.

رُوحُ اَکِيُنِ ۾ آئِيو، اَکيُون تِيُون اَندرَا.

اَندرِ ٻاهرِ اَکِيين، پِيتا پِيالا.

سوئي ساءُ شَرابَ جو(٥)، سوئِي قَدحَ ساءُ.

يَا اهلَ يَثرِبَ لَامَقَامَ لَکُمْ: لَذوءِ مَقَامَا(٦).

عالَمَ سُبِ اِثبَاتَ ۾، تو لَنءُ لالَنَ "لاَ"

---

(١) ا ڄ ع کان سواءِ ٻين سيني نسخن ۾ "مرڪڙ" آهي (٢) س: لذءِ (٣) اب: جنهن مان، ٻيا سڀ ر ۽ س کان سواءِ: جنه مون (٣) س: سجاتئي (٥) س: ۾ (٦) ل ندارد: لذو.

www.maktabah.org

وِيا واجهِيندا(١) جَنه لاءِ، مُرسَلَ اَنبِياءَ(٢).

"لاَ" ۾ ڏِنوءِ(٣) لاڏُڪا، الڪُ مُرسَلَ اَنبِيَاءَ.

قَدرُ سُجاتوءِ "ڪِينَ" جو، اَتِڪَل عَجَبُ سَندِياءِ.

بِيا سَيِ سِڪَنِ سوجهَرِي، تو اُونده آراما.

عَلَيكُم بِالسَّوَادِ الاَعظَمِ: تِيلاهَ ڏَسَ ڏِناءِ.

لَکِين(٣) مَرڪَن(۵) لاڏُڪا،(٦) تُنهِنجي طَرِيقا.

اَلفَقرُ فَخرِي، سُجَ ۾ سُڪَ تِيَا.

ڪَنِه ڪي لِکَ نہ "لاَ" سَندِي، جا لَکِي(٧) تو "لاَ" ڳان(٨).

تو لاَءِ رَکِيُمِ رازُ سو، اي مُنهجا مَحبوُباَ.

وَلَقَد آتَينَاکَ سَبعاً مِنَ المَثَانِي وَالقُرآنَ العَظِيمَ: ايڏو تو ڪَرَمَا.

ايڏو ڏانُ نہَ مون ڏِنو، تو رِءَ بِي ڪَنه ڪان(٩).

تُون ساقِي اَنهِم سَرَ جو، وِيتو وِيرَ وِراهِ.

---

(١) ب غ: واجهائيندا. (٢) ق ن:نبيا (٣) جهہ س: ڏنئي، ل: ڏنو (۴) ب چ ح ر ع ل: لکن، ڏ: لنگهڻ، س: لڳن، ن: لگهن (۵) ڏرس، مرڪڻ (٦) ق: لاڏلا (٧) جهہ: لڳي (٨) ا چ ع ن: لاڪاءِ، ب لاڪا (٩) هي پڙهڻي ڏ ق جي آهي، ٻين ۾: ايڏو ڏان نہ ٻي ڪهم ڏنم، توڙءِ ڪهم ڪان. تازن نسخن ۾ "ڪهم" جي بدران "ڪنه" ڪيا "ڪنهين" آهي.

www.maktabah.org

كُنجِيون(١) قُدرَتَ مُونِ ڏِنيُون(٢)، تَو هَٿِ حَبِيبا.

عِلمَ آپِ زَمِينَ جا، آحمَدَ ٽِيَاءِ عَطَا.

پارِسُ ڏِنُمِ تو پِرِين، آدَمَ اڪسِيرا.

عِيسيٰ(٣) اِنَ اِڪسيرَ ڪان، ڪو قَدرُ ٽِيو ڪَرَمَا.

مُئا جِيا ٽي جَنهِ سِين، بوڙَنِ ٽِيو سُٽَّطَا.

آندَنِ پِڙ پِيُون آڪِيُون، ڪوڙهِيَنِ ڪوڙَهه لَٿا.

توڙي ڪين تَوراة ۾، تہ سُرڪِي سَمُوندا.

سُونهَ سيائي يُوسُفَ جي، آثَرُ اُنَ عَطَاءَ.

ذرو زُلَيخا سَرِئو، آحمَدَ تو عِشقَا.

بِهِشتُ آنهِم(٥) بَحرَ ڪان، ڪَرَ بَرفَ بَحرَنِئَا.

دوزَخُ تُنهِجي دَرَ تہي، پِني پيہنارا،

تو ري طاقت ناهِ تَنِه، جو ڪَانئي ڪُفَارَا.

---

(١) ڏس: ڪنجي (٢) ڏ ر س ل: ڏني (٣) س: عيسي ڪي (۴) اب جهہ ح ڏ ق م ن: انهين.

www.maktabah.org

جَنّـَةُ تُنهِنجو جَلوو، نَظَرُ مِهر مَنجهان(١).

(١) هن کان پوءِ حافظ حامد الله واري نسخي ۾ هيٺيون زائد سٽون آهن:-

مبصِرُ بَصَرَ ۾ آئيو، اندو ابصارا.

روشن آبُ حيات جو منجهہ تاريکي غارا.

کُلُ شَيءٍ فِي کُلَ شَيءٍ، سِيت سِيکِين آهِ.

جي دل دَلالت توکي، تہ عاشق ابليسا.

صُنعَتَ صانعُ هيکڙو، دُوئي دِليان لاَهِ.

واديَ وحدت جِي ۾، ڏي نِسبت نِکالاَ.

فَلاَاَنسَابَ بينَهُم، کُوڙا سِياکا.

وَلَم يُولَد آدَمُ ڇهو، ۽ لَم يَلِدِ عِيسَا.

اَلانسَانُ سِرِي وَ اَنَاسِرهُ، آدَمُ سِرّ خدا.

وَلِيَ سِکَنِ واڻَ کِي، عَجَبُ اِسرارا.

اَحمَدَ ذات اَبُوجهَلَ جِي، آزرَ خليلا.

کَمُ کارِيندڙُ هيک ٿِيو، فَاعِلُ مَفعولا.

www.maktabah.org

نظَرُ نِرمَلَ نارِ ۾، ڪَيُو قهر مَنجهان.

اَپَ، يُون عَرش، ڪُرسِي، مأرُو، جِنَ، مَلڪَا،

تارِيَ تُنِهجِي مُون پِرِين، هلَنِ هَميشا.

سَاڄَنَ تُنهڄِي سوجِهرِي، لائِقَ لوڪَ تِيَا.

تو پاڇوئي مُون پِرِين!، ڳُلَ ڦُلَ ڦُلارِيا(١)،

ڳُجَها پَڌرا جي تِيا، ڪِ اَچَا ڪين تيندا.

بقيہ حاشيه (١) جهہ: گلزارَيا

اَحمَدُ سوئي اَحَدُ تِئو، وِئو ميمُ وِڃان.

اَنَا اَحمَدُ بِلا مِيمٍ: سَيو فَرقُ فَنا.

ڪُلَ جو قَيدُ نفي تِئو، جُزِئِيَ جاءِ نہ ڪَا.

اَلانسَانُ سِرِي وَ اَنَاسِره: سَيو سِرُ وِڃاءِ.

توکِي ڪَشفَ ڪَرامَتُون، يارو يقينا.

ڏِسِ ڏِسَڻَ کان ڏُورِ تي، اَک آئيني پاءِ.

وَنَحنُ اَقرَبُ اَليه مِن حَبلِ اَلوَرِيد: تو وَتِ اوڏو آهِ.

www.maktabah.org

اَصلُ تَنِ جو تُون پِرين، پِيا(١) اوءِ تو(٢) پاڇويا.

مُون کي حَمدُ کُلَ جو، توکي حَمدَ لِوَاءُ.

تُون مُحمَدُ مُون کِئو، وَڏِيَ واڪاڻا.

الحمدُ لله تو ڏِيان(٣) عالَمَ کُلَ وِچان.

سَيِنِي لاَمُون لَڏيُون، پِرِين تو پاڙا.

نَحنُ اُلآخِرُونَ اُلسابِقُونَ: توکي عَجَبُ عَطَاءُ.

کِيِنَ گهُرجي کين پِيو، توکي پوءِ هِنئَان.

فَصَلِّ لِرَبِّکَ

تَڏه پَنهِجي رَبَ لاءِ، کَرِ تُون نَمَازا،

جانِبَ توکي جَنه ڏِنو، عِلمَ جو اَصلاَ.

کَرِ عَبادَتَ اُنَ لاءِ نَہ کَنِه بِي کَمَ لاءِ(٤).

کَمَ تُنهِجا تَمُّ ٿِيا، سَڀِئي سَرَانجاما.

سِکَ مَنجهَان سَجدا ڏِي(٥) مَحضُ(٦) لَذَتَ لاءِ.

---

(١) اجهہ ر س ق ن ندارد؛ پِيا (٢) او، ٿئا، جهہ: پِيا توءِ (٣) س: الحمد ٿو تو ڏيان (٤) ح: نہ کنه بي لاءِ؛ ق : نہ کنه بي جي لاءِ، ن: نکين بي لاءِ (٥) م: ڏئين (٦) م: ءِ محض.

www.maktabah.org

ٻئَنِ عبَادَتَ ايريو، توکي ماکِي ساءِ.

ماکِي ڪائِجهي مِيٺَ لاءِ، ايرِيو لاءِ شِفَاءَ.

توکي نِينهُ نَمَازَ جو، جا مُون ڏِي(١) مِعراجا.

ٻئَنِ سِڪَ ثَوابَ جِي، عِبَادَتَ ويرا.

تُون آهين اَهلُ قُربَ جو، هوءِ آهِنِ اَجِيرا.

دائِمي نِيَّت پورهيو، مائِيَ مِيٺُ وِياءُ.

ويٺو وِير حُضُورَ ۾، ڳُجهو مُون سِين ڳاءِ(٢)،

مَحضُ مَحَّبت مُنهِجيَ، صِرفُ لَذتَ لاءِ.

پورِهي ڪارَڻِ سو پڙهي، ۽ ڪَري عِبادَتا،

جنَهِ کِي مَحَّبَت مَنَ ۾، مالِڪَ حُورَ سَندِياءِ(٣).

توکِي اِي سَبِ سَرِيا، ڏِنَئِي ڏاتارا.

بَلڪِ تُنهجيَ بُوءِ سِين، مُلڪَ مَعمُورا.

سَيَتِ تُنهِجي سوجهِرِي، لائِقَ لوڪ تِيا.

(١) جهہ: مومنن، هي سٽ س ۾ ناهي، (٢) ا ح ق: ڪاءُ، ح: ڪاءِ: م: ڳالهاءِ، ن: موسي ڪان
(۴) س: مال ڪ خور سنديا

www.maktabah.org

تَڏهين توکي ناهِ کو، تَنين جو غَرَضَا.

مَحضُ مِنائِيَ مُنهجِي، ڪارَڻِ مُون قُربا،

مُون سين مُناجاتِ ڪَر، ۽ سَيئي عَمَلا(١).

فَاَقم وَجهَڪَ لِلدِّينِ حَنيفَا: اِت ڪَرِ اوطاقا.

پَري(٢) ڇَڏِي(٣) سَڀِ پيچرا، وَڏي واٽَ لَڏياءِ:

اِهدِنا اُلصِّرَاطَ اُلمُستَقِيمَ: وِچان وِڄَ وڃاءِ.

وَحدَتَ لَڏيئي واٽَڙي، اَڱهيئي دوسَ(۴) دُعَاءَ.

جِيٽي ڏاڏي ڪِيمَ پَس، نَظَرُ پَرين پاءِ.

ڇَڏِ ڄُ تات طَرَف جِي، بَرزَخُ بهَارا.

خَيرُ اُلاُمُورِ اوسَطُهَا، نُقطِي ڪِجِ(۵) نظَرَا.

وِچين وَنيو واٽَڙي، اورِج اَحمَدَ شاهَ.

هِيَ واٽَ نَہ واٽُنِ جِهَڙي، عَجَبَ جِهَڙي آهَ.

سو پُنهُون، سو پِرِيتَڻو، سو وِندُرُ، سو(٦) واٽا.

---

(١) س: ۽ پِيا سڀ عملا (٢) ا ڄ جهہ س ع ق م ن: پرين، ڏ: پر (٣) ڏ ن: ڇڏ (۴) جهہ س: دوست (۵) جهہ: کر (٦) س: سا

www.maktabah.org

سوئِي پَسجهِي، سو پَسٽو، سوئِي پَسڻ آهِ.

صُورَتَ ناهِ شُمارُ ڪو، هيڪڙِي حقيقتا.

اِهڙِي واتَ عَقلَ ۾، مُوران تان نہ مِياءِ.

تو پَرُوڙِي مُون پِرين، توڪي مُبَارَڪَا.

اِن ڪُپيريَ ۾ ڪو پِئو، آيو نہ(١) آصلاَ.

تُون هُئِين غافلُ غيرَ كان(٢) تڏه سُجَاتِيئَي سَا.

وَ وَجَدَڪَ ضَالاّ فهَدَي: ڪامِلَ تو ڪرما.

واتَ وجَايَئِي سُپِرِين، تَڏِهِين واتَ لَڌِياءِ.

واڻُن وارا وِچَ ۾، رُنداِئِي(٣) رهيا.

آهي واتَ وِصالَ جِي، وَجَڻُ واتَ اِها(٤).

وَمَن يَّعتَصِم بِاُلله فَقد هُدِيَ اِلي صِرَاطٍ مُستَقِيم:
تُنهجوئِي(٥) بختا.

دَعوي ڇڏِي دگُ(٦) لَڌوءِ،(٧) لَتاءِ(٨) حِجابا.

---

(١) س: نہ هو (٢) ب: ڪنا (٣) س: روندائي (۴) ذق: اها، بيا سب: هٿا (٥) س: تهجو ايءُ
(٦) ا جهہ س: دنگ (٧) جهہ: لڏيءُ، ح، لڏوئي، س: لڏءِ (٧) س: لَتا.

www.maktabah.org

سانگُ سَيوئِي(١) تو ڇڏيو، ڪَنيئِي رَبَ رِضا.

تَڪِيي منجهِ تَسليمَ جي، وينِيـن(٢) وَرياما.

فَقرُ توڪي فَخرُ ٿِيو، جِتان لَعلَ(٣) لَڌِياءِ،

اَمُلُ لَڌوءِ اَنَ هُوندَ ۾، قِيمَتَ جَنهِ نَہ ڪا.

نالو مَتِسِ ناهِ ڪو، هَيئَتَ،(٣) هِڏِ نَہ ڪَا.

ڪَنزُ مُشابِهُ "ڪِينَ" سِينِ، پَرَ "ڪِينَ" مَ ڪَہُ تَنهِ ڪَانِ.

سوڪِيندَرُ، سو ڪاڄُ ٿِيو، سو پُنُهون سو ڪيچا.

ڏِنوءِ حَيرتَ(٥) ڏيـهَ ڪيِ، سُورِهَ سَڄارا(٦).

ڪـادوءِ(٧) ڦَرُ فَنـا سَنـدو، سُڪَرَتَ شَرابا.

بُوءِ جهَمِ(٨) بادامَ جِي(٩) لڪِين(١٠) لَعلَ ڪيَا(١١).

سو تو ڪادو ڪَلَ ري، ڪَلَ پُڻ تَنهِ(١٢) ڪادِياءِ.

---

(١) ل: سيئي، هئي ساري سٽ س ۾ ناهي (٢) ا ب ڄ ح ڏ ع ق ل م ن: وينو، س: رهه وينو (٣) جهه ن ڪان سواءِ ٻيا سڀ: لال (٤) س: هيبت (٥) ب ڏ ڪان سواءِ سڀ نسخا: هيئت، س جهه حاشيه: حيرت (٦) ڏ: سڄاڻا (٧) س: ڪاڏو (٨) ا: جهم، ب: جهجي، ڄ: جنهن ۾، جهه س: جنه، ح: جهين جي (٩) ا ڄ: جبنيءَ، ب: جهڙي (١٠) ح: لڪن، ل ن: لڪي (١١) سواءِ جهه ر ن جي، ٻيا سڀ: لال ڪيا، ڏ: لاڳ لڌا (١٢) ڏ: تو، ب ح س ندارد: تنه.

www.maktabah.org

اِنَ ڦَر ڪاڏِي تو سَندا، سَيِئِي ڏوهَ لَٿا.

اِنّا فَتَحنَا لَڪَ فَتحًا مُبِينًا لِيَغفِرَ لَڪَ اُللهُ مَاتَقَدمَ مِن ذَنبِڪَ وَمَا تَاَخَّرَ: مُحَمّدَ مُبارڪا.

فَـتحَ ٿِـي فِـراقُ لَـٿو، ويـرِي سَـڀِ وِيـا.

اِڳِيان پويان اَحمَدَا(۱)، تو(۲) گُونَدَرَ سَڀ گِيَا(۳).

طَبعَ تُنهِجي تَمَ ٿِي، قُوَتَ ڪَمَالا.

مُلڪُ تو ۾ مَحوُ ٿِيو، تُون عَالمَ اِمَامَا.

جَنِ ڏُڪويو ڏِيلَ ڪي، سي دُشمَنَ دوسَ(۴) ٿِيا.

أَسلَمَ شَيطَانِي عَلِيٰ يَدِي: ٿامو تو(۵) سونا.

تُـون ٿِـيـن(٦) اَبو عَالَمِين، عَالَمَ اِبـنَ سَنداءِ(۷).

مُلڪُ مَحڪُومِي چِـڏِي، رَسِيين(۸) رِياسَتَا.

هاڻِي(۹) مِڙوئِي مُطِيعُ تو، تُون مِڙنِي مَهدارا.

---

(۱) ب: احمد (۲) ب س ندارد: تو (۳) جهہ: گوندر سپ گيا، ب: گندر گوايا، ع: گندر غبارا، ر: گندر تو گيا، ڏ. گوندر گنوايا، ح: گندر توگوارا، س: گوفدر گوايا (۴) اجهہ ح ڏم: دوست (۵) س: ٿيو (٦) رم کان سواءِ ٻيا سڀ: ٿئو (۷) جهہ ڏ: تون ٿئو ابو عالم جو، عالم ابن سنداءِ، هيءَ سٽ س ۾ ناهي (۸) م کان سواءِ ٻيا سڀ: رسيون، س: رسئا (۹) س: هاڻ.

www.maktabah.org

يُبَدِّلُ اُللهُ سَيئَاتِهِم حَسَنَات: وَرِئو(١) صُلحَ واءُ.

كَندُون كيرَ مِنا ٿِيا، جي مَرَضَ ڪَرِيهَ(٢) ڪِيا.

كُلُ شَيءٍ هَالِڪُ اِلاَ وَجهَهُ: سَيِوئِي(٣) ماڪَي ساءَ.

ڏُجَهڻَ مُئا، ڏُکُ لَٿو، مِڙِيو(٤) مَحبُوبا.

فَاينمَا تُوَلُوافَثَمَ وَجهُ اُلله چوڌِس چانڊوٽا.

جَرَ ٿَرَ(٥) تارا سِجَ ٿِيا، ڪَکَ پَنَ ڪَوا ڪِبَا(٦).

دُنيا سَبِ ڪَوڪَبُ دُرّي، مُلڪَ ئِي مِشڪَاتاَ(٨).

ذَرا سَبِ زُجَاجَ ٿِيا، سَيو(٨) ڏِيهَ ڏِيا.

ناهِ نِياڳو ڏِيهَ ۾، مِڙِيو(٩) مُبَارڪَا.

نُورَ مَٿاران(١٠) نُورُ پِيو(١١) ويٽرِ سَوَ وارا(١٢).

مُوران ناهِ مَقَامُ ڪو، اُپِيڪَ جِهڙِي جاءِ.

نُورٌ عَلِيٰ نُورِ: سَالِڪَ هَلُ سَدا.

---

(١) ل: واريو (٢) ق: ڪره (٣) ب جھ ق: سيو، ڏ: سيئي (٤) جھ ق: مليو س: مڙوئي (٥) ا ب ڄ جھ ح ع ل: تر، ڏ م ن: ترّ (٦) جھ: ڪوڪبا (٧) ڏ: مشڪا (٨) س: سيئي (٩) ا: ملئو، ڄ: مڙوئي، جھ ڏ س ق ح: مڙئي، م: مڙيئي (١٠) س: متائي (١١) س ڏ ل: ٿيو (١٢) ب ق ن: سؤارا.

www.maktabah.org

پَدَمَ وَرهَنِ جي(١) پَنڌُ ڪَرِيـن(٢) نُورِي(٣) نِظَارا،
تہ پِهري پَردي آهِينِ(۴) نُورَ مَٿِي نُورا(۵).

يَاأَهلَ يَثرِبَ لاَ مَقَامَ لَكُم: كُنِ ڪِجُ قَانُونَا.
كُلَ يَومٍ هُو فِي شَانٍ: آپَرِ ٿِيا آسمَاءَ.
آلمَاضِي لاَ يَعُودُ: جَلوو جَدِيدا.

جَنه سَالِڪَ پَاڻُ سَلبُ(٦) ڪِيو، ڪَسرَ(٧) ڪِي ڪايا،
تَنه هَلَڻُ هَمِيشَه آئِيو، مُور نہ مَقَامَا.

مَلڪَ مَقَامِي ماڳَ ۾، سالِڪَ مَنجهہ سَفَرا.
مُسَافِرُ مَسجُودُ ٿِيو، مِڙَنِي مُقِيمَنِ لاءِ.
آگِهي ابنُ اُلسبِيلِ جي، پَرورَ ڪِي پَرڻَا(٨).
و اُبنُ اُلسبِيلِ قُرآنَ ۾، سمجهِي ڪَرِ صَحيَا.
مَحَبتَ مُسَافِرَ جِي، اُهجُ اِيمَانَا.

---

(١) ا ڏ ق ن: جو (٢) اب جهہ ح ڏ ر ع ق ل م ن: ڪري، ج: ڪرين، ڏ: ڪريين (٣) س: نوڙي (۴) ب ڏ: آهي، جهہ: آهن: س آهين (۵) هن ڪان پوءِ جيڪي سَتر حجاب يا پردا آهن، انهن جو بيان هئڻ گهرجي - شايد اهو بيان سيني موجود نسخن مان حذف ٿي ويو آهي (٦) ا ب ج ح ڏ ر ق س ل م ن: ثرب: ج : شرب، ع: شرب (٧) جهہ: ڪثر (٨) ل: پرياء، س: پرنا.

www.maktabah.org

مَن كَانَ يُؤمِنُ بِاَللهِ واُليَومِ اُلآخِرِ فَليُسكرِم ضيفهُ:
اَتِكَل اِت ڪِجاهُ(١).

اَكرِمُوا اُلضّيفَ وَلَو كَان كَافِرًا: عَجَبَ(٢) آڳي جا.

وَأُنحَر

كامِلَ كاتِي پانِهجي، هاتِڪَ ڇِڏِ مَ هَتان.

جيڪين تو آڏو آڇِيءِ، هَلَندِي حَبِيبَا،

اَتِڪَ وِجهي واث ۾، ڪَڏهِمِ ڪَنهِ طَرحَا.

تَہ وَلدُ(٣) ويرِي آهِ سو، بَقِيو مَنجهِہِ بقاءَ،

تِرُ مَ تَرسِجِ تَنه ڪَنا، پَهسُ كاتِي پاءِ،

كاتِي ڇِڏِ مَ(٤) ڪَڏهم(٥)، هَتان هَتِيارا.

اَلوُضوءُ سِلاَحُ اُلمُؤمِنِ: حَدَثُ حَراما،

حادثُ ڇَڏِمَ هِيِين ۾، جُنُبِيو هت نَہ جڳاءِ.

وَأُذكُرِ أُسمَ رَبِّكَ وَ تَبتَّل اَليه تَبتِيلاَ: جَڳَ كان ٿِيُ جُدا.

جان وَنتوءِ(٦) اِسمُ اَللهَ جو، تان سَيئي سگَ وِجاءِ.

---

(١) س: جڳاءِ (٢) س: اي عجب (٣) جهہ حاشيہ: ولِ (٤) س: ميِڏج (٥) اجهہ ڏ ق م ن: ڪڏهين، ب ڪڏة (٦) س: ونتئي.

www.maktabah.org

ماشَغَلکَ(١) فَهُوَ صَنَمُکَ: بُتَ کي ڏي تون(٢) باه،

سَيئي هورَ هيين سَنِدا، بِي شَکِ بُتَ ٿِياءِ.

جن هورُ ڇڏيو تنِ حَقُ ڏِٺو، راحَتَ راجُ رِضَا.

رَضِيَ اُللهُ عَنهُمَ وَرَضُوا عَنهُ کَنِين جو کَرمَا.

خَطرَا سَبِ خَاطِر جا، نَنَدِا توءِ وڏا.

آهِن مِثلِ اُننِ(٣) جي، هوتَنِ حجاباَ،

لاَ تُفتّحُ لَهُم اَبوابُ اُلسَّماءِ وَلاَ يَدخُلُونَ اُلجَنَّةَ

حَتّي يَلِجَ اُلجَملُ فِي سَمِّ اُلخِيَاط: کُهِجُ سَبِ کَرَها.

جملُ ماري ماتُ کَرِ، تِي ڏَٺَ ري ڏٺارَا.

آنو(٤) پهرَ آٺَ هُوندِ سين، هوئجِ هُشيَارا.

آهي اِنَ آجِرَ جو، ويرِي وُجودا.

وَسَ ويرِياٿِي تو(٥) سَندي، اُسهُ آرِيَ(٦) ڏانهَ(٧).

---

(١) جهہ ڏ س: ما شغلک عن الله (٢) هيءَ پڙهٽي ق جي آهي؟ ٻين ۾ "تون" کانهي، ١: بتن کي ڏي؛ جهہ ڏيين: ب ح ل ۾: ڏيئي؛ س: بت کي ڇڏييجاءِ (٣) ل: ان، ق ن. انهن (٤) اڏم: ائئي (٥) ب جهہ س کان سواءِ ٻيا سڀ نسخا: تنه (٦) ع ل م ن کان سوآءِ ٻيا سڀ: آري (٧) هي سٽ الف ۾ ناهي.

www.maktabah.org

جَمَلُ مارِي جان ڪان، نَفيَ سِين ڪَرِ ناهِ.

هتِ(١) جَنِ اَڳُڻَ آهيڙِينِ جا، هُتِ سڀِ سَنگهارا.

واهِي وَتَنِ(٢) ڏَنَ ڏَڻي(٣)، واهِيَنِ ڏَنَ ڪِيا،

سچو واهِي سو تِيو، جنهِ گهرَ ۾ گهيٽو ناهِ.

ٻِئَنِ سگٌ سَنگهارَنِ سِين، تورو گهٽو آهِ(٤).

اِحفظِ اُلله يحفظڪَ: واهِيَنِ واتَ اِهيا(٥).

جڀي ري وَجهَ واهِي تِيا، ڪُنَائُون ڪَرهَا،

سَڄَ ۾ سڪَنِ شِڪَارَ ڪي، سي جِيرِائِي مَرهيا.

لاَ خَوفٌ عَلَيهِم وَلاَ هُم يَحزَنُونَ: مُفِلس مَأمُونَا.

ڪِهڙو سُورُ(٦) ڪَلاَسَنِ(٧) ڪي، وَنهيَنِ(٨) وَهلُورا.

گُهَمنِ بَقَاءَ جي باغَ ۾، فَنا فَيضِ وِڌا.

خَطَرو هِيُون خَرابُ ڪَرِي، دِل ويرِي دَردا.

---

(١) ق م ن ڪان سواءِ ٻين سيني نسخن ۾ "هت" ناهي (٢) ح: آهي تن، ڄ ندارد: وتن (٣) ڏ: ري (۴) هي سٽ ب ۾ ناهي (۵) س: ايها (٦) ڄ: ڏوه (٧) ا م: ڪلاسين، ڄ ڏ: س ڪلاس (٨) ا: واهين، ٻيا سيئي نسخا: وهين.

www.maktabah.org

اَلهَمُ نِصفُ اُلهَرَمِ(۱): گُونـدَرُ گُنـاها.

دَردَنِ جـڀي دريـاهَ ۾ تُـرَهـو تَـوَڪّـلاَ.

گُوندَرَ سَبِ گوشـڀي ڪَرِي، پَرَٽِج پاڻُ خُدا.

قُلْ اِنَمَايُو حَيَ اِلَيَّ اَنَمَاالهكُمَ الهٌ وَاحدٌ: "لاَ" سين سي لُڙهاءِ(۲).

اَندرِ رَڪُ مَ مُورَهمِ(۳) مَگَر مَقصُودا.

سَدُون سَيَ(۴) صاحِبَ رِي، ڦُوڪُون ڦُلهارا.

اَلدُّنيَـا سِحـرُ: عَـالَـمُ بـازي يـانءِ.

آهِنِ خَيلَ خَيالَ جا، عالَمَ اَطوَارا.

اِيَ پَرِ پَسِي ڪيتِرا، هِرڪِيَا(۵) هَزارا.

ڳُڙَ ڳُرهَڙِيَ تن ڪان(٦) لڪايو(۷) وه ساءُ.

مَجِڻ يُلجين(۸) مُون پرِين، چَشمَ بَنديَ چاه(۹).

وَلاَيَغُرَنَّڪَ تَقَلُّبُ اُلّذينَ ڪَفَرُوا في اُلبِلاَدِ: سُجَ ۾ سڪ(۱۰) ٿِيا.

(۱) ا ب ر م: الحرم، ح ع ق ل ن: الحرام (۲) جھ ڏ: لڙاءِ (۳) ا ب جھ ح ر س ق م ن: مورهين (۴) س: سيئي (۵) ب ڄ جھ ح ڏ س ق ل م: هرڪيا (٦) جھ حاشيه ۾ س ع: ڪي (۷) ڄ ڏ: لڪايو (۸) س: يلجي (۹) ا ڄ جھ ع ق ل م ن: چاءِ، ڏ: جا، ر س: چاءُ (۱۰) س: سهج.

(وَمَا اَلحَياةُ اَلدُّنيَا) اِلاَّمَتَاعُ اَلغُرُورِ(١)؛ بِهِشَتُ دوزَخَ ڏانه.

دُنيَا بِهِشتُ دَجّـالَ جو، ڤاهِي فِرعَونَا.

نارِ فَقرُ نِمرُودَ جو، خوشِ تِي ڪَنُ فَقرا.

اِيَ ڳُجهَارَتَ ڳُجهِي گهٽو، پَڙهِي(٢) پَروُڙِجُ سا(٣).

هَلِج هـادِيَ سَـامُـهُـون، فَـقـرَ فـاقـي ڏانهَ.

پَروَرَ پُڄُ ۾ پَهر ۾، نِڪرُ هِنَ نِجهرا.

سُڄَ ۾ آٿِي(٤) سُپِرِين، فَنا ۾ فَيضا.

سالِڪَ ڇَڏِمَ سَدَڪا، هِيِن ۾ هيڪَڙِيا(٥).

دُنَيا رِڪُ مَ دوستِي، اُتَلَ(٦) ڇَڏِ عُقبَا.

ڪلمِي سِين ڪاٿِي وجهُ، جيڪِ ربَّ سِوا.

اَلڪَونَانِ حَرامَانِ عَليٰ اَهلِ اَلرَّحمَانِ؛ مردَنِ مذهَبَا.

نَحرُ ڪَرِ تـ نُورُ پَسِين، نُورُ پَرِي(٧) نحرا.

---

(١) جهہ س: فانها متاع الغرور (٢) ا ب جهہ ح ر س ع ق ن: پرين (٣) م: پروڙجاءِ (٤) ب ڄ جهہ ح ڏ ق: اٿئي (٥) جهہ س: هيڪا. ق: هڪڙيا (٦) ب ح ڏ ر ع ل ن، اٿل: جهہ: اٿڪل (٧) ا ح ڏ ر س ع ل: پري، ب: پري ڪان.

www.maktabah.org

نَحرَ ڏاران ناهِ ڪو، ڪُهَڻ ري قُربا.

وَمَا اكَلَ اُلسَّبُعُ الاَّ مَا ذَكيّتُم: ڪُتي حَلالا.

مِرُونءَ /مَارِي، لَتِ مُئي، ڪِ وِڙهندي وِيُسِ ساهُ،

ڪِ اوهَڏِي اوهَڏَ مِ، سا سَڀَ مُردارا،

ڪاتِيَ وِجهُ مَ ڪَڪِرو ڪُهَڻ ڪَرَمَ پاءِ.

دوسَ مَ رکِجُ دَمڙِي، سُورِهَ سِينءَ(۱) سُپاه(۲).

اُلدرهَمُ ڪيُّ و اُلدرهمَان ڪَيّان: بَرِ بَر گهٽيرا.

هٰذَا مَا كَنَزتُم لاَنفُسكُم: نحرُ نَفسُ يانءِ(۳).

وَمَن يَتوكّل عَليَ اُلله فَهُوَ حَسبُهُ: وَٺُون سَڀِ وِڃاءِ.

ڇَڏِ لاڳاپا لوڪَ جا، ڪَنهِ مِ حاجَ نَ ڪا.

وَاهجُرهِم هَجرا جَميلاً: ڪَنهِ دَرِ پِيرُ مَ پاءِ.

ڏِٺي ڏاران ڪِيمَ رکُ، رَتِي رِعَايِتَا.

پُرجُ پَرورَ پُٺِ مِ، جو سَندو تو سَدا(۴).

---

(۱) جهہ: لاءِ (۲) جهہ س ق م ن: صباح (۳) ا: نظر نفس وڃاءِ، ب ر ق ل م ن: ياءِ، پيا سپ: پاءِ (۴) ا جهہ س: سدا تو سندا.

www.maktabah.org

وَلاَ يَخَافُونَ لَومَةَ لاَئِمٍ: مَقصَدُ رَبَّ رِضا.

جي لوڪُ سَيوئي لُوهَ(١) اَچِي(٢)، تہ توکي(٣) کوهُ کندا.

قُل إنَّ ألاَمَر كُلَّهُ للهِ: تَنِين وَسِ نہ کا.

جي تو چُونِ(۴) پِلِيو، ڪِ مُوڙهو مارگِ تان،

ڪِلَنِ تُنهجي طَورَ اُتان(۵)، پانُ پَسَنِ دانا،

اِنّ اَلذينَ أَجرَمُوا كَانُوا منَ اَلذِينَ آمَنُوا يَضحكُونَ:

ڪَن گِلا گُفتارا(٦).

تُون(٧) وَرنَهَ ڪَرِمَ وَسوَسو، ڪَمَ قادِرَ تہي پاءِ:

وَذَرنِي وَالمُكذّبِينَ أولي النّعمَةِ: اسِين اُنِ گڏبا.

وَلقَد كَذّبَ اَصحَابُ الحِجرِ المُرسَلِينَ: حِجرُ حِجابا.

وَمانَرَاكَ اتّبَعَكَ اِلاّ الَذِين هُمَ اَرَاذِلُنا بَادِيَ الرّأيِ:

آگهِيا اَبوجها.

ڏاهنِ ڏُکُ پِرائِيو، پورَن پالَ ڏِيا.

تُون پُختو پَنِهجي ڪَمَ ۾، هوئِجُ هَميشاهَ.

جَنِ ڪَمِيڻَن قَطعُ كِيا، پَيوند پِرتِ سَندا،

---

(١) ب س: لوءِ (٢) جه: جو، ر: ٿيي (٣) ر جي پڙهٽي، پيا سيءِ: تو (۴) جه: چون س: توکي چون (۵) ب: اتي، جه تان: (٦) س: کن کز کلاما (٧) س : تہ.

تہ لاَمُون سُڪَنيُون(١) وَٺَ ري، تُون گوهَرَ غمَ مَ ڪاءُ.

پاڙُون تو پانارَ ۾، ميوا آيَ مَٿان.

جيڪي ڪَندا چِٽيا(٢)، تَہ ڪهڙو اوسيڙا(٣).

أَصلُهَا ثَابِتٌ وَفَرعُهَا في السَّمَاءِ،پُختِي تو پاڙا.

اِنّ شَانِئَڪَ هُوَ اُلاَبترُ

جَنين تو سِين نہ وَٽي، توتي(۴) مَنورا،

توڙان: تُنهِجي رَوِشَ ۾، راضِي جي نہ رَهِيا،

ڪونِہ اَصلُ أنِ جو(۵) بيخَ نہ بُنَيادا،

آبتَرَ آيَاڳا ٿِيا، خَالِي خَيرَ ڪَنا(٦)،

ناهِ پاچاندو وَٺَ تَنهِين(٧) جَنہ(٨) بيخ نہ بُنيادا.

آصلُ عَالمَ تُون ٿِيو، ڇِنا توهِمَ(٩) ڪان،

(١) ا ب ڏ س: سڪنديون، ب جهہ ق م ن: سڪيون، چ ح : سڪٽيون، ر: سڪنيون، ع سڪتيون، (٢) جهہ: جيڪي ڪندا چٽرون، ا: جيڪي تو ڪندا چرئو (٣) م: اوسيئڙو آہ، هيءَ سٽ س ۾ ناهي (۴) ل: توٽي (۵) س: تن (٦) هي بئي سٽون ڏ س ۽ ل ۾ ناهن (٧) ب: تنہ، چ ر ع: تهم (٨) ا: جهم، چ ع: جهم، ح: جنهين (٩) ا ب جهہ ح ڏ س م ن: توهين.

www.maktabah.org

آبتَرَ(١) اُهيئِي ٽِيا، جي پاسي پاٽِيَ ڪان(٢)،

ڪَندا پِياري ڪونَ ڪو، وِراهي وَڻَ ڪان،

وَصلَ سَبَبَ وَڻَ جي، پاٽِي پِينِ ڪَندا،

جَہ(٣) سي تَنهِين وَڻَ(۴) ڪان، جِجي ڏار ٽِئَا،

يا سِيئِي سيلَهہ سي، سُڪَن(۵) وڻ(٦) سببان،

تَہ ڪَهڙو تَڪيو تَنِ جو، ڏاران تَنُورا؟

پِرِين تُنهِجي پَرِ ۾ راضي جي نِہ رَهيا(٧)،

سي دوسَ(٨) تُنهِجي دَرَ ڪان(٩)، ڏِڪِجي ڏارَ ٽِيا.

جَن توڪي پُليو پانِئيو، پُليا سي چَئِبا.

اوءِ آهن اَنعامَنِ(١٠) جِنءَ(١١) مِرنِ جي مثلا(١٢)،

اُولِئڪَ ڪَالاَنعَام بَل هُم اضَلّ سَبيلاَ: قادرَ ڪَلامَا.

---

(١) ا ب ج: ابتڙ (٢) هيءَ سٽ ح ۾ ناهي (٣) ڏ: جي (۴) ج جهہ ڪان سواءِ ٻيا سڀ: تنه وڻ: ر: جي تنه وڻ (۵) ب جهہ ح ن: سڪڻ (٦) ا جهہ ر: وڍڻ. نوٽ: هي پڙهڻي ق جي آهي، ٻين نسخن ۾ انهن ڪي ملائي هئن لکيو ويو آهي: جہ سي تنه ڪان ڏار ٽيا، سڪن وڻ سببان (٧) هي ٻئي سٽون گڏجي ل ۾ هن طرح لکيل آهن: پرين تنهنجي در تان ڏڪجي ڏار ٽياءِ (٨) ا جهہ: دوست (٩) ا ج جهہ ر س ق م ن: تان (١٠) ا: ابهامن (١١) ڏ: ۾، س: اوءِ آهين مثل انعامن جي (١٢) س: مرن مثالا.

www.maktabah.org

جهي تو مارِيِين تَنِ کهي، تہ توکهي مُبَاحا،

فَاقتلُوا اُلمُشرِكِينَ حَيثُ وَجَدتُمُوهم: شاهِدُ قُرآنا.

بَلڪِ واجبُ اي(١) ٿِيو، جن هَڙکِيا(٢) سِيَارا.

وَ إِنّ اُلكَافِرِينَ لاَ مَولِيَ لَهُم: ڪونهن ڏٿَارا.

وَيَقطَعُونَ مَا اَمَرَ اُللهُ بِه اَن يّوصَلَ ڇِڄِيُ دارَ ٿِيا.

فَاقتلُو هُم حَيثُ وَجَدتمُوهُم: ماريو(٣) مَردُودا.

مَولهِي جي مَحبُوبَ کان، جَنِين مُنهَ ڦيرايا(٣)،

ماڙُهون(٥) مُورِ نہ هُونِ سي، مِرنِ ماڳِ ٿِيا.

وَحشِي يَجَنِ مَاٿُهِنئُون(٦) وَحشِي سي چَئِبا.

مارَڻُ تَنِ مُباحُ ٿيو، وَحشِيَ جي حُڪمَا

كَاَنّهُم حُمُرٌ مُستَنفرةٌ فَرّت مِن قَسورَةَ: اَنهِم(٧) پارَ پِيَا.

هَڪَلَ هادِيَ تَنِ کي، کَرَ آسَدَ آوازا.

---

(١) ا ع: ا ي، جهہ: اين ٍ، ڏ: ايني ٍ (٢) ل: هرکيا، س: ڇرکيا (٣) ب ح س: مارهو (۴) ح م کان سواءِ ٻيا سڀ: ڦريا (٥) ب: مارهو، ڇ ع ل: مارو (٦) ب: ماڙهنئو، ڇ: ماڙنئو: ح: ماڙوئن کان، ڏ: ماٿهن کان، ر ع: مارنئو، م: ماٿهئين (٧) ا ب جهہ ح ڏ س ق م ن: انهين.

يَجعَلُونَ اَصَابِعَهُمہ فِي آذَانِهِم مِنَ اُلصَّواعِقِ حذرَ

المَوت: اَصلَ سِين(١) عَاقَا.

سَنيهِي(٢) سَائِيه جو(٣)، يَانئِنِ عِزرَائِيلا(٤).

لَيلِيٰ مِنِي مَجنہِي گَڏهَنِ گَڏه سِهَاءِ.

اَمُلَ سِڪَنِ آدمِي، ڪَنگ(٥) ڪُرڙي لاءِ

جَنِ پِرتِ تُنهجِي پِرسِين(٦)، پُنِي تو پِريا،

مَذهَبُ وَنِي مُحَمَّدِي، راتو ڏِينه رَمِيا،

تَوَڪَّل بِدِي تُرَهو، سَمُندَ سِيرَ گهڙِيا،

وَحدَتَ(٧) سَندِيَ وِيرِ(٨) ۾، پُڏِنِ ڊِور ڊِگا،

اُنِ کي مَوتُ نَه مُورهِم(٩) جانڪِيتان جِيرا(١٠).

اَبترَ عَدُوَّ تُنهجا، جَنِ جِي ناهِ بَقَاءَ،

مَذهَبِي مَحبُوبَ جا، اوءِ(١١) پُڻ مَحبُوبَا،

يُحببكُمِ اُللهُ وَيَغفِر لَكُم ذُنُوبَكُم: هِيڪَڙو ٿِيو

حُڪمَا(١٢).

---

(١) ع ق م ن: سي (٢) ا ج جه ڏ ق ف ن: سينهو (٣) ح ر، جي (۴) س: عزازيلا (٥) جه ح ر ع ل م ن: ڪانگ (٦) ب: مون پرين، ڏ: پر ۾ (٧) ب جه ح ڏ س ع ل: واهيت (٨) ب ح: ويڙ (٩) ا ب جه س ق م ن: مورهين (١٠) هي سٽ ڏ. س ۾: هي (١) س: اوهي (١٢) جه: هيڪڙو ڪ ا.

www.maktabah.org

پَـرِ چَـڏِيائُون پـانـهِـجِي طَـبعَ تَدبِيرا،

مَحوُ ٿِيَا تو مُشڪَ ۾، تُنهِجِيَ طَبِيعَتَا،

تُنهجِي وَٽِي، تَنِ وٽِي، تُون تَنِ اِمَامَا،

هِيُون سَندُنِ هيڪُ ٿِيو، تُنهجي رنگِ رَتَا.

جُسَنِ(١) جَجهَائِي ڪِيمَ پَسُ، پَهُ پائِي(٢) پُرسا

حالُ تَنِين جو هيڪُ ٿِيو، پِرتِ پَڪَا پُختا.

گهوڙا(٣) ڍِڳِي هيڪَڙِي، هَلَن نہ هيڪاندا(۴)،

سَهسِين سُورہُ هيڪَڙو، پر هيڪُ نہ پِئِي(۵) پُنيان.

فَنَـا سَـنـدي فَـنَ جـو، اِهو(٦) اُهيانا.

ٻَهران ڏِسجَنِ ٻہ جَڻا، هِيِن ۾(٧) هيڪُ ٿيا.

سوئِي هنيڙو(٨) هارِيِن، سوئِي لُهَارا،

مِـڙَنـي پَهُ پـيـتَ جـو، مـانِـي مَقـصُودا(٩).

---

(١) س: حسن (٢) ب ڄ جهہ ح س ق، پائي (٣) ب: گهوڙي (۴) هيءَ سٽ س ۾ ناهي (۵) ا ڄ م: هيڪ نہ پي، ب ح ن: هيڪ پي، جهہ: هڪ پي، ر ع: هيڪ نہ بي، ل: هيڪ نبي (٦) هي سٽ ڏس ۾ ناهي (٧) س: آين (٨) س: منجهہ هين (٩) س: هنيون (١٠) س: مقصد ماني لاءِ.

سُنهِٽي ڏِيلُ ڏمَ وَتِ، مَنُ مينهُنِ ميهَارا(١).

پَنهجِي ڇڏِي پَرَ تِيَنُ، اِهيو فَنّ فَنَاءَ.

جَنِ مَنّ مُحَمَّدَ گَڏِيو، تَنهِجِي طَبعَ تِيَا(٢)،

سَڀِي مِثلِ مُحَمَّدَ جَامَ جڀِي، جَانکِيتَان جِيندا.

وَالسَّلَامُ عَلَي مَنِ اُتَّبَعَ اُلهُدَي، اوءِ هَاتِکَ حَيَاتا.

کهڙو هورُ هِيِئِن تنِين، جَن مَولو مَقصُودا؟

اَبتَر عَدُوّ محمَّدي، ڀِيا سڀ سِياڳا(٣).

فَهل يُهلَکُ اِلاّ القَومُ الفَاسِقُونَ: مَرن مَردُودا(۴).

جَنِ طَبعَ مُحَمَّدَ ناهِ کا، نہ اِلهِي عِشقا(۵)،

اوءِ(٦) اوڏَا تِيا اِبلِيسَ کهِي، تَنهِ جي طَبِيعَتا.

مَنَ ۾ مَحَبتَ مال جِي(٧)، وِجهلَنِ وَڏَنءَ(٨) لاءِ،

جو آهي کُفرَ قاعِدو، اِبلِيسِي اَصلاَ.

---

(١) ا ب ڄ جهہ ح ڏ ع ل م: مهارا، س من وٺ مهارا (٢) ب: طبيعتا (٣) هيءَ سٽ فقط س ۾ آهي (۴) س: موت انين کي آه (۵) س: نہ هيين ۾ عشقا (٦) س: سي (٧) س: سين (٨) ا جهہ: وڏائي، ڏ : واڏوءَ، س: وڏءَ.

www.maktabah.org

حُبُ اْلمَالِ وَاْلشَرَفِ اَفسدُ لِلدّيَنِ مِنَ اْلذِئبِ لِلغنَمِ: حَدِيثِي حُڪما.

اِزهَد فِي اْلدُنيَا يُحبِبكَ اللهُ: اِي جَنهِ اُهجَاڻا.

پِرتِ ڏِينهُون(١) پانهجِي، هَلَڻُ هَميشاءُ(٢)

مَولِيٰ مِڙَنِ نَصِيبُ ڪَرِيين، مُحَمَدَ مذَهَبَا(٢)

رِضَا(٣) راهَ پَسائِيِن، تہ لوڙِيهون(۴) تو لِقَاءَ!

هِنيَڙو حُجرِي نِينهَ جي، پاڙي پِرِينءَ رَهاءِ!

هادِي وقتِ هَلَڻَ جي، ڪَلمو قَلبَ ڪَهَاءِ!

لاَ اِلٰهَ الا اللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ اللهِ ﷺ

(١) ب: ڏجاهون، جهہ: ڏهون، ح ڏيهين، ر: ڏيئو، ع: ڏيهہ (٢) هي ٻئي سٽون س ۾ ناهن (٣) جهہ ڪانسواءِ ٻيا سڀ: آڳا رضا (۴) ب ح ڏ ق: لوڙيون.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

تفسير سنڌي قل هو الله(١)

قُل هُوَ اُللہ اَحَد

(مُحَمّدَ! چؤُ مَاٺهن کِي، جِي وَصفَ رَبَ پُڇَنِ):

(تہ اَللهُ جَنه کِي پوڇيو، سو هيڪ ئي هيڪ چون)،

(هيڪَڙائِي وَصفَ تَنِه، اِيَ وَصفَ ناه ٻِيَنِ)،

(ٻيا سَڀ ٻيائيءَ ڪَنان، خالي ڪِينَ هُئَنِ(٢)).

هيڏو، هِهَڙو، هيتَرو، قادِرَ ڪِيمَ چَوَنِ،

آهي پاڪُ مَڪانَ کان، پڻ ڪَنان (٣) طَرَفَنِ(۴)

جيڪِين(٥) اچي عَقلَ(٦) ۾، پاران صُورَتُنِ،

سو(٧) سَڀ جوڙَ جَبّارَ جِي، پاڙَ پري کان تَنِ.

---

(١) ن مطابق، ا: سنڌي قل هو الله، ڃ: سنڌي قل هو الله واري؛ ح: سوره قل هو الله، م: سور. اخلاص جو تفسير، هي ڪلمو جهنڊي واري نسخي ۾ ناهي (٢) هي سارو ڪلمو ڏ نسخي جي مطابق آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ ٻين سيني نسخن کان زياده سٽون آهن، جي ڏنگين لِيڪن اندر ڏيکاريون ويون آهن. ٻهريون چار سٽون ٻين نسخن ۾ هن طرح ٻن سٽن اندر سمايل آهن: محمد چؤماٺهن کي، تہ هن پر ڳالهہ ٻڌن: الله آهي هيڪڙو، جهڙو کو نہ کهن (٣) ڏ: کان (۴) ب: اطرافن (٥) ڏ کان سواءِ سڀ نسخا: جيڪا (٦) ب: صورت (٧) ڏ کان سواءِ سڀ نسخا: سا

www.maktabah.org

وَحدَهُ واحِدُ ڏٺي، منجهه ذاتِ ۽ صِفَتُنِ.

توکَ چَئِبو تَنهِ کِي، پَرَ نَہ جهو تو کَنِ.

(ذاتِ تَنهِ جِي توکَ هکَ، گهڻا مُورِ نَہ هُونِ).

(جنين ہِ کِ تي چيا، پُليا سي چئجنِ):

(ہِن کان يهودن چيو، ٽِن کان نصارَنِ)،

(مُسلِمَ چون توکَ هکَ، قابِلُ کُلّ صفَتنِ).

(اِن ري ناهِ الٰهُ کو، جو صاحبُ کُلّ سَگهُنِ).

(ماري جيِاري خَلقَ کِي، خَلقي رِءَ غَرَضَنِ).

(اِيَ وَصفَ هيکڙي، ٻي کي کامَ ٻُجهَنِ)،

(ٻئن لاءِ ٻُجهن جي، کافِرَ سي ٿينِ).

(اِنّمَا الهُکُمَ الـٰهٌ وَاحِدٌ، پڙهي پَروجهنِ).

(جنين بُتَ الـٰهَ چَيا، عقلُ نہ آهي اُنِ).

(افَمَن يَخلُقُ کَمَن لاَ يَخلُقُ، قُدرتَ ناهِ بُتَنِ).

(الـٰهُ چئجي تنه کي، جو کامِلُ قدرتنِ).

www.maktabah.org

(اِيَ وصف آهي الله ۾، ٻي ۾ هڏ نہ ٻُجهنِ).

(عِبادَتَ الله کي، ٻي کي ڪُفرُ ٻُڌَنِ).

(جنين پُوڄيا ٻُتَڙا، ظُلَمُ ڪِئڙو تَنِ).

(خَلقَ پُوڄڻُ، خَالقُ ڇڏڻُ، وَڏو وِنگُ چَوَنِ).

(اِنَ الشرڪَ لَظُلمٌ عَظِيمٌ: پُوڄا پَرورَ ڪَنِ).

(رُجُوعُ گهُرجي رَبَ ڏي، جو خلقيندڙ تنِ).

(يَا ايُهَا اُلناسُ اُعبُدُوا رَبَڪُم اُلذِي خَلَقَڪُم
وَ الَذِينَ من قَبلِڪُم: سَنہيہا سَچِتَنِ).

(مَلَڪَنِ سجدو جو ڪيو، سو اَمرَ ساڻ چَوَنِ)،

(ڪارڻِ رِضَا اَللهَ جي، آدَمَ ڏانه نِمَنِ).

(آمرَ ساڻ سلامُ ڪَري، شهزادو شيدِينِ)،

(عاقِل اِنَ سَلامَ ڪي، سُلطَانِي سَمجهَنِ).

اَللهُ اُلصَمَدُ

مَولو آهي مَنَ گهُريو، حاضِرُ ڪُلُ هِنينِ،

www.maktabah.org

(مِنو هيڪُ مُون ڏٺي مَنَ ڳُهريو ڪَان مَخلُوقَنّ)،

(سَپَ ڪنهن ڪم ڪريم سان، ننڍن ۽ وڏن)،

سَيَئِي طَالَب تنه سَندا(١)، ٻُجهَنِ جي نہ ٻجهنِ،

وَلَهُ الحكمُ وَاليه تُرجَعُونَ: مُؤمِنَ مَرُ سَمَجهنِ.

(جيڪين ڳُهُرن جِتَهين، سو سڀ ربّ ڳهرنّ).

(لاَ مَڪَانِيءَ لاءِ ٿا، منجهہ مَڪَانَ وجن).

(سَفَرُ ڪَن صُورَتَ ڏي، مَعنيٰ اٿن مَنِ).

قادرَ ڏاران ناهِ ڪو، آثَرُ ڪَنان آثرنِّ.

(جَنه لَءِ ڪجن ڪَمَڙا، صورت سو مَ پَسَنِّ).

(سِيَ سِين سَهسِيَن سوڙِ ۾، هَزارين هُڙڪَنِّ).

مِڙَئِي(٢) مُحتَاجَ تَنه جَا، پاڻ نَہ سَندو تَنِّ،

صَمَدُ آهِي سَيَنِ جو، مَقصَدُ مَخلُوقَنّ.

(سين مولو من ۾، تنهنجي طلب تن)،

(١) ڏ: طالب سڀ تهنجا (٢) ڄ ح ع ق ن: مڙيئي.

www.maktabah.org

(پر جن ڇاتو سي ڄام ٿيا، ٻرٻر لاءِ ٻين)،

(مَن کَان في هٰذِه اَعميٰ فَهُو في الآخِرَةِ اَعميٰ:
لوچي مَرُ لهن.

لَمۡ يَلِد وَلَم يُولد

نَڪين ڄَڻي مُون ڏِٺي، نَڪين ڄائو ڪَنِّ،

(جو اوّل آهي ڪل جو، تنهن ڪِي ڪير ڄڻين؟)،

(سو ڪينءَ ڄَڻي ڪنهن ڪِي، جو آخر سندو
سين؟)،

(هُوَ الاوَلُ وَالآخِرُ، وِيمَ واٽ نہ چون).

(عجب آهي مون ڏٺي، جامع اضدادن).

(آڻ جُڙنديون اُنَ جوڙيون، جي مشڪل مخلوقن).

(اول آخر مون ڏٺي، پيا سڀ بندا هُوَنِ).

عِيسي عَبدُ اللهِ جو، ٻِؤُ ري پَيدا چَوَن(١)،

آمرَ ساڻُ آلله جي، سِرجِيو سو چاٽنِّ(٢)،

جَنِين چَيو پُٽُ اُن جو، ڪَفرُ ٿِيو (ئي) تَنِّ(٣).

---

(١) ل: چون (٢) ب: سي چون (٣) ذ: ٿيي تن

www.maktabah.org

وَلَمْ يَكُن لَّهُ كُفُوًا أَحَد

كونهي ڪُفوُ(١) رَبَ جو، بارِي بي ڪُفونَ(٢)،
خَالِقُ ڪُلَّ ڪُوفنِ جو، آصلُ اقسامَنِ،
ارڙنه هَزارَ عَالَمِين، سَيُڪو ڪُوفو چُون،
هيڪوئي هيڪ ٿِيو، آندرِ آدمِيَنِ،
آدمُ(٣) آهي هيڪڙو، منجهِس(٣) ڪُو فاهُونِ،
آگو آصلُ ڪُلَّ جو، مُورِ نہ مَنجهان تن،
نَڪِ سَموَّ، سُومرو، نڪِ مَنجهان سَيِّدَنَّ،
(نَڪِ نَرُ نہ مادَ سو، نہ ڪِ منجهان خُنثن)،
(مُسلِمُ اسم نہ انجو، نہ ڪِ ڪان هَندُنِ)،
(ڪارو ڪمرو زردو، ڪڏهن ڪِيمَ چونِ)،
(اچو سَبز اُن ڪي، جاٿُ ڪُفر ڪَهن)،
(جي سيئي تنهن خلقيا، صاحب سام (؟) چون)،

---

(١) سواءِ ڏ جي سڀ نسخا: ڪوفن (٢) سواءِ ڏ جي سڀ نسخا: پارا ڪوفن (٣) ح: آدمي (۴) ل: منجهن.

www.maktabah.org

نَڪين جِسمَن ڪان نَڪين مَنجهان ارواحنّ(١)،

نَڪين قِسمُ وَڻَ جو، نَڪين مَنجهَان حَيوانَنّ،

نَڪين آهي آدمِي نَڪين مَنجَهان مَلَڪَنِّ.

(اي سڀ آڳي ڪان ٿيا، پاڻ نہ جِهو تن)،

(جنهن سڀ طرحون جوڙيون، تنهنجي طرح نہ چون).

سِجُ چَنڊُ ڇيرو جَن پوڇِيو، ڪَفرُ ٿِيي(٢) تنّ(٣).

لَيسَ ڪَمِثله شَيءٌ جِهَڙُس ڪومَ(۴) ڪَهَنِّ.

اِنَ ڳالِهہ(٥) جي وِسُهُوڙا(٦) پُورو اِيمان تَنِ‍ّ(٧).

وِيندا سي اِيمانَ سِين، ڪَلِمو جي چَوَنِّ(٨).

لاَ الـهَ الا اُللهُ مُحَـّمَدٌ رَسُولُ اُللهِ ﷺ

---

(١) ڏ: نڪين ڇٺبو جسم ڪان، نہ منجهان ارواحن (٢) ب ج ح م: ٿئو (٣) هي پڙهڻي ج ۽ ڏ جي آهي، ٻيا سڀ: سج چنڊ جنين پوڇيو، ڇيرو ڪفر تن (۴) ب م: نہ، ڏ: ڪونہ چون (٥) ج: ڳالهہ تي (٦) ا م: وسهيا، ب ح ق ن، وسوڙا (٧) هي ٠ ست ڏ م ناهي (٨) غ م: ڪهن.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سنڌي ست فرض(١)

سَتَ فَرضَ اِنسَانَ تي لازِمُ لِکَنِ ٿا(٢)،

جنِين چِڏِيو هيڪَڙو، تنِين عَذابا(٣):

ڪَلِمو، حَجّ، زَڪواةَ چَؤُ، روزو، نَمَازا(٤).

ڇَهون(٥) چِڏَڻُ حَرَامَ جو، سَتون سِکَ اَمرا(٦).

اَمرُ آهِ آئين پَٽين، ساري ڪَرِ صَحيا(٧):

اَمرُ آڳي ۽ مُرسَ جو، مائِٽَ ۽ عُلَماءَ(٨):

پَنجون اَمرُ اُستادَ جو، ڇَهونَ حُڪّاما،

سَتون اَمرُ نَبِيّ جو، آٿون ڪَهُ قلبا(٨).

قَلبُ نالو عَقل جو(٩) جَنَه ۾ حُبّ خُدا.

---

(١) ا: ست فرض، ق: سنڌي ٧ فرائض، ل ن: سنڌي هفت فرض. مجموعي ۾ مٿان لکيل: هي استفتاء آهي (٢) س: ٿا لکن (٣) س: عذاب اتي تن (۴) س: زڪوات ۽ نمازون روزن (۵) ع ل: ڇهم (٦) س: ستون امر سٽڻ (٧) هي ۽ سٽ ل ۾ ناهي، س: ساري سو سمجهن (٨-٨) س: امر ما پؤ استاد جو عالم ۽ مرشد، ۽ الله ۽ نبي جو، ۽ حاڪم جو ۽ ڪهڻ ڪي قلبن (٩) س: قلب نام نبي جو.

www.maktabah.org

حُبَّ نہ رکِجهي(۱) کَنِه ٿوکَ کهي، مَگر لگِ مُولاَ(۲).

اَهڙو عَقُلُ(۴) جهَانَ ۾، جَنِه کهي آگهي کِيو عطاءَ،

أُو آهي صاحِبُ دِلِ جو، پاڻ پَرو(۴) پُرسا.

حرامُ آهي بِين پٽين، کونهي ٽِيو قسمِا:

هيڪُ ڏُکوئڻُ مخلُوقَ کي، نَاحَقُ ناهِ رَوَا(۵)،

ٻِيو ٽوڪُ(۶) خَبِيثُ ٽِيو، مَنُّ مُڙي جَنِه کان.

اخِتلافَي ٽوکَ ۾، آهي اِيَ آصلاَ،

تہ مَنُّ جِهم(۷) جو(۸) مُڙيو، تَنِه کهي ناهِ رَوا(۹).

اَلكَراهَةُ ضِدُّ اُلمَحبَّةَ نبيّ كَلاما(۱۰).

اِستفتِ قلبكَ وإن أفتَاكَ اُلمفتُون: چَيو رَسُولَ خدا.

ٻِئَنِ ناهِ حرامُ سو، پَرَ چِڏڻُ ثوَابا.

مَنِ اُتَّقَي اُلشُّبُهَاتِ فَقَد اُستَبرَءَ لِدينِه: سَچِي حَدِيثَا.

---

(۱) سواءِ ب جي ٻيا سڀ: رکي (۲) ب: خدا (۳) س: قلب (۴) س: ٻاڻ ٻرئو (۵) س: ناحق بيگناه (۶) س: ٽو ٽوک (۷) جهہ ح ڏ ق ن: جنهين (۸) ڏ: کان (۹) س ۾ هي ٻہ هن طرح هک سٽ ۾ سمايل آهن: اختلافي ٽوک ۾، جي من مڙيو تہ ناه روا (۱۰) هيءَ سٽ فقط "س" جي حاشيه تي آهي.

جِهَڙو سَهو ڳوهَ ٿِي، ري وارِثَ نِڪاحَا،

ڪِ هَريو هَٿَ ڪافِرَ جو، ڪِ ٻِلِي(١) اوبارا(٢).

اِي سَبُ اِختِلاَفَ ۾، ڪَرِهو پَرهيزا،

تہ مَولِيٰ(٣) آن سين مِهر ڪَري، بَخشي آوزارا(۴).

وِيندا سڀي اِيمانَ سين، جي ڪَلِمو چُونِ مُنهان(۵).

لآ اِلٰهَ الا اُللهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ ﷺ

(١) ح ق م ن: ٻلي، س: ڪ وٽارئو ٻليا (٢) هي سٽ الف ۾ ناهي (٣) جھ: آگو، س: مولو (۴) جئن الف ۾: ڏ: آن ڏوها، ٻين ۾: آزارا: س: چٽوه آزارا (۵) ب: ڪلمو جي چوندا.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ايمان جون ست صفتون(١)

سَتَ صِفَتُون اِيمَانَ جُون، سِکِي صَحِيحُ(٢) کِجنِ،

جن(٣) نہ مَجِي هيکڙِي کُفر ٿِيو(۴) تَنّ(۵):

آولِ(٦) اَللهُ مَجِيان، جو آگو عالَمَنّ،

سِينِي پرين پاکُ سو، کَنا کُلُ عيبَنّ(٧)،

آپِ يُون، عَرش، کُرسِي، جوڙِيائِين جهانن(٨)،

کِينَ منجهاران قُدرتَ سِين، اُپايائِين(٩) اُنِّ،

حُکمَ سانُ حَکِيمَ جي، اُيا سڀ آهِنّ(١٠)،

ضَائعَ ٿِيَنِ ذري ۾، جي تِرُ وِساري تَنِّ،

---

(١) ا: سٽ صفتون، ج: سنڌي قيام واري، م: ايمان جون صفتون، ن: سنڌي قيامت جي (٢) ل کان سواءِ سڀ: صحي، جھ: ياد (٣) ل: جنين (۴) ڏ: آهي (۵) هي ٻئي سٽون ج ۾ ناهن (٦) ڏ: آمنت بالله اول - الخ (٧) هن کان پوءِ سيني نسخن ۾ هيٺيون ٻہ سٽون ڏنل آهن، جي اِگيئي قل هو الله واري تفسير ۾ اچي ويون آهن ۽ هتي کو بہ قرينو کونهين: آهي پاک مکان کان، ۽ پڻ کنا طرفن، ٽوک چبئو تنه کي، پر نہ جهو ٽوکن (٨) هيءُ سٽ فقط ل جي حاشيه تي ٻئي کنهن کاتب جي اکرن ۾ ڏنل آهي (٩) جھ: اپايائين کي (١٠) ب: آهين.

www.maktabah.org

سَيِني کَمُ کَرِيمَ سَين، ري ٻِلِين وَزِيرَنِ(١)،

خَالِقُ رازِقُ پاٺَهين(٢)، ڏِيندَڙُ ڏُکَنِ سُکَنِ(٣)،

صَمَدُ نالو سَڄَڻين، سِيئِي سُڃاڻَنِ(۴)،

اِنِ الْحُکمُ الاَ لله، جيڪي پَروجهن(۵)،

سَيَڪا سَگهہ صاحِب کي، ڄاڻِي ڳُجهَنِ پَڌَرنَ،

آهِي، هُوندو سو ڏِٺي، عالَم هُونِ نہ هُونِ.

ٻِيا(٦) مَلڪَ مَحِيان، جي نِسوروئِي(٧) نُورُ،

اَنو پِهر اُنِ ۾، موليِ(٨) جو مَذڪُورُ،

اُڄَ، ٻُکَ، ننڊَ، عِصيانَ کان، رَکيا رَبَ غَفُورَ،

ٽيَنِ صُورتَ سَيَڪا، ڏِنيَنِ سَگهہ شَڪُورَ،

آهِنِ آڳانجها گهَٽُون، پَري کان پَروڙَ،

---

(١) چ س ق ن: ٻجهن جي نہ ٻجهن (٢) ع: پاٺهر، چ جهہ: پاڻ ڏٺي (٣) هن ست کان پوءِ الف کان سواءِ ٻئن سيني نسخن ۾ هيٺين ست ڏنل آهي، جا اڳيئي قل هو الله واري ڪلمي ۾ اچي ويي آهي ۽ هتي ڪو بہ قرينو ڪونهيس: لامڪاني لاءِ تا، منجهہ مڪان وڃن (۴) ستينءَ ست کان وٺي هيستائين ستون ا ڏ ۽ ر ۾ موجود ناهن (۵) هيءَ ست الف ڏ ر ل ۾ ناهي، ب: ٻجهن جي نہ ٻجهن، جهہ سبق رب سمجهن، ح ق ن: سيئي سڃاڻن، س: پروڙجن (٦) ڏ: وملائڪة ٻيا الخ (٧) س ل: نسهوروئي (٨) جهہ، مولي.

www.maktabah.org

آپَ، پُون، ڪَڪَ پَنَ، مِينهَ ڦُڙا، مَنجهان تَنِ مَعمُورَ،
وَاجِبُ اَدَب تَنِ جو، سَيئِي سُنهاڻَلَ(١) شَڪُورَ.

ٿِيا(٢) نَبِيّ مَحِيان، جي ڏُئا(٣) ڏَٽِي جا،
موليٰ موڪَلِيا خَلقَ ڏُونهُ(۴) ڏيئِي نِياپا،
تِرُ نَہ تَفاوُتُ تَنهِ ۾، جيڪين چُونِ مُنهان،
سُنهارا(۵) صُورَتَ ۾، عِبادَتَ اَڳرا،
ڪُفرَ ڪُوڙي(٦) ڪَمَ ڪَچا، تَنهِ(٧) ڪان پاڪَ هُئا،
اَدَبَ مَنجهِہ(٨) اَللهَ جِي، مَانجهِي مَحوَ هُئا(٩)،
دوسَ دُعاگُو خَلقَ جا، جِنَ(١٠) مائِتَ لاءِ وِياءَ.
اَوَلُ آدَمُ(١١) تَنِ جو، آخِرُ مُحَمّدا(١٢)،
هُو اَبو اِنسانَ جو، هِيُ عالَمَ اِمامَا.
مَوتُ نَبِيّنِ ناهِ ڪو، مَگَر لاڏاڻا.

---

(١) ح ۾ س: سنهارل، ڏ ق ن: سونهارل، رل: سهانول (٢) ڏ: و ر سله ٿيا الخ (٣) س: ڏئل
(۴) ب: ڏي، س: ڏانه (۵) ب ڄ جهہ ڏ ر س ق م ن: سونهارا (٦) جهہ: ڪوڙ، ڏ: ڪوڙيون
٧ ح: تهين (٨) ر: ۾ (٩) ر: ٿئا (١٠) ا ب جهہ م ن: جينءَ، ق: جيءَ (١١) ڏ: حضرت آدم
(١٢) جهہ: محمد مصطفيٰ (صہ)، ڏ: حضرت محمد مصطفيٰ (صہ).

www.maktabah.org

واجِبُ اَدَبُ تَنِ جو، ۽ پڻ تعظِيما،
قَتلُ ڪِجي تنه کِي، جو ٿئِي بي اَدَبا.

چوٿان(١) ڪِتابَ مَجِيان، جو قادِرَ جو ڪَلاَمُ(٢)،
مَولٰي موڪَلِيا تَنهِ ۾، پانهجا پيغامَ(٣)،
جَنِين پَڙهي(٤) پارِيا، تَنِين جاءِ جِنانَ،
جَنِ(٥) نہ مڃئو هيڪَڙو، سي ڪِريا مَنجهِ ڪُفرانَ،
پَرَ عَمَلُ مِڙني مَوقُوفُ ٿِيو، مگر مَٿي قُرآنَ.

پَنجُون(٦) مَڃِيانُ سَچَ سِين، آخرَتَ ڏِينها،
تَہ سُٽِين(٧) بَيانُ تَنِه جو، مِڙئِي مُؤمِنَا،
تہ سَچِي آهي دُنيا، سَتَ هَزارَ وَرِها(٨)،
ڇَہ سَوُ پَنجَ هَزارَ (ٿِيا)، آگِي اَحمَدَ ڪانَ،

(١) ڏ: وڪتبه چوٿان ـ الخ (٢) ب ڏ ق: قادر ڪلاما، ا ح: قادر جو ڪلاما (٣) ا ب ح ڏ: پيغاما (۴) ا: پاڙئا، ب ج جهہ ح ر: پارئا، ق م ن: پروڙيا (٥) ل: جنين (٦) ڏ: واليوم الاخر پنجون ـ الخ (٧) س: سٽو (٨) ا: ورهنئا، ڏ: ورهن جا.

باقِي چوڏَهَ سَوَ ٿِيا، سي تَنه(١) پُڇاڻا،

ايـنـدا آخِـرَتِ جـا، اُنِ ۾ اُهـيـاڻـا:

جِنءَ آهکُ آشرَافَنِ کهي(٢) راحَتَ رِيذالا،

پاهَتُ جَنِ جو(٣) پيڙِهيُون، سي مانِي مُحتاجا،

گَـڏَهَ ماڻهون گنـدِيهِين، ووءِ ووءِ وَڏِيـرا،

اَدَبُ نَـ هُوندو عَورَتهِين، مَردَنِ ناهِ مٽِيا(٤)،

هوءِ جِنءَ گَڏَهيُون کاڻِ ۾، هوءِ جِنءَ سورَ ڪُتا،

ڏيَرُون تِينديُون آگيُون، مائِرُون گولِنِ گاءِ(٥):

عـالِـمَ تِـيـنـدا تـورِڙا، پَـڙهِـيـا آپـارا،

مِهتيُون(٦) سِجلَ(٧) سُونهَ(٨) سِين، ڪارا قُلُوبا،

شَـرطُ شَـوقُ(٩) قُـرآنَ جـو، اَفـضَـلُ آوازا،

عَـالِـمَ چُونـدا تَـنِ کـي، جَنِـين ويـسَ وَڏا،

---

(١) ا ح ڏ: تنهين (٢) ب: اشرافن سئو، ڏ: اشرافن رسندو (٣) ا: جنين جو، جهہ: جن جيون، ر: جهجو (٣) ا: مرا، ب: مٽا، ڄ: مڙان، ح س ن: مٽان، ڏ: نامرا، ر: مناءِ (٥) ان: گهاءِ، ڄ م: کاءِ، جهہ: کا، ح: کانءِ، ڏ: کان، ر: کاءُ (٦) ب ل ن مهتين، ڏ: مهت، ق: منه تي (٧) ل ن: سجلين (٨) ڏ: سون (٩) ب: شوق نہ.

www.maktabah.org

مُڙِسَ ٽِيندا ٽوڙِڙا، جويُون (١) آپارا،

چوڏِسِ زورُ ظُلَمَ جو، ۽ ڏاڍا ڏُڪارا،

ماڻهُون مَرَندا مالَ کِي، جِنْ کِيَان ڍُونڍَن لاءِ،

چَئَڻُ چڱائي ناهِ ڪو(٢)، مَنعَ نـہ مَدِيَ ڪان.

پُڻ آهِي اُهِجُ قِيَامَ جو، مَهدِي اِمَامَا،

جو آهِي سَيدُ حَسَنِي(٣)، ڪَامِلُ ڪَرَامَتَا،

مَدِينِي ۾ ڄاپَندو، اِيندو مَڪِي ڏانه،

ٿِيندو رُوءِ زَمِينَ جو، والِي وِلايَتَا،

عَالَمَ يِرِبَا عَدلَ سِين، ٿِيندا سُڪارا،

هَبَچِ نـہ هُوندي ماڙُهِين، تُون ڪاءِ، مُونَ نـہ سُهاءِ،

پُڻ بارُ نـہ ٿِيندو ڪَنهِ کي، ماڙُهِنِ مَنجهارا.

آهِي ڪَشفَ ڪِتابَ ۾، اِهڙِي پَچارا:

تِيرَهِين سَوَ جي اَوَلَ ۾، تَنهِ جو ظُهُورا،

---

(١) ب ج ح س ل: جو (٢) اب جه ح ڏ ق م: ڪا (٣) ا ب ج: حسيني

www.maktabah.org

سَتَ وَرِهَ تَنهِ جي سُکَ ۾، عالَمَ آراما،

پَرَ حَيَاتِي ۾ اُنَ جي، اِيندو دَجّالا،

جو آهي کَافِرُ بُچِڙو، چائِيندو اِلٰهُ،

کَندو کَرَامَتَ جا، کامِڻ گهڻيرا،

ماڻهون تَنهِ مَکرَ سِين، کَندو گُمراها،

مَنجهان مُلکَ عِرَاقَ جي، ٿِيندو سو پَيدا،

اکِ کاڻو، مُنهَ لِکِيسِ کافِرَ جو آکرَا،

جَٿِيندو جَهانَ ۾، ڏِينهَ چالِيها،

پِهَرو ڏِينهُ وَرِهَ جِهڙو، ٻِيو جِنءَ مَاها،

ٽِيو هَفتي جِهڙو، باقِي جِينءَ ٻِيا.

ڦِرندو سَڀَ جَهانَ ۾، ري مَدِينهِي مَکِيا،

تَنهِ تان اِيندو آيِنئَان، عِيسَيٰ نَبِيُ خُدا،

سو مارِيندو دَجّالَ کِي، پُڻ لَشکَرَ تَهِم(١) جا،

---

(١) ا جهہ: تهن؛ ب: تنه، ج: تَنهن، ح م تنهين

www.maktabah.org

عَملُ ڪَندو عَدلَ سِين، چالِيہَ وَرِهَ سَچا،
ڪِنين سَتَ وَرِهَ لِڪِيا، پَرَ صَحِي چالِيها،
رَهندو ڪو نہ(١) زَمِينَ تي، ڪُفّارَنِ مَنجهان،
قَتلَ ۽ اِسلاَمَ ري، هُوندو ڪِين(٢) رَوا.
پَرَ حَيَاتِي ۾ اُنَ جي، اِيندا ياجُوجَا،
جا آهي قومَ وَڏِي گهڻُون، ڪَثّا ڪُفّارا(٣)،
پوٽا حَضرَتَ نُوحَ جا، يَافِثَ مَنجهارانِ،
رَهَڪَ چَيائُون اُنِ جِي، پَرِي رُومَ ڪَنا.
جُہ اِيندا سڀي عالَمَ ۾، تہ ڪَندا فَسادا،
پاڻِي پِيَندا، وَڻَ چَرندا، ڪِيندا حَيوانا،
مُؤمِنَ جَبَلَ طُورَ تي، ٽيندا هيڪاندا،
جَڏهه ٽِيندا تَنگ سڀي، پِنَندا پانهجي رَبَ ڪَنا،
تَڏهه اِينديُون قَوُمُون ڪِنَّين جيوُنِ(۴) حُڪمَ سان خُدا(۵).

---

(١) ل: ڪين (٢) ا ب: ڪون (٣) ڎ: ڪفارن منجهان (۴) ڎ: تڏهن قوم ايندي ڪين جي (۵) ل: ست مٿان ٻئي ڪاتب جا اکر: قادر قدرتا. جهہ گهٽيون اپارا، ب: بيحد اپارا. ڄ ح ر ۾ هي فقرو بالڪل ناهي.

www.maktabah.org

سِي ڪايو سِسِيُون تَن جيوُنِ، مَاڳِهم(١) مَوتُ ڪَندا.

پُڻ پِيدا تِيندا پَڪِيڙا(٢) آڳي جي آمرا(٣)،

سڀي ڪَٽِي وِيندا تَنِ ڪي، ڍِويو پُون مَٿان.

پُڻ قادِر جي قُدرَتَ سڀِن، وَسندا مِينهَ وَڏا،

ڏَرِتِي ڏوپَندِي تَنِ سِين، پِربِي بَرڪَتَ ڪانَ(٤).

مُؤمِنَ موتِي تَنه ۾، راحَتَ سِين رَهَندا،

سِيگُوُن پَالا اُنِ جا، آتَ وَرِهَ بارِيندا.

جُه(٥) هَليو دارَ بَقا ڏي(٦)، عِيسَىٰ دوسُ(٧) خُدا،

تَہ اِيندو وَهِتُ زَمِينَ جو، ڪَنه مُدَتَ پُڄاڻا،

جو آهي ڍِگهو ڍِيگهہ ۾، مُهانداسِ جَجها،

مُنڊِي حضرت(٨) سُليمانَ جِي، ۽ لَٽِ سَنڊِي مُوسَىٰ،

تِڪا ڏِيندو تَنهِ سِين، مِڙِني ماڻُهنِ ڪان،

(١) ا ح ڏ ق م ن: ماڳهين، جهہ ماڳه (٢) ل: پکٽان (٣) ڏ: پارا (۴) ب: برڪندا، ح برڪتا، ڏ: برڪت ساڻ (٥) ب جهہ ح ڏ ر م: جو، ق ف : جي (٦) ڏ: ڏونهن (٧) ڏ: حضرت عيسي، دوست، ا : نبي (٨) ڏ: مهتر.

www.maktabah.org

ڪارا لَٽِ سِين ڪافرين، آڇا ٻِيَنِ لاءِ(١)،
تان پِي تَن تِکَنِ سِين، سَپِ ٿِي(٢) سُڃاڻبا(٣).
تَنهِ تان ايندِي هيڪڙِي،(۴) جا راتِ وَڏِيرِي آهِ،
قَدرُ ڏِنَن راتِينُ جو، لِکَنِ ڪِتابا،
سِڄُ اُڀِرَندو تَنهِ صُبحَ جو، اُلَهندِي پارا،
هُوندو گهَٽُون هيبَتَ سِين، قَهرُو(۵) ڪارايا،
وَرِي اُلَهندو اوڏهِين، ٻِنِ پَهرَنِ پڇاڻا.
دَرَ تَوبَهَ جا پُورِبا، منجهه اُنهِين ڏِينهانَ،
وَرِي تَوبَهَ ڪنهِ جِي، ڪانهِي قَبُولا،
مَگَر ڪي ڄاپندا، ڪِ بالغَ ڪِي(٦) ٿِيندا.
تَنهِ تان لَڳَندو واءُ سو، جَنهِ اهڙا اُهڃاڻا:
ڪافِرَ رَهَندا جِيرا، مُؤمِنَ سَپِ مَرَندا،
اهڙو هُوندو ڪونَ ڪو، جو چُوندو نامُ خُدا.

---

(١) ڏ: اڄا مومن ڪان (٢) ق موجب، ٻيا سڀ: ٿا، جهه: سڀ سڃاڻبا (٣) ڏ: سڃاپندا (۴) ڏ: سا (۵) ڏ ق ن: ڪارو (٦) ب: جي.

www.maktabah.org

تَڏِه اِينڊِي آخِرَتَ، ٿِيندو صُورَ(١) ڏَكَاءُ،

جِنْ مَلَكُ ڏِيندو ڦُوكَ كِي، صَحِيُ سِگَ مَنجهان،

تان پِي تَنهِ ڦُوكَ سِين، ٿِيندو جَڳُ فَنا.

اَيَ، پُونيون كَرَكِتَهِمِ(٢) كَڏِهين(٣) كِينَ هُئا،

كِينَ رَهَندو كِتَهِمِ، مَگر هيكُ اَللهُ.

بِيو پُڻ گهُرِيو جَنِ لاءِ (۴) بارِيَ رَبَ بَقاءُ:

جِنءَ عَرش، كُرِسي، لوحُ، قَلَمُ، ۽ پُڻ اَرواحَا،

دوزَخُ، بِهِشتُ اَهلَ سِين، صِفَاتُون مَولاَ.

تَنِه تان هُونِدي سا فَنا، چالِيهَ وَرِهَ سَڄا.

مُئا جِيَندا جَنِه(۵) سِين، توڙي(٦) حَيوانَا،

نِبا سَڀِ محشرَ ماڳَ ڏي، ڏِيندا(٧) حِسَابَا،

اُپِيندا اُنَ ماڳَ ۾، پَنجاهُ هَزارَ وَرِهَا،

---

(١) ب صورة، ڃ ح ل م ن : سور (٢) ا ب ڃ ح ڏ ق م ن: كتهين، ڏ: اپ يون بحركر (٣) ڃ: كڏهم، ل: كڏه (۴) جهہ: لئي (۵) جهہ: تنه (٦) ا ب ڏ: توٽي (٧) ا ب ح ر ق م ن: ۾ ڏيندا.

www.maktabah.org

پُٽُ نہ مِلندو پِيُ کي، ڏيَ نہ مِلندِي ماءُ،

ڪَنهِ جي ڪَلَ نہ ڪَنهِ کي، پانهجِي هَولَ وِچان،

آنگَ اُگهاڙا، هَٿَ نَلاَ، جِهڙا ڄَڻِيا ماءُ،

اُپ تتو، پون ٿامِٽي، ڏِيندو سِج تَڪاءُ،

اَچِي ٿِيندو(۱) اوڏڙو، سو قَدرُ ڪوهَ پَنڌا(۲)،

ماڻهون ماندا ٿِيندا ائين، جِن مَچِي پاڙي لاءِ.

مَگر هُوندا مؤمنَ مُتَقِي، مَنجهِ پاڇوئِي عَرشا.

چِٽيُون پَڙهندا پانهجِيُون، سَيئِي اِنسانا،

عَدلُ ٿِيندو اُتَهِم (۳) پُورو حِسابا،

نوڙهِي ڏِبا سِگَڙا، سِگَرِ جا وَتِبا،

وِيرُ وَتَندي پانهجو، ساري سِگَرِ ڪان.

ساٿِي پاڻُ سَنيالِ تُون، پِيرُ پَرُوڙي پاءِ،

ڪَنهِ کي ڪِيمَ ڏُکوءِ تُون، آگي جي آدَبا(۴).

---

(۱) ب: اپيندو (۲) ب: مٿا، ح: قدر قليلا، ۽ هن سٽ کان پوءِ :قدر ڪوه پنڌ جو اندازي پاران، (۳) ا ب ج ح ق م ن: اتهين (۴) غ: امرا.

www.maktabah.org

حَقُ مَ يَحِجِ ڪَنهِ جو، جيڪي ڏِيِن ڪِين گهران،

ڏوهَ وَتِي مَظلُومَ جا، ظالِمَ تي رَکِبا،

چڱا ڪَمَ ظالِمَنِ جا، مَظلومَنِ ڏِبا.

پَيسي پَڙندا(١) هيڪڙي، سَوَ نمازُنِ جا،

هَندَ(٢) ويرائُون(٣)، آنگڙا(۴) بَدِيُون سڀِ بَڪندا:

يَومَ تَشهَدُ عَلَيهِم اَلسِنَتهُم وَاَيديهِم وَار جُلُهُم بِما

كانُوا يَعمَلُونَ اَمرَ سائُ اَللهَ جي، چِتو ڳالهائِيندا.

تُرِندا تُر مِيزانَ ۾، نَنِڍا وَڏا ڪَمَڙا.

ڏوهَ جَنِ جا آڳرا، دوزَخِ سي گهڙندا(٥)،

پَرَ ڪافِرَ سَدا دوزَخِين(٦) مُؤمِنَ سِينءَ جَزاءَ،

ڪي شَفاعَتَ ڪي عَفوسين، ڏِيندا ڪانَ جَزاءَ،

نبا سڀِ صِراطَ تان، جا مَندِبي(٧) دوزَخ تان،

---

(١) ا ق ل م: پڙهندا (٢) م: هڏ (٣) جه: ويرايون (۴) ڏ: هٿ پير سڀ اڱڙا (٥) ا ق م ن: ڪرندا، ڏ: سي دوزخ ۾ پوندا (٦) ب ح: دوزخ ۾ (٨) جه ۽ ڏ ڪان سواءِ ٻيا سڀ: منڊي.

www.maktabah.org

جا وَارانْ آه سَنِهي گهٽون(١) تِڪي تراڙِياءَ،
آهي ڊِگهي ڊيگهہِ ۾، هَزارَ وَرِهَنِئا(٢)،
ڪي وِيندا تَڪِڙا وِڄُ جِنءَ، ڪي هَري هَري(٢) هَلندا،
ڪافِرَ ڪِرِيو پُوندا دوزَخِين(۴)، وَڍِجيو پير وِچانءَ،
جو آهِي اُونهون گهَٽُون، سَتَ سَندَسِ طَبَقا،
جيڪو طَبقَو هيٺِ گهَٽُون، سو آڳرو عَذاباءِ،
قَدرُ سوراخَ سُئِيَ جو، جي آڇِي ڏونهُ دُنيا،
تہ ڪَانئِي وَڻَ تِڻَ جِيوَ سَڀِ، عَالَم سَڄَهِم(۵) جا،
سَڀَ سَتَاٽا تَنهِ جا، پَٿُون(٦) پوَارا(٧)،
ڏنگُ ڏُکَندو اُنِ جو، چالِيهَ وَرِهَ سڄَا،
پاڻِي پِيَندا اِهڙو، جو مُنهُ ڪَلَ(٨) ساڙِيندا،
آندا آنِيو اُنِ جا، وَڃِئو پِٽِ پُوندا،

---

(١) ب: جاسني وار ڪنا، ڄ ح: واران سنهي، ڏ: سنهڙي جا وارڪنان، ر: واران سني تڪي ترار ڪنا، جهہ ل ق م ن: وارا سنهي گهٽون (٢) ب: ورها، ڏ: ورهن جا (٣) ب ح ق ن، هرين هرين (۴) ا ب ح ڏ ق م: دوزخ ۾ (۵) ا ق م: سڄي، ڏ: ساري، ب جهہ ح ن: سڄهين (٦) ل: پرتهم (٧) ب ڄ جهہ ڏ ق : پنوارا، ر: پواران : م: پوارا،، ل: پوانرا،، ن پونرا، هي سٽ ح ۾ ناهي (٨) ح ل م: ڳل.

www.maktabah.org

ٿُوهَرُ، شِبَرقُ قُوتُ تَنينِ(١)، ۽ پُڻ پُونءِ(٢) مَنجهان،

جيڪي پِيا دوزَخَ ۾، حَال تنَين هِهڙا.

بِهشتِ جَنين جاءِ ٿيو، لَنگهي صِرَاطا،

وَڏا طَالعَ تَنِ جا، مَرُ سڀي جَٽِيا ماءُ.

ڪِ مَزو ميوَن ڳَٽِيان، ڪِ لاَلِي(٣) لِباسا،

ڪِيَڻ خُوبِي آڳَرا، پِيَڻَ پاڪِيزا،

واديُون وَهَنِ ڪيرَ سِين(٤) ماکِيَ مَنجهارا،

سَهسين شَربَتَ اُتِ پِيا، جي ڏِٺا ڪِينَ سُئا.

ڪِ حُسنُ حُورُنِ ڳَٽِيان، ڪِ تَختَنِ تَعرِيفَا،

مَحَلَ، ماڙِيُون، بنگُلا، باغَنِ بَهارا.

وَهَ سڀي(٥) وَهَنِ(٦) نَديُون، مِٺي آبَ مَنجهَان.

پاڻِي پِيندا حَوضَ جو، جَنهِ نالو ڪَوثَرُ آهِ.

---

(١) ا جهہ م: تن جو، ڄ ح ر: تن، ق سندن (٢) ڏ: بوءِ (٣) جهہ: لعلي (۴) ب: ڪير جيون ۽ پڻ (۵) ب ڄ: سين (٦) ڏ: وهن وه وه نديون.

www.maktabah.org

سو مَولِي(۱) مُحَمّدَ جامَ کي، آڳي ڪِيو عطاءَ.

پاڙي تَنهِ جو آڇو ڪِيران(۲) مِنو ماڪِيَ ڪان،

سُرَهو ڪَٿُورِيان گَهَٽُون، اَفضَلُ عِطرَ ڪان(۳)،

جي پِيَندا پيروَ هيڪَڙو، ورَي نہ اُڃائِبا،

ۀ جي وَرِيو پِيَندا، تہَ پُڻ لَذتَ لاءِ،

آهينِ ڪُوزا اُنَ تي، گهَٽان جِنءَ تارا،

قَدرُ مَهِينيِ پَندَ جو، ڏِگهائِيَ پاران.

حَيضُ، وِيَامَڻُ، سَنهِي ٿُلهِي، پاڙِي شَهوَتَ جا:

ڪونهِ ٿوڪُ بِهِشت ۾، اِنين ٿوڪَنِئا.

پُڻ(۴) مَرضُ نہَ مَوتُ اُتهِ(۵) نہَ غَمُ نہ اوسِيڙا،

مَوتُ ٿيندو مَوتَ جو، جانڪِيتَان جِيَندا،

مَگرِ واري خاڪَ ڪِبا، وَهِتَ ويچارا.

پِسَندا پانِهجي رَبَ کي، ماٿُهون جِنَ مَلڪا،

---

(۱) جهہ: مولي (۲) غ: ڪير ڪنان، ڏ: ڪير ڪان، ا ق م ن: ڪير گهٽون (۳) جهہ: ڪنا (۴) ڏ جي پڙهٽي، ب ڄ جهہ ح ر ل ن: پر (۵) ب جهہ ح ق م ن: اتهين.

مُوران نِعمَتَ ناهِ ڪا، جَنهِ جيڏِي اَصلاَ.

ڏِسَندا پانهجي رَبَ کي، جِنءَ ڄاڻن مَنجهِ دُنيا.

پَرَ ماڻُهون جِنّ ڪافِرَ جي، سڀ لقاءَ نَہ لوڙيندا،

ووءِ ووءِ وڏِيَ نِعمَتَ کان، وانِجهيا ويچارا،

بِهشتَ لِقَاءَ کان بَندِ ٿيو، دوزَخُ ٿِيَنِ جاءِ(١).

آڳا اسان کي رکين(٢)، ڇيري جي ڇِپيا!

پَسَڻُ ڏِيهُم(٣) پانِهجو، ۽ پاڙو رَسُولا!

هاڻي سڻي سَچَ سين، هاتِڪ هِيين لاءِ،

تہ اِيُ ذڪرُ تَنهِ جو، جا وَڏِي قِيامَتا.

نَنڌي قِيامَتَ نانءُ تَنهِ، جِنءَ(٤) چَيو رَسُولَ خُدا:

جُدا(٥) ڪبو رُوحَ کي، ڪَڍِي بُتَ ڪَنا،

جِنءَ هَارِي کَڻُ ڪَڍِي، سَٿي(٦) سَنگَنِئا.

---

(١) هن سٽ کان پوءِ ڏ ۾: آڳا عبدالرحيم چوي، صاحب تون ٻاجهاءِ (٢) ڏ: رکين رب اسان کي (٣) ا ق: ڏيهون، ب: ڏجاهون، جھ: ڏي، ح: ڏيهين، ڏ: ڏجئين، ل ن: ڏينهون (٤) ب ح ق ن: تنه جو (٥) ڏ: جيئن جدا (٦) اڏ: ڪري جدا، ب: جدا ڪري، ح جھ ر: جدا.

پيوندُ رَهندُنِ پاڻَ ۾، مَخفِي مَنجھہ معنا.

هَولَ وڏِي(١) جا اِيندا، تَنه ۾(٢) سَڀِ آڌا(٣):

ڌرتِي ڏُٻندي تَنه سِين آپَ نہ اُنهِم(۴) جاءِ،

سِجُ چَندُ تارا ڪَتِيُون، جاءِ نہ جَهانا.

جي تو لَڏهين(۵) هيڪڙو، تہ ڪَرَ سَڀِ لَڏيا،

جي تون پاڻَ هِنَ(٦) ڏيهَ ۾، تہ ڪينهن(٧) ڏيهَ ٻِيا،

جيڪين توکي رَسِيو، سو سَيوئِي آه.

سُڪَينِ(٨) سَندا سڪڙا، ڏُکَينِ(٩) ڪوهُ ڪَندا؟

سَٽاٽِي سَڪَراتَ جا، تَنهِ ڪَڙِيَ ڪَرَتَ گھٽان(١٠):

ڪِ جيَرِي تَرِڻُ تيلَ ۾، ڪِ هَٽَنُ سِيلَ(١١) سئا.

آهِي اِنيُون(١٢) آگِرِي پَري پَرُوڙا،

(١) ڏ: وڏي قيامت (٢) ڏ: جنهن ۾، ر: اتهم سڀ (٣) ب: اهچاٽا (۴) ا ب جھہ ح ڏ ق م ن: انهين (۵) ب : لڏؤ، ڄ: لڏئين، جھہ ڏ: لڏيين، ر ق : لڏي، ل: لڏه، م: لڏئين، ن: لڏين (٦) ا ب ڄ ح ڏ ر ق م: نہ (٧) ا م: ڪنهي، ب ڄ جھہ ر ق ل ن: ڪينه، ح: ڪنئي (٨) ب ڄ جھہ ح ر ل: سڪي (٩) ب ڄ جھہ ح ر ل: ڏڪن (١٠) ا: ساڪ ي ڪرت ڪهڙا، ڄ ڏ ر ق م ن: ڪنا (١١) ا ب ح ڏ ق م ن: سيلھہ (١٢) انهائي، ب: انها، ڏ م: انهو، ق: انهيائين، ن: انهيا.

www.maktabah.org

اَپَ يُون(١) سَگھہَ نہ اِيتِرِي، جِنْ سَهَنِ سَتَ مُوتا.

ڏُونگرُ جِي ڏِسِي ڪَڏهِين، رَتِي مَوتَ مَنجهان،

نہ پُرزا تِيي پَلڪَ ۾، هُندَ ڦاٽي فِي الحَالا.

پُڻ ڪَنين سُهڪُ سو تِيي، فضلَ ساڻُ خُداء:

جِهڙا زاهِدَ دُنيا ۾، دائِمُ جَنِ دَردا،

ءِ پُڻ ڪَنِين اُهڪُ ڪامِلِين، ڪَهِم(٢) حِڪمَتَ لاءِ.

چِڏِيو(٣) غَفلَتَ غافِلا، تِيو هُشيارِا،

ڪَرِيو(٤) ذِڪرُ مَوتَ جو، جا وَڏِي عِبادَتَ آهِ.

جَنِينِ مَوتُ وِساريو، واءِ تَنِينِ ڪي واءِ!

آڻَ سَنيوڙا تارِ ۾، وَجَنِ ويچارا.

آهِي عِزرائِيلَ ڪي، حُڪمُ سَندو مَوتا،

عالَمِ تَنه ڪي تَهڙا(٥) جِنءِ ڪِيَندَرَ اَڳِيان ٽان(٦)،

---

(١) ا: يونئي ڪي، جهہ ح: پونين، ڏ ق ن: پوين، ر: پوين (٢) ا ق: ڪنهين، ب: ڪنه جهہ ح ڏ ن: ڪهين، م: ڪنهين (٣) ب م: ڇڏهو (٤) ا ب ڄ ڏ ر م: ڪرهو (٥) ب ڏ: اهڙا (٦) جهہ: طعاما، ڏ ر ق ن م: ٽان، اڳيان.

www.maktabah.org

آهين تَنهِ ڳَنِ(١) لِکِيا، نالا جِيَرنِ جا،
جَنين پُڄَنِ پَساهَ تا، حُڪمَ سانُ خُدا،
تَنين وَٽِي رُوحُ تو، پِي جِي(٢) سگهَ نَہ ڪا.
سو آهي مَوتُ مڙَني تي، جيڪي ڪِي جِيرا:
توڙي ماڻُهون(٣) هُون سڀي، ڪِ(۴) مَخلُوق پيا،
جِيَرا سَڀِ جهانَ جا، هِيُ پِيالو پِيندا.
جي جِيِين جالَ جهانَ ۾، ميڙِيِين مالُ مَتاعَ(۵)،
تِيِين رُوءِ زَمِينَ جو، والِي وِلايَتا،
تَہ پُڻ ڪَٽَندءِ ڪَڏهِم(٦) ڪانڊي قَبرَ ڏانهَ،
نيئي ڏَکِيندءِ ڏُوڙِ ۾، ٻيلِي هيڪُ اَللهُ.
ٻِيا مَلڪَ اَللهَ جا، مُنڪِرُ نَڪِيرا:
ڪَکِيُون اکيُون تَنِ(٧) جِيُون، صُورَتَ ۾ ڪارا،
ڏِيڏَبي ڏهشَتَ سين(٨) هَيبَتَ سان هُوندا،

---

(١) جهہ: ڳن، ڏ: وٽ. ٻيا سڀ: ڪن (٢) ٻجهي (٣) ب: ماڙهو مورهين (۴) جهہ: ڪ مرون (۵) جهہ: متاعا (٦) ا جهہ ڏ ق ن: ڪڏهين، ب: ڪڏه، م: ڪڏهن (٧) ب غ: جن (٨) ب غ: سان.

www.maktabah.org

ڏاڍِي ڏيکَ ڏندَنِ جِي، زَمِينَ ڏارِيندا،

وارَ وِنگوڙا جهَنڊُلا، وَڃِيو پَٽ پُوندَا،

ساهُ سَتاٽو تَنِ جو، جِنءَ(۱) جهَڪَ سَندِي واءَ،

آهينِ(۲) بُرجَ(۳) هَٿَنِ ۾ لوهَ جا، هُوندَ ڏونگرَ ڪَنِ قَطرا،

آهي آوازُ اُنِ جو، وِيڄَرِ وِڄ ڪَنان،

وِهارِي مَيِّتَ کي، اوڏو رُوحُ ڪَندا:

مَيِّتُ مَلڪَ زَمِينَ ۾، جِنءَ مَڃِي مَنجهِه آبا،

اُٿِيَنِ وِهَنِ اُنَ ۾، ٻاهَرِ ڪَلَ نَہ ڪا،

قادِرَ(۴) جي قُدرَتَ جو، مَٿو مُورِ نَہ آهِ.

مَن رَبُّکَ وَمَن نَبِيُکَ وَمَا دِينُکَ: آخِرِ سي پُڇَندا.

جان هُوندو مُؤمِنُ مُتَقِي، نيڪَنِ مَنجهارا،

تہ اَللهُ رَبِّي وَ مُحَمَّدُ رَسُولِي وَ اَلقُرآنُ اِمَامِي: ڏِيندو هَنَ پَرِ جَوابا.

تہ چُندَسِ سُمَهُ سُکَ تِي، توکي سُکَ ڏَبا،

(۱) ب غ: جهڙي (۲) ب ح: آهن (۳) ا جهہ ڏ ر ق م: گرز (۴) ب کان سواءِ ٻيا سڀ: پڻ قادر.

۱۹.

ڪِبِيَسِ ويڪَ(١) قَبرَ ۾(٢)، مُوجِبِ چڱايا،

ڪَنين قَدرُ نَظَرَ جو، ڪَنِين ويتَر آهِ.

مَنجهِم(٣) باغَ بَهارِيا، مَنجهِ حُورُونَ(٤) ۽ ميوا،

مَنجهِ(٣) تَختَ مَنجهِ توشَڪُونَ، مَنجهِ(٤) ڪَنڊُون

مَنجهِ ڪِيرا(٥)،

عَمَلَ صَالِحَ اُنَ ڪِي، وَڏا وَس ڪَندا.

جان ڪو جِيِين ڏِينهَڙو، تہ آدا ڪِجُ عَملاَ،

گهٽان هٽنڊين هَتَڙا، هِنَ حَياتِي لاءِ.

۽ جان مَيّتُ نَہ مُتَقِي، ٻُڇِڙو ٻَڌڪارا،

دل نَہ ٻَڌائِين دِينَ سِين، عَمَلُ نَہ قُرآنَا،

نَڪا پِرِ نَبِينِ جي، نَہ قِبلي نَمَازا،

تان سَچو جَوابُ نَہ اُنَ ڪي، ڪُوڙِي جاءِ نَہ ڪا،

ڪُوڙِي ڪُوڙِي ڏيهَ ۾، هُتَ نَہ ڪُوڙِي آهِ.

جِي تَنهِ جَواب نہ آئِيو، تہ پُونديَسِ پَلتارا،

(١) ڏ: ڍِيگهہ (٢) ا: ڪبيس قبر ويڪري (٣) ا: مجهين، ڏ م ن: منجهين، ق: منجهئي (۴) ر: منجهم دود (٥) ب جهہ: منجهہ ڪنڊون ڪيرا.

www.maktabah.org

ڪِبِيَسِ قَبَرَ تَنُورَ جِنءُ، ڄيري جي ڄِپِيا،

سَپَ، پَٿُون(١) ۽ سُرڄَٽا، وِڄهَندَسِ واتَ ڪُتا.

مَيّتُ مارِهِي(٢) جهي ڪَري دانهون دَرد مَنجهان،

سُجَنِ سَپَ(٣) عالَمَ ۾، ري جِنَنِ اِنسانا(٤)،

مَتان مَرِي پُونِ سهي، هَيبَتَ جهي(٥) هَڪَلا.

آهِ پُڇاڙو مِڙَنِي تهي، جيڪهي ڪهي جِيَرا،

توڙِي ٻُڏو پاڻِيَ ۾، ڪِ ڪاڏو حَيوانا.

ناهِ پُڇاڙو عارِفِين، جهي مَرَٽان آڳي مُئا:

دَمَ دَمَ آجرُ اُنِ ڪي، سَندو شَهِيدا،

قَلبُ ڏِنائُون رَبَ ڪهي، لَٿَنِ لاڳاپا،

هَرَ هَرَ هُون شَهِيدَ سهي(٦) آنِهِمَ(٧) اُهجاڻا.

بيرِبِين ٻُورُ نَہ نِبَهِي، باغَنِ بَهارا:

موتِي هُونِ نَہ سِپَ ۾، دائِمُ مُداما،

---

(١) ل: پٿرهون (٢) ڏ: ميت وقت مارجڻ (٣) ڏ: سڄي (٤) ڏ: ري ماڻهن جننئا (٥) ب: سين
(٦) ر: شهيدن سين (٧) ا ب جهہ ح ن: انهين. ڏ: ههڙي. م: اهڙي.

www.maktabah.org

پَکِي پِڄِرِي نَہ وهِي، وِساري وَطَنا،

تِنءَ رُوحُ دُنيا ۾ نَہ رَهِي، کيڇِنِ کيچ پُڄاءِ(١).

سِکَ دُنيا جِي سَڀَ پَٽون، ڏاڙهڻُ(٢) کُتَنِئَا،

هِتِ جِي پوکِيءَ بِڄَڙا، هُتِ سِي اُپِرِيَا(٣)،

مُوجِبِ قَدَرِ گُناهَنِ جِي، تِيندُسِ عَذابَا.

آيتُ نَہ رَگِي کَلَڙِي، جا آگِي سَڙِي آهِ،

سِڄَ سُهَائو ڏيہَ ۾، اَنڌَنِ اُنڌاهِہ آهِ.

کَئِين جي مَرَنِ شامَ ۾، کافِرَ ءِ کُتَا،

مَکَي ۾ ايمَانَ رِي، مُئَا کِي(٤) مَرَهِبا؟

سِپِني پِيڙَ قَبَرَ جِي، نَبِيَّنِ ڏاران،

نيکَنِ سان نَرمِي کَرِي، جِنءَ ٻَرِي لائي ماءُ

مَتَنِ کِي مُحکَمُ وَٺِي، کَرَ پِيڙِي کَماندا،

---

(١) ڏ ۾ ٢٧٤ کان ٢٨٤ تائين سٽون ناهن (٢) ب جھ ح ر ل: ڏارڻ؛ ا: ڏاڙهڻ، ڏ ن: ڏاڙهون، ق: ڏاٺون، م: ڏاڙن (٣) جھ ق: ايڙيا (٤) ب ر: کي، جھ کنيءَ، ح: کين، ڏ، کنئين ن: کيءَ.

مُـوجِبِ مَـتـايُــنِ جـِـي ڏاڍائِي ڏِسـنـدا،

ڪُٽَ ڪَپڙي نَہ لَهِي، جهِيسِين(١) ميرو آهِ.

آهِــي حَـديـثُـنِ ۾، اِهــڙِي پـچـارا،

تہ ڪَڏِهنِ ڏنو ڪَشفَ ۾، عالَمَ اِمامَا،

واتَ چِيرِبا(٢) ڪَنِ جا، ملائِڪَنِ(٣) هَٿان.

وَرِي سَڄا سـِـي ٿِيا(۴) چِيرَڻَ پُڄاڻا،

مَٿا پِڄَندا ٻِينِ جا، پَهَڻَنِ(۵) سـِـين مَلَڪا.

ڇَهون مَڃِيان سَچ سِين، آڻِي اِيمانَا،

تہ رُوحَنِ مَڃِيو رَبَ کِي، ڪَري قَرارا:

آسِين ٻانهان، تُون ڌَڻِي، تو رِيَ اُوندَهِ آهِ،

جَنِين تو دَرُ ڇَڏِيو، سـِـي ڪُورِي(٦) ڪاڄَ ٿِيا،

عارِفَ اِنَ اِقرارَ کِي، سڻِينِ سَدائِين ٿا:

---

(١) ب جهہ: جا سين، ح: جانسين، ر: جيسي، ق جاسينءَ، م جاسي (٢) ا: چيرئا (٣) ب ل: ملڪن، جهہ، ملڪن جي (۴) جهہ ر: ٿيندا (۵) ا ر ق م ن: پاهڻن، ج ح: پاهڙن (٦) ا: ڪرين، ب: خرين، ح ڏ ل م: ڪري، ر: ڪني.

www.maktabah.org

مَجيومِ(١) تَنِ مَلڪَنِ کي، جي ڪاتبَ ڪَمنِ جا:

جيٽُون چڱايُونِ لِکيِ، ڏائو ڏوهَنِئا،

سارِيو لِکَن سَيُکِين، تِان ڪُٽِڪَٺُ مَرِيضَا،

ڏِينهَڪ ڏِينِ(٢) چِنيُون، مَلَڪَ دَرِ مَولاَ،

سڀي پوءِ پاڙهِبِيُون خَلقَ کي، قيامَتَ ڏِينهان.

جَنِ نہ مَجِيو هيڪَڙو، ٻِي آڪِ تَنِ ڪِئا؟

ظاهرُ شَرِيعَتَ ٿيو، باطِنُ حقِيقتَا.

حَقِيقَتَ ۾ ناه ڪين، هيڪَڙي ڏاران.

سهَسِين شَرِيعَتَ ۾، عالَمَ اپارا:

عَدَدُ نہ آهي آبَ ۾، لهرِين(٣) لَڪَ تِيا،

مَسُ مُورائِين هيڪَڙِي، آڪَر آڳانجها.

جَمعُ تفَرقو جمعَ جو، مانجهِينَ مَذهَبَا.

هَلُ تہ پَروڙِيين پاٺِهِم(٤)، ڳالِهِين لاءِ نہ ساءُ.

---

(١) جھ: منجيم (٢) جھ: ڏيئن (٣) جھ: لهريين (٤) ا ب جھ ح ق ل م ن: پاٺهين، ڏ: ڳالهڙي.

www.maktabah.org

ٻُڙُ نہ سُحاڻِي ڳالهِيِن، جان جان ٻُڙُ نہ ڪاءِ.

ٻَهڻ پاڻُ نہ جهَلِيو، ڪِرِيو(١) هيٺ هَتان،

ڪِهڙو ڏوهُ ڪَکَنِ کي(٢) جي لُڙهنِ لَهوارا،

اَکَرَ اُهيئي تِيا، جي کَٿِيَ(٣) خوشِ ڪِيا،

ڪُنا ڪُنيارَنِ گهَڙِيا(۴) چِلمُنِ ڪِين چِيا.

جي اَصلِ بَندو ٻُچڙو، تہ پُڻ ڪِيو خُدا،

سو ڪِنءَ بَندو ٻُچڙو جو مُورِ نہ مَوجُودا؟

تان پِي جواب تَنهِ جو، هِنَ پَرِ سٽيجاه:

مالِڪُ آهِي مُون ڏَٺِي، خاوَندُ خَلقَ خُدا،

ڪَونهِ حَرفُ حَڪِيمَ تي، جيڪا ڪَري سا

جڳاءِ(٥)،

لاَ يُسئَلُ عَمَّا يَفعَلُ: ڪُڇَنِ ڪِينَ(٦) مُهان.

مَوتان آڳي نہ ٿِيي، اِيَ پِرهولِي(٧) پَيدا،

آهِي سِرُّ اللّٰهُ جو، آسرارَنِ مَنجهان،

---

(١) ل: ڪرِيو (٢) ڏول: جو (٣) ب ح: کٿين (۴) ب: سفراتہ (٥) جهہ: جنيءَ ڪري تنيءَ جڳاءِ (٦) ا ب ڄ ح ڏ ل ن: ڪيم (٧) ب ڄ م ن: پرولي.

www.maktabah.org

عَقلَ کِي اَنَ ماڳَ ۾، تُرَهو تَسلِيما.

ڪوهُ ڪُڇاڙو جَنِ چَيو، واڻان سڀي وِرسِيا.

ڪَنِين نالو قَدرِيا(١)، ڪَنِين جَبرِيا،

سُٽِي سِيرَ شَرعَ جِي، وَڃَنِ ويچارا،

اُنين کِي ٻہ آکِيون، ٻئَنِ هيڪڙِي آهِ.

سَتون مچيان سَچَ سِڀِين وَڏِي ويساها،

تہ عَرشُ اَحمَدَ لنگهِيو، نيٽِين نِندَ نہ ڪا،

لالَنَ لامَڪانَ ۾، پِرِينءَ پِيرَ پِيا،

سُڄاتائِين اَنَ سِرّ کِي، پَري ڪَرِي پَردا،

آندرِ ٻاهرِ آڪِيِين، پِيتا پِيالا،

رُوحُ رَحمَتَ گَڏيو، جُسِي جَشنَ ڪِيا،

علمَ آپَ زَمِينَ جا، آڳِي ڪِيس عَطاءَ،

ڪُنجِيون قُدرَتَ سَندِيون، ڏِنيس ڏاتارا،

(١) اب ج جھ ح ر ق ۾ ن: ڪبريا.

www.maktabah.org

مَوليٰ پَنهِجي(١) مَحبُوبَ(٢) سين، بيحَد بَخشَ ڪِيا.

موٽي آيو ماڳَ ۾، وَرِي تَنه ويرا،

تان پَٽَرُ(٣) پاسي هَندَ جو، اچا ڪوسو آهِ،

وَڏِي سگهه واحِدَ کي، ڪُجهَ جاءِ نه ڪَا.

اِي (آهي) ذِڪرُ تَنهِ (سَندو)، جو وَڏو معراجا.

مِڙئِي مِعرَاجَ ڏه هُئَا، لِڪَنِ(٤) ڪِتابا.

آهي اَهلُ حَدِيثَن(٥) جو، اَبُو نُعيمَا،

تَنه مُوجِب حَدِيثَنِ جي، چَيا چوٽيها،

پرَ هيڪَ وَطِيرَتَ(٦) نه هُئا، سي مِڙئِي مِعرَاجا.

تَنِهن نَقلُ تَنِ جو، لِڪَنِ مُختَلِفا.

اَجَلُ اَچي پوءِ نه ٽِيي، رَتي رِزق مَنجهان.

ويندا سي ايمان سين، جي ڪلمو چون مُهان(٧).

لَا اِلـهَ الا اُللهُ مُحَمَّدُ رَسُولُ اُللهِ ﷺ

---

(١) ب ڄ ح ڏ ر م ”پنهنجي“ جو لفظ ناهي (٢) ڏ: محبوب ڪريم (٣) جه: پڙ (۴) جه: ٽالڪن (۵) جه: حديث (٦) ا: پيري، ب: طرح (٧) هي ۽ سٽ ح ل ۾ ناهي، ب: ڪلمو جي چوندا، جه: هادي وقت هلڻ جي ڪلمو قلب ڪهاءِ، ڏ ۾ ٣٥٢ کان ٣٥٦ تائين سٽون موجود ناهن.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمٰن الرحيم

در بيانِ توڪّل

تَبَارَڪَ الَّذي بِيَدِه اُلمُلڪُ: فرمايو مَولاَ(١).

اُونهي بَرَڪَتَ اُنَ ڪِي، جِنَه هٿ جهَانَا،

آبَ، پُون، عَرش، ڪُرسِي، نَنڍا تُوڪَ وڏا،

مِڙئِي مَولِي هَٿِ ۾، جِنْ گهُري تِينءَ هلاءِ،

مُلڪَ مالڪ(٢) مُون ڏَئِي، ٻي جي لَڳِي(٣) نَہ ڪا،

حُڪمُ نہ هَلِي حَاڪِمِين، نہ ڪَنهِ طَبِيبَا،

ڇِيڙي ڪَامُڻ ناهِ ڪو، پاڙِي ٻُڌُڻ نَاهِ،

مَوتُ نہ آهِي مَرض ڪري، ٻُڪِي صِحَّتَ نَہ ڪا،

چڱِي چوُ مَ مَلڪَنِ ڪَان، مَدِي شَيطانا،

---

(١) ”فرمايو“ فقط ”جهہ س“ جو دم پختو آهي، ٻئي ڪنهن بہ نسخي ۾ آهي لفظ موجود ناهن، هنِ ڪلمي جو عنوان هن طرح ڄاڻايل آهي: ا: سندهي تبارڪ، ڄ: سنڌي تبارڪ الذي واري، ح: ٣ باب، تفسير سور تبارڪ، ڏ: دربيان توڪل، ق: سنڌي تبارڪ، ل: سنڌي تفسير، ن: تفسير تبار سنڌي، حقيقت ۾ هي ڪلمو فقط انهيءَ آيت جو تفسير آهي ۽ نہ سڄي سورة جو (٢) جهہ س: مالڪ الملڪ (٣) جهہ حاشيہ: لڪ.

www.maktabah.org

قُوتُ نہ آهي ڪَٿَنِ ۾، پاٽِي اُجَ نہ لاَهِ.

سَپيو صاحِبَ هَٿَ ۾، نَفعُ(١) زِيَانَا.

ڪِي اُگهاڙائي ڏِڪِيَا، ڪِي ڏِڪِيا(٢) اُگهاڙا،

ڪِي پيادائِي(٣) پاتِشَاهَ(۴) ڪِي ڏولِيَ(۵) ۾ ڏڪِيَا،

ڪي سَدا ڪَسبَ قُوتَ ۾، پوڄَتِ(٦) پيٽَ نہ آهِ،

ڪَنِين دائِمُ ديگِ چڙهِي، ڪَسبَ ڪلَ نہ ڪا،

ڪِي سُتا ئِي سَرَفَرازَ ٿِيا، ڪِي رُونِدائِي رَهِيا،

ڪَاڪَتِي(٧) ڪِيَنَ وَٽِي، ڪَا سُتِيَا ئِي سِيباءِ.

ڇِڏِهو(٨) آٽڪَلَ عَقلَ جِي(٩)، ڪُوڙا قِياسَا.

اِنِ الحُڪمُ اِلاَ لِلهِ: هَمَه هَتِ خُدا،

سَبَبَ جَنِ(١٠) سَنديورِيَا(١١) سڀي آجا اوراهان؟

---

(١) جهہ: نفعو، س: نفع ۽ زمانا (٢) ا: ڏِڪيائي، ب ح: ڏِڪئل، س: ڏِڪيلئي (٣) ا ڃ س: پينارئي، ڏ: پينار پڻ: ر: پينارا ئي (۴) اجهہ : بادشاهہ، (۵) جهہ حاشيه. ر س: دولت (٦) ا ڏ: پيڇت، جهہ م: پورت، پوهچت (٧) اب: ڪٽي، جهہ: ڪتيئي، ڏ: ڪاتياري، ر: ڪتندي، ق م ن: ڪتيئي، س: ڪاتارئي (٨) ا ڏ ق ن: ڇڏيؤ (٩) س: عقلني، (١٠) جهہ: جنين (١١) ا ر: سڏوريا، ع ل م ن: سندوريا، ب ح سنڊوريا، ٿ: سنڊهورئا.

www.maktabah.org

قُل كُلّ مِن عِندِ اللهِ: ڇڏِ سَبَبَ جِي سَاڃَاءِ،

فَعّــَالٌ لِّمَا يُـرِيـدُ: قَــادِرَ قَيــدُ نَہ آهِ،

تَرڪُ ڪَرِهو تدبيرَ ڪي، ٻَرَنِهو(١) پاڻُ خُدا،

وَمَنَ يَتَوڪَل عَلَي اللهِ فَهُو حَسبهٗ: وَاحِدَ جا وَعدا،

مَڇِيَنِ پاڻِي ۾ ٻُڇِي، پَکِيَنِ منجهہ هَواءَ.

وَهَتَنِ وَڻَ مِنا ڪَري، قُقنُسَ(٢) ڪارَڻِ باهِ،

اُڏوهِــيَ ڪــي آبُ ڏِي، جِتِــي آبُ نَہ آهِ.

آسان اوسيڙو رِزقَ جو، هَي هَي هَميشاهِ.

آهي ڪُلَ قُرآنَ ۾، سَندِي تَوڪَلَ تَوارا،

آسِين ٻُڇُهُون(٣) آگهہَ(٤) ڪِي، هَي(٥) اِنَ اِيمانا،

مُلڪَ مَولِي هَتَ ۾، دَائِمُ مُدامَا.

وَللهِ اَلامرُ مِن قَبلُ وَ مِن بَعدُ: مُورِ نَہ مَوقُوفَا(٦).

---

(١) جهہ: پرنئو (٢) اڪثر نسخا: ققنش (٣) ا ج ڏ ق ن: پڇون (۴) ج، ا گ، جهہ: اهگ، ق ل ن: اڳ، ر: انگ، س ا گ، ع: ا ڪ (۵) ا: هيهي (٦) ج ر م ن: موقاتا، جهہ ع ڏ ق ل: موقوتا.

www.maktabah.org

حُڪمُ پَس(١) مَ حَاڪِمِين، مَنجھ(٢) هَنِ جھانا،
حاڪِمَ ۽ حُڪَمَ تَنِ سَندا، هَمه هَتِ خُدا.

وَاللهُ خَلقَكُمَ وَما تَعمَلُونَ: وِچَانَ وِچَ وِجاءِ،
مُورِ نہ هَتَ(٣) مخلوق جہي، توڙي(۴) سَندُسِ ساهُ.

قُلِ اِنَ الاَمَر كُلَهٗ لله: تُنهِجو تِرُ نہ آهِ.
مَوجُنِ جِنِ ۽ مِهرانَ مِ ۾، مڙَئِي مخلوقا(٥).

آچِنِ وَجِن اُجهَندا(٦) لَحِظِي لڪَ سَچِا،
مِڙِئِي(٧) مُحتَاجَ صاحِبَ(٨) جا، فَقرَ فَاقِي ڪان.

وَاللهُ الغَنِيُ وَاَنتُمَ اُلفُقَرَاءُ: صَمَدُ(٩) صَاحِبُ آهِ.
مُوران نَہ(١٠) مُحتاجُ سو تِيي، بِيا سَبِ مُحتاجَا.

وَ للهِ خَزَائِنُ اُلسمٰوَاتِ وَالاَرضِ: سَيو صَمَد(١١) مِلڪا،
وَاِنَ مِّن شَيِ اِلاَ عِندَنَا خَزَائِنهُٗ: مڙوئِي(١٢) مَولِي وتِ آهِ.

---

(١) س: پسو (٢) س: جين منجھ (٣) جھ س: وس (۴) ا ب ڏ س ن: توڻي (٥) س: موجون جين ۽ مهراڻ جيون، تين ۽ مڙمخلوقا (٦) ج ح س ر ع: اجندا، ق: اچندا، ن اچندا (٧) س: مڙيئي (٨) س: رب (٩) ب: حمد (١٠) ب س: مور نہ (١١) س: مولي جي (١٢) س: مڙيئي.

www.maktabah.org

وَمَانُنَزِلُه الاَ بِقَدر مَعلُومِ: ڪو(١) ذرو ظَاهِرُ آهِ.

مُلڪَ مالڪُ مُون ڏٺِي، توڙي مَنجهہ دُنيا ۽ عُقبي(٢).

جَنِ نہ قُدرَتَ قُوتَ جِي، مَنجهہ فاقِي فَقِيرل.

سِي ڪِنءَ سَڏِبِين پاتشاهَ، گهوڙا ڙي گهوڙا.

تَنِ ڪِي تعظِيمُون ڪَرِبِين(٣) جي وَهيان واءَ ڪِيَا(٤).

جي واءُ هَلَندهم(٥) وِڃُڙيو(٦)، تہ بَرِ بَرِ بَاڪوڙا.

حَالُ جَنِ جو هِهڙو(٧) سي ڪِنءَ سُلطَانا؟

لاَيَملكُونَ لاَنفُسهِم ضَرًا وَلاَ نَفعًا لاَيَملكُونَ

مَوتًاوَلاَ حَيوةً وَلاَنُشُورًا: مَالِڪُ مُلڪَ خُدا.

فَسُبحَانَ اَلذِي بَيده مَلكُوتُ كُلِ شَيءِ وَاَليه تُرجَعُونَ: اُهوئِي بادشاهُ(٨).

اِنمَا اَمرهُ اِذَا اَرادَ شَيئًا اَن يَقُولَ لَهُ كُن فَيكُون، جِنءَ يانئي تِنءَ آهِ(٩).

---

(١) ب ندارد: ڪم (٢) س موجب، ٻيا سڀ: توڙي منجهہ دنيا (٣) س: ڏيِين (٤) جي وهيان ڪئا واءَ (٥) ا جهہ ح ق ن: هلندي، ب هلنده، ذ: هلندي ئي (٦) س: هلندي وڃوڙئوءِ (٧) س: حال ههڙو جن جو (٨) س: پاتشاه (٩) هي سٽ س ۾ ناهي.

www.maktabah.org

آئِ گهرِيو سو(١) نہ ٿِيي، ٿِيَنِ سَڀِ گهرِيَا.

ڪَرِهو(٢) طَلَبَ اُن جِي، جو سچو سَردارا.

آدعُو اِلَي اللهِ: وِڃو واحِدَ ذَاتہ.

اَمرَ اَن لاتعبُدُو اِلاَ اِيَاہُ: جو هُوندو ۽ آہِ(٣).

ڪُلُ شَيءٍ هَالِڪُ اِلآ وَجهَہٗ: بَاقِي ناہِ بقَاءُ(۴).

وَمَابِڪُم مِن نِعمَةٍ فَمِنَ اللهِ: مِڙوِئِي مَوليٰ ڪَان.

اَوَلُ آخِرُ مُون ذَاتِي، ٻِيَا سِڀِ ڪِينَ ٿِيَا.

اَجهُم(۵) عَالَمُ ڪِينَ ۾، نَڪِي(٦) سِينءَ(٧) سِياہَ(٨).

اَينَمَا تُوَلُوا فَثَمَّ وَجهُ اللهِ: ڄَوڌِس نُورُ نگاہَ.

اَللهُ نُورُ اُلسَمٰوَاتِ وَالاَرضِ: آيَ يُون نئون اُهاءُ(٩).

وَالظَاهِرُ وَالبَاطِنُ: وِچَان وِچَ وِڃاءِ.

ڪُلَ يَومٍ هُوَ فِي شَانٍ: نَئِين سِجِ نَئون اُهاءُ.

---

(١) س: سي (٢) ڄ ق ل م : ڪريو (٣) س: باقي نانه بقا (۴) س: رهندو پاڻ خدا (۵) ا ب جهہ ح ڎ ق ن: اجهين، م: ا ڄ هي (٦) ب: نڪين نڪين (٧) ب: ندارد: سينءَ، ڄ ح ر ع ق ل م ن: سي (٨) ا ح: سباہ، ب: سيا، جهہ س ق ن: صباح (٩) س: اپين پونبين رب اهاءِ.

دَمِ دَمِ عَاشق عِيدَ ۾، جَنِ لاتا لاڳاپا.

مٿو مُوران ناهِ ڪو، قُدرتَ قَدِيرا.

اُهوئِي مَالِڪُ مُلڪ جو، سَدَا سُلطانا.

ڪَلِمَا رَبَ قَدِيرَ جا، بيحَد بحَرَ ٿِيا.

وَاِن تعدُو نعمَةَ الله لاَتُحصُوها: سَيَڪَو سَمُوندا.

ڪُلُ شَيءٍ فِي ڪُلّ شيءٍ، سَيَت(١) سَيُڪِين آهِ،

لَهَا مَعَانٍ ڪَمَوجِ اُلبَحرِ: مَعنَي مَعنَي تان(٢)،

ليکي ليڪيان(٣) ڪَيترو، پَرِيون پارُ نَہ آهِ،

پَرَ(٤) پَردو جي پَري ٿِيي لَهي ڪَٿُ قَلبَا،

تہ اَپَ، پُون، ڪَڪَ پَنَ، مِينهَ ڦُڙا(٥)، ڏِسي صافُ صفا(٦)،

ءِ(٧) پِڙِ بَخرو بَخرَنئُون، ڪو(٨) پِي جو(٩) بُرُوزا(١٠).

بِسمِلَ سَندِيَ(١١) بـي ڪَنان، ايڏا اَوج ٿِيا،

---

(١) س: سيِ ۾ (٢) ب س : آه (٣) س: لکي لکبو (٤) ا ب ج جھ ڏ ر ع ندارد: پر (٥) س ندارد: مينهن ڦڙا (٦) ب جهه: ڏسي صاف صفا، پيا سيِ: جنءَ بن تفسيرا (٧) اصل ۾: پر (٨) ب جهه ندارد: ڪو (٩) ب جهه ڏ: جي (١٠) ب ءِ ع ۾ هيءَ سٽ مٿيئن ڪان اڳ ۾ لکيل آهي، ڏ: بي جي برزخا (١١) س: بسم الله جي.

www.maktabah.org

لاڳاپي لالَنَ جي، گُلَ ڦُلَ گُلزاريا (١).

لَولاَ اُلسيُوفُ(٢) لَعنِيَ المُلُوڪُ: ٻي(٣) سان جڳ جڙيا.

صُحبتَ سُپيرينِ جي، سَيِئي سِينگارِيَا (۴).

لَڳو لاَمرُ آلفَ سِينِ، ٻي سَنديَ بَخشَا.

مَوجَ (٥) ڪيَائِين ميمَ ۾(٦) پُنا اِتَ علمَا (٧).

آلمَ ذَالڪَ الڪِتَابُ: مَهد پيرُ نہ(٨) پَاءِ.

اُمرُ اُلڪُلِّ ڪِتَابَ ۾، اِهي(٩) تي آڪرَا (١٠).

آڪرَ سَاجَاءِ(١١) عَبدَ(١٢) کي، آگا ڪَرِ عَطَاءَ.

ويِنداسي ايمان، ڪلمو جن قلبا (١٣).

لاَالَـهَ اِلا اللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ اللهِ ﷺ

---

(١) ا جهہ: گلزاريا. ٻيا سڀ "گلزارا" (٢) ا ب ڄ ح ر ع ق ل م ن: السوق. ڏ: الصوف (٣) ا ب ڄ ح ر ع ق ل م ن: سي، ڏ: جنهن. س: سين (۴) ب ع ۾ سٽ موجود ناهي، ا: سنگهارئا (٥) س: موجون (٦) س: تئو (٧) ا: علماء (٨) س: م (٩) ق: اهي، ٻيا سڀ: هي (١٠) جهہ حاشيہ ۾ س: عمر ڪل ڪتاب پڙهي اي تي اڪرا. ڏ: عمر ڪل ڪتاب پڙهين ايترا اڪرا (١١) ل: ساجيء (١٢) ڏس: عبدالرحيم (١٣) ب موجب. ا: ڪلمون جي پڙهندا. ڄ: جي ڪلمون چون مها. ڏ: ڪلمون قلب پڙهائين سين امت احمدا: جهنڊي واري نسخي ۾ "عطا. ڪان پوءِ هئن لکيل آهي: بعضي نسخن ۾ هي مصرع زياده آهي: معبود مولو هيڪڙو، ۽ محمد رسولا.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(دربيان كلمهءطيبه) (١)

جوڳو عِبادتَ جو، ڪونهي رَبَ سِوَاءَ(٣)،
ڪَنهِ کي رَوا ناهِ ڪَا، پَرورَ جِي پُوڄا.
ڪِهڙو ڪَمُ مخلُوقَ سِين، جو پاڻ مُحتاجا.
سَدا ڪَمُ(۴) ڪَرِيمَ سِين، جَنهِ جوڙيو(۵) جَهانا.
جي وِڃي ڪو مخلوقَ ڏي، تَہ پُڻ خالِقَ لاَءِ.
نَافعُ نالو سَڄڻين، صَمَدُ سُبحَانَا.
اِيَاڪ نعبُدُ وَ اِيَاڪ نَستَعِين: عَارِفَ اوطاقَا.
مُحَمَدٌ رَسُولُ اللهِ (٦):
مُحَمَدُ مَولِي موڪلِيو، ڏِيئِي نِيَاپَا.

---

(١) هي عنوان فقط نواب غلام حيدر صاحب واري نسخي ۾ آهي، ڄ سنڌي (٢) هن كلمي جو پهريون جزو ح ڏ ل ن ۾ ناهي (٣) ب: سوي (۴) ا جهہ ع : ڪم (۵) غ: هٺ، جهہ: جوڙئا (٦) ل: احمد محمد الخ.

www.maktabah.org

تہ سُٽِي سَمجهِي تنه ڪَنان، سُونهنِ آسُونها،

وَٺَنِ وَاٺَ وَطَنَ جِي، مارَڳَ مَليرا،

تہ ڏُکُ نہ ڏِسَنِ هِنَ ڏيہَ ۾، نَکو اُهکُ اَڳِيان:

حُورُون، ميوا، ماڙِيُون، پَاٽِي(١) پاڪِيزا،

پَرَهڻَ پَٽَ جا قُدرَتِي، سَدَائين سَرَها(٢).

لقَاءِ لوڙِيندا رَبَ جو، ري طَرَحَ، ري طَرَفَا،

بيو سبُ وِيندُنِ وِسرِي، جَڏِه پرور کي پَسَندا.

دوسَنِ(٣) جي دِيدارَ سين، ويندا سُورَ وِڇان.

آڳا آسان کي ڪَريہِن، موليٰ تَن مَنجهان،

سُٽِي نِياپا سَجَڻِيہن، جَنِين ڪَنِ ڪَيا.

هَي تَنِين جي حالَ کِي، جي سُٽَنِ نہ سَنيها.

پِرتِ رکنِ پَرَڏِيہَ سِين، ڪاڏا حِرصَ هَوا.

پُڇَن نہ واڻون پيچَرَا، سِکَنِ نہ ساٿِيها.

---

(١) غ: پڙهڻ (٢) ب ح ق ن: سَرها (٣) ا ح ڏ: دوستن، جهہ دوست.

www.maktabah.org

آگا آسان کپي رکيڻ، ڏاتَرَ(١) ڏوهَنِ کان!

پِرتِ ڏِجَاهُمِ(٢) پانهِجِي، هيکَندِ(٣) هَمِيشاهُ!

کَلِمو چاءِ قَلبَ کپي، کُفرَ قُفلَ(۴) وِجَاءِ(۵).

لَتو خَوفُ کُفَر جو، سَيِتَ(٦) سُکَ ٿِيا(٧).

ويندا سي ايمان سين، جي کلمو چُونِ مُهَان(٨).

لاَ اِلـه اِلا الله مُحَمَدُ رَسُولُ الله ﷺ

---

(١) ڏ: ڏاتار (٢) ا: ڏيهون، ب جهہ ح ق ن: ڏجاهون (٣) ل: هيکاندي، ح: هيکن (۴) ا ق: کوٽ، ب ع ل ن: فرف، ڇ ح: کرف، جهہ قفل (۵) ڏ ۾ هي سٽ کانهي، ان جي بدران: مولا مرهين مومنين، جي امتي احمد جا (٦) جهہ: سپ تي، ق: سيئي (٧) هي سٽ "ڏ" ۾ ناهي (٨) هيءَ سٽ ا جهہ ح ع ل ن ۾ ناهي.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(ايضاً دربيان كلمهء طيبه) (١)

پِھِرين (٢) ويسَهُ سِکُ تُون، عِلمُ اِيمَانَا.

ويسَهُ صَحيحُ (٣) اِي ٿِيوءِ، جِنءَ وِسهين هِنَ مَعنيٰ.

لاَ اِلـهَ اِلاَّ الله مُحَمَّدُ رَسُولُ اللهِ (٤) ٻِيا ويسَهَ سَبِ وِجاءِ.

جيکِين اِنَ سِين نَہ جُڙي (٥) سو سَبُ باطِلُ ياڻءِ.

ڪَلِمو ڪَنزُ عِلمَ جو، دُنِيَا آخِرَتَا،

جيکِين ٻاهَرِ اُنَ کان، سو کُوڙُ ڪَهَنِ عُلَمَاءَ.

پَرَ مَعنيٰ سَنديَسِ سِکُ تُون، تہ پوئِي پَرُوجها (٦).

لاَ اِلـهَ اِلاَّ اللهُ

آللهُ آهِي هيکَڙو، جو مُورُ مِڙَنِي جو،

---

(١) چام صاحب، لنواري، نقرچ ۽ نواب صاحب وارن نسخن ۾ هي پهريون ڪلمو آهي - نواب صاحب وارو نسخو هن لفظن سان شروع ٿئي ٿو: جامع القرآن تنوير الايمان - تفسير قرآن جو، تصنيف ميان عبدالرحيم گرهوڙي جو. چ واري نسخي ۾ بسم الله جي هيٺان هي لفظ لکيل آهن: وما اَرسلناک اِلا رحمة للعالمين (٢) ر: پهرائين (٣) س: صحي (٤) ب ندارد: محمد رسول الله (٥) ر: جيکين نہ جڙي هن سان (٦) س: پروڙا.

www.maktabah.org

”لاَ“ (١) نـَ لَيِي، مَنِجهسِ(٢)، آهِي اِلاَّ هُو(٣).

سُبحَانَ ۾ تِنهِ سَندِي، عَقلُ عاجِزُ هوءِ،

”آهِي“ چَئبو اُنَ کي، پَري(٣) کَلَ نـَ پوءِ.

پَاڪُ طَرَحَ(٥) ۽ طَرفَ کَان، قادِرَ جِنسَ نـَ کوءِ.

هيِڏو، هِهَڙو، هيترو، نکين سَگھِيٽو سوءِ.

سَيَکا صُورَتَ جوڙَ تنهين، پاڻَ پَراُهون سوءِ.

سَپِنِي ڏَاران تَنه(٦) سَري، اُنَ ري سَري نـَ کوءِ.

مَتِس واجِبُ ناهِ کين(٧) جَڳَ تي واجِبُ سوءِ(٨)

اُن ري صُورَتَ نـَ ٿَيِي، صُورت ري سو هوءِ(٩).

وَاللهُ الغَنِيُ وَانتمُ الفُقَرآءِ: صَاحِبُ صَمَدُ تِيو(١٠)،

جُدا کِين جَهَانَ کَان، نکين لاڳوتو(١١).

مَنجهِ نـَ چَئبو مُون ڏَٽِي، ٻاهَرِ ٻُجهُ مَ سو.

---

(١) ر : لا. ٻيا سڀ نسخا ”لاه“ (٢) ا ج: منجهسين، ٻيا سڀ: منجهس ڪو (٣) س: (۴) ا س ڏ: پري، ٻيا سڀ: پرهي يا پڙهي (٥) س موجب: ٻيا سڀ: طرحين (٦) س: ان (٧) س آلاهو: ڪو (٨) ب س: هوءِ (٩) هي ، سٽ فقط س ۾ آهي (١٠) ب: هو ، (١١) ا ج ح ل ن: لڳوتو، ر: لڪوتو، ڏ: لڳوتوءِ، س لڳوتو .

نکين آڳاهُم هيڪَڙين، ٻِئَنِ(١) کي اوڏو.

وَاحدُ پَاڪُ وِرچ کان، جِنءَ هوءِ ذَرو ذَرو.

سَيَئِي ذرا تَنه خَلقِيا، پاڻ نَہ هوءِ ذرو.

پَرَ علِمُ قُدرَتَ اِهڙِي، جِنه(٢) هِهڙو جڳُ جوڙيو(٣).

جيکين تَنه ري پُوڄجي، سو سَڀِ پاپُ ٿِيو.

توڙي(۴) اَپين توڪُ سو(۵) توڙي(۴) پُون ٿي هوءِ.

سَيني کَمُ کَرِيمَ سِين، ٻي سِين کَمُ نَہ کو.

اِنِ اُلحکمُ اِلاَ للهِ، پَڙهِي پَروجهو(٦).

جَنين ٻِي پَرِ پانئِيو(٧)، اُنين(٨)، اک ڦُلو.

لامَکَانِي لاءِ ٿو(٩) پُڇجي مَکَانو(١٠).

کُلُ اِلينَا رَاجِعُونَ: صَحِي سِکِي سَمجهو.

قُل اِنَ الاَمرَ کُلَهٗ للهِ: ٻُجهو جي نَہ ٻجهُو.

---

(١) س: نہ ٻئن (٢) ا ح: جينءَ، ع ل: جِن (٣) ب: خلقيو، ڇ ر: جنه سين هھڙو جڳ جڙيو (۴) ب: توٽي (۵) س: کو (٦) ا س: پَڙي پروڙ جو (٧) س: پانئيو رب کي (٨) ڇ ح ڏ: تنين، ن: انهين (٩) ڏ: تون، ل ن، ٿيوءِ (١٠) س: پُڇين مَکانا.

ٻِيِ(١) رِءَ(٢) سَري سَيِني، واجِبُ واحِدُ هوءِ،
جِنهِ رءَ(٢) سَري نَہ جَڳَ ڪِہي، پَهرُ نَہ ڪو پَلُ ڪو.
سو دَرُ سوجهَڻُ سُورُ تِيو، جو وَجِي وَجِي وِيندو(٣).
ڏوريو(۴) دَرُ ڏاتَار جو، جو آهِي ۽ هُوندو.
مَحَمَدُ رَسُولُ اللهِ :(۵)

---

(١) ر: ٻين (٢) ل: رءَ، ٻيا سڀ: ري (٣) ب: وڃي جو ويندو، ڏ: وري جت وڃبو، س: سو در سور ٿئو وڃي وڃڻ ويندو (۴) س: ڏورهو (۵) ڄ ڏ س ق ۾ هي وڏيڪ سٽون آهن، جي موضوع ٿيون پائنجن،

احمد نور نبي جو حقيقي حسنو.
مرسل چئجي ان کي، ۽ محمد مرسلو.
علي پڻ چئجي ان کي، جو سر سيڪنه نبيءِ جو.
آهي حديث قدسيءَ ۾ تنه جو بيانو:
يا اَحمد اَرسلت عليا مع كل نبي سرا
معک علانية: رب جو فرمودو.
عين عين حق حقيقت، پڌرو پاڇويو.
روح نالو ان نور جو، جنه نام احمد هوءِ.
مسجود کل مخلوق جو، اهوئي نورو،
ونفخت فيه من ر وحي فقعوا له ساجدين: احمد اهڃاڻو.
ملڪن سجدو جنه کي ڪيو، او پڻ اهوئي نورو(١):

(١) ڏ: او پڻ آه اهو.

www.maktabah.org

ريبارو رَحمَان جو، مُحَمَدُ موچارو.

ٻِيو ريبارو ناهِ ڪو، رَبَ جو رَسُولو.

جي ڪي ٻيا تُون پُڇين سڀ ئي سَبِ مُحَمّدو.

سوئِي سِجُ آسَدَ ۾، سِوئِي حَمَلَ هوءِ.

لاَنُفَرقُ بَينَ اَحَدِ مِن رُسُلِهِ: سَيني سَيِّدُ هوءِ.

آدَمُ وَلَدُ اُنَ جو، توڙي (١) هوءِ آبو.

مُحَمَدَ (ص) ڏاران مُلڪَ ۾، اُوندهَ آياڳو.

نُورِيَ سَندِي نُورَ ري، ڪونه قَبُولو.

آگو يانءِ مَ اُنَ ڪي، نڪين خَلقَ (٢) جهو

(١) ب: توٽي (٢) س: مخلوق

بقية الحاشية:

رحمان نور احمدي، جنه ۾ ڪل جو آرامو (١).
وما ارسلناک الا رحمة للعالمين: ڪيو قرآن (٢):
رحيم نور محمدي، جو قهر ڪفارن جو.
محمد رسول الله والذين معه اشداء علي الكفار: رب جو فرمودو (٣)

(١) ڎ: ڪل آرامو (٢) ڎ: قادر ڪوڎايو (٣) ڎ: رب فرمايو.

www.maktabah.org

موچارِي مُحَمَدَ وَٽِي، بُڇِيان بيزارو.

سَيِدَ سَندِيَ سُونهَ ري، مِرَّئِي مردُودو.

مُؤمِنُ مُحَمَدَ سُونهَ گهُري، حَقِيقِي حُسنو،

ڪافِرُ ظاهِرَ ڪَوڏِيو، آبُسِ (١) اِبليسو.

زُينَ لِلذِينَ كفَرُوا ألحَيوةُ ألدُنيَا، دُنيا دوسُ ٿِيو.

اَلــفَــقــرُ فَــخــرِي: نِــهَــارِج نِــرتــو.

عَاقِبُ آهي مُون پِرِين، پوءِ ٿيو (٢) پَڌَرو.

جَنِ دُنيا سِين دوستِي، ظاهِرَ جو ذوقو،

مَرَڻَ پُڄاڻا تَنِ (٣) کِي، آڌو اِبلِيسو.

هتِ سَگِيٽا جِنهِ جا، اُوهو هُتِ هُوندو.

جَنِ هتِ نہ سُڃاتو سُپرِين، مُحَمَدُ موچارو،

سُونهَ (۴) شَيطانِيَ موهِيا، آيُـنِ آرامو،

---

(١) جه: عبث (٢) ر س: ٿيو، پيا سپ: ٿئي (٣) جه: اُن (۴) ب: صورت.

www.maktabah.org

سُپَان(١) سَيدُ تَنِ کي، اوڏو ڪِنءَ ايندو(٢)؟

گوهَرُ غَيرَتَ آڳرو، رَاوَلُ(٣) رِيسارو.

"آنَا غَيُورٌ" اُن اُتو، تو گهرِ(٤) ابِليسو.

سَيِدُ اُلقَومِ خَادِمُ اُلفُقَرآءِ(٥) مُحَمَدَ مَذهَبو.

ڏُورِجِ سُونَه سَيِّدَ جِي، فَقرُ کَٽِي(٦) فَاقو.

تَرَسِجِ کِيمَ تُهَنِ(٧) ٿي، دَولتَ داٿو هوءِ.

تُهَ شَيطَانِي تَکيو، اَحمَدُ اَنُ ٿِيو،

مُحَمَدُ حُسنُ مَعنَوِي، صُوَرِي شَيطَانو.

حُسنُ حَبِيبِي آگهِيو، خالِقَ خُوش کِيو.

صُوَرِيَ سَرَهو نہ ٿِيِي، مگر ڊورُ ڊِڳو.

اُولٰئِکَ کَالاَنعَامِ: کَافِرُ وَهِٽُ ٻِجهُو،

چَڳِيَ مَنِي سَبِ ڏَٽِيان، پَرَ آنَ تُهَ فَرق هوءِ،

---

(١) ال: سباہ، ڏع: سَپَا: ب چ جهہ ح ر ق ن: صباح (٢) هيءُ سٽ "س" ۾ ناهي (٣) ق ن رانول، س: رفيع (۴) س: رهبر (۵) س: خادمهم (٦) س: گهٽي (٧) ق ن: تُهَ.

www.maktabah.org

مَقصَدُ مالڪَ آنَّ ٿِيو، مُحَمَدُ مَحبُوبو.

سُڏِي سَمجِهج ڳاَلهڙِي، مُحَمَدُ مَقصُودو،

جِت ساءُ سَيّدَ نہ لہِي، مَعنَيٰ مشاهدو،

اُو مَ قَبُولِج ڪَڏِهِين، جَان مُحَمَدُ مَحبُوبو.

اِنَّ اللهَ جَمِيلُ يُحِبُّ الجَمَالَ: مُحَمَدَ مِيرَاثو.

فَاتبِعُونِي يُحبِبكُمُ اللهُ: سَمِجهِج اِيُ سَيو.

پِرت(١) پَروڙِج ڳـالـهڙِي، حَقِيقَتَ حالـو:

جو مُحبُ سَيّدَ سُونهَ جو، مَعنَيٰ مُشتاقو،

اُنَ سِين مُحَمّدُ وَڻِيو، اُو پُڻ مَحبُوبو.

لاَلَنَ سَندِيَ لِکَ سِين، سَيو(٢) ٿِيي سفَرو،

لاَلَـنَ سَـندِيَ لِـکَ رِي حُـسَـنُ حَرامـو.

وَجهَ رِي وَريامَ جـِهـِي عَالَمُ اُونداهو.

اَلحکمُ بِلاَ وَجهٍ ڪَالجِسمِ بِلاَ رُوحٍ: ڪَنِ ڪِجُ قَانُونو.

---

(١)اچ رع ل ن ن: تہ پرت (٢) ش: سيئي

www.maktabah.org

عِلمُ فَقيهي اِتَ ٽِيو، مِڙئِي مَذڪُورو.

جِتَ نَہ سُڃاڻي سپرين(١) اُو سَڀِ حَرامو(٢).

وَامُرُ بِالمَعرُوفِ وَانهَ عَنِ المُنڪَرِ: مُحَمَدَ مَعرُوفو.

مُحَمَدَ ڌَاران مُلڪَ ۾، مِڙئِي مُنڪَرُ هوءِ.

وِيَسهُ ڪِبو هُنَ اُتِ‍ي، ٻيو سَڀُ ڪُفرو(٣).

وِيندو(۴) سو اِيمَانَ سِين ڪَلِمو جو چوندو(۵).

لاَ اِلٰـهَ الا اُللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ اللهِ ﷺ (٦)

---

(١) س: مون پرين (٢) ٨٠ ـ ٨٣ تائين سٽون لنواريءَ واري نسخي ۾ موجود ناهن (٣) ر: ڪفرا. هن ڪان پوءِ ل: تمت تمام شد ترجمه ڪلمه شريف (۴) س: ويندا (۵) ا ب ح ع ل ۾ هي سٽ موجود ناهي - هيءَ ن جي پڙهٽي آهي، ر: ويندا سي ايمان سين ڪلمو چون مها، ڄ ڏ: ڪلمو جن چيو، س: ڪلمو جن ڪهيو (٦) هن ڪان پوءِ ن: تمام شد ترجمه ڪلمه شريف، ڄ: پوري ٿي سنڌي ڪلمو.

www.maktabah.org

بِسمِ الله الرحمٰن الرحيم

اَسَاسُ اُلفَرَائضِ

يا

سنڌي ترڪي واري (١)

جيڪي توڪَ جهانَ ۾، ڳُجها ۽ پَڌَرا،
اِسمَ سائُ الله جـﮩـي، تَنِ جو ظُهُورا.
اُنهِم(١) جوڙِيا ڪِينَ مَنجهان، اُنهِم(٢) ڪَنِ ثَناءَ.
اَللهُ نُورُ السَّمٰوٰاتِ وَالارضِ، اُن ري اُنداها(٣).
هُوندَ(٤) سيَنِي حَقَ ڏِني(٥) رَحمَتَ رَحمَانا،
ڪَنين(٦) هِدايَت اُو ڪَري(٧) رهبَرُ رحيما.
صَلواتُون سَرورَ اُتـﮩـي، جو ڪُلَ جو ڪَمالا،
مـيوو مَخلُوقنِ جو، عِلَتَ اِيجادا.

(١) هي عنوان ڄ واري نسخي ۾ آهي. هي ڪلمو سڄو فقط ڄ جهہ ح ر ع ل ن و وارن نسخن ۾ ڏنل آهي. ب ۾ فقط آخري تڪرو ۽ ڏ ۽ ق ۾ فقط اڳ ۽ پڇاڙي، ورٿن جو بيان حذف ڪيو ويو آهي (٢) ا جهہ ح ڏ س ق ن: انهين (٣) و: انداه آهہ (۴) س و: هند (٥) س و: ڏي (٦) ر: ڪن (٧) و: ڪنين هدايت پڻ ڪري.

www.maktabah.org

نَحنُ الآخِرُونَ السَابِقُونَ: اَحمَدَ اُهجاڻا.

۽ اُتِي آلَ رَسُولَ ڄڃي، جڃي پيڙيُون پُڏنِ لاءِ،

۽ سِيِني اَصحاَبِن تِي(١) جي ڏِيا ڏيهَنِ جا.

رَهَنِ رُوءِ زَمِينَ تِي(٢) عَرشيِن اوتارا،

آيِيِن يُونيِن پَڌرا، سيِت ساجارا(٣).

هاڻِي سُڻُ سَرِيرَ سين، ڏِيئِي ڪَنُ قَلبَا،

تَہ آڳِي عَدلُ فَرضُ ڪِيو، ناحَقُ حَراما:

وَاَمّا القَاسِطُونَ فَكَانُوا لِجَهَنَمَ حَطَبَا: صاحِبَ سَنوتَ(۴) سُهاءِ،

اِنَ اللهَ يُحِبُ المُقسِطِينَ: ڪَدِو وَرُ وِڃان.

قسمَتَ ڪِجِي قِسطَ سين، عَدلَ اِنصَافا.

اَلقَسَامُ فِي النَارِ: دوزَخَ راهَ رِياءَ.

جَنِ سين وَٺَتِ نَہ نَفسَ جِي، اوءِ پُڻ آڳِي جا.

وَلاَ يَجرِمَنَكُمُ شَنَانُ قَومِ عَليٰ اَن لاَ تَعدِلُوا: پُورِيُون پَتِيُون ڪِجاهُ،

---

(١) و: ۽ پڻ اتي اصحابن تي (٢) و: ۾ (٣) ا ح ر ع ق و: سانجارا، ج جهہ ل: سانجارا (۴) و: سؤَتِ.

www.maktabah.org

ڪارڻ رِضا پانهجي، ڇڏي(١) تان نہ شرعا.

تَرڪو قِسمَتَ تِنءَ(٢) ڪِجي جَيهِہ(٣) چَيو خُدا(۴).

سِکِي تَنهِ جيُون صُورَتُون، پَڙهي ٿِيو پُختا.

آڌُ علمَ جو اِي عِلمُ، چَيو رَسُولَ خُدا:

تَعَلَمُوا اُلفَرَائِضَ وعَلِمُوهَا اُلنَاسَ فَانَهَا نِصفُ اُلعِلمِ:

اُتو آحمَدا.

اَجرُ ٿوري جو گهڻون، تہ ڪِهڙو عَجَبُ آهِ!

ڪَرِيان بَيانُ تَنهِ جو، اوڏو ٿِي اُوناءِ:

جڏهِ ماڻهو ڪو مَري، وَڃي وَطَنَ ڏانهَ،

ٻِهرِين لائِج اُنَ تي، غُسلُ ڪَفَنُ دَفنا.

مَگرَ عَورَتَ جي مَري، ۽ مُڙسُ جِيرَو آهِ.

تَڏهِ اِي سَبِ مُڙس تي، تَرڪي مَنجهِہ نہ آهِ،

جان ڪ اُتان اُبرِيو(۵) تان(٦) قَرضَ ماڻهن لاءِ.

جَنهِ جو فَرضُ جيتَرو، تِهڙو تَنهِ وانئا.

---

(١) و: ڇڏجي (٢) و: تي (٣) ا ق ن جِيهِ، جهہ: جہ (۴) ع: فرمايو (۵) و: اُبَري (٦) جهہ: ت.

www.maktabah.org

مَهرُ عَورَتَ قَرضَ ٿِيو، اوءِ پُڻ ڪجِ آدا.

جان ڪين قَرضَان بَچِيو، تان پُڇُ وَصِيَّتَ وارا،

ٿي وانٺي ڪان تَنهِ سَنڌي، اُنِ ڪَهي ڪجِ آدا.

تِنهان باقِي جي بَچي، تہ ويڙه(۱) وارثَنِ لاءِ(۲).

تَرڪَي ڪارڻِ تُرتَ ۾، ڪُتِنَ ڪارِ ڪَندا.

جي ماڻِ ڪَندا لَڄَ لوڪَ جِيَ(۳)، تہ بَرِ ۾ پِٽِيندا.

نَبِيُ وارِثُ نَہ ٿِيي، نَڪِي تَنهِ وَرَثا.

سَبَبُ تَنه جو اِي ٿِيو، سُٺِي سَمجُهيجاهُ:

لانَرِثُ وَلاَ نُورَثُ مَاتَرَڪنا صَدَقَةٌ: لَٿَنِ لاڳاپا.

قُربُ قَرابَتَ اُنِ ڪَهي، مُورِ نَہ ري مَولا.

اِنِ اَتبَعُ اِلا مَا يُوحيٰ اِلَي: پَنهجي هَٿِ نَہ هُئا.

اَلعَبدُ وَمَا فِي يَدِه مِلڪُ لِمَولاَهُ: بِالڪُلِّ بارِيَ جا(۴).

---

(۱) ا چ و: ويرِ، ح ع ل ن: وِيرِ، ع: وِيرا (۲) جھ: ڏاه (۳) جھ: ۾، ا: جي • (۴) ل: پاريچا.

www.maktabah.org

تَنِ تي ناهِ زَكواةَ كا، اِنهم سَبَبَ كنا.

تيلَهَ(١) تَركو نَه ٿِيي، اُنِين جو آصلا.

مُؤمِنَ مَولي(٢) مالَ ۾ سَيئِي شَرِيكا.

وَاِنَ الكَافِرِينَ لاَ مَولىٰ لَهُم: كافِرُ ناهِ اِتان.

وَيَقطَعُون مَا اَمَرَ اللهُ بِهٖ أن يُوصَلَ: ڇِڄِي ڌارَ ٿِيا.

اِنَّمَا المُؤمِنُونَ اخوَةٌ والِدُ نَبِيا.

اَلوَلاَءُ لُحمَةٌ كَلُحمَةِ النَسَبِ: كافِرَ ناهِ وَلاَءُ،

آيا سُون عَمِيقَ ۾، وَرُ تَه وَرُون(٣) پوءِ(٤) ڏانهَ.

لاهي وَصِيّتَ كهي، وَرِي پُڄُ وَرَثا.

وَارِثَ جهي مَشهُورُ ٿِيا، لِكَنِ كتابا.

قِسمَ تنِ جا ٿي پُجهو(٥)، چوٿون مُورِ نَه آهِ:

---

(١) و: تيلاه (٢) و: مولي جي (٣) ج جهہ ر ع ل: ورهون، ح: ورهم، و: ورءُ (٤) ح ع ل و: پؤ (٥) و: پچم.

www.maktabah.org

وانڍي وارا هيڪڙا، جهڙي ٻيَرَ(١) ماءُ،

ٻِيا وارِثَ ڪُلَ جا، عَصَبَائِيَ سَبَبان،

سَبَبِ سڳَ ٻُنِي(٢) جي مَيّتَ مِٽَ ٽِيا،

جهَڙو پُٽُ، پوٽو ٽِيو، ڪِ ڏاڏو، ڀائٽيو، ڀاءُ.

ٽِيا وارِثَ ڪُل جا، رَحِمَ جي سَبَبان.

رَحِمُ ڇَئِجي ڪُڙِ(٣) کي، جَنهِ ۾ ٻَارُ ساماءِ(۴).

ٽيا مِٽَ مَيّتَ جا، ڪُڙِ جي سَڱَ سَبَبان،

ذَوِي الارحَامِ تَنِ کي، تا لِکَنِ ڪِتابا،

جَهِڙا ڌُهٽا، ڌُهٽيون، ڪِ پُڦِيَ اولادا(٥)،

ڪَ جِهڙا ماما، ماسِيُون، ڪِ ڀَائِٽيُون، ڀاڻيجا.

ٻِهرين وانٽي دَار جي(٦)، تَنين ڏي وانٽا.

جان ڪِ ٻَچِيو تَنيُون(٧) تان اُو ڏِي عَصَبَن کان.

۽ جي عَصَبو نَ لِڀِي، تہ وَرُ وَانڍِيتَنِ ڏانهَ،

(١) ل و: ٻيڻ (٢) ل: ٻٽن، ا: ٻني (٣) ا جهہ: ڪڙہ (۴) جهہ: سماءِ (٥) هي، سٽ فقط و ۾ آهي (٦) و: وارا جي (٧) جهہ: تنيان ، و: وانٽئون.

www.maktabah.org

تان وَرِيو وارو تَنِ جو، جي ذَوِي الْاَرحاما.

مالُ مِڙوئِي تَنِ جو، پِي جِي لَڳي نہ لاءِ.

پَرَ اُهکو عِلمُ هِنِ ۾، عِلمُ ڀِرِيَنِ آهِ(١)،

فَرضِي نالو جَنِ جو، سِنڌي وانڀيتا،

جِنءَ هيکُ وَطِيرَتَ نَہ ٿِيا، تَنِين جا وانڌا.

ڪَڏهِ مُڙس آڏَ ۾، ڪَڏهِ چوٿِي ڏانهُ.

جَنِين حالَ ضَبطُ ڪِيا، وانڀيتَنِ سَندا،

اوءِ عالِمَ هِنَ عِلمَ جا، شَرع ۾ چَئِبا.

توڙِي(٢) هُونِ حساب ۾، لِيڪَنِ(٣) ۾ لِيڙا(٤)،

تان پِي ڪَرِيان تَنِ جو، ڀِرِين بَيانا.

وارِثَ وانڀيدارَ جِي، سِي ٻارَهَ ٻُجهيجاهَ:

آبو، ڏاڏو، مُڙُس ٽِيو، نانِي، ڏاڏِي، ماءُ،

ڌِيُ، پوٽي ۽ پيٽُ سَڳِي، ٻيرَ(٥) ماءُ، وِياءُ.

---

(١) جهہ: ڀهرنئا (٢) ا جهہ ن: توڻي (٣) ل: لنکن، و: ليکي (٤) ح ع: ليڙا، (٥) ل: بير.

ٻارِهين پِٽُنِي(١) پيڻ ٻُجهُ، وانيـٺيتا پُورا(٢).

وانـٺا سَـپِـئـي ڇَهَ ٽِيـا، کَـهِـيا قُـرآنا:

ٻيو(٣)، ٽِيو، ڇَهون(۴) چوٿون، اَٺون آهِ.

سُـڏهو(٥) وانٺيـتَنِ جا، هاڻـي آحوالا:

حالُ پِيُ جو ٽِين پـَٽين، سُٽِي کَنُ کِجاهُ.

ڇَهون بَخرو پِيُ کَـي، جان مَيّتَ پُٽَ پوٽا،

توڙي هُنـي(٦) هيکَڙو، کِ وَرِي هُونِ گهڻا.

ٻِيو جـي ڏِيَ مَيّتَ جي(٧)، آهـي مَوجُودا،

کِ وَرِي پوٽِي تَنهِ سَندِي، کـينهن پُٽَ پوٽا:

تِت پِڻ ڇَهُون(٨) پِيُ کَـي، پَرَ پاڇِي مَنجهِ پِڻ آه،

وانٽو نِيندو پانهجو، ۽ پِڻ عَصَبو آهِ.

(١) ا ج ح و: پيئي، ع: پي، ع ق: پيٽي (٢) هتان کان وٺي ويندي "اساس الفرائض" تائين "ق" مان ڪاتب حذف ڪري ڇڏيو آهي (٣) و: ٻيو ٻ (۴) ر ع ل و: ڇهر (٥) جهہ: سٽيو (٦) و: هوءِ (٧) ل: هيڪڙي (٨) جهہ: سندي (٩) ل و: ڇهر.

www.maktabah.org

تِيو جِنءِ عَصَبو مَحضُ تِيو، جِت مَيّتَ ناهِ وياءُ،
نَڪو پُٽُ، پوٽو تيو، نہ ڌِيَ، نہ پوٽِي ڪا.

حالَ ڏاڏي جا چار تِيا، تي تان پِيُ وارا(١)،
چوٿون نيرانو وجي، جي پِيُ ۾ پَساها.

حالَ مُڙَس جا ٻہ تِيا، چَوان چِٽِيَ واءِ:
چوٿون بَخرو مُڙسَ کي، جان کو جوءِ وِياءِ،
ناهِ، تہ ڏِبو اَڌُ تَنهِ، ڏيهان ڏيهَ سٽاءِ.

حالَ جوءِ جا ٻہ ٻُجهو: آٺون ساڻُ وِياءِ،
ٻيو چوٿون جوءِ کي، جان کونهِ مُڙسَ وياءُ.
سوئِي عورتَ هيڪڙي، سوئِي گهڻِيَنِ لاءِ.
وِراهِينديُون پاڻَ ۾، برابر بَخُرا.

----

(١) ل: ڏاراءِ.

www.maktabah.org

حالَ ماءُ جا چارِ ٽيا، هِنيِن سُٽِي(١) هَٽِجاهُ:
ٽِيو بَخرو ماءُ کي، جِتِ مَيّتَ ناه وِياءُ،
نَڪِي ياٺُرَ پينَرُون(٢)، ويتَرِ هيڪَ ڪَنا،
توڙي سَڳا هُونِ سي، ڪِ ماءُ ڪِ پِي پاران.
ٻِيو جِنءَ ڇَهُون(٣) اُنَ کي، جان ڪو اِنِ مَنجهان،
ٽِيو جنءَ چوٿون ماءُ کي، جِتِ ماءُ ٻِيُ جوءِ هُئا(٤)،
چوٿون نِيندِي سا ڇهون، جِتِ ماءُ ٻِيُ مُڙس رَهِيا(٥).

نانيَ ڏاڏيَ حالَ ٿي، پَڙُهه سِين پَرُوڙا:
ڇَهون(٣) بَخُرو تَنِ جو، ڪَنديُون سو وانٺا،
پَرَ اوڏِي آڳاهِينءَ کي، تَڙي تَرکِي کان.
جِنءَ هيڪَڙِي سَڳِي تَنِ ۾، ٻِي پَرواري آه(٦).
توڙي هيڪَڙِي جِنسَ سي، ڪِ آهِين ٻِي جِنَسا.

---

(١) و: سين (٢) جهه: پيٺئون (٣) ل و: ڇهر (٤) جهه و: رهيا (٥) و: هؤا (٦) هيءَ سٽ جهه ۽ "و" ۾ ناهي.

www.maktabah.org

جِنءَ هيڪڙي نانِي، ٻِي پڙَ ڏاڏِي تي مَوجُودا،
تہ اوڏِي آڳاهِينءَ ڪہي، مانعَ لِڪَنِ تا.
ٻِيو ماءُ ڪِ پِيُ مَيّتَ جو، جہي سو جِيرو آهِ،
تہ نانِيَ ڏاڏِيَ ناهِ ڪا، جُنبَڻَ سَندِي جاءِ،
پَرَ ماءُ مِڙَنِي کي جهلہي، اَبو ڏاڏِيَ لاءِ.
ٽِيو ڪِينَ ڏِبو ڏاڏِيِن(١) جان ڏاڏو حَياتا،
مگر عورتَ اُنَ جِي، جا ڏاڏِي مَيّتَ لاءِ،
اُنَ کہي مَنعَ ناهِ ڪا، مَنجهِ اِنَ مَڪانا.

حال تَنِين جا ٽہي ٻُجهو، جي مَيّتَ ماءُ وِياءَ:
ڇهون ٻَخرو هيڪ کہي، ٽِيو گهٽيرِڻ(٢) لاءِ.
وِرِاهيندا تَنہَ کي، وَجي سَبِ وياءَ،
تِهڙو قَدرُ پُٽَ کہي، تِهڙو ڏِيَ ڏِيندا.
ٽِيو جِنءِ پِي ڏاڏو جِئِي، ڪِ وِياءُ ڪَ پُٽُ وِياءَ،

---

(١) و: کي ڏاڏي (٢) و: گهٽين.

www.maktabah.org

تہ بَرَڪَتَ اِنِ ڇَئن جي، وَڃَنِ ماءُ وِياءَ.

حالَ ڌِيَ جا ٽي ڇوان، پڌرا ۽ پيدا:
اَڌُ سَندو ڌيَ هيڪڙِي، ٻہ ڌِي گهٽِيَنِ(١) لاءِ.
ٽِيو جنءَ مَيّتُ ڌِيَ ڇڏِي، پُٽ پُڻ هَمراهِ،
تَڌِه ڌِيَ اَڌُ تَنِه ۾، جيڪين ٽِيو پُٽَ لاءِ،
لِلذَکَرِ مِثلُ حَظِّ الأُنثَيَين: عَورتَ ڏِهُ نہ جڳاءِ،
عَصَبِي اِنَ صُورَتَ ۾، صاحِبِ سَهَم نہ سا.

حالَ پوٽِيَ جا ڇهہ ٽِيا، سٹُهو سڀوجها:
اَڌُ پوٽِي کي هيڪڙِيَ، ٻہ ڌي جان گهڻ آهِ.
ٽِيو: رَهَنِ سڀي پُٽَ سِين(٢) ڪِينهن(٣) مالَ مَنجهان.
چوٿون: ڇهون(۴) تَنِ ڪي، جِتي هِڪَ(۵) ڌِيَ آهِ.
پَنجون: پوٽِيَ ڪِين رَسي، جِتِ يَرَ گهٽِيُون هِڪَ(٦) ڪان.

(١) و: گهٽيرن (٢) و: سي (٣) و: تڪ نهن (۴) جهہ و: ڇهر (۵) و: جتي سڳي هيڪ (٦) و: هِڪ.

www.maktabah.org

ڇھون: آھِن عَصَبِيُون، جي پوٽو(١) تَنِ ھمراھا.
ڪِ وَرِي پڙَ پوٽو ٿِيو، تقنِ جو رَفِيقا،
(تہ) ڪَچو وانٺو پوٽِيِين، پَڪو نَر نِيندا.

حالَ تَنهِ جا پَنج ٿِيا، جا سَڳِي پيـڻَ سَندِياءِ،
ٿِي اُنِين کان اوءِ ٻجھو، جي ڏِين مَنجھِ ھُئا.
اَڏُ ھيڪَ، ٻہ ڪِي گھَٽِيين(٢)، عَصَبِيُون ياءُ سَبَبَان.
چوٿون ڏاڏِي پُٽَ سين، ۽ پَڙپوٽِي(٣) سَبَبان(۴).
تِرُ تَرڪي جو نَہ رَسِي، پورو پيـٽُنِ(٥) لاءِ.
پنجون آھِنِ عَصَبِيُون، ڌِيَ پوٽِيَ سَببَان،
اِجعَلُوا الاَخوَاتِ مَعَ اُلبَنَاتِ عَصَبَۃً چَيو رَسُولَ خُدا.
ڌِيَ پوٽِيَ کان جو رَھِي، سو سَبُ پيٽُنِ(٥) لاءِ.

حالَ تَنِين جا آٹَ ٿِيا، جي پيـنَرُ ٻِيُ پاران،

(١) جھہ: پوٽيون (٢) و: گھٽيرين (٣) ل: پوٽي (۴) و: چوٿون ڏاڏي ۽ ٻي سين، ۽ پٽ پوٽي سببان (٥) و: پينرن.

پَنج تَنِين کان سِي پڙهو(١) جي سَڳِي پيـڻَ هُئَا،

اَڌُ هيڪَ، ٻہ گهٽِيِين، عَصَبِيُون سِي(٢) ڏِيُ ياءُ.

ٻِيُ، ڏاڏِي، پُٽَ، پوٽِي، ڪُڇَڻ ڪِيمَ(٣) مُنهان(٤).

پنجون عَصَبِي ٿِيَنِ، ڏِيَ پوٽِيَ سَببان(٥).

ڇَهُون(٦) نِيندي(٧) سَا(٨)، جا(٩) هيڪَ سَڳِي پيٽا.

سَتون، تِرُ نہ تَنه ڪِي، جي سَڳِي وَڏِي(١٠) هڪِ ڪان.

اَٺون سَڳِي ياءُ سيـن، پُڻ وَڃَن وِچَ مَنجهان،

جِيَهِم(١١) سَڳِيَ پيـڻ سيـن، جِتَ ڏِيَ ڪِ پوٽِي آه.

پُنو بابُ تَنِين جو، جِي وارِثَ وانثيتا،

تان تَہ سُڻهو مَخرَجَن جو، هاڻي بَيانا:

تہ وانثا وانثيتَنِ(١٢) جا، نِڪرَنِ جَنه قَدرا،

مَخرَجُ اَنِهِم(١٣) قَدرَ ڪِي، چَوَن ثا عُلَماءَ.

---

(١) جهہ و: پروڙ (٢) جهہ: سين، و: عصبي سين (٣) جهہ: ڪين (٣) و: ٻي ڏاڏي پٽ پوٽي سين، وجڻ وچہ منجهان (٥) هي ، ست ل ۾ ناهي (٦) ل و: ڇهم (١) ع ندي، ر: نندي (٨) جهہ ۽ و ڪان سواءِ سيني جي پڙهڻي "ماءُ" آهي (٩) هي ، "و" جي پڙهڻي آهي (١٠) ر ن: و ڏي (١١) جهہ: جيهين، ح: جن ، (١٢) جهہ: واٿيجن (١٣) جهہ ح: انهين.

www.maktabah.org

ٻِنِ (١) جا مَخرَجَ ٻَہ ٽِيا، چوٿيـن چارِ هُئا.

سَتَ مَخرَجُون مِڙَئِي، سُٽِي يادِ ڪِجاهُ:

ٻَہ ٻَخرا چارِ ٽِـي، ٻارَنهن ٻُجهَيجاهُ،

ڇَہ آٺَ سُٽِي سِڪُ تُون، سَتَان (٢) چووِيها.

جِتـِي مَخرَجَ جا ٽِيـِي، سا تِت ڪَريجاهُ.

جِيهِم (٣) عَورَتَ، ٻِيُ رَهـِي، پُٽُ پُڻ مَوجُودا،

تَڏِه مَخرَجَ تَنِ جِي، چَئِج چووِيها.

آنون عَورَتَ ٻِيُ ڇَهون، سَترَهَ پُٽَ نِيا،

ۦ جـِي رَهِيا جوءِ پُٽُ، تہ مَخرَجَ آٺَ ٽِيا:

آنون ٻَخرو جوءِ ڪـِي، باقِي سَتَ پُٽَ لاءِ.

پَرَ جـِي مَخرَجَ عَولُ ڪَري، تَہ سو پُڻ سُٽِيجاهُ.

عَولُ ڪُجاڙو وَڌِ ڪَرَڻُ، سُٽِج سُرتِ مَنجهان.

جِنْ (٤) وانـتـا پُـورا نَہ ٿِـيا مَخرَجَ مَنجهاران،

---

(١) و: ٻي (٢) جُهہ: ستون (٣) جهہ: جيهين (٣) جهہ: جي.

www.maktabah.org

تڏهِ مَخرجَ وَڏِ ڪِبي، تان ٿِيَنِ سڀ پُورا:

جِـنۡ(١) ماءُ پِي مُيَتَ ڇَڏِيا، ڏي مُڙِس پُٽِ آهِ.

تہ مَخرجَ تَنِ جِي ٻارَهَنِئُون، پَرَ وانٽا نہ پُورا.

تڏهِ تيرَهَ ڪرِ تُون، ٻارَهَنِ منجهاران.

پَرَ عَولُ مَخرَجَ تِنِ(٢) ٿيي، سَتَنِ عَولُ نہ آهِ.

ڇَهہ، ٻارَهَ، چوويہَ ٿِيا(٣)، ٿِيئِي ٿِيا پورا.

مَخرَجَ وَڏِي عَولَ ۾، گهٽِ ٿِيَنِ وانٽا.

مَڃُٽِ اوسيڙو ڪَرِينِ، ٻَسِي اِيَ طَرَحا.

اَلصُّلحُ خَيرٌ: عَولُ انهِين ٻابا.

پَرَ ڪَنِينِ اَصحَابِن اِنءَ چيو، تہ عَولُ شَرَعَ ۾ ناه.

جو وارِثُ ڪَڏهِ عَصَبو، ڪَڏهِ فَرضِي آهِ:

جِنءَ ڏِي، پوٽِي، پيٽِ، پِيُ، ڏاڏا، پَڙ ڏاڏا.

اُهِي گهُرَندَا(۴) ڪوٺِ ڪِي، حاجَتَ عَولَ نہ ڪا.

---

(١) جهہ: جي (٢) ع ل: ٿي، و: مخرجين ٿرين (٣) ل: ٿرٿا (۴) و گهرندا، ٻيا سڀ: گهرندو.

www.maktabah.org

عَصَبو چوکڻ سَهکڙو(١)، وانٺَنِ جي پَچٽان.

عِلمِ سَيوئِي سَفَرو، عالِمَ سَبِ ڏِيا،

مَن تَبعَ عَالِمًا لَقِيَ اللهَ سَالِماً: سَچوئِي سُخَنا،

پَرَ مَذهَبُ حَنَفِيَنِ جو: پِهرو(٢) پَروڙِجاه.

هاڻِي عَصَبَا ليکِيان، جي آهِنِ بِيو قِسمَا.

عَصَبو چَئجي نَرَ کِي، جو مِٽُ پُٽِ سَبَبان:

جِهڙو پُٽُ، پوٽو تِيو، کِ پِيُ ڏاڏو(٣) کِ پائِٽيا ۽ کاکا.

کونهي عَصَبو اِنِ ري، آصلِي آصيلا،

جيکو عَصَبو اِنِ ري، سو سَبُ حُکمِي آهِ.

جِنءَ ڌِيَ، پوٽِي پائِنِ سين، کِ ڌِيَ سين پيڻُ هُياءِ،

تہ اِي عَورَتُون عَصَبِيُون، تِيئي لِکَنِ تا.

پَرَ اِيَ عُصُوبَتَ(۴) حُکمِي، هَذِ نَہ حَقِيقِي آهِ.

---

(١) ج: چونکڻ سهوکڙو، ح: چون کن سکٽون، ع و: چوکن سوکرو، ل: چون کن سوکرون، ن: چون کن سوکرو (٢) جه: پهريون (٣) فقط و م: ک پي ڏاڏو (۴) جه: عصبو.

www.maktabah.org

ڪِ جَنہ آجو ڪِيو مَيّتَ ڪہي، ڪِ اِنهِمَ(١) جا عَصَبا،

تہ اوءِ پُڻ عَصَبا حُڪمِي، نہ سَبَبِي(٢) سَمُجهيجاهُ،

عَصَبو اَصلِي سو ٿِيو، جو مَٿہي مذڪُورا.

هاڻي عَصَبَنِ قاعِدو، ساري سکہيجاهُ،

تہ اوڏِي هُوندي رَهيا، آڳاهان عَصَبا.

قِسمَ تَنِ جا چار ٿِيا: هيڪَڙا مَيّتَ وِياءَ:

جِهڙا پُٽَ، پوٽا ٿِيا، ڪِ تَنين جا پوٽا.

ٻِيا مُورَ مَيّتَ جا، جِن اَبو ۽ ڏاڏا.

ٽِيا فَرزَندَ پِيءُ جا، جِن ڀائُرَ ۽ ڀائِٽيا.

چوٿون ڄَڻُ ڏاڏِي سَندو، جنءَ ڪاڪا، سَوٽَ

ٿِيا(٣).

جي مُون ٻِهرِين لِيکيا، ڇَئِن مَنجهاران.

ٻِهرِين(۴) ڏِبو اُنِ ڪہي، اوڏا اوءِ ڇَئبا.

پَرَ اوڏَنِ مَنجهہِ پُڻ اوڏَڙو(٥) ٻِهرِين ڪِجُ پُڇا.

(١) و: نہ نسبي (٢) جهہ: انهين (٣) ح: سوٽنئا (۴) جهہ: ٻهرائين (٥) ج: اوڏن منجهان اوڏڙو.

جِنءَ پُٽُ پوٽيِ کيِ(١) پوٽو پَڙَ پوٽيِ کيِ، جهليِ(٢)
پَٽيِ کان،

بيِ ڏاڏي کيِ(٣) ڏاڏو پَڙَ ڏاڏي کيِ، مَانعُ مالَ کَنان،

ءِ پَڙَ ڏاڏو ياُئِن کيِ، آهيِ اَياڳِا(٤)،

ءِ سَوٽَ، ڪاڪا، ياءُ سيِن(٥) لَنگهَنِ لنگهيندا(٦).

اَلحِقُوا الفَرَائِضَ بِاَهلِهَا فَمَا بَقِيَ فَهُوَلاَولي رَجُلِ ذَکَرِ:
چَيو رَسُولَ خُدا.

پُڦِي، يائِنيِ، سَوٽِ پُڻ، عَصَبِي مُورِ نَہ آهِ.

آهِنِ اَرحامَنِ ۾، عَصَبَنِ پُڄاڻان.

جيِ(٧) هيڪُ عَصَبو هيڪَ سَڳون(٨) ٻيِ کيِ گهَٽيرا،

جيِ(٧) هيڪَڙو سَڳو ياءُ ٿيو، ٻيو ٻِيِ پاران.

تہ هيڪَڙي واري ناهِ ڪين، سَيو(٩) سَڳي لاءِ.

سُٽي مَسئَلا دينَ جا، سکي ٿيو صَحيا.

---

(١) "پٽ پوٽي کي" فقط "و" ۾ آهي (٢) و: پلي (٣) هي لفظ فقط "و" ۾ آهن (٤) ف: اپاکا (٥) و: سي (٦) کذا في ج ح و، جهہ: لنگهڻ لنگهيندا، ر: ليکن ليکندا، ع ل: لکن لکي تاء، ن، لنگهن ليکي تان (٧) و: جن (٧) جهہ: سگ، ن: سڳو، و: سڳي (٩) و: سيوئي.

ڇَهَنِ(١) وَارِثَنِ(٢) نہ ٿِيي، تَڙجَڻُ(٣) ترڪِي ڪان.

پِي، پُٽُ لِڪَنِ تَنِ ڪان، جوءِ، مُڙس، ڌِيَ، ماءَ،

ڀِيا سَڀِ آچِڻَ(۴) وَڃِٽان، آرها ۽ سَرَها.

مَگر مالُ نہ بَچِيو، وانڌَنِ پُڄاڻان،

تِتي پِي، پُٽُ جہي رَهي، تہ تَڙجَڻُ اُو ناهِ.

ڪِونہِ حاجِبُ(۵) اُن کي، جو وِڃائين وِڇان.

۽ جہي(٦) عَصَبو نہ لِيي، اَصلي اَصيلا،

نَڪو آهي حُڪمِي، ماڻهن مَنهجاران،

تَڏِه ترڪو تَنہِ سَندو، جو عَصَبو سَبَبي آهِ،

جَنہِ آجو ڪِيو مَيّتَ کي، ڪَڍيو گولپَ(٧) ڪان.

ڪ وَرِي عَصَبا اُنِ جا، جي يائرَ ۽ ڪاڪا.

۽ جہي عَصَبو ناهِ ڪو، مُوران مَوجُودا،

تَڏِه پاڇِي تَنِ کي، جہي صاحبَ سَهمَنِ جا،

(١) ڄ ع ل: ڇهر، ح ن: ڇهون، و: ڇهي (٢) ر ع ل ن و: ورثن (٣) جھ: تڙڻ (۴) جھ: اڇٽا (۵) ح: حاجت (٦) ح ع ل ن: جو (٧) و: ڪڍي گولپي.

www.maktabah.org

جھِڙِي سَھمَ جَنھِ سَندِي، تھِڙو تَنھِ قَدرا،
مگر مُڙسَ کِ جوءِ کھِي، پوئِين وِرِچَ مَ پاءِ(١).

۽ جھِي(٢) عَصَبو ناهِ کو، نَکھِي وانثيتا،
تان وَرِيو طالعُ تَنِ جو، جھِي ذَوِي اُلارحَامَا.

وَاُولُو الارحَامِ بَعضُهُم اُولِيٰ بِبَعضِ فِي کِتَابِ اللهِ:
فرمايو خدا.

پَرَ مُوجِبِ مَذهَبَ مَالِکِي ۽ شافِعِي مَذهَبَا.
کِينھِي تَرکو تَنِ کھِي، جھِي ذَوِي الارحَاما.

مَالُ بَيتُ اُلمَالَ جو، عَصَبَنِ پڇاڻا.
تان پِي کَرِيان تَنِ جو، هاڻي بَيانا:

اوءِ پُڻ آهِينِ چارِ قِسمَ، جِيهِم(٣) ٿِيا عَصَبا:
پھرِين وِياءَ مَيِّتَ جا، جِنءَ ڌِيئُون ۽ ڌھِثا.
بِيا اَصلَ مَيِّتَ جا، جِنءَ نانو ۽ تَنھِ ماءُ.
ٿِيا فَرزَندَ پِيُ سَندا، جھِڙا ياڻيجا،

(١) و: پاءِ (٢) و: جان (٣) جھ ن: جيھين.

www.maktabah.org

ڪِ وَرِي ياٽيجيُون ٿِيون، ڪِ مائِي ياءَ(١) وِياءَ.

چوٿونِ جَڻُ ڏاڏِي جو، ڪِ ڏاڏِي(٢) جا وِياءَ،

ڪِ وَرِي فرزندَ نانِي جا، ڪِ نانِيَ اولادا:

جهَڙيون(٣) پُڦِيُون، ماسِيُون، ڪِ تَن جو اولادا.

جيڪو لِکيمُ پهرائِين(۴) سوئِي پِهرو(۵) آهِ،

جَيِهِمِ عَصَبَنِ ۾ ٿِيو، مَٿي مَذڪورا.

ٻِهرا مانعَ ٻِئَنِ کي، ٻِئِيا ٽِيَنِ لاءِ.

ٽِئَنِ هُوندِي ڪِينَ رَسِي، چوٿَنِ مالَ منجهان.

تِمت پُڻ آڳاهَنِ کي، اوڏو مانعُ آهِ:

جِنءَ هيڪَڙو ڏُهتو پُٽَ جو، ٻيو پوٽي جو آهِ،

ڪِ هيڪَڙِي ڏُهتِي پُٽَ جي، ٻِي ڏُهتِي ڌِيَ آهِ،

تہ مالُ مِڙوئِي هُنِ جو، هِنِ تي حَراما.

قُوَةُ القَرَابَةِ كَقُربِـهَـا: لِـكَـنِ كِـتَـابَـا.

---

(١) ح: ماءَ (٢) ج ر ع ل ن: ڏاڏي (٣) و: ڪ جهريون (۴) جهہ: پهرءَ، و: پهرِ (۵) جهہ: پهريون.

www.maktabah.org

جي ياٽيجيَ کِ ڌُهِيِ سين، جِيَرو سَندُسِ ياءِ،

تہ کچو ٻَخرو جوءِ جو، پَکو مُڙس لاءِ.

لِلذّکَرِ مِثلُ حَظِ الْاُنثَيَينِ: هرجا اِيُ حُکما.

ٻہ پَيسا ڏي ڌُهيءَ، هيکو(١) ڌُهِيَءَ لاءِ.

حَنَفِي عالِمَ اِنَ تہي، آهِين هيکاندا.

پَرَ جيي ڌُهيَءَ پُٽُ ۽ ڌُهيءَ ڏيَ پيُاءَ،

مَرِي ڇَڏيائِين کَڏهِم(٢)، تہ تَنه ۾ آهہ نزاعا(٣).

کَنِين ڏِيارِيو پُٽَ کي، ڌِيٽو ڏيَ کَنا،

کَنِين پُٽُ مادِي(۴) کِيو، پُرِي پارِ پِيا.

ڏِيُ کہي وانئو پِيُ جو، پُٽَ کہي وانئو ماءِ.

فَتويٰ اِنَهِم(٥) قَولَ تہي، لِکَنِ(٦) کتابا.

يادِ رَکِجُ اِيُ قاعِدو، مَنجهِ ذَوِي الاَرحَاما.

----

(١) ل ن: هيکڙو (٢) جهہ ن: کڏهين (٣) و: آه نزاع (۴) جهہ و: ما ء، ح: پٽ مان ڌي (٥) جهہ ن: انهين (٦) و: لکن، ٻيا سڀ: لکي.

www.maktabah.org

۽ جِي وارِثُ ناهِ ڪو، مُوران مَوجُودا،
تہ تَرڪو بَيتَ اُلمالَ ۾، ڏِبو سُلطانا.
اَلسُّلطَانُ وَلِيّ مَن لاَ وَلِيَّ لهُ: اُتو اَحَمدا.
خَرُچ ڪَندو تَنهِ مالَ کِي مُوجِب اَمرَ خُدا.

۽ جِي اِيهمر(١) نہ ڪرَي، هلي منجھ هواء،
تہ مَهَدِ مؤمِنَ تَنِه سہِن، چابُو(٢) سَبِ تِيندا.
راضي ٿِيندو پاڻ ڏٿِي، مَولو مُلڪ خُدا،
نوڙهَي ڏِبا سڱڙا، سڱَرِي جا وِنَيا،
وِيرُ وِنَندُي پانهِجو، سَارِي سِڱرِ ڪان.

جي آجا آهِي پيٽَ ۾، ڪو وارِثِ منجهان،
تَہ وُانِتو رکِبو پُٽَ جو، سُٽِي ڪَنِّ ڪِجاهُ،
۽ جِي غائِبُ ڪو ٿِيو، وَارِثِ مَنجهاران،

(١) جهہ ن: ايهين، ح: اهين (٢) ح: قابو، ل ن: چابو، و: چاپو، پيا سپ چابو.

www.maktabah.org

خَبَرَ پوءِ نہ تَنهِ جِي، تہ ڪِتي ڪِنه پَرِ آهِ،

تہ(١) مالُ رَکِيو تَنهِ جو، اَمانَتَ طَرَحَا.

پُڻ وانٺو رکِيو تَنهِ لاءِ، تَرڪي مَنجهاران،

جاسِين حاڪِمُ اَمرُ ڪَري تاسِين سو رَکَندا.

حَاڪِمُ جَڏهِ صِلاحَ ڏي، ڪَندَا تڏه(٢) وانٺا.

فَتَويٰ اِنَهمِ قَولَ تي، لِکِي تَبِيِيَنا.

۽ جي خُنٿي هوءِ ڪو، وارِثَنِ مَنجهان،

جَنهِ کي فَرجُ عَورَتين، ۽ مُرّسَنِ آنگڙو آهِ،

تَنهِ جو حُڪمُ تَنه سَندو، جَنهِ غَالبَ اُهجاڻا.

جِن هيڪَ منجهان پيشاب اچي، ٻي ۾ آبُ نہ آهِ (٣)،

۽ جان بَرابر ٻِنهِي، مرّئي اُهجاڻا (٣):

حَيضَ اَچي تو اُنَ کي، ۽ ڏاڙهي مُرّسَنِ آهِ(۴)،

(١) و: تان (٢) جهہ: تنه (٣) هي ٻئي سٽون فقط "و" ۾ آهي (۴) و: ڳهاءِ.

www.maktabah.org

تَڏهِ مُشڪِلُ سو ٿِيو، لِڪَنِ ڪِتابا.

حُڪمُ تَنِه کِي سو ڏِبو، جَنه ۾ يَقِينا.

ڪِٿِي حُڪمُ جوءِ جو، ڪِٿِي(١) مَردانا(٢)،

جِتِي آمنُ جَنهِ ۾، تِتِي سو حُڪما.

وانٿو تَنهِ کِي ٿورڙو، جَنه يَرُ(٣) قِلّـةَ ڏانَه،

اِتِي آمنُ اِنَ ۾، نِرتي ڪَرِنگاهَ.

جِي ڪَنهِ بہ پُٽَ ڇَڏِيا، هيڪَڙو خُنثيٰ آهِ،

تہ ٿِيو بَخرو خُنثَيٰ کِي، سِکِي ياد ڪجاهُ.

پر ڪَدڙِي(۴) حُڪُم مُڙسَ جو، خُنثَيٰ مورِ نہ آهِ،

ڪَنِ نہ ڪِجِي ڪَڏِهين، جاهِلَنِ(۵) ڳالَهاءُ،

مانِعَ وراثَتَ(٦) جا، ڪَرِيان بيَانا:

---

(١) ع و: ڪيٿي، (٢) جهہ: مردتا (٣) "و" جي پڙهڻي، ٻيا سڀ: پر (۴) ڄ ر ع ل ن: ڪري، "ح" ۾ اهو لفظ بالڪل آهيئي ڪونہ. (۵) و: جاهلن جو (٦) ل ن: وارثت.

www.maktabah.org

مَارِي وارِثُ نَہ ٿِيي، مَارِيَلَ جو مُوران،

اَلقَاتِلُ لاَ يَرِثُ: چَيو مُحَمَّدَ مُصطَفيٰ(١)،

مَگر قَتلُ سَبَبَ(٢) جو، جِنءَ کُوهي پُٽَ کَنياءِ،

تَنهِ ۾ پَئِي پِيَاسِ مُئو(٣)، قَادِر جي قَضاءَ،

ڪِ وَرِي قَتلُ تَاوِيلَ(۴) جو، جِنءَ بَاغِيَ(۵) مارِيو ياءُ،

يايائِين تہ آءُ حَقَّ تي، ظُلمُ پارِ آدا،

ڪِ مارِي آهي ڇَرِيو، ڪِ نابالغُ سو آهِ،

تَذه وارِثُ سو ٿِيي، مُورِ نَہ مَوقُوفا.

پَرَ مارِي اَگِهين، جي مَري، مارِيَلُ پوءِ تِهان،

تہ وارِثُ مارِيَ جو ٿِيي، ڏانهسِ ڏوهُ نہ آهِ.

گولو وارِثُ نہ ٿِيي، نَڪِي تَنه وَرثا،

اَلعَبدُ لاَ يَملِڪُ: گولي مِلڪَ نَہ آهِ.

مُؤمِنَ ڪَافِرَ پاڻ ۾، مَحَبَتَ مُورِ نہ آهِ،

---

(١) جهہ: رسولا (٢) جهہ: سبب. قتل ٻيا سڀ: قتل سبب (٣) سيڻي نسخا: مو (۴) جهہ: قاويل = قابيل؟ (۵) جهہ: ياءُ ڪي.

www.maktabah.org

قَد بَدَتِ البغضاءُ بيننَا وَبَينكُم: وَرثي واڻ نَڪا.

۽ جِي ڪافِرُ هيڪڙو، مَنجهِ شَهرَ اِسلاَما،

پِيو شَهرَ ۾ ڪافِرِن، جِتِ ڪافِرَ جو حُڪما،

تہ اوءِ پُٽ وارِثَ نہ ٿِيا، توڙي(١) سوٽ سڳا

ڪِ هيڪڙو ڪَافِرُ هِندُ جِو، پيو سَندو رُوما،

تَہ پُٽ وارِثَ نہ ٿِيا، وِچَ ۾ وَصلُ نَہ آهِ:

اَلدّارُ تَختَلفُ بِاختلاف اُلمَلڪ، لِڪَنِ ڪتابا.

هيڪ نہ ڪِيائِي(٢) ٻِي سَندو، هيُ هُنَ ويرِي(٣) آهِ:

هِنَ جا قُرجَنِ هُنَ ڏِي، هُنَ جا هِنَ قُريا.

اَلوِرَاثَۃُ وَلَدُ التنَاصُرِ(۴): دُشمَنَ ڪِنءَ ورثا؟

پَرَ مُؤمنُ ٻِي مُؤمِنَ جو، اِتي وارِثُ آهِ،

توڙي(۵) هيڪڙو(٦) مِصرَ ۾، پِيو پَري جينا.

آهي سَنگُ اِيمانُ جو، سَدَرُ ساڻُ بَقاءَ.

---

(١) جهہ: ن: توٽي (٢) جهہ ر ل ن خ: ڪيائي، ڄ: نڪيائي، ح: ڪيائي (٣) ڄ جهہ ح ع ل ن: وير، هي پڙهٽي ر ۽ وجي آهي (۴) ڄ ۽ ر جي پڙهٽي، جهہ ح ل ن: التناص (۵) جهہ ن: توٽي (٦) جهہ: هڪڙو.

www.maktabah.org

جي مٺا هيڪاندا ٻہ ڇٽان، ماڻھن مَنجهاران،

علمُ اُنِ جو نہ ٿِيو(١)، تہ ڀِهرِين کهڙو آہ،

تَڏِهِ ترڪو ان جو، وارِثَ ٿِيا(٢) نيِندا.

هيڪُ نہ وارِثُ ٿِي سَندو، تَنِ مُنَ(٣) مَنجهاران،

توڙِي ٿِي پُٽُ سڀي هُئا(۴)، ڪِ وَرِي ياڻرَ سڳا.

ڪِ مُؤمِنُ مَرِي ٻار(۵) ڇڏِي، هيڪُ سَندُس، ٿِيا پَرَ جاءِ(٦)،

جيڪو فَرزَندُ اُنَ جو، سُو مُورِ نہ مَعلُومَا،

تَہ تَنهِ جو وارِثُ ناهِ ڪو، اُنِين ٻارَنِئان(٧)،

نَڪو وارِثُ اُنَ جو، مِرَئِي(٨) اَبنَيِاءَ.

پَرَ جيڪو ڪافِرُ اُنِ مِ، ڪافِرَنِ وِياءُ(٩)،

تَہ اُنَ ڪِي حُڪمُ اِسلام جو، لڪَنِ ڪِتابا.

اَليقَيِنُ لاَ يَزُولُ بِالشّڪّ: اِنَ جو دَلِيلا.

آهِي اَصلُ اِنسانَ مِ، فَقُر اسلاما،

(١) و: ٿئي (٢) و: ان (٣) و: مارن = ماڻهن (۴) ج ح ر ع ل ن: هؤا هيڪاندا (۵) و: ٻار، ٻيا سڀ: ياڻر (٦) ج: پُرجا، جهہ ع ل ن: پرجاءِ، ح: پرڃاءِ، ر: پرچا، (٧) ”و“ جي پڙهي، ٻيا سڀ: اهي ياڻر ناهہ (٨) ر: مرن، ع: موٽي (٩) جهہ: ڪافرن منجهارا.

www.maktabah.org

حُڪمُ تنهِ جو شَڪَّ سِين، وَڃي تان نَہ وِچان.

مانعَ وِراثَتَ جا، پَنجَئِي ٿِيا پُورا:
ڪُفرُ، قَتلُ ۽ گولِپي، ويرِيپَو(١) شهرا.
پَنجون(٢) گَڏجَڻُ موتَ جو، ڪِ وارِثَ جِت گَڏِبا:
ڇَهون نُبُوّتَ جاڻُ تُون، گُذرِيو جَنهِ ذڪرا.

پُنو بيَانُ تَرڪي جِو، ضَرُورِي قَدرا،
جي اِيُ پَڙهي پَرُوڙجي(٣) تہ پِيو پُڻ پَدرو آهِ.
اَسَاسُ اللُفَرائِضِ سِندِيَ جو، نالو نِهَرَ ڪِجاهُ(۴).
لاَ الـه الا اُللهُ مُحَمّدُ رَسُولُ اُللهِ ﷺ (۵)
تِرڪو پَڙهي پَرُوڙِ تُون، پَرَ قَرڪي ڪَرِ نِڪرا.
لَو اَنزَلنَا هٰذَا القُرآنَ عَليٰ جَبَلٍ: اَندَرِ آگِ جَلاءِ.

---

(١) ح: وير پيو، ل ن: ويرپيو (٢) و: پنجر (٣) و: ڇهر (٣) و: پروڙي (۴) هتان کان وٺي وري ”ق“ شروع ٿيو (۵) ڪلمو فقط ”و“ ۾ ڏنل آهي.

www.maktabah.org

تَقشَعِرُ مِنهُ جُلُودُ الذِّينَ يَخشَونَ رَبّـَهُمر: وِيهُ مَ
وِيسَرا (١)،

اِنّ زَلزَلَةَ السّاعَةِ شَيءٌ عَظيمٌ: اِيَ سَاعَتَ پُڄُ سَدا،
فَويلٌ لِلقَاسِيَةِ قُلُوبُهُمر عَن ذِكرِ الله: ڪَڏو ڪَٿُ
قَلبا.

آهِي حَديثُن ۾، اهڙي پڇارا (٢):
تہ موتَ پُڄاڻان (٣) ماڻهوءَ (۴) ڪِي (۵) پِيارِي پُڇا (٦):
هيڪُ (٧) ماڻُهون پُڄَنِ ماڻهنِ ڪِي (٨) تہ ڪِ پُنيان آهِ،
پيو (٩) مَلڪَ پُڄَنِ مَلڪَنِ ڪِي (٢) تہ ڪا سائُس (١٠) سوغاتا.

وَڏا طالعَ تَنِ جا، جِنِ مَرَنِ مِسڪِينا.
اَللّٰهمَ اَحيِنِي مِسڪِيناً وَاَمِتنِي مِسڪِيناً (١١): آگهِينِ (١٢)
اِيَ دُعاءَ.

جا پِنِي پيغمبرَ ربَ جِي، ڪِئِي قادِرَ قبُولا.
مَتِنِ هُئِي گودڙِي، لاڏاڻِي وِيرا،
هيتِينِ گندِي تولهہ سِين، ڪَٿِي جِي طرحَا،
زِرَهہ گِهِي ۾ قرَضَ جِي، هُئِي يَهُودِينِ هَٿان.

(١) و: ويسارا (٢) ب ۾ فقط هن كان وٺي باقي ٺكرو آهي (٣) و: تہ مرڻان پوءِ (۴) جهہ: ميت (۵) ب جهہ: لي، و: جي (٦) ر: پڇندا (٧) فقط و ۾: هيڪ (٨) و: پاڻ ۾، جهہ: كي (٩) و: ساڻن (١٠) ج: اڳين (١١) ر ۾ زيادة واحشرني يوم القيامة من زمرة المساكين (١٢) جهہ: دوست.

www.maktabah.org

دَعوَي ڪَرِيِن دوسَ جِي(١) جَنهِ اِهڙا اُهيانا؟

دوسُ نہ رَکي دَمڙِي، سُورهُ سِينءَ صَباحَ.

مَا ادخَرَ شَيئاً لِغَدٍ: پَرِتان(٢) پِرِينءَ سنداءِ،

سَناسِيَ سِين سَنگُ ڪَرِي، ميڙِيِن مَالُ مَتاع؟

ڪَنهِ پَرِ وَٺي سَڃَٽِين(٣)، يورِي تو پيرا(۴)؟

جانَ تو ڪادو ڪانڊَ(٥) ڏِي، تان لاَلَچِ لَبُ(٦) وِڃاءِ،

فَقرُ فَاقو آڳڙِيُون، جوڳِيَنِ مَرڪُ، ماءِ!

اَجِيعُوا بُطُونَكُم وَ اَعرُوا اَجسَادَكُم تَروا رَبّكم:

ويراڳِين واتا.

لَنءُ ۽ لاَلَچَ ڪِينَ لِڳِي، ڪَچُ ۽(٧) روهُ(٨) ڪِيا؟

جان تو پَه پُورَبَ(٩) جو، تان وَٿُون سَڀَ وِڃاءِ.

نَجا اُلمُخَفّفُونَ وَهلَكَ المُثَقلونَ: هَرڙَنِ(١٠) جو هَنڌُ آهِ.

رِزقُ رَسائِڻُ(١١) تَنهِ تِي، جَنهِ سونو ڪنيو(١٢) ساهُ(١٣).

---

(١) و: سين (٢) سواءِ ر جي سيِ: پرتا (٣) جٺن ب م، ج ح ر ع ل ن: وڌو ئي (۴) جھ: يوري تو پٽيا، ڏ: دوئي، س: وڏاي (٥) ب س: ڪيچ (٦) جھ: لوپ (٧) ب: ڪچيءَ، ج: ڪچيءَ، جھ: ڪچو، ح ل و: ڪچئي، ڏ: ڪَچَئِين، ر: ڪنيچئي، س: ڪچي ۽، ع: ڪچئي، ق: ڪچي، ن: ڪچيءَ (٨) ب: روح (٩) ب جھ: پورپ (١٠) و: هرئن (١١) س و: رساٽڻ (١٢) ب ج جھ ح ڏ ر ع ل ن: ڪيو (١٣) "و" جي پڙهٽي، ٻيا سيِ: آه.

www.maktabah.org

مَاعِندُ كُمْ يَنفَدُ وَمَا عِندَاللهِ (١) بَاقٍ: جو رَهيو سو وَهيو، جو وَهيو سو آهِ (٢).

مَالُكَ مَا قَدمتَ وَ مَالُ وَارِثِكَ مَا خَلَفتَ: چيو رَسُولَ خُدا.

جيڪي رکيوءِ (٣) نفسَ لاءِ، تنهِ سِين ڏنيَ ڏينداءِ.

هٰذَا مَا كَنَز تُمْ لاَنفُسكمْ: ڏنيِيندڙ ڇوَنداءِ.

اَلدرهَمُ كَيُّ وَاُلدِرهَمَانِ كَيَّانِ: ٻرِ ٻرَ ڳهٽيرا.

مَن كَانَ اللهِ كَانَ اللهُ لَهٗ: ايڏنه آمنُ آهِ.

اِنّ اُللهَ اشتَرىٰ مِنَ المُؤمِنِينَ انفُسَهُمْ وَاموَالُهمِ بِاَنَّ لَهُمُ الجنّةَ: بِهِشتَ جانِ بَهاءَ،

وَسَارِعُوا اِلىٰ مَغفِرَةٍ مِن رَّبِكُمْ و جَنَةٍ: سُتين (٤) کهڙي ساءِ.

حُبّ اُلدنيا رَاسُ كُلِّ خَطِيئَةٍ: لَبُ مَتايُنِ ماءُ.

اَلبُخلُ اُمُ الرّذَائِلِ: عالِمَ ڇوَنِ تا.

وَ مَن يّوقَ شحّ نَفسِهٖ، فَاُوْلٰئِكَ هُمُ اُلمُفلحُونَ: شاهِدُ قُرآنا.

---

(١) هي آيت فقط جهہ ۽ و ۾ ڏنل آهي (٢) ب: جو وهيو سو رهيو، جو رهيو سو ناه (٣) س: رکين، و: رکن (٤) ب: سته، س: سٽين، ٻيا سڀ سواءِ ڏجي ستن.

www.maktabah.org

كَلِمو ڪَهو سَچَ سِپين، راتِپين(١) مَنجهِ صَباحَ.

تہ سِگهائِي سُڪَ(٢) ٿِيو، لَنگهي لَڪِيُون لاءَ(٣).

اَللهُ آهي هيڪڙو(٤) مُحَمَّدُ رَسُولُ اُللهِ (ص).

مَن قَالَ لاَ اِلٰهَ اِلاّ اُللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ اُللهِ،

دَخَلَ اُلجنّةَ بِلاَ حِسَابِ: ڪَهِيو رَسُولا(٥).

لاَ اِلٰهَ الا اُللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ اُللهِ ﷺ

---

(١) جهہ: راتيين، س: هردم (٢) س: سکي (٣) س و: لاءِ (٤) ر: هيڪڙو بر حق (٥) و: وچن سي ايمان سان ڪلمون چون مها.

www.maktabah.org

سنڌي بيت

من تصنيف

زبدة الاصفياءِ و قدوة الشهداءِ

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله تعاليٰ عليه

www.maktabah.org

ڪلمو ڪهڙو سچ سڀني، راتيون(١) منجهه صباح.
تہ سگهائي سڪ(٢) ٿيو، لنگهي لڪيون لاهِ(٣).
اللهَ آهي هيڪڙو(٤) مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ (ص).
مَنْ قَالَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَللهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اَللهِ،
دَخَلَ اَلْجَنَّةَ بِلَا حِسَابٍ. ڪهيو رَسُولا(٥).

لَا اِلٰهَ اِلَّا اَللهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اَللهِ ﷺ

(١) جهڙا واٽيون، سڀ هر ٻئي (٢) سڀ سڪهي (٣) سڀ ورلاءِ (٤) را هيڪڙو بر حق (٥) ويو جنهن
سي ايمان شان ڪلمون پڙهي هيا.

www.maktabah.org

سر ڪلياڻ

١

آللهُ ڪارو اوجَرو(١)، مُحَمَّدُ نُورُ نبِاتُ(٢)،
نُورُ صِفِاتِي سوجهرو، ذَاتِ نِسورِي(٣) رَاتِ،
قَادِرَ قُدرتَ اِهڙِي، جِن(۴) دَريا وَاهُڙَ واتِ،
هَٿَ نہ آهي ڪِنهن جي، ڏاتَرَ سَندي ڏاتِ،
هُمَاءُ هميشه حَبَ(۵)، ۾ وَسِيءَ(٦) ڪانگُ ڪُجَاتِ(٧)،
ڏِينهان مَگّنِ ڏاتِ(٨)، مَهلَ مِڙوئِي راتِ،
ڪَرِهو تَوبَہَ تَاتِ، وَهُون(٩) اَکِيِي(١٠) پُٽَ(١١) پوئيان

٢

اُونداهَي ۾ سوجهَرو، نبِّـَي نشانِي،
تارا يارَ رَسُولَ جا، سَچا صَمَدانِي،
ماڻُهنِ مَنِ مانِي، عاشق عِلمَ ڪوڏِيا.

٣

ڪارُون ڪِجُ قريبَ سِين، ڪُهِيَن بارَ ڪَٽِيجُ،
ڪَسبُ ڪِجُ مَعدُومَ جو، اِسمُ عَين پَسِيجُ،

---

(١) ح: اوجهرو (٢) ج ڄ ح خ م ن: نيات (٣) ڄ خ ل: نسهوري (۴) ح: جني، ن: جيئي (۵) ح ن: هب (٦) ح: وسئي، م: وسينءَ (٧) هي ساري سٽ ل ۾ ناهي (٨) هي فقرو ل ۾ موجود ناهي (٩) ح ل: وهو (١٠) ل: اکيون (١١) ن: پٽ.

www.maktabah.org

ماڻهون مِڙئي مِٺ پَسِي، ضَعِيفَنِ(١) ڪَرَمُ ڪَرِيجُ،
مَتي دَعوَتَ حَقَ جهِي، هَنجَنِ جِينءَ هَلِيجُ(٢)،
نيزي ڪَنا نِينهَ جهِي(٣)، ڪَنڌُ مَ ڪَڍائيجُ،
بُخاري سُرِيجُ(۴) سِيوَئي سُهڪُ(۵) تهِي.

۴

ڪُن فِي الْدّنيا ڪَانّڪَ غَرِيبٌ(٦) ڪُه نَہ ڪَنّ ڪَرِين(٧)،
مَچُڻ مُرڪِين لوڪَ سِين، پَرِي ڪِيَن پِرِين(٨).

۵

نِڪَمَنِ سَندِي نِجهرِي، اَڪَمو تِي اَچِيجِ(٩)،
جان(١٠) اُڪاسِين(١١) اِثباتَ ڪِهِي، تان(١٢) نَفيَ رُوحُ رکِيجِ،
پِهرِين ڪَنڌُ(١٣) ڪاٽِيجِ، پُڇجِ(١۴) پوءِ پِرِيَتّو.

٦

سو مِرون، سومارِي، سوئِي پَگو جاءِ،
اُهو مارِئو اُنکي، آهو وِينو ڪاءِ(١۵).

---

(١) ج خ: ضعفن (٢) سٽ جو پويون اڌ "ح" ۾ ناهي (٣) هن سٽ جو پهريون اڌ "ح" ۾ ناهي (۴) ڄ ن سٽيج، ج خ ل: بخاري سريج (۵) ج ح ن: سڪ (٦) اصل ۾: ڪن في الدنيا ڪانڪ غريب او عابر سبيل وعد نفسڪ من اَصحاب القبور (٧) سيني نسخن ۾: ڪه نہ ڪرين ڪن (٨) اصل ۾: ڪين پري (٩) ح ن: اچيج (١٠) ح ل ن: جان (١١) ج خ ح م ل ن: عقاسي (١٢) ح ل ن: تا، م: سا (١٣) ج ح ڄ خ ل: ڪم (١۴) ح ن: پڇيج (بقية الحاشية صفحہ (١٩٢)

www.maktabah.org

سر يمن ڪلياڻ

۱

غَرَضُ آڏو غيرُ، آهي(۱) اَکَڙِيَنِ کي،
پُنو(۲) صوفِيءَ سَيرُ، جِنهِن غَرَضَ سڀ گوشي ڪِئا.

۲

ويهي(۳) تِيرَ وَساءِ، ساٿِيهي سَڄَڻَ جا،
سِپَرَ سُورَ ڪَندِياءِ، مَرَڻُ باسِ تہ مِيرُ ٿِيين.

۳

اَجرَ رِءَ(۴) جِي جوڙَ، جَنَ سَرِي سڀ سونُ ٿِئا،
عَقلَ(۵) مَٿي اورِيين، ڪَرَنِ(۶) سَندا ڪوڙَ،
وحَدَتَ سَندِي ووڙَ، ڪوڙِين مَنجها ڪو ڪَري.

۴

لَنءُ تَنهِين سِين لاءِ، جِنهِ لَنءُ لِڳِي لَعلُ ٿِيِين،
ٻِي سِين لَنءُ م لاءِ، مَتان ڪَسُ لِڳِي ڪارو ٿِيِين.

---

(۱۵) هي بيت اصل ۾ ڪنهن قديم شاعر جو چيل آهي، جو خواجه محمد زمان صاحب لنواري جي ملفوظات ۾ فتح الفضل ۾ هن طرح آيل آهي: سوئي ماري سوئي مرون، سوئي ڀڳو جاءِ، اوهي مارئو ان ڪي، اهي ويٺو ڪاءِ. شيخ عبدالرحيم صاحب ان جي سمجهاڻي خواجه گل محمد صاحب ڪان هن طرح ٻڌي: ڦاڙهن جي قوم مان هڪ ماڻهو هو، جنهن ٻن ڦاڙهن تي نشان ڪيو، هڪڙو ڀڄي ويو، باقي هڪڙي کي تير لڳو، جنهن کي هن کهي ڪاڏو. تنهن تي شاعر هي بيت ڏنو. (۱) ح: آه (۲) ج ح: پنهون (۳) م: ويٺو (۴) ح: اجرندي، خ ل م: اجردي (۵) ج ڄ خ ل ن: پيا عقل (۶) ج ل م: ڪر، ن: ڪڙ.

www.maktabah.org

٥

مَحَبتَ مُورِ ۾ مَٽَ، ڇَڏِ ۾ سَيرُ سڪَڻَ جو،
وَٽَتِ جِي وَٽَڻَ سِين، ڪَڏِهين قَلبُ ۾ ڪَٽِ،
لَنءُ جِي واٽَ ۾ لَٽ، لَنءُ رِي حَيفُ هُئَڻَ ڪپي(١).

٦

مَحَبَّتَ جِنهِ جي مَنَ ۾، آچِي ڪَرِي اوطاق،
چوڏِسِ ڪَرِي چاڪَ، پَسَڻَ ڪارَڻ پِرِينءَ جي.

٧

هَرَ هَرَ هُوءِ پِئو، رَنگُ فَاقِيرِي رُوحَ جو.
ڪِنهِ جِنهِ پاهِ پِئو، تِنءَ رچِي رَنگِ سَيَڪَنهِ(٢)

٨

هڪُ جو هٽِي هَٿُ ڪَٽِي، ٻئو جو جهَلي گهاءُ.
اُنهِين سُرڪِي ساءُ، اُهِي ڄاڻَنِ ٻَہ ڄڻا(٣).

٩

سُورُ جَنِين ڪي سَرِئو، سَرِي تَنِ صحَّتَ،
حَبِيبَاڻا هَٿَ، جانڪِيتان جَڏَنِ ٿِي(٣).

١٠

سُورَ ۾ سَلَڻُ سِڪُ، پَڌَرِ اورِ ۾ پِرِينءَ جا،
هَڏَ ڪَرِ ڪَلَ مِڪُ(٤). مَرُ مَنجهِيئي ماتُ ٿِي.

---

(١) هي بيت فقط "ح" ۾ آهي، ۽ پڻ شاهه جي رسالي جي ڪن نسخن ۾ آيل آهي (٢) ۾ ن: سيڪهين، هي بيت ح ۾ ناهي (٣) هي ٻئي بيت شاهه جي رسالي جي ڪن نسخن ۾ پڻ درج آهن (٤) الله بخش: ج: ڪل مڪہ، ابو الحسن ندارد: ڪل.

www.maktabah.org

١٠

هورِن هِنيون اَنهيون ڪِئو، گُندر چِڏِمَ ڪَلُ(١)،
لُڀيئيءَ لاڳاپن جڀي، آڻڪايو آمُلُ،
سبق پڙھ سَرِيرَ جو. جنه ۾ حَرفُ نہ هُلُ،
سُڄي مَحضُ سُڪُوتَ ۾، قَلبَن(٢) جو ڪَهڳُلُ،
چَرِئَنِ چالِي چَلُ، ڳُڻِتيءَ وارا ڳورَ ۾.

١١

گولَنِ گاڏو سُپِرين، ڪوڏوئِي(٣) ڪُوفَنِ،
سڀي ڪِنءَ پِرين پسن، جَنڪُ(۴) جَنِين ڪي جانِ(٥) جو.

١٢

فَرضُ گُذارِجُ رَبَ جو، ڪِنهِ سِين ڪِجُ مَ مَندِي،
جيڪِي شرعَ ڪَندِي، سوئِي مَجُ مَتِي اُتي،
هوڏُ هَلاڪُ ڪَندِي، سوئِي مَجُ مَتِي اُتي.

١٣

هِيَ وَٽُ هُتِ نَہ آڳَرِي، بُلندِي بازارِ،
دوساٽيءَ دربارِ، آنهيون سو پُٽ سَنهِيون.

١۴

دوساٽِيءَ دَربارَ جا، ڦِرِيا پَسو(٦) ڦيرَ،

---

(١) خ م: گل (٢) ل: قلب (٣) م: ڪوئٹو ہي، ن: ڪو ڏيو ہي (۴) م ن: ذوق (٥) م ن: ذات (٦) ج: پسئو، ہيا سي: پسو.

www.maktabah.org

جَنِ حُضورِي هيرَ، كَر ي تَغِيرُون(١) تن سين.

١٥

آلله وڏو وِيرُ، پورو لوڪُ نہ ٻُجهڻو،
ڪَرين پِياري ڪير، سَجَڻَ چاڙهي سُوريين.

١٦

بِي عَقلَ سِين بات ڪَري، پَنهنجو آبُ مَ هار،
سَائِسِ مِيون عَبدُ الرَحِيمَ چئي، گڏجِي ڪِيمَ گُذارِ،
جي نَہ سَرَئِي گَڏُ گُذارَڻَ ري، تہ - - - -(٢)،
سَائِي سپَرَ ڏار، جا ڪوڙِينِ جا ڪانَ جهلِيي.

١٧

بِي عَقلُ باتِنِ سِين، سَبُ تَنُ ساڙِيندو،
جي نہ مارِيندو، تہ پُڻِ ڏنيِيندو ڏِيهن ڪيي.

١٨

چُونڊي(٣) هوءِ نہ چُڪَنِ، تُونَ ڪُہُ(٤) ڪَمَندِيائِي ڪيرِي ٿيين،
لَعنَتَ هوءِ لَڳَنِ(٥)، تُون ڪُہُ(٤) رَحمَتَ رَاضِي نَہ رَهيين.

١٩

هِنيَڙا هندوءَ زَالَ ڪان، هارِيا هِيتِ مَ تِيءُ،
پِرتِ پِيالو پِيءُ، ماڻ ڪَري پَؤُ مَچَ ۾(٦).

---

(١) م: تغيريون، پيا سڀ تغيرون (٢) سيني نسخن ۾ ناغو آهي (٣) ل: چندي (٤) چ م ن: ڪوه (٥) ج خ ل م لڪن (٦) صائب:

صائبا در عشق بازي کم ززن هندو مباش
او براي زنده مي سازد تن خود زنده را.

www.maktabah.org

٢٠

جان نہ حاصلُ حالُ، تان صُوفِي جمِ سَڏائِيِن،
ڪوٺي تَنِيِن قالُ، وَٺُون جَنِ وِڃائِيُون(١).

٢١

وَٺُون جَنِ وِڃائِيون، صُوفِي سالِمَ سڀ،
هاٺي تنين کي، ڏوري ڏوريان نہ لهَان(١).

٢٢

جَنِ سُڃاتو سُپرين، پِرتِ پيتائُون،
لائُون لَديائُون، ساءُ چکيائُون سِڪَ جو(٢).

٢٣

سَنڌِي دِل دَرياهَ ۾، جان وِٺاسُون پيهِي،
نَڪو آدَم نہ آدِمِي، نَڪِين آسپين ئِي،
وائِي ٿِي ويئِي، تہ هيڪوئِي هيڪ ٿِئو.

---

(٧) هي بيت فقط حافظ ابو الحسن ۽ حامد الله ۽ الله بخش وارن نسخن ۾ آهن، ۽ پڻ شاه جي رسالي ۾ اچي وڃن ٿا (١) هي بيت فقط حافظ حامد الله واري نسخي ۾ آهي.

www.maktabah.org

سر رامڪلي

١

لاَ اِيمَانَ لِمَن لاَ مَحَبّةَ لَہُ، مَحَبّتَ گھوٽ گھُرَنِ(١)،

اَلايمَانُ بَينَ الخَوف وَالرّجاءِ، انهيءَ پَرِ پُرنِ،

وچ ۾ خوف اُميد جهي، ساميِڙا سَهڙنِ،

پُختا پُورَبَ جا ٿيا، رِضا رَاه سَندنِ،

محبّت ميٺُ گھُرَنِ، ٿيا مُلاقي محبوب جا.

٢

جوڳي پَنهنجي جُوءِ وِيا، ٿا جُهَڙ جِنءَ نيڻ جهمنِ،

سُخنَ ساميڙن جا، ٿا هنيِڙي منجهہ هُرَن،

سَچو مَوتُ مگَن، آڌَ ڪُنا آرامَ لاءِ(٢).

٣

مِنو مڱي لوڪُ، ڪَڙو مڱن(٣) ڪاپڙِي،

جنين ڏنو دوس، سي مُوران مڱن ڪِينَ ڪِي.

---

(١) هي سارو بيت مرحوم مولوي عبدالرحيم صاحب واري سنگي ڇاپي ۾ ڏنل آهي. ٻين نسخن ۾ فقط "لا ايمان لمن لا محبة له" آهي، سواءِ ڪنهن ما قبل يا مابعد جي "گهوٽ، گهرن" منهنجي قياسي پڙهڻي آهي، اصل ۾: گهوگهرن (٢) هن بيت ڪان پوءِ هيٺين عربي عبارت آهي. سَفينَۃُ اَلطَرِيقۃِ الاَحمَدِيۃ وَالمحَمَدِيۃَ و سَفِينَۃُ النجَاۃِ وصلُ الرَحم وَ حَملُ الکَلَ وَ کَسبُ المعَدُومِ وَ قَرَي الضَيفِ اَن تُعِينَ عَلي نَوَائِبِ الحق - جا اصل ۾ تمام غلط هئي، پر ان ڪي حتي المقدور درست ڪيو ويو آهي (٣) ج: مڱي.

www.maktabah.org

۴

سَڃِي سُورُ سناسِيِن، ڪُٺِي خوش ٿين،
اُگهرَ ڪوڏيا ڪاپڙي، سَترُ ڪِين سَهنِ،
اُڻ تُڻ آتن نہ انگ جي، ”مَگَريو“ ڇڏي مَنِ،
آوسَرِ عيدُون ڪن، اُتهي گُوندرِ گڏيا.

۵

فِڪرُ فَنا جو ٿِهڙو، جهڙو پاٽي ڪَماندا،
جوڳي جاتَ وِيَا(١)، آڪيون ڏيئي اَڻَ هُونُدَ ۾.

٦

قُوتَ ڪَڙايا ڪاپڙي، سُجَ چڪيائون سَاءُ،
فَنَا ۽ فِراقَ جو، آيِنِ اُبَ(٢) اُهاءُ(٣)،
مادِي(۴) تنه منجهان، تيا سناسِي سَنرا.

٧

جوڳِيَڙا جڳَ ديس کي، وِساري(۵) وينا،
پِرتِ ۾ پينا، تيلانہَ طَعنا تن تهي.

٨

جا عالَمَ کهي اَندارِ، سا سامِيَنِ مٿي ساهَ ڪان(٦)،
عالِمَ عِلمين پارِ، جوڳِينِ ڪَمُ جَهلَ(٧) سين(٨).

---

(١) ن: و هٺا (٢) ن: آب (٣) شاه لطيف: فنا ۽ فراق جو سامين چڪيو ساءُ (۴) سڀ نسخا: ماري (۵) ج ن: ويساري (٦) ل: کي (٧) م: جهنگل (٨) هي بيت ج ۾ هيٺ مٿي آهي.

www.maktabah.org

٩

جا جاڳائي جوڳيئڙين(١)، سا ماڻهن مُصيبت،
سامين سُورُ صِحَّتَ، جي پُورَبيا پروڙيئڙين(٢).

١٠

جان ياڻيئڙين جوڳي تيان، پَسان پِرينِ کي،
ثابتُ رهه شريعتَ تي، تنُ طَرِيقتَ ڏي(٣).
آديسِي اُنَ ري، ڪونَ رَسي قابُولَ(٤) کي.

١١

شريعتَ شَهرُ سَندونِ، رَهَنِ طريقتَ تَعلُقي،
تَنِ اندرِ حقيقي اَگِ بَري، قُدُوسِي(٥) تيلونِ،
گِلائُونِ(٦) ۽ غيبَتُونِ، اِي سِينگارُ سَندونِ،
مَٿي وَهَه(٧) ويلونِ، لَکِي(٨) لوڪ نه سَگهِيا.

١٢

جَنِ دِل لائِي دِل سين، سي سَدائِين سَرَها،
تِهڙا تازِيَ پُٽَ(٩) تي، تِهڙا هيٺِ هَلِيا،
جي واڳونءَ واتِ وِيا، ته پڻ هَنجَ حَبِيبَ جِي.

---

(١) ج خ ل م ن: جاڳي جوڳ کي (٢) حامد الله واري نسخي موجب، ج خ ل م ن: پروڙين جي، (٣) اصل م: ڏيج (۴) ج خ ل م ن: ڪابول (٥) ج: ان کي قدوسي (٦) ل ن: گلا (٧) م: وِهه (٨) ح م: لنگهي (٩) ج خ م: تازي پٽ.

www.maktabah.org

١٣

مَزو مَعرِفتَ جو، جَڏهين پيتِ پِئو،
رَنگُ رَڱَنِ جهَليو، جُسہي جَشَنُ ڪِئو،
مارُو مَولا(١) گڏيو، ٿَهري(٢) تانءِ ٿِئو،
وَڏو سَڏُ وِئو(٣)، لَتِي ڪَرِه قُلُوبَ مان.

١۴

ڪَرِه ڪُوچُ ڪِن ڪي(۴)، اِيَ تاڪُنِ(۵) سَندي تُونِڻ(٦)،
پِيرين مِيرين مُؤمِنِين(٧) نَفعُ مَنجهَان نُونِڻ(٨).

١۵

سَسُئِي سَرَتِي جَنِ سِين، تَنِين پَندُ پُڇاءِ،
مُومَلَ رَتِي مِينڌَري، لِيلاَن لُڊِاٿا(١٠)،
تِنءَ اَرنگهين(١١) اُداسا، اَڏِس(١٢) اُڏامنِ ڪاپَڙي.

---

(١) ن: مولي (٢) ن: تهڙي، م: تيڙي (٣) ح: سڏ او لڏوءِ (۴) ح موجب، ج ڄ خ ل م ن: ڪنڪي (۵) ج خ: تاڪن، ڄ خ ل ن: تاڪن، م: تانڪن (٦) ڄ: تنڻ، ج خ ل م ن: تور (٧) ح: پڙهي پير، ج: پرهين پيرين پندنين، خ: پرهين پيرين پنڌن، ل: پرهين پيرين پنڌ، ن م: پرهين پير پنڌ تهين. لنواريءَ واري فتح الفضل جي قلمي نسخي تي هيءُ عبارت آهي: من ملفوظات المرشد المفخم الاجل الاعظم قدس سره: سمعت من فاضل شاه لکوي: ڪره ڪوچ ڪت جي، تانڪن سندي تون. پيرين ميرين مؤمنين، نغع منجهانون، جنهن مان پڌرو آهي تہ هي بيت خواجه محمد زمان صاحب جو آهي. هي بيت سيني نسخن ۾ تمام غلط لکيل آهي. (٨) ڄ: نٿڻ، ل ن: نون (٩) اصل ۾: لڊاڙئا (١٠) م ن: پاڪارا، (١١) ڄ: ارڪ، اڙنگين (١٢) ن: اڏس.

١٦

رِندَ رحمَت رَسِيا، عَجَبُ اُهجاڻانِ،
آڳڻِ آهيڙِيَنِ جا، وَنهيا وَٽاڻانِ،
خاڪِي خُوءِ سَندِيان، لکي لوڪ نہ سگهيا.

١٧

ڪي نيڪَ، ڪي بَد، هِي اِنِ ٻنهي ڪَنان(١) رَدِ،
ڪاپڙي اَنِهِم(٢) قَدِ(٣)، وڃن واحِدَ سامُهان.

١٨

سوئي سِسِي ڏِي، سوئي جهلي(٤) خُونَ ڪي،
ويراڳِينِ وَڏِي(٥)، تَڪرِ(٦) تڪاٽو ڪئو.

١٩

پاڻُ وِڃائِڻُ پَرَ ڇِڏَڻُ، اِيَ قَلَندَرِي ڪولابُ،
گُلَ جِي بُوءِ گُلابُ، ڏيکاريندو ڏِيہَ ڪي.

٢٠

قلندرَ قالُ اندرِ(٧) ڪئو، ٻاهرِ نہ ٻولِي،
حقيقتَ هولِي، لاَيائِين لاهُوتَ ۾(٨).

٢١

علمَ آصلِي چارِ، پَڙهي پَڙهبو ڪيتَرو،

(١) ح: ڪان (٢) ح م ن: انهين (٣) ح: ڪند، ج ل: ڪد، ج آرڪ (٤) ج ح خ ل: جهلجي
(٥) ج خ ل: وڏي، ن: وڏي، ح جي پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي (٦) ن: ٽڪر (٧) ل: اندر ۾
(٨) م ن: سين.

www.maktabah.org

ٻولِي ٻُڌَڻُ، دِل ٻُڇَڻُ، ٻِدعَتَان بيزارُ،
سُرهو جنه سَردارُ، تِنه ڇِپلي ڇِنڊا(١) نه ٿئي.

٢٣

نااُميدِي آجِڪو، جِيجان جوڳِيڙن(٢)،
سَناسِي(٣) سَمُوندَ ۾، تُنبي(٤) جِنءَ تَرَنِ،
سَدا سُکِ وَسَنِ، تارِڪِي تَدبِيرَ جا(٥).

٢٤

ڀِيهي پس الله، نامُرادِي نِجهُري،
ڇِڻو رَبِي(٦) راهُ، مُرادُنِ مخفي ڪِئو.

٢٥

سَيئي طالبَ سُکَ جا، پر سُکَ نه سُڃاڻَنِ،
جِي ساڱائِي سُورنِ جا، ياڻئن سانگُ سُکَنِ،
سَهکُ ساميڙَنِ، جن سانگَ وِڃايا سُکَ جا.

٢٦

ڪاڇيلارا(٧) ڪاپڙي، ڏيکَنَ سين ڏيکيامِ(٨)،
ڪَڏهنِ ڪِينَ ڳَڏيامِ، اِهڙيءَ مَوجَ مُلڪَ ۾.

---

(١) اصل ۾: ڇِڊا (٢) شاه: اوڃڻ آديسين (٣) شاه: ساميڙا (۴) ج خ ل: تنبي (٥) شاه: طالب اوءِ تقدير تي. هي بيت شاه عبداللطيف جي ٻن بيتن کي مروڙي سروڙي ٺاهيو ويو آهي. (٦) ن: رباني (٧) م ن: ڪاڇيلاٽا، ڄ ل: ڪاڇيلارا (٨) ڏيکيا.

www.maktabah.org

٢٧

أُونــدَهِ أُمِـيدن ۾، نـامُـرادِي نُــورُ،
سانگُ سِسيء جو سُورُ، وَڍِ تہ ويراڳِي ٿِيِن.

٢٨

نَڪو جِنُ جهَانَ ۾، نَڪو ٻاهَرِ نانگُ،
نَڪو مِرُونِ جهنگل ۾، نَڪو آهڪُ اڙانگُ(١)،
ڇڏيو سِسِيَ سانگُ، تہ مُلڪُ مِڙوئي ماڪِي ٿئو.

٢٩

چانَ مُقابِلِ تانُ(٢)، ڪَنه سِين ڪَرِنِ ڪِينَ ڪِي،
شادِيَ ۾ شَاڪِرَ گهڻُون، غَمِّي بہ صَبرَ سانُ،
نَڪو سُودُ نَہ سُولُ ڪو، نَڪو ويڌُ وِڏانُ(٣)،
جيڪِي ڪَرِي مُون ڏَٿِي، سوئِي چاڻِن چانُ(٤).
اِهَڙو جَن(٥) پَريانُ، تَن(٥) سَيرُ سَيوئي ڪِيو.

٣٠

آنگَ سِيئِي سَفَرا، جَڏهِن لِڪياءُون،
تڏهن ڪَنهِ هَٿَ ڏِنائُون، قَلَمُ ڪابِينَنِ جو.

---

(١) ن: اٹانگ (٢) اصل ۾: تراڻ (٣) خ ل م: وڏار (۴) ل: چارن جار، ن: چارن چار (٥) م ن: جهن (٦) تهن.

٣١

ڪَنه جَنه ڪَيفَ ڪَڪورِيا، جِن بَمُڙيا پِٽَنِ،
سَڄَڻَ ڏاتِي(١) اُتَ جِنءَ، مَچِي ماسُ نہ ڪَنِ،
توڙي وَسَ چَرَنِ، تہ پُڻ رَتُ نہ رَتِي جيترو.

٣٢

هَر دَمُ حَجُ پڙهنِ، ڪَعبو پَسَنِ نہ ڪاپَڙِي،
سَبَقُ سو پاڙهِين، جَنه ۾ حَرفُ هيڪڙو.

٣٣

لوڪُ لَهوارو لڏيو(٢)، اوير آديسِين،
سَڄَڻَ سَنيُون ڪَنِ، لوڪ ليکي وِنگيُون.

٣٤

جي گيڙُو رگائِين اِيُ مُخِتَلفُ(٣) ويسُ،
اُلٽو وِڄ(٤) عَامَ سين، وِيرَ وِساري وِيسُ،
کهڙو ڪرين ڪيسُ، جو پَريا پيهي آئيا(٥).

٣٥

ڪَنِين ماضِي مَنَ ۾، ڪَنِين اِستقبالُ،
حاصِلُ جنين حالُ، آ نہ جِيَندِي اُنِ ري(٦).

---

(١) ج خ ل م: ساتي (٢) ن: هليو (٣) ج: مخفف، ابو: مخلف (٤) اصل ۾ وڄ (٥) هي بيت فقط حافظ ابوالحسن ۽ الله بخش وارن نسخن ۾ آهي (٦) هي بيت شاهه لطيف جي هڪ بيت جون جزوي ڦير گهير بعد پويون ٻہ سٽون آهن.

www.maktabah.org

سوئِي اوڇَڻُ اَنگڙين، سوئِي ڪاڄُ سَندونِ،

ڪُفرَ ۽ اِسلامَ ڪان، پَري پيرُ پِئون.

تتي واهِيرونِ، جتي راتِ نہ ڏِينهُ ڪو.

٣٧

جَنِين سچي سِڪَ ڪَڏهِن چڳي چِتَ سِين،

سهِي بنا بِسمِلَ جا ٿِيا، ("لاَ" سين) لِٽَين لِڪَ(١)،

تَنِ بابُوئَنِ بيہنڪَ، آنو پَهرَ آلِفَ ۾.

٣٨

جُويَسِ(٢) جيڏاهِين، تَنهِ ويڙ وَڃي ڪونَ ڪو،

ڪَنڌِيَ ڏِنائين، سهِي ڪُڻَ(٣) ڪاهوڙين تَڪيو.

---

(١) سيني نسخن ۾ هيءُ سٽ اٽپوري لکيل هئي ڏنگين ليڪن وارا لفظ ميان عبدالرزاق سيتائيءَ جي اوٽ تي وڌا ويا آهن (٢) الله بخش، خ: جو ويس (٣) ا: گر، ح: گهر، خ: گر- هي بيت رڳو ابو الحسن، الله بخش ۽ حامد الله وارن نسخن ۾ آهي.

سُر آسا

١

پَسَڻ ڪارڻِ پانهجي، تِي سَچِيائِي آک(١)،
اندرِ ٻاهرِ پانهجي، سُونهَ سَيائِي لَکِ،
مَري جَنهِمِ(٢) مَکِ، پِرين تَنهِين جي پاندَ ۾.

٢

نِهارِيندي نيڻَ، اوڏاهين آندا تِئا،
سِڪِي ڏِنائُون(٣) سيڻَ، مَچِي موچارا تِئا(٤).

٣

ڳَنڍِينَ(٥) ڳالهڙِيين، پِرين پَنهِنجا نَہ تِئا،
جَان جان مالُ نِيين(٦) تُرِيَ تَڪَا(٧) نَہ ڪِئو.

٤

پُڇاڙا پِرِيَنِ هِنيون ڪُڇاڙو ڪاءِ،
ڪُلهِي پايو ڪِينَرو(٨) ڳُڻَ(٩) پِرِيان جا ڳاءِ.

٥

ڏَرَ(١٠) ڏُونگرَ ۾ ڏِيهَ، وِڃُنِ وَرِي وَسائِيا،

---

(١) خ ل: سک اک (٢) ح: جنه، م ن: جنه ۾ (٣) م ن : لڌائون (۴) هن بيت کان پوءِ هي فارسي بيت ڏنل آهن: چون مستعد نظر نيستي وصال مجوي، که جام جم نکند سود وقت بي بصري دل چه بود بحر بيکران ـ هر دو جهان چيست بود موج آن بندگي و سلطنت معلوم شد ـ زان دو پرده عاشقي مکتوم شد (٥) ج ڄ خ ل: ڪتين، م: ڳتين (٦) م: نتين (٧) ڄ: ٽڪاٽو (٨) م: ڪنجرو، خ ل: ڪينري (٩) ڄ: ڳر، خ ل: ڪر (١٠) الله بخش: ڏڙه، ح ۾ ابو الحسن: ڏر.

www.maktabah.org

مُون منجهارا ڪيہَ، ڪنہِ وَڏِي پارَٹِ نڪري.

٦

اَٽڪَلَ اَڪَڙيَنِ(١)، وَڃِي پيئي لاڪَ ٿي،
ڪارو ڪِينَ پَسَنِ، لوڪُ مڙوئِي لاڪِيو.

٧

جي وَحدتَ منجهہِ وِئا، جَنَتَ جاءِ تَنِ جِي(٢)،
ڏاهَنِ ڪِي ڏُورِ ڪِبو، پورنِ پالَ ڪِبَا،
مُلا(٣) سڀ مَرندا، عَنقَا جِي اِثباتَ سِين.

٨

ڇَتُون وَحدَتَ وَٿراهہِ جو، چاڳُلو چاڪَرُ،
لَڳِيَسِ لالچِ مَرُ، ڪوهِي ڪَڙمَ مڪِ جو.

٩

وَٽَتِ وَاحِدُ جاٹُ، اَحَدُ پہِ نالو اُنَ جو،
سَبَقُ اِنَ(۴) صِرَاطَ جو، ڪَهِي ڪُلُ قُرآنُ،
جِت پرينءَ ناہِ پَرِياٹُ، تِتهين(۵) گڏيا(٦) دوزخِي.

١٠

شِيشِي صَافِي صافَ سِين، وَنِتو وَرَنُ شَرَابَ،
ڪِي چُونِ شِيشو ناہِ شَرَابُ، ڪي چُونِ شِيشو آہِ شَرَابُ،

---

(١) اصل ۾: اڪڙين اٽڪل (٢) اصل ۾: جنت جاءِ تن جي، جي وحدت منجهہ وئا (٣) فقط م: ملحد (۴) ج خ ل: اي (۵) م: تت هاٽي؛ ن: تتهائي (٦) م ن: گڏيا، ٻيا سڀ: گڏيائي.

www.maktabah.org

گُذَرُ اِنَ گِردابَ، ڪوڙين مَنجهان ڪَنهِ(١) ڪي،

١١

صُورَتَ لَيلاَ لاءِ، مَعنيٰ ڪي مَحفُوظُ ڪَري،
قُربَان(٢) تِي ڪاهِ، جَنه لَءِ(٣) لَيلاَ لَهرِن(۴) ڏي.

١٢

صُورَتَ سچي چارِ، جَنِين رَهِي رُوح ۾،
گُوندرَ تَنِ غلامِ، سُڪَ تنين جا سيڪڙو.

١٣

جو مُنهُ ڏِٺو مُون، ڪو مُنهُ قريبُ نہ مِنهن جو،
منجهہ اييہن ۽ يُون، مُوران تان نہ مياءِ سو.

١۴

آڪ پريان جي اڪ ۾، پيهي ويئي اڪِ،
ماڙهو(٥) اُهوئي يانئيان، ڀِيا مِڙيئي(٦) مَڪِ.

١٥

آڪ پريان جي اڪ ۾، جنين پاتي آڪِ،
سَچڻَ گڏئو تن ڪي، ڀِيا مِڙيئي مَڪِ.

١٦

مَگَسُ مَحبَتَ باريو، خُلَتَ خَليلاَ،

---

(١) م ن: ڪن (٢) ج: قرباني، ن: قربان، ج ح ل: قربا (٣) ن: جهلي (۴) م: لهر، قلمي نسخا: لهرين (٥) ج خ ل: مارو (٦) ج: مڙائي.

www.maktabah.org

نَفيَ ۾ نِمرُودَ جي، نفي نمرودا.

١٧

ڏوئِي ماڃِي اکيون، پاڻيُون جان نہ ڪِجَنِ،
سڀي ڪِنءَ پرين پسنِ، جَلُ ڪَجَلُ جَن اکين ۾(١).

١٨

ڏوئِي ماڃِي اکيون، جڏهن پاڻِياڻون،
تڏهن ڏٺاڻون، پرِين پاڻ اکين سين.

١٩

آکِ اُبَتِي وارِ، سُبَتِيَ(٢) سُورُ پِرائيو،
ڀي ڏنهُ ڪِيمَ نِهارِ، سَجَڻُ رِيسارو گهٽونَ(٣)

٢٠

هينان ڏِندَ مَڃِي مَرِي، مَتان مِيهاڻِي،
ڪَنَنِ ڪَرَ پاڻِي، تا آنڌا مَرن اُجِ سِپِين.

٢١

پِرِت پَرُوڙَڻ ڳالِهہ، سمجهڻُ سِڪَ سَهي ڪري،
ڪِيَن سُڃاڻِي ڳالِهہ، جان جان چُڪو نہ چَکِي.

٢٢

مَحَبَّـتَ وڏو مانُ، پرت پروڙڻ ڏاکِڙو.

---

(١) شاهہ ڪرِيم: پاڻيون جان نہ ڪجن، روئي ڏوئي اکڙيون، جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪِي پرين پسن (٢) ج: سبتين (٣) شاه: اکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرين ڪي، ڀئي ڏانهہ ڪيم نهار، گهٽو ريسارا سپرين.

www.maktabah.org

سَندو سَگٗ سَلطَانَ، اچي تان آجِي ٿيان.

٢٣

پرت ٻَڌِي(١) ڳالهڙِي، پرت پروڙي ڪير؟
جِنهِ سُڃاتو اِي سَير، اِسمُ اُنَ پروڙيو.

٣٤

جِتي(٢) پِرت نہ آهِ، تِتي(٣) طالعُ ناهِڪو،
هُوئَڻَ سپين(٤) وِئا، تَنِ مُبارَڪَ مَنَ ۾.

(١) ج: ٻڌري، ن: ٻڌي (٢) اصل ۾: جت (٣) اصل ۾: تت (٤) ابوالحسن سي.

www.maktabah.org

سُر بَروو

١

وَٺِيَ ۾ وِهَ لارَ، ڪَنهِ ڏُجَرِ وِڏِي ڏُڪَ ڪِي،
هوءِ جي مِٺا يارَ، سي ڇِيڇِپائِيَ ڇوريا.

٢

اڇن جي اوطاقَ، مون سارِينديِ سُپرين،
مُون جهڙِي مشتاقَ، ڏِسيو لاهي ڏڪڙا.

٣

گڏيا آهِن گڏُ، سَڄَڻَ ساهَ پَساهَ سِين،
کهڙا ڪَرِيين سَڏَ، تن هِڙن هيڪاندن ڪي.

٤

تهڙا مُنهَ مُهَاندِ (١) تهڙا پُٺِيرا پِرين،
ڇا پاسي ڇا پاندِ، سيڪيڏاهِين(٢) سامُهان.

٥

ڇِتا چوڏِس(٣) ڇَندَ ڪان، اڇا جهڙا کِيرَ،
سُرها ڪٿوريان گهٽون، آڳرا ڪان عبير،
ڳرا ڏرتيَ جهڙا، مِٺا ڪانَ ماکِيَ کير(۴).

---

(١) اصل ۾: مهاڙ (٢) ج سيڪه ڏانهم (٣) ابو الحسن: جهڙا (۴) ابو: مٺا ڪان ماکيءَ کير.

www.maktabah.org

هِهَڙا لَهِي وزَير، هِنيڙا اورجِ اُنِ سان.

٦

جي مون سَنَري سَنَرا، جي مون رُوندي رُونِ،
آءُ مَ هُئان اُنِ ري، اوءِ مَ مُون ري هُونِ(١).

٧

جي مُون سَنَري نہ سَنَرا، نہ مون رُوندي رُونِ(١)،
آءُ مَ هُئان اُنِ سپين، اوءِ مَ مُونِ سپين هُونِ(٢).

(١ ـ١) هي ٻئي سٽون ل مان حذف ٿي ويون آهن (٢) هي بيت فقط ابوالحسن ۽ پير صاحب واري نسخي ۾ آهي.

www.maktabah.org

سُر سسئي

١

سَسُئِي جي سمجهه سين، جان پروڙيم پاڻ،
تان پُنهون مُون پِندِ هو، وِچان هُتُرُم پاڻ(١)،
وَنحنُ اَقرَبُ اِليه مِن حَبلِ الوَرِيد، مُون ۾ مُون هِين(٢) ساڻُ،
وَفِي اَنفُسکُم اَفَلاَ تُبصِرُونَ، پنهنجو پَسَنديس پاڻ،
وَهوَ مَعَکُم اَينَما کُنتُم، هَر جا توئي(٣) سَاڻُ،
بَلّ اُهوئِي آهِين(۴)، ظاهر باطن ڄاڻ،
اَينَمَا تُوَلُوالفَثَمَ وَجهُ اللهِ(۵)، سمجهه تُنهنجو(٦) شانُ،
وِڃي جَنهِ گمانُ، سو سَسُئِي آهي سَيُڪو.

٢

ڪونهي سو ڪوهيار، جو تو ڀوري ڀانئيو،
وُجودُ ئِي وٽڪار، ناهِ پِرين پَرَڏيه ۾(٧).

---

(١) هي سٽ "ل" ۾ ناهي (٢) نسخن ۾ "هين" جو لفظ ناهي (٣) ج ڄ خ ل ن: تون تو، ح: تو، م: هو توهين (۴) ڄ: بلڪ اهوئي آهي (۵) نسخن ۾ هي لفظ واڌو آهي: هر جا آهي حقئو (٦) ن: تنهنجو (٧) شاهه صاحب فرمايو آهي: ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو ڀوري ڀانئيو: پنڌ نـ ڪر پهاڙ ڏي، وجودئي وٽڪار، ڏاريان ڀانئج ڏار، ڀڄ پريان ڪر پاڻ تون. ٻي سٽ کي وري هئن دهرايو ويو آهي: وجود ئي وٽڪار، وري ڀڄ ويڻين کي.

www.maktabah.org

٣

ڏِنو وَرَ وارو، مُون جَڏِيَ ڪِهِي جيڏيون،
سِرِئُمر سُونهارو، ميوو ڪُلَ(١) مُلڪ جو.

۴

زُلفَ ضُعفُ(٢) ڪِياسِ، ڪاڪُلَ قَرِين جِهِي،
ٻِسَڻَ سين پِيياسِ، نامُراديَ نِجهُري.

۵

پِيرِين پُري سَيَڪا، تُون وِهِنِي ڪِڄِ وِڪَ،
سَنِدِيَ ساجَنَ سِڪَ، پِنڌُ پاسي پَرَ نِبري.

٦

عِشقَ اُگهاڙِيس جيڏيون، پَڌَرِ تي پِيياسِ،
هِهڙِي تان نہ هُياسِ، پر سَترُ سِڪَ وِڃائيو.

٧

مِهرَ مَنجهارا ماءُ، اکيون رويو(٣) رتُ ڪري،
لاَلَنُ لِطيفا، ڪُهي مَحضُ ڪَنگاليون(۴).

٨

سوئِي آندائون پاڻَ سين، جيڪِي ڪِيڻ نِيندا،
ڳُرَهينڊِي ڳوريَ سين، سَيِئِي سچ ويندا،
هـمـيـشه(٥) هُوندا، نِياپا نيهَٽن سيہن.

---

(١) م: سپ (٢) ن: ضعيف (٣) خ: رورئو، ل: ريورؤ (۴) ج. ڪن ڳالهيون، ج خ ل: ڪڪاليون (٥) هن سٽ ڪي ٻہ دفعا دهرايو ويو آهي، رهگو، هميشه جي بدران ”الرحيم“ (ج: رحيمي) ۽ ”رحمتي“ جا لفظ وڌا ويا آهن.

www.maktabah.org

٩

حُجَتَ ڇڏي هَلُ، مَنُ ماري ميڻُ ڪرِ،
اِنهِين پَرِ آڪمَلُ، دوسُ گڏبوءِ(١) دادُلو.

١٠

ويچارِي ٿي وَتُ، گهارِ نِماڻِنِ(٢) نِجهُري،
اِنَ پَرِ پُوندوءِ(٣) آتُ(٤) دوسائِي دربار جو.

١١

پرين ڏِسڻ، پِهي(٥) ڪَٽَڻُ(٦)، اِيُ تان ڏِنُوئي(٧) ڏوهُ،
سا ڪَتي ڪَندي ڪوهُ، هوتُ جِنهِ(٨) جي هَنجَ ۾.

١٢

مُنکي پُڄُ مَ ماءُ، ڳالهيون اَرَٽَ کُنبَ جِيُون،
سَهسين(٩) سڄَ وِئا، سُورجُ مَنجهِن هيڪڙو(١٠).

١٣

ڏينَهِن ڏٻي ڇڏ ڏِيهُ، ڪَرِڪُ(١١) تـ خَلَلُ نـ پئي(١٢)،
وَهمَ وِساري ويهُ، ٻَندُ توڪَل جو تُرهو(١٣).

١٤

ڏونگر چوٽِيَ سُپرين، آڏا سيل سُڄَنِ،
سِي ڪِنءَ پرين پسَنِ، نِيَرُ جَنين کي ننگَ جو(١٤).

---

(١) ڄ ل م ن: گڏيوء (٢) ڄ م ن: نماڻي (٣) پوندئي (۴) م: انت (٥) م ن: پهو (٦) ڄ: کهنڻ، خ: گهنن، ل: گهٽن (٧) ڄ: ڏنوئي (٨) ڄ: جهم (٩) م: سوسهسين، ن: سوين (١٠) ل ن ۾ هي سٽ دهرائي وئي آهي "ڪاهي ڪالهہ وئا، وڏهہ ائن مينهڙا، ۽ ج ڄ خ ۾ ان کي بيت جي صورت ۾ آندو ويو آهي: ڪاهي ڪال وئا، ڪڏه ايندم ڪاپڙي، ڪاهي ڪال وئا اوڏهہ ائن مينهڙا (١١) ڄ: ڪر: م ن: ڪسڪ (١٢) ڄ: ٽئي (١٣) هي بيت سر سنهڻي ۾ بہ اچي سگهي ٿو (١۴) ڄ: ذوق جن کي ذات جو. ل م ن: جل ڪجل جنه اک ۾.

www.maktabah.org

۱۵

مَحبَت جي مِيون عبدالرَحيم چَئِي، جَڙَ لڳِي جِيائِين،
لڳِيَ وارو نہ لَهان، کوهيارو کِيائِين،
هِيَ جَڙَ آسَائِي، کِ لڳِي لوڪ سَيَکَهِم (۱)؟

۱٦

آيَلِ بلوچن جا اُهيَ پنج آهِينِ:
آئي اوچِڻَ آنگڙين (۲)، بُکِيِ مانِي ڏِين،
پاڙو ڏوهِين نہ پانهجو، سامَ سِسِي يائين،
کاڻِ نہ کَدَهُڻُ (۳) سِکِيا، پر ناتو نباهين،
سُخنُ نہ سکائِين، پاڻِيَ وِڳهي (۴) پانهجو.

۱۷

جيڪر ڪريان دَانه، چُوندُم لوڪُ چَري ٽِئِي،
لوچيو پوچيو (۵) سُمَهان، کُلهي پايو بانهَ (٦)،
هِيُ مَنُ ڪريان کَانهِ، جو هٽِي هوتاڻِي وِٺا.

۱۸

ڪَکوريو کوهيارُ. چِپَرِ چندُون پيئِيون،
وَٺو سَبُ وٽڪارُ، پَرِيو بُول بَروچَ جو.

---

(۱) ڄ م ن: سيڪهين (۲) ن: اگهڙين، ڄ: اکڻ (۳) ڄ: ڪار نہ اکرڻ (۴) م: وگهي، پيا سپ وگهو (۵) لوچيون پوچيون، م: لوچيو پوچيو (٦) خ: باه (۷ هي سٽ "ڄ" ۾ ناهي.

www.maktabah.org

٢٠

جنءَ تو پِرِيَمِ(١) تُون ڪَرِين، آءٌ تي ڪَرِيان اِينءَ،
تَہ نالو سندو نِينهَ، ڪانہ ڳِنَندِي ڪَڌِهِين(٢).

٢١

سَڄَڻُ جيڏاهين، ڪا تيڏاهِين هَٽُ ڪٽِي،
هَٽِين مُونہِين، پيٽ پِرِ، سِران تيڏاهين،
مانَ ڪيڏاهِين، ڪو ڏورِينديَ ڏَسُ پوي!

٢٢

هَلَڻَ ويرمَ هوءِ، شَلَ(٣) ڪَنه جو ڪم پنيور ٻہ،
پَندُ اڳِي، دل پوءِ، سُورُ سَتاٽو سَرَتِيون.

٢٣

ٻَڙِي! ٻانهَ مَ لوڏِ، چورِي! آبيتَينَ سِين،
هَلُ مَ تن سين هوڏِ، جي هليون ڪوهياري(۴) ڪوڏِ پِئِي.

٢۴

سَڳَرُ سوئِي چاڻُ، جِنِ پاٿِهي مُون پَروڙِئو،
هُيَسِ مَنجهہ پاتار، پَرَ پِيءُ(۵) سجاتُم پانهجو.

٢۵

لاڳاپا هِن لوڪَ جا، جڏهن ڇڏيا جن،
تڏهن ڏٺو تن، ڏونگر وارو سُپِرِين.

•

---

(١)ن : پرين (٢) ن: وري وٺندي ڪانڪا، هي بيت شاه لطيف جي هيٺئين بيت تي ٻڌل آهي:
جيڪر ڪريان اينءِ، جينءَ ڪميٽي ڪانہ ڪري ـ سندو نالو نينه، وري وٺندي ڪانڪا (٣) ج
ڄ خ ل: شال (۴) ابو الحسن: جي هلبو (۵) ن: پرين.

www.maktabah.org

۲٦

پارانيا پِرينِ جا، ڪَرَ ڳُلَ ڪُہِينداءِ،
حُبُ هَرُ ڏِيئي ڪاتِيُون، هيَ هيَ ڪَرِ مَ هاءِ،
ڪنهِ چيو تو پاءِ، پہيرُ پريان جہي پير ۾(۱).

۲۷

لُونِي لاڳاپن، ننگَ نهوڙيس جيڏيون،
پاٽان وڏيس پَٽ تي، لاهي لاڳاپن،
ڪُوڙن آسائين، مُونکي ساٿان ڪاريو.

۲۸

پيرُ پِريان جو جيڏيون، چڏينديِ جہيڪا،
وِندرُ جن واٽن تي(۲)، مرنِ مارِي سا،
ڪَيچ نہ پَہتي ڪا، آرِيچاٽہي اُنس ري.

۲۹

مُنکہي پُڄُ مَ ماءُ، ڳالهيون ڪُنبَ آرتَ جُون،
نڱيون بُت گهَران(۳) رُوح رِهاٽہي ڪن سين؟

۳۰

وَرُ ڏِيهُ وِندءِ وِسَرِي، ٽيندءِ ڪيچ قرارُ،
اڪيون ٽينديون آنديون، سمهڻ ويندي سارَ،

---

(۱) هي بيت فقط ابوالحسن واري نسخي ۾ آهي (۲) ن : ۾، مر : وندر جي واٽ ۾ (۳) ج خ ل ن : ڪرات = گهران تہ. متن واري پڙهڻي حافظ ابو الحسن واري نسخي تان ورتل آهي.

www.maktabah.org

ڪيو تَنِ قرأر، جَنِ وائي نہ واتِ ڪا(١).

٣١

وِيسَرِ واندِريُون(٢)، وِڏيون جن هٿن ۾،
سي ڪِنءَ ٻانهڙيون، ڏِيان ڪن ٻئن کي(٣).

٣٢

سُونهَنِ ڪندي سَڏَ، ساٿي سَنِئِيءَ نہ هَلَٽا،
هِنِ نہ پڇيو هُنِ کان، تہ ڪِٿِ لاهيندا(۴) لَڏَ،
آنڊا انڊن گڏيا، ٻَئِي پرينڊا ڪَڏَ،
رِڻَ ۾ رَهندَنِ(۵) مَڏَ، اِنهين پارين پَهِيڙا(٦).

٣٣

پَري ٿِي پَنوهَارَ(٧)، مُون ۾ تو مَڇُ ٻري،
سُٽِي سُورَ تنوار(٨)، متان ڇيلن کان ڇيهون(٩) ٿيين.

(١) هي بيت فقط ابوالحسن، الله بخش، حافظ حامد ۽ جان محمد وارن نسخن ۾ موجود آهي.
(٢) ا خ : وندريون (٣) هي بيت فقط الله بخش ۽ ابوالحسن ۽ جان محمد وارن نسخن ۾ آهي
(۴) ج : لاهيندو (۵) ج : رهنا (٦) هي بيت فقط جان محمد ۽ ابو الحسن وارن نسخن ۾ آهي،
۽ ڪنهن سگهڙ جو چيل ٿو ڀانئجي (٧) ج : پهاڙ، الله بخش : پهار (٨) ج : صورت وار (٩)
ج : ڇيهہ

www.maktabah.org

سُرُ سُهڻي

١

اوڏو تي آلِفَ کي، نِسبَتَ نِهارِيجِ،
مَنجِهيون ڏَٺُ ڏارِيجِ، جِتِي(١) ساهَڙُ سوجَهرو.

٢

سُنهڻيَ ساهُ پَريِين پِرِ، اوريِين پِرِ آندامَ،
مَنَ ۾ ميهارِن(٢) جِي، قابُو لڳيس ڪامَ،
پَئِي ساهَڙَ سامَ، ڏُکان ڇُٽِي ڏَمَ جِي.

٣

سِڪَ تُنهِنجي سِپرين، سَيو تارِ ترانِ،
پر اِنَهِين لِڄِ مرَانِ، جِنِ آءُ ڪَڪِي تون ڪَٿُورِيئِي(٣).

٤

سَجَڻُ جَنهِين(۴) سات ۾، سو ڏسٽائِي(٥) ڏُورِ،
چَڙن جي چانگور(٦)، آءُ تي جِئان جيڏيون(٧).

---

(١) م ن: جن ۾، ج : جتان (٢) ج خ ل : مهارن (٣) اصل ۾ : ڪتوري: شاه فرمايو آهي.
سڪ تنهنجي سپرين، جئن تران تئن تار (۴) ج : جهر (٥) ح : ڏسڙائي (٦) الله بخش:
چانگهور، ابوالحسن ۽ حامد الله: چاگور (٧) هي بيت فقط حافظ ابو الحسن، الله بخش ۽ جان
محمد وارن نسخن ۾ موجود آهي.

www.maktabah.org

سُر مومل راڻو

١

پروڙيم پِريتِ(١)، نرتِ پِييَم نِينهَن جي،
راڻي اِها ريت، جِنۡ(٢) کُهي قريبن کي.

٢

ڪڏهن ايندم ڪاندُ، اوچتو ئي اديون.
پيتَ مَٽانرا پاندُ، تيلَهَ ڏاريو ڏاريان.

٣

وِهُ وَنِيَ جي هٿ ۾، جڏائي جو جام،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سُورِهَ ڪِن سلام،
حميرن حرام، عاشق اچن اُجيا.

۴

تُون راڻو، آءٌ مُومل، وِچان سگ وَٽت جو،
ساءِ(٣) تنهنجي سپرين، گولي تيان گُلَ ڦُلَ،
تو بنا ڪَرِهَلَ، ڪوڏيَ ڪَمِ نه اچان(۴) هيڪڙيءَ.

۵

ڪڙو مِنو مَهِندرا، سَيو آءٌ سَڪياس،
مِنو ميڙائو تو پرين، ڪَڙِي جِنه ڪَاسِ،
رَتِي عِلمَ نه راسِ، نرمِلُ تُنهنجي نِينهَن ري.

---

(١) ۾ : جڏهين نرت. (٢) م ن : جيئن (٣) ابو الحسن : سائي (۴) م ن : اچي

www.maktabah.org

سُر ڪاموڏ

١

مَرجعُ هِنِ مِيئَنِ جو، اصلي حالُ عَدَمُ(١)
سندو ڪَرَمَ قدمُ، لاڳو ڪِينجهر ڪَنڌِيين.

٢

مَرِجُع منهنجي مَنَ جو، وڏو ويسارو(٥)،
پَٽُ(٣) آباڻي ڏيهَ جو، گهُري نہ تارو(۴)،
ڍرئو جنه ڍارو(٥)، سو مُورِ نہ پسي(٦) مَعرڪو(٧).

٣

مُونکي مون پرينِ، ميرو ڏسي نہ مَٿيو،
پرين پلائِيَ پانهنجي(٨)، تا عَيب ڏِسئو ڳُڻَ ڪنِ(٩)،
تون ڪِنءَ سَندو تن، ديوانا در مَٿِيين.

۴

نہ سا آهي ڪامڻي، نہ سو نَرُ نالوسِ،
سائو وِرُڪُ وٿاڻ ۾، وِهُسَڻُ وِچُ ٿِيوسِ(١٠)،

---

(١) ج خ م ل ن : آدم هيءَ پڙهڻي ج ۽ حامد الله واري نسخي جي آهي. هن بيت کان اڳ هيءَ عربي عبارت آهي : کل شيءِ يرجع الي اصله = سيڪا شيء پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي. (٢) ج: پسارو (٣) ح : پٽ : م : پيٽ (۴) ج : پٽ پڇاڻي ڏينهن جو، کڙين تارو (٥) ج : ڍارو جنهن ڍاريو (٦) م: پچي. (٧) ا ج ح: مارکو (٨) م: پلايون پهجيون (٩) ج : ڪٽڪن (١٠) هيءَ سٽ ل ۾ ناهي.

www.maktabah.org

نَہ آهِس اَنَّ اندر ۾، ماءُ پيُ مُنڌَ نہ ڪو،
لالچ نہ آهِس لقمہين، ڪَا تُون ڪاڄُ سندوس،
سَتَ بُڻ(١) سُونهي(٢) ڪامَٽِي، قَلبُ ڪيھرِ جِهوس.

٥

ٻيڙِيَ(٣) جي ٻهَڦُورَ(۴)، مُنهنجو چِتُ چريو ڪيو،
اِنهِين بوءِ عَطُورَ(٥)، سهسين سُورِيَ چاڙهيا.

سُر ڪيڏارو

١

ڪون ڏنو سُون ڪَڏهِين، سُورهُ سياٽو،
گهورُون ڏِئي گهٽن ۾، گهُمي جَينءَ گهاٽو،
پاٽهِي تا چاٽو، تہ سوبَ صَرفِي نہ ٿيئي.

٢

پاسو پَتِ نہ ڪوڙيان، ويرَ وتندِي سِينءَ،
ناحَقُ ڪُسَن ڪِينءَ، فرزند بِيبِيَ فَاطِمَه(٦).

---

(١) هي پڙهٽي حامد الله واري نسخي جي آهي - ڄ ست پڻ، ج خ م ل ن : ست پن (٢) م : سونهٽي. (٣) ح : ٻيبي (۴) م : جيئن پهڪار (٥) ڄ ج ح خ ل : آتوار. (٦) اصل ۾ : فاطما

www.maktabah.org

٣

شيرَ شهادت رسيا، ماتَمُ مِسڪِينَنِ،
سُرَهو آهلُ سِڄَڻَ(١) جو، اڄهي(٢) امين،
يُوسُفَ جَان نہ(٣) پسن، تَان بندِي ٻيراڳي ٿيا.

٤

شير شهادت رسيا، ماتَمُ مَردُودَنِ،
هِوءِ ٿا وِصاَلان(٤) وهُسَنِ، هِنِ مَوتَ پسي ماتم ڪيو.

٥

ڪَربلاَ ۾ ڪُوچُ ٿِيو، لائُون لَهَنِ شهِيرَ،
پَرَ چَڻَ(٥) ڏيئي پهِيرَ، گهوٽَ ڪَٽي(٦) گهَرِ آئِيا.

سُر سارنگ

اُترِ (٧) وِڄُ چِمڪي، ڏکڻِ ٿيو اُهاءُ،
هِنيَڙُو مُون باغُ ٿِيو، جهُوپِي مَنجهہ نہ ماءِ،
ساقي سُرڪَ پيارِ، عَقلُ مُون(٨) آهکو(٩) ٿيو.

---

(١) ڄ: سڄڻ؛ خ: سجن(٢) ج اڇي، ڄ : اڄو (٣) م ن، جينءَ (٤) پر م ن : وصال (٥) ڄ : پڙچنج (٦) ج ڄ خ ل : گهڏي (٧) ڄ . انوا (٨) م ن : مونکي (٩) م ن : اهکم

www.maktabah.org

سُرُ رِپَّ

١

سُورَ مَ سَلَڻُ سِکُ، پَڌَرِ اورِ مَ پرينِ جا،
هَڏَ کَرِ گُلُ مِکَّ، مَرُ منجهِينِ ماتُ ٿِي(١).

٢

سَوِيڻ(٢) موتي سِپَ ۾، ڪُڃِي ڪِينَ مُهاءِ،
ڪُڪَڙِ آنو ٻُوندِ(٣) ۾، سارو لوڪُ گُواهُ(۴).

سُرُ ڏَهَرُ

ڪوءِ ڀيرِيڻ ٻنِ ٻُورُ(٥)، ٻُٽِي ياڳا(٦)، نہ چَري،
سائِي پِنِي سُورَ، رَکيو آهي روجهڙِي(٧).

---

(١) هي بيت فقط الله بخش ۽ ابوالحسن وارن نسخن ۾ آهي. (٢) ل : سوئي (٣) ڄ ، ڦوندِ، ڄ: يودِ (۴) ڄ خ ل : ڪهاءَ، ڄ : ڪاءِ. گنج ۾ هي بيت هن طرح ڏنل آهي (سر ڪارايل):

سِپَ موتِي پيٽ ۾، ڪُڃي ڪين مُها،
ڪڪڙ آنو ڪَڙِ ۾، گهر گهر ڪَري گواهَ.

(٥) ن : ڀيرين (٦) م ن : چاڳا : ابو الحسن : ٻني ٻانڪا، ڄ خ : ٻني باڪا (٧) بمبئي ڇاپي ۾ شاهہ صاحب ڏانهن هيٺيان ٻہ بيت منسوب آهن:

١- ڪوءِ ڀيريون ٻن ٻور، ڦريو ڦاڪان نہ چري،
سائي پٺيءَ سور، جڏهن تڏهن رڄ جو.

٢- متي آهين روجهڙي، ڇٽي آتي ويڙهہ،
ماريڙو تو پير، چاڙهيو وتي سينگڙي.

سُر ڪاپائتي

آديَ رات اُٺي ڪري، پيرڻُ پيريو جَنِ،
ڪاپو سَندو تَنِ، آڻَ توريوئي اگهيو.

سُر پرڀاتي

چاڻَ وِڄايو تاڻُ(١)، ڪِيرَتِ راهَ ڪَمُ ڪيو(٢):
اِنَ دَرِ اِيندَڙي(٣) مڱڻا(۴)، پاڻَ مَ ڪَٽج ساڻُ،
روڄهاڙِي راڄاڻُ(۵)، آهي آبوڄهن جو.

سُر ڪارايَلُ

١

هَنجُ نہ هيِٽي ذاتِ، جو ڇُلرَ ۾ ڇُهنبَ هڻي،
پاٻوڙي(٦)، پير ڌَري(٧)، لَنئي سباجهي لات،
پکي پنهنجي واتِ، مَناڙيو موتي چُڻي(٨).

٢

قوڙائي فِراقَ جو، قدرُ ڪُونَجڙِيِنِ.

---

(١) ل ن : تران، ابو الحسن، تراڻ (٢) ج ح ل ن : گر ڪيو. (٣) ابو الحسن : ايندي (۴) م: مگريا (۵) ابو الحسن : روحاني ريحاڻ (٦) م : پاٻوهي (٧) ابوالحسن : هٺي (٨) ن : چري

www.maktabah.org

ٻئو پڻ مايَڙِيَنِ (١)، پُٽَ جنين پرڏيهِ ويا.

٣

ڪُوڙن ڪانہيرن، سُرَهو سَرُ لَڇائيوِ (٢).
آڏيَ آڏيہرا ڏِيو، ڏُتِئا دانهون ڪن،
رُلِئو روهِ (٣) وجن، اِنَ هِيٽائيَ هَنجَڙا.

سُر ڏناسري

١

اُتَران ٽِي عيد، ڏڪڻِ ڏنو چنڊُ،
جُڙيو پُڙيو (٤) جَنڊُ، ڳجہي تو گُرهوڙ ۾.

٢

تِتِرَ ڪَرڙِي اُپَ ۾، مُنڊ مَ پاڙِيَ وڄُ،
پولَ مِڙيئي پَڄُ، آيو گُرُ گرهوڙ ۾ (٥).

٣

مينهيون مگّربي شاهَ جِيُون، مِثلِ پونر پِرنِ،

---

(١) م ن : مائرن (٢) هي بيت فقط ابوالحسن ۽ الله بخش ۽ جان محمد وارن نسخن ۾ آهي.
بمبئي واري شاهه جي رسالي ۾ هي بيت هن طرح آهي:

سرهو سر وڃائبو، ڪوڙن ڪانيرن،
رتا روه وجن، ڪنهن هيٽائيءَ ڪان هنجڙا.

(٣) في المتون "روح" (٤) م ن : ڦڙيو (٥) هي بيت ل ۾ ناهي.

ڏينهاڻي ٿيون ڏِينِ، فيض ۾ فَتحَ پُور ڪَيِ.

۴

گوهَرَ گل مُحمّدَ جا، دلِيءَ دماما،
اَللّٰهُمّ صَلِّ عَلٰيٰ مُحَمَّدٍ، آيا اماما.

۵

ميان موتِي آءُ، ٻگها(٢) ٻَاٻَاڻِنِ جا(٣).
سڀي پانڌيڙا پرتاءِ، جي لَڙيا لُنوارِيَ سامُهان.

٦

تونِهارِيي ٿِي تڳان، نات نه لَيان هوندَ،
مُنهَ ڪارايُون مون ڪَٽِيُون(۴)، تنهنجي مُنهَ محمودَ،
وِڌِيَسِ مانَ وُجُودَ، نات ڪِينَ سُجاڻي ڪِينَ ڪو(٦).

ابيات متفرقه

١

جي تُون عِشقُ آڻِيين، ته ڪِينهي حَرامَا،
مُوتُوا قبلَ آن تَمُوتُوا، عَلامَتَ عِشقا،

---

(١) هي بيت فقط ج ۽ ابوالحسن ۽ حامد الله وارن نسخن ۾ آهي. (٢) ج خ ل ن : بکا (٣) ج، ٻکا ٻاٻاڻ پار جا، م : پکا ٻاٻاڻن جا. (۴) ج موجب. هي لفظ ج خ ل ن ۾ ناهي. (۵) م. ڪين ري ڪو.

www.maktabah.org

اَچـِي آبُ حَلالُ ٿِيو، مَطهَرُ(١) مردودا،
نَهرُ نِڳئو(٢) نُورُ ٿئو، ساڻڪَ سَچارا،
عَقلَ ڪـِي عِشقَ سِين، هُوا هَزارا،
وَڏَت وِڌجارا، سُرتِ پِئا سـِيڪَڙُو.

٢

آڪَ وَڻَ جِي ڦُلڙِي، ميوا بيـِدَ وَڻِن،
جِنه پِڙي ۾ نه پِئا، سو سائُو ڪِينَ وَتن.

٣

پاڳُون پَٽن سَنديون، ڳُلَ ڦُلَ ڳُجراتا،
آبا آدِيسيَنِ جا، واحِدَ وِجايا،
گيڙو گودڙين جا، خالق خُوارُ ڪيا،
پيـِيُون ٽُلڪَنِ توپيون، ٿِيا مُلاَ(٣) مردودا،
مَڪّو مَدِينو مُشڪَ سِين، پرينءَ پُر ڪِيا(۴)،
واحِدَ وَڏوئي ڪئو، عِزُ عَرَفاتا(٥)،

---

(١) ابو الحسن : مظهر (٢) ابو الحسن : نهر لکئو (٣) م : ملحد (۴) هيءَ م جي پڙهڻي آهي، ٻيا نسخا : ناه ملڪ ناه مدينو، نڪو عرفانا (٥) هي سٽون رڳو م ۾ آهن. پنجينءَ سٽ ڪان پوءِ ٻين نسخن ۾ پوئين سٽ هن ريت آهي : آهم (اٿم) آس اها، مهدي ٿيندس ملڪ جو. وري پوئين اڌ ڪي هن طرح دهرايو ويو آهي: "سيف سٽيندس ڪل تي".

www.maktabah.org

مَهدِي ايندو مُلڪَ ۾، ٿِيندو هُلُ هُگاءُ،

سَٿِہي (سيئِي) سَيفَ سِين، ڪهُندو ڪفّارا،

دَعوي دو رنگن جي، ويندي مُلڪ وِچان،

ٿيندو صافُ صفَا، مُلُڪُ تنه معمور سين.

۴

آيو وقتُ اِمامَ جو، پَدَرِ سُونهي(١) سِڪ(٢).

مَاسَمِعنَا بِهٰذَا، آندَا(٣) منجهہ آئَڪَ،

مُنڊِي مَٿِہي تَڪ، پَسو پهِيئِي پاڳَ ۾.

اين ڪلام شهيد سونهارو مرحوم مغفور

ميون عبدالرحيم گرهوڙي

نوع اول (۴)

١. ٽَڪُ ڏِنگِڙِي هَلِہي، ڪَڙا پاسَنِ جا(۵) جهلِہي.

(١) ل : سنجي (٢) خ : سنڪ (٣) ل : اذّا ، ج خ : اذا (۴) هي عنوان نقرچ واري نسخي ۾ آهي، ابو الحسن : فرموده گرهوڙي قدس سره، ق : راند ٻارن جي - نول اول - ڪلام مخدوم صاحب : نصرپور وارو نسخو : هيءَ راند چيل فقير عبدالرحيم جي (۵) هي پڙهٽي ”ج“ تان ورتي وئي آهي، ج خ ق ل ن ۽ ابو الحسن : پاسٽي.

www.maktabah.org

٢. راڻي راڻي رڇي(١)، آبو يائن(٢) ري اَچي.

٣. ڪافرُ ڪُفرَ ڪان اُڪار، ڪَارو ڳَدَهُ ڏوئي اُجار.

٤. مُلُون بِهشتَ ڏِي هَلاءِ، ڇَتُون پاڙهي پَروجهاءِ.

٥. مُلُون ڪِينءَ بِهشتِين اَچي، ڪوئِي سِير سَون

سِين نَچي؟

٦. ٻَ پَهِياجِيُون پَر چاءِ، ٿُلهو مُهرِلو(٣) گهڙاءِ،

وَڏو ڪُوهَڙو ڪَٽاءِ.

٧. مالُ ڪِهَڙو يَلو؟ هِيُون هورنِئان تلو.

٨. رِزقُ ڪَنهِ پَرِ اَچي، جنءَ مِينهَڙو وَسي.

٩. ماسِي مانڙِي پَچاءِ، آمان ڪَتڙِي وِچاءِ، آبا

مِهتَڙِي(٤) آڏاءِ.

١٠. حاجُون سي ڪِجَنِ، جِيائِين ڪاجڙا

سِجهَنِ(٥).

١١. ڳالهڙِيُون تِينءَ ڪِجَنِ، جِينءَ مَجَڙِيُون ڪاڄَنِ(٦).

١٢. ڳُرُو چيلڙا پَڙهاءِ، ڪُڪڙِ ٻچڙا چُٽاءِ.

١٣. چيلڙا ڪِينءَ رُچُن، جنءَ يولِڙا نَچَنِ.

---

(١) ق ن : راءَ سين رچي (٢) ج : اباٽي ، ق : يائرن، ابوالحسن ۽ ل : بان، ن : بائن، (٣) ق : مهلڙو (٤) ق : ڇتڙي (٥) ابو الحسن : سرن (٦) ج ۽ ابوالحسن : ڪائجن

١۴. ڪُوئو سُپُ(١) پِچ سِين نِهِي(٢)، ڪَنهہ(٣) پَرِ پِرَ ۾ پِهِي.

١۵. اُنداهِيَ ۾ سوجِهرو نِيشانِي نَبِيّ، تارا يار رَسُولَ جا سِڪِي ڪِجُ قَوِيّ.

١٦. جَنِ پايا تن ڇِپايا، جن نہ پايا تن ڍول وڄايا(۴).

١٧. سو عاشق سو معشوق، سو طالب سو مطلوب(۴).

فرمودهء حضرت مخدوم گروهڙي قدّس سرّه(۵).

نوع ديگر

١. هِيڪڙو آللهُ، هِيڪَڙو ڳالهاءِ.

٢. وَڏو دَرُ آللهَ جو، وَنِهيو آللهُ.

٣. سَدا وَسِي آللهُ، مِينهَ تہ مِنُدُنِ وَسَٽا.

۴. نالو آللهَ جو نِماڻو.

۵. وَڏِي ڪاند اللهَ جِي، ڪانڌِيرو بادِشاهُ، نالائِقَ نَوازي، يِڳِي سَڃِي ڪَري.

٦. جِهِيڪِي ڪَري سو خُداء.

---

(١) ابو ۽ ل : سپ، چ خ : سپ، (٢) ق : ڪوئو پڇ سين تهي (٣) ل ۽ ابو : ڪهڙي (۴) بيتن مان ورتل (۵) ل تان ورتل،ابو : ايضاًفرموده، ڪلام حضرت ممدوح قدس الله سره.

٧. ڏِيَڻُ اُنِهيَ جو ڪم، بَندو ڪُڇاڙو ڏِيندو، بندو سِگهو ئِي وِرچِي.

٨. بَندو جائِي گَندو، پِاڻَ پاڪُ، بَندو جهاڪَ.

٩. توڙي(١) آڱلا اوڏ، تہ پُڻ لا ڪي جامَ جا.

١٠. گولِي آڳَنِ وَسِ.

١١. چڱائِي ڪَجي، ڪَنهِ جي نہ وِڃائِجي.

١٢. شُڪرانو سَندَسِ دَرِ، وَڏا تورا اللهَ جا.

فصل دويم در علم معلوملي(٢)

١. بُڇِڙي جو پَندُ بُڇِڙو.

٢. جَنه جِي واٽَ نہ وَڃِجي، تَنهِ جو پَندُ نہ پُڇِجي.

٣. سَيُڪو پاڻَ ڪي : آيَلِ پاڻَ ڪي، جِيجَلِ پاڻَڪي.

٤. ڪَرَندُ پَسَندُ، ڏِيندُ لَهندُ.

٥. پيش ڪَنهِ ڪبي نہ وڃِجي.

٦. لکيو پَري، پَرَ نہ ڏَري.

---

(١) ابو الحسن ن: توٽي (٢) ن: محاصولي، ابوالحسن : ايضاً

٧. سَيُڪو پانهجي ڪَرَمَ جي چِٺي تو لوڙي.

٨. ڪَنهِ جو ڏوهُ ڪونهي، جيڪي ڪَري سو اَللهُ(١).

٩. مَرِي جَوابُ ڏِبو.

١٠. ڪو ڪَنهِجو نَہ بَندو.

١١. حَقُ تِيندو، حَقَّ وَڪِيلُ حَقُ ڪَندو.

١٢. سَيُڪو پانِهجو وَڙُ تو ڳالهائي.

١٣. نِيَّتَ وَالمُرادَ.

١٤. ڪين ڪائِجي، ڪين اوبارِ جي.

١٥. جي سَچَڻُ سَچائِي پانهَ ڏِي، تَہ سَچائِي نَہ ڳِهجي(٢).

---

(١) هن ڪان پوءِ نسخن ۾ هيءُ فارسي چوڻي آيل آهي : هرچہ کند خدا کند، بنده ضعيف چہ کند.

(٢) هن ڪان پوءِ ڪتاب جي پڇاڙي ل ۽ ن ۾ هن طرح ڪئي وئي آهي: ل : تمت تمام شد سندهي فرموده مخدوم گرهوڙي قدس الله سره، ن : تمام شد ڪتاب سندي فرموده مولانا مرحوم مغفور ميون عبدالرحيم گرهوڙي شهيد سونهارو.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

مُلّڪي سِنڌِي
يا
سِنڌِي مُلّنِ وَارِي

تصنيف

محمد شريف راڻيپوري

رحمة الله

(سال تصنيف : ١١٦٠ هجري)

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بِسمِ اللهِ الرّحمٰنِ الرّحِيمِ.

مُلڪِي سِنڌي(١)

سَارَه ڪَرِ سُبحَانَ جِي، جو(٢) اَوّلِ عَطائِي،
جوڙِي جوڙَ سَيَڪا، جَنہِ آڳہي اُپائِي،
اَرضَ سَمَا جي وِچ ۾، جَنہ(٣) بازِي بَنائِي،
هَڙَدَه(٤) هزار رَنگَ تنہ، خَالِقَ خَلقِيائِي،
پَسہِي پاڻ قَرِيبُ تو، صَاحِبُ سَيائِي.
وَمَا خَلَقتُ الجِنَّ وَالاِنسَ : آيتَ اِيَ آئِي،
پيدا ڪِيائِين اِن ڪہي، لءِ ڪِيرَتِ ڪَمائِي.
عَقلُ ڏَهِيو اِنسَانَ ڪہي، ويترِ ٻِي وائِي،
هوشُ گوشُ آڪِيُون، ڄاڻِ ڳالهائِي.
ولقد ڪَرّمنَا بَنِي آدَمَ: اِشارَتَ اِيءَ آئِي.

---

(١) ج : سنڌي ملن واري، ڏ : علم ريءِ عمل مولانا محمد شريف. غ : هيءُ سنڌي ملن واري تصنيف فقير صاحب ميان عبدالرحيم عليه الرحمه والغفران. ل ن : سنڌي ملڪي اول - (نوٽ) هيءُ سنڌي ب ق م نسخن ۾ ناهي (٢) فقط جهہ ر ۾ (٣) فقط جهہ ۾ (٤) ا : هجد.

www.maktabah.org

پَڙهي عِلمُ آللهُ جو، پَڙ ڏِيا يائِي.

ڪي ڪِهڙا، ڪي ڪِهڙا، ڪي پڻ ڪِهڙائِي،

قَد عَلِمَ کُلُّ اناسِ مَشرَبَهُم : مولي فرمائِي.

پَرَ جيهو مُحَمّدُ مُصطَفيٰ (ص)، نَڪي تهڙائِي.

مَنجهان حُبُّ خَلقِيو، خاصو خُدائِي.

لولاڪَ لَمّا خَلَقتُ الافلاڪَ : وَرنَهَ واڌائِي.

اُمّتَ سَبَ آخِيرَ جي، پُٺِيَ تَنهِ لائِي،

انءِ(١) پڻ ڪَنين لِکيو، تَہ خلِقَتَ سِيائِي.

آگي ڏنيَسِ اِهڙي، واحِدَ وڏائِي،

واقِفُ ٿِيو آسرارَ جو، ٿِي صاحِبُ صَفائِي،

مِعرَاجُ ٿِيو مُحَمّد کي، لَٿِي جُدائِي.

ڳُجِهيُون ڪِيائُون ڳالِهيُون، خَبَرَ نَہ ڪَنهِ ڪائِي.

جيڪا ڪَرَڻَ جهَڙِي، واحِدَ کِي وائِي.

---

(١) اڏرن : ءِ، ڃ جهہ ح ل : اي

www.maktabah.org

اَچي جامَ اُمَتَ کي، سا سَيڪا سُٽائِي،

مَني مَنَن جهي حَقَ ۾، چَڱن چڱائِي.

اُبِيتَا اُن قَولَ تهي، اصحَابَ سَچائِي.

حَياتِي سِين ۽ حَبِيب ڏِي، آندِي وَحي واڌائِي.

سو ڪَلامُ ڪَرِيمَ جو، سَڀ پَرِ سَهائِي(۱).

جيڪا حَديثَ رَسولَ جي، اوءِ پڻ اُهڙيائِي.

وَمَايَنطِقُ عَنِ الهَوي، سَچِي سَيِائي.

پَڙهيا پَروجَهنِ تنهِ کهي، عامَ نَہ ڪَلَ ڪائي،

ٻِيا سهي پَسَنِ اکيهين ڪاغَذَ ڪارائِي.

جهڙي جاهلَ کهي چَونِ، مَجهي تِهڙيائي،

ڪَري ڪِينَ ڪَمَاحَقَه، بولِي ٻَهرِيائِي(۲)

هَلهي(۳) اُنهمِ(۴) ڳالهِ تهي، ٻُڌِي(۵) جهڙِيائِي،

---

(۱) جهہ : صحيائي (۲) ڏ : ٻيائي (۳) ڏ : هلن (۴) جهہ ح ڏ ن : انهين (۵) ڏ : ٻڌن

www.maktabah.org

سَنئِين چُونسِ جـِي وِنگِي، تہ ڪَري اُهڙيَائِي(١).

پَلءِ پاپُ پڙهيَنِ ڪـِي، انِ ڪـِي آجائِي.

مَن تبعَ عَالماً لقي الله سَالِماً، ڪِتابن(٢) وائِي،

انَمَا اِثمه عَليٰ مَنِ افترَاهُ : اَحمَدَ (ص) اِتيآئي،

اِنَمَا يَخشَي الله من عِبَادِهِ العُلَمَاءُ: ذَٽيَ فرمائِي.

گهٽِي خَلقَ خُداءِ جِي، مُلَنِ منُجهائِي.

مُلن(٣) چئَجـِي تَنِ ڪـِي، جـِي واتِ پَڙهنِ وائِي(۴).

آندرِ نہ آهن آڪِيُون، سَمُجهہ نہ سَيائِي،

سوريا وَجَنِ وِرسِيَا(۵)، چَڏيو سٽائِي،

مَذهَبُ ٿارِيو مُحمَّدِي، وَتَنِ پِي وائِي،

پرچاءُ نَہ آهنِ(٦) پاڻَ ۾، هَڏِ نہ هِيڪڙائي،

هِڪَڙا چون هيـڪَڙِي، ٻئِن ٻِيائِي،

(١) جهہ : تهڙيائي (٢) جهہ ح ع ل : ڪا تبن (٣) ج ر ن : ملون، ح : ملئون، ع : ملئن (۴) جهہ ڏ : ملون چئجي تنه کي، جو وات پڙهي وائي (۴) جهہ : ور سئو (٦) پرچا ناهن.

www.maktabah.org

اِنَّ اَلّذِينَ اُختَلَفُوا فِي الكِتَابِ لَفِي شِقاقٍ بَعيدِ : اِهڙن

حَقِ آئي،

سَچِي کَنِ نَہ سَيَکا، رکَنِ رِيائِي،

وَيَکتُمُونَ مَااَنزَلنا مِنَ اُلبَيِّنَاتِ، عادَت اِهڙِيائِي،

پَڙهي چُونِ نَہ پَڌَرِي، مَعنيٰ مڙائِي،

وَتُخفُون کَثِيراً مِنَ اُلنَّاسِ(١)، اِيَ پَرِ آڻائِي،

جيہِکا پوئنِ(٣) دلِ ۾، سُٽائِن سائي،

اَفَرايتَ مَن اُتَخَذَ الٰهَهُ هَواهُ : هِڙا هَوائِي،

چہِي مَصلِحَتَ آهِي اِنَ ۾، اَڳِينئِان تِي آئي.

اَتَکَلَ اِيَّ اَنڌَنِ جِي، سَنوتِ نَہ سُٽائِي،

عَقلُ اَحمَدَ وِترو، جَنهِ سيَکا سُٽائِي،

يُحَرِّفُون الکَلمِ عَن مَوَاضِعِہِ : آگہِي اُتيائِي،

صاحِبَ جا صَرِيحُ چَئِي، سا قِکَنِ قيہرائِي،

(١) "من الناس" جا لفظ قرآن مجيد ۾ ناهن : (٢) جهہ : پڻ، ڏ: اهڙي (٣) جهہ: پوين.

www.maktabah.org

هـي(١) ڪِجَنِ ٿا دِينَ ڪـہِي، ڪَنِ نہ پَڌَرائِي،
گهَٽو گُهري تِي ماءُ ڪان، ٻارَنِ ڪـہِي دائِي!
ڪان ٻُڌِي(٢) سُون ڪَڌِهِين، ڪا اِهڙِي اَٿائِي،
جورَ ڪِيائُون پانهِجِي، مُوران توڙائِي(٣)،
اِقرَءُ وا القُرآنَ وَاُتَبِعُوا مَافِيهِ: نَبِيّ فَرمائِي.
نہ اُبِيٺا اِنَ قَولَ تـہِي، ڪِي اوڳِنِ آڳِرائِي،
حَدِيثُونِ چُونِ پانهِجِيُون، هٺَان هَوَائِي،
ڪَنِ مَنسُوخُ آکِيَنِ ڪـہِي، ڪري ڪمائِي،
مَنشا مُوجِبِ پانهِجـہِي، نہ دِينَ وَڏَٺَ(٤) لائِي.
ڪَڏِي تَنِ ڪِتابَ ڪِيا، وَڏا عَرَبِي وائِي،
فِقهَ تَنِ ۾ فَارسِي، هَيِّنِ هَلائِي،
رَدُ ڏِنَائُون تَنِه ڪـہِي، جا نَبِيّ فَرمائِي:

---

(١) جهہ : جي (٢) جهہ : ٻڌي (٣) جهہ : ٿوراتي (٤) ا ڏ : ٻلي.

www.maktabah.org

مَن بَلغَہُ عَنّي حَديثُ ثُمّ رَدّہُ

فَانَا خصمہٗ يومِ اُلقِيامَة : ڪامِلَ ڪَهِيائي.

لَاتكتبُوا عَنّي غيرالقُرآنِ : حَديثَ اِهائي(١):

تہ ڪِيمَ لِکو ڪِين پِيو، ڏاران مُصحفَ مڙائي(٢).

جاڙي بُجهِي نہ اِن سان، ڏورنگِن دِلِ لائِي.

ڳالهہ سَيَکَنہِ پانهجي، وِترِي وڌائي.

مُئاسِي نامُوسَ ڪِي، نہ دِينَ پَلِي لائِي.

فَاُختَلفُوا بَغياً بَينَهُم : آگِي اُتيائِي،

تَنِ صَرفُ ڪِي تَحرِيرَ ۾، عُمرِ آجائِي،

بِنا طاعَتَ ڏِٺي جِي، هِنِ وَهِي وِڃائِي،

نَنڍا وَڏا نُسخَا، تِنِ لِکِي لِکيائِي:

چِي هِيَ سَبَ آهي قُرآنَ ۾، ڪِي آسان پَڌرائِي.

---

(١) جهہ : ولين اي وائي (٢) هن سٽ کان وٺي ويندي ٨٩ تائين جهہ ۾ ناهي.

www.maktabah.org

يَڪتُبُونَ الڪتَابَ بِاَيدِيهِمِ ثُمَّ يعقُولُونَ

هٰذَا مِن عندِاللهِ : ڪَن اهڙي آٽائِي.

دِپُ نہ پئُنِ دِينَ جو(١)، نہ رَاقِمَ(٢) رَهيائي،

نَڪين مُنهُ مُصحَفَ ڙي، نہ حَدِيثَ هَلِيائِي،

يَجعَلُونَ ڪِتابَ اللهِ وَرآءَ هُمِ كَاَنّهم لاَيَعلَمُونَ:مَتِ نہ

اَندَنِ اَئِي،

نَاتَ اَڳِيُون پويُون ڳَالهيُون، منجهہ مُصحَفَ مڙائِي،

جَمِيعُ العِلمِ في القُرآنِ، وَلِيّنِ وائِي،

سَيو عِلمُ قُرآنَ ۾، چہي پَروجهَن(٣) پڙهيائي،

تَفسِيرُ تَهم(٤) جو ايترو، جَنهِ ڪَنڌِي نہ ڪائِي.

جيڪين رَبُ رَسُولَ (ص) سان، وِيو ڳُجهو ڳالهائِي،

ڪَنِ پَروڙِي پَڌَرِي، ڪَنِ عَقلِ نہ آئِي،

ڪَنِ ڪہي چَئِي زَبَان سان، سَرَورَ سَمُجهائِي.

---

(١) ج ڏ : ڊِ پ نہ پوين ڏٺي جو (٢) ا : اٽراقم، ح ع ل : نراڪم، ڏ : نہ راقم (٣) ڏ : پروڙن (٤) ا ج ح ڏ ر : تنه، ن : تهين.

جيڪي پڙهيا جت هُئَا، تَن تي لِڪَائي(١)،

پَرَ ڪي عالمَ هُئا حَقّ جا: ڪَنِ رڪي رِيائي،

وَمِن اَهلِ الكِتَابِ مَن اِنَ تامَنهُ بِدينار

فَلايُؤدِهٖ اِليڪَ: مَولي فرمائِي،

دلِ ۾ هُيَنِ هَيڪڙي، ٻاهرِ ٻِيائِي،

يقُولُونَ بِاَ فوَا هِهِمِ مَاليس فِي قُلُوبِهِمِ، هيين(٢) تَنِ

هائِي.

اَجُ پُٽَّ اِهڙا پَڌَرا، سَوَ ٿِيا سامائي(٣)،

هِنَ زَماني ظاهِرِي، ڪَنِ گهٽان گهٽائِي.

سَيَاتِي زَمَانٌ عَلي أمّتي، عُلَمَاءُ هُم شَرُّمَن

تَحتَ اديمِ السَّمَاءِ: پَيغَمبَرَ فَرمائِي.

طالِبَ آهِينِ حَقّ جا، ڪي پڙهيا پُورائِي،

وَاَڪثَرُ هُمُ الفَاسِقُونَ: مَتان پُلين پائِي(٤).

---

(١) جهہ: لکيائي. (٢) اڏر: هي هي، هي تن لءِ آئي. (٣) جهہ: سمائي (٤) جهہ: پلن پورائي،

www.maktabah.org

انَّ كَثِيراً مِن الاَحبَارِ وَالرُّهبانِ لَيَا كُلُونَ اموَالَ النَّاسِ

بِالبَاطِلِ وَيصدُّونَ عَن سَبِيلِ اللهِ : كَنِ كِجِ اِيَ وائِي.

اَلعالِمُ عَلِيٰ بَابَ الاَغنِيَاءِ اهوَنُ مِنَ الذُّبَابِ

عَلي العُذرةَ : سَمجهج سَيائي.

عَالِمَ جہِي اَللهَ جا، تَنِ پَرِ کِهڙِيائِي؟

جِنءَ دوسَ نَہ ڏِينِ دُنيا کي، وَحدَتَ جِي وائِي،

پَڌَرِ پُون نَہ کَڌِهمِ(١) ڳُوڙها ڳُوڙهائي(٢).

کِينَ کَنهمِ(٣) سان کَڌِهمِ، ڇَنا(۴) ڇُليائِي،

وَ اذَا مَرُّو بِاللَغوِ مَرُّوا كِرَاماً : حِلمِي حَيائي(٥).

اَصل آهي اُنِ کہِي، مَنجِهہ هِنيَنِ هيکَڙائي،

راتو ڏِينهَ شُغلَ مِ، وِجُهلَن وِيئائي،

هلَنِ قُرآن حَدِيثَ تہِي، اُهہِي اَصلائي(٦)،

(١) ا جهہ ح ڏ ن : کڌهين (٢) م ڏ جي پڙهٽي، ن : ڳورا ڳورائي، ٻيا سڀ : گورا گورائي.
(٣) ا جهہ ڏ ن : کنهين - (۴) ا : ڇلنا (٥) جهہ : حلمءِ حيائي - (٦) جهہ : اصليائي.

اِتَّبِعُوا مَا انزِلَ اِلَيكم مِن رَبِّكُم، وَلاَ تَتَّبِعُوا

مِن دُونهٖ اوليَاءَ: واحدِ وَٽيائي

جيڪي پُڇن تَنِ کي، ماڻهون مسئلاَ ئِي،

ٻُڌَائين ٻَہ پِرڪَا، پڙهِي پَڌرائِي،

لکِي جا قُرآنَ حَدِيثَ ۾، تَنِ لکَ نَہ لِکَائِي.

بَلِّغُوا عَنِّي وَلَو آيةً، اِنَ تہِي هَلِيائِي،

سَچِي ڪِيائُون سَيَکا، جيڪا عقل ۾ آئِي.

ڪہِي بي راضِي تَنہِ ۾، ڪہِي راضي رَهِيائِي،

لاَ تُحَدِّثُونَهُم بِمَا فَتحَ اللهُ عَلَيكُم: چہِي ڪَرِهوم

سَيَکائي.

پَرَ جيڪہِي صاحِبَ حقَّ جا، تَنِ کي وَٽيائي،

کامي ٻِيا آگَارَ تِيا، اُنِين ڏاران ڏِي،

تَہ ڪوهُ ڪِيائُون پَڌَرِي، سَچِي سَيائي؟

قُل مُوتُوا بِغَيظِكُم: اُنِين وَسِ نَہ ڪَائِي،

www.maktabah.org

اُونداَ آهل اللهِ سان، وَڏِيا نَہ وائِي،

ٻُڄِي لَڳِي اُنِ کي، سَيَکِا سَٽائِي،

دِلِ ۾ دُشمَني کَري(١)، پَڌَرِ پِيائِي(٢)،

جيَکا پُورينِ تَنه ۾، نَہ وَسُون(٣) وِسرِيائي(٤)،

گِلا غِيبَت خَلقَ کان، تَنِ چوريو چَوائِي،

بُهتَانُ رَکَندا اِهڙو(٥) ٻَهِي پاٽائِي،

اُهي(٦) وَجَنِ قِريو دِينَ کان، کَري جاڙائِي(٧).

چاڙهوِس(٨) مَنصُورَ جان، سُورِيَ سِگهائِي(٩).

مُرادَ مولاَيَنِ ڏِي، آڻَنِ اِهيائِي(١٠)،

پَرَ آخرِ فَتحَ عاشِقِيـن، جـي حَقَّ تـي(١١) هَلِيائي،

---

(١) ڏ: کريو (٢) ڏ : ٻيائي (٣) جهہ : وسان (۴) ا ج : ويسرائي، ح ر ع ل : ويسريائي.
(۵) ا : بهتان کندا اهڙا (٦) ا: تہ هي (٧) ڏ : هي جي ڦريو دين کان، کري ڇاٽائي. (٨) چاڙوِس، جهہ : چاڙياءِ، ح چاڙهو سون، ع : چارءِ وسو، ل : چارهوسو، ن: چاڙهيون سون.
(٩)جهہ : سگهيائي (١٠) ا ڏ ع : اهڙيائي، ڄ ح ر ل : اهائي (١١) ڄ ع ل : حقي.

www.maktabah.org

اَلاَ انّ حِزبَ اللهِ هُمُ الغَالبونَ : پِيَا سپ فَنائِي.

هَل يُهلَڪُ الاَّ القومُ الظّالِمُونَ : قادِرَ ڪَهِيائي.

نَاحَقُ ويندو ناسُ تي، عَدلُ اُپِيَڪائِي(١).

—

آگـِي جـِي آجِا ڪِيا، ڇِتَا کان ڏوهَنِ.

پَرَ جَڏِهن ڪِيو هَنَ جگَ مان، هَلَنُ حَبِيبَنِ،

وَحيَ وَرِي نـہ آئيو، پُڄاڻا پِرِيَنِ،

نَکو صَحِيفو رَسِيو، پِيو ذاتہَ پئَن:

آيو وَلِيّنِ ڏي، وَحيُ ڪِينَ چوَنِ،

آهي عِلمُ لَدُنِيّ، اِلهَامي اُنَهنِ،

پيو مڙوئي اڳِيون، پَڙهيا پَرو جهَنِ،

هَلَنِ قُرآن حَدِيثَ تـِي، پِيُون ڏيئِي ٻَنِ.

ڄاڻُ(٢) گهرجـِي تَنِ کـِي، جيڪـِي پُرسَ پَڙهَنِ،

---

(١) اج ذ ر ع : اپيڪ آئي، (٢) ا ن : چاٺڻ.

www.maktabah.org

پڙهِي پَروُڙِي تَنه ڪِي، نافعَ نَفعُ وَتَنِ،
عاقِلَ ٽِينِ عِلمِ سان، سَيُڪَ سُڃاڻَنِ:
هُونِ هيڪَڙِي ڏِينَ تي، هيڪَڙائي هَلَنِ،
آندَرُ سَهائو ٿِئي، اوجَرُ ڪي آڪِينَ،
ظاهِرُ باطِنُ تَنَّ ڪي، ڏِنو ڏِيهَ ڏِٺِينِ،
رازُ پَروُڙِي رَبَّ جو، عادِلَ عَدلُ ڪَنِ،
اُهڪِي سُهڪي(١) جي آچِي، تَہ پِريان ڏانهَ پَسَنِ:
صاحِبَ صَفا جا ٿِئا، اِهَڙي آچارَنِ،
هِهَڙو حاصِلُ جَنِ ڪي، وَڏا طالعَ تَنِ،
اَلعالِمُ مُنَ عَقلَ عَنِ اللهِ: بالا بَختُ سَندُنِ.
پَرَهيَ بِرَحَالُ تَن جو، جِي پَڙِهي نَہ پَروجهَنِ،
لا يونِينهُ نِسهورو(٢)، آڪَرَنِ سان(٣) اوڳَنِّ،
ڪِينَ پُڇِيائُون پِريَتَٽو، مَحَبَتَ رَڪِي مَنِ،

(١) جهو: اوکي سوکي - (٢) چ ل کان سواءِ ٻيا سڀ: نسورو. (٣) جهہ: سين

www.maktabah.org

آهي طَلبَ نہ تَنِ کي، سَندي سپيرِيَن،
نہ کو وَهمُ وِصَال جو، اَندَرِ رُوحَ رکنِ،
نَکا خواهشَ بهشّتَ جِي، تنَ ۾ آهي تِن،
ڊَپُ نکوِ دوزَخَ جو، پَسو(١) پاڻ(٢)، پڙهيَنِ.
صَحيُ ثَوابَ عَذابَ جو، ڏِيندا ڏَسُ ٻِينِ،
هنيون ڏنائُون حِرصَ ڏي(٣)، مايا ڪاڻِ مَرنِ،
راتو ڏِينهان رِزَق لاءِ، مَنجِهہ قُلُوبَ ڪَڙهنِ،
فَرمُودو فُرقَانَ جو، ڪِينَ ڪِيائُون ڪَن:
وَنَهيَ النفسَ عَنِ الهَويٰ فَانّ الجنةَ هِيَ اُلمَاوَي:
جَنُ تا(٤) سُجَا ڪِينَ سٽُنّ،
گهُٽو ڏوهُ پَڙهيَنِ تہي، جہي تا ٻَروجَهنّ،
ٻَرُوڙي ٻُٽِ ڏِيَڻُ، تا ڪُلّي عيبُ لِڪَنِ،
سٽِي سَمجهِي عِلمَ کي، ڪُڏيو ڪمَّ ڪٽَنِ،

---

(١) اچ ڏ ن : پيو -(٢) : ڏاڻه (٣) جهه : لاءِ (۴) ا : کر

www.maktabah.org

داخِلُ دُنيا ڪارِ ۾، وَظِيفا پڙهَنِ،
شيخَ مَشائخَ پانَ کي، تا جَهلا ڪِيو جاڻَنِ،
آزارِين خَلقَ کي، ظالِمَ ضعِيفَنِ،
ناحَقُ کَندا قوتَ لاءِ، مارِيو مِسڪِينَنِ:
هَٽِي حَقُ هيڪَڙَنِ جو، ڏِيندا کي بِئَنِ،
مارِينديِ ماڻُهنِ کي، تَرسُ نَہ اَچي تَنِ،
وَڪَرُ وهائي اهڙو(١)، هِتان تا هَلَنِ،
۽ پُڻ قاضِي ٿِينِ قضا ڪَٽِي، عهديدارِ آڙِينَ،
شرع نِبيرِينِ تن جي، جَيڪي پِرسَ پچِنِ،
گُجهو پدَرو تَنِ کان، لوچِيو لوپُ(٢) وٺَنِ،
دَعوا سَچي تَنِ جِي، توڙِي ڪُوڙِي ڪَنِ:
لِکي ڏِيندا اِستعفِتَائُون(٣)، جوڙِي جَوابنِ.

(١) جهہ ح : (٢) اذ : لب (٣) ر ن : استفتاحون

www.maktabah.org

رِشوَتَ جهلَڻُ دِينَ ۾، رُخنو رَنگُ(١) وَجهنِ،
پُنِيَ کَمنَّ پانهِجي(٢)، وِيندو سرُ سُڄَنِّ.
دائِمُ دِينُ نَبِيَّ جو، سِينءَ(٣) قيامَ ڪَهَنِّ.
ڇَڏِيائُون قُرآنَ کي، جو مَذهَبُ مُحَمَّدِينِ،
وَالقُرآنُ امَامِي : ڪوڙِهيا ڪَنِ نَہ ڪَنِّ،
خَتما پَڙهِيو تنه جا، ولهِا تا وڪڻَنِّ،
تيہلاهَ مُصحَفَ تڙِيا، رِزقَ لاءِ رُلَنِّ،
ڪيو ڪتابَ ڪَڇَنِ ۾، پُڻ اُيا ٻکَ مَرنِّ.
وَمَن اعرَضَ عَن ذِکرَي فَانَّ لَهُ مَعيشَةَ ضَنکاً: سُٽِي
مَرُ سَمُجَهنّ
جَنِ هُوندو هَلَڻُ حَقَّ تي، مَذَهبُ مُحَمَّدَ ڪَنِّ،
تَہ لَنگهي ڏِيه ڏُکَنِ جو، سگها سُکَ ٿِينِ.

---

(١) ج ڏ ر ع : رڪ (٢) ا پرتئا گهمن پاڻ ڪي، ج : پوتي گمن پاڻ ڪي، خ : پوءِ تي ڪمن پاڻ ڪي ڏ : پوئين ڪم نہ پاڻ ۾، ر : پوئي ڪمن پلڻ ڪي، ع : پوتي ڪمن پاڻ ڪي، ل : پوتي مکن پاڻ ڪي، ن : پوتي گهمن پانهنجي ـ ڏنل پڙهٽي جهہ جي آهي ـ (٣) جهہ : سين.

www.maktabah.org

فَاتبِعُوني يحُبِبْكُمُ اللهُ : ايڏي مانِ مڙنِ.

واحدُ جَنِ سان وَڏيو، ڪيهي ڪَمِي تَنِ،

پَرَ هَيَ هي چڏِيو حَقَ کي، پُٺي حِرصَ پوَنِ:

حَقُ چڏيائُون هَٿَ سان، مانيَ ڪِينءِ مڙنِ؟

ضُرِبَت عَليهِمُ الذِّلَّةُ والمسكَنَةُ: دَمڙي دِينُ ڏِينِ.

يشتَرُونَ بِايَات اللهِ ثَمَنا قَلِيلا : سوَ دا سُورِي دِينُ

ڏِينَ

يَشتَرُونَ بِايَاتِ أللهِ ثَمَنا قَلِيلاَ : سوَدا سُورِي تَنِ.

آتَن زورُ ظُهُورَ تي، لاءِ نَامُوسَ مرَنِ.

هَٿِي هيڪڙي دِينَ مان، چرِڪُون ڪِيُون چورَنِ(١)،

فَرّقُوا دِينَهُم وكَانوُ ا شِيَعاً: مَرُ پڙهي پَروجهَنِ.

وَاتَ وِچايو آصلي، تا گُٿا گس پُڇَنِ.

خَطَ لَنا رَسُولُ الله خَطا، وَقالَ : هـذا سبَيلُ أللهِ

فاَتَبِعُوهُ ولاَ تَتَبِعُوا السّبُلَ : ٻوڙا مَرُ ٻُڌَنِ.

ڪَنين واٺُون چارِ چَيون، ڪي ڪي خَمس چَونِ:

---

(١) جئن ، ج جهه ع م ، پيا سپ ، چرڪون ڪيون چورن.

www.maktabah.org

هيڪَڙِي وَنِتي هيڪَڙِي، پِيُون سَڀَ پَئَنِ،

جَنِ کي سُهڪِي(١) جا لَڳِي، تِي طالِبَ ٿيا تَنِ.

اِيهمِ(٢) تِي طَرفَ(٣) ٿِيا، نَت َهُئا هيڪَڙِي وَرنِ(۴).

نَڪِي چارِ قُرآنَ ۾، نَڪِي لِکيو حدِيثُنِ.

هَلَڪَ مَن کَانَ قبلَهم انّماباختِلا فهِم عَلي اَنبياءِ هم،

مَنجهہ حَديثَ لِکَنِ

حَياتِيَ مَنجِهہ(٥) حَبِيبَ جِهي، نَڪِي صَحِيُ سُڄَنِ.

عِلمُ اڳِيون پوئيون، مَعلومُ مَحبُوبَن.

۽ جي ٿِيون هُيُون، تہ چَيو اَڳِينَ اصحابَنِ.

پَرَ بعدِ حَليفَنِ جهِي ڪِئِي، اِيَ پَر اَپوجَهنِ.

نالو عالِم تَنِ جو، اَندرِ علُم نہ تَنِ.

شَرُ الاُ مُورِ مُحدَثَا تُهَا: چَيو پاڻَ پِرينَ.

---

(١) ڄ : سوکي (٢) ا : اينئن، ڄ : اي " جهہ ن : ايهين : ح : اهين ڏ: اينئن ، رع : اهم (٣) ڄ جهہ ح ڏ ر ع ن : طرف طرف (۴) ڄ جهہ ح : وٹ ، ڏ ع ل : ون (٥) ا جهہ ڏ : ۾.

www.maktabah.org

جِنءَ ڪو تو چاڀي مالِڪِي، ڪي شافعِيّ ڏانهَ ڏِسَنِ،

ڪِي حَنبلِي ڏِي هَليا، ڪِي حَنَفِي ڏانهَ هلَنِ.

نالا وَتَنِ جَنِ جا، تَنِين ڪِينَ چَيُنِ،

هوءِ نہ نينس پاڻ سين، پاڻه ڏاندَ چڙهنِ.

مَذهَبُ جَنه مَحبوبُ جو، تَنه جو ڪِينَ ڪَهَنّ.

نالو نَبِيّ ڪَرِيمَ جو، وِلَها ڪِينَ وَتَنِ،

نالِي وَتبي جَنه جي، لِڪيا ڏوهَ لهَنِ.

هت مُنصِفُ ڪجِي مُلَنِ ڪي، تہ ڪَٿَرَ نِي ڪِهَرَنِ

جي اَجُ چائيندا جَنِ جا سي صَبَاحَ پُڻُ سَندَنَ.

يَومَ ندعُو كُلّ اناس بِامامِهِم : جي جَنين سي تَنّ،

هوندا سب حشرَ ۾، گهٽين(١) ڳولائو(٢) تَنِ

نِهارِيندا نڪٽِي(٣) وَرَ ڏِيو وَسِيلَنِ،

هُهَڙي(٤) هَندِ هُجُومَ ۾، ڪَنه وڏِي ياڳَ مِڙَنِ.

---

(١) ا ر : گري، ج، ڳري، جهہ ن : ڪري، ڏ: ندارد : ع : ڪر : ل : گر (٢) ن : ڳولائون.

(٣) جهہ ح ن : نڪري، ر : نيٺ ڪٽي. (٤) جهہ : هڪڙي ، ا : هؤمڙي.

www.maktabah.org

شَڪُ نہ آھِي اِنَ ڳالھہ کي، پوءِ(١) تا ھتَ ھَٽَنِّ،

پَرَ ھَنِي آھِين اِھڙا، جِنْ مُورھمِ(٢) کِينَ مُڙَنِّ،

جھِي(٣) کَنہ چڙَھنِ ڳالھہ تي، واريا کِينَ وَرَنِّ،

ھَڏَ نہ لَھَنِ ھوڏُ تان، چاڙھي جَنہ چڙَھنِ،

قَومُ لدَي: قُرآنَ ۾، آھي اُھجُ سَندُنِّ،

کَنہ کان ٿَرَنِ کِينَ کِين، جِھڙو سَتّ سَرَنِ،

نَکين پِيرَ فَقِيرَ ۾، نہ مَنجھِہ اَھلَ بيتَ اَڙَنِ،

لاَ يَر قَبُونَ فِي مُؤمِن الاً وَلاَ ذِمّةً: اِھڙائِي آھِنِ(۴).

نَکين اِھڙا آولِيَاءَ، جھِي کَراماتُونِ کَنِّ،

کيو ڏيکارين تَن کي، تَہ پُڻ نَہ وِسَھَنّ.

وِرسِيا وِلاَيَتَ کھِي، اِستدِرَاجُ چَوَنِ،

---

(١) ڄ جھہ ر : جن ، پوءِ (٢) جھہ : موره : ا ح ڏ ن ، مورھين (٣) جھہ، جنه ـ (۴) ا ڄ ڏ ر ع ل ن : آھين.

www.maktabah.org

بَل نَحنُ قَوم مَسحُورونَ: اِنهِمَ واتَ وَجَنِ،

پاٺان پُڄينِ ڪا نڪا : ٻِي(١) مَنظُورُ نـہ ڪَنّ،

النّاسُ اَعدَآءُ مَاجَهلُوه: اهڙا اُهڙا اُهڃ سَندَنّ.

جهڙا خالي پاڻ سين، ٻي ڪَٻي تِن ڪي تِنءَ جائَنِ،

اَينَمَا يُوَجّههُ لاَ يَاتِ بِخَير: اونڌو ڏيهُ اَنڌَنِ.

(قصو شمس تبريز جو)

هاٿي قِصو هي سڻهو(٢)، هنيين ساڻُ ڪَنَنِ،

جنءُ ڪِي شَمسَ تبَرِيز ڪَماحَقّه(٣)، مَدَدَ ساڻُ مُلَنِ،

شَڪُ لاَٿائِين شاهَ جو، جو پِئُسِ ڏانَه پَڙهَنِ،

تَنه ڪَرِي ڪَرامَتُون ظاهِرِي، ڇِڏايا ڪان ڇِينّ(٤)،

وَڏو مانُ مُلّنِ جو، تا ڇِغُدَنِ(٥) مَنجهِ چَونِ،

ڦِريا تِنه فَقِيرَ ڪان، مَنجهِ ڏهاڪَٻي ڏِينهَنّ،

(١) اچ جهہ ح ڏ ن : ٻي جي (٢) ج جهہ ن : سڻو (٣) ح ع ل ن : ڪما هڪو (٤) ا: ڇيهن
(٥) ل : ڇغتن.

www.maktabah.org

نَکين بَهادُرَ جَنگَ جا، نکا حُکومَتَ(١) کَنِ،

کَري اِهمالُ قُرآنَ جو، وَرايو وِيرِيَنِ،

کارَڻِ لَهَڻ گُنَاهَ جي، تَکِيو تَعزِيرَنِ،

کَلَ لَهرائِي تَنهِ جِي، دَسي دِلگِيرَنِ.

اَصلِ آجِا اَولِياءَ کيا، ڏوهان(٢) ڏيهَ ڏٺِيَنِ،

اَلاَ اِنّ اولِياءَ اللهِ لاَ خوف عَليهِم وَلاَ هُم يَحزَنُونَ،

کونَ کِيائُون کَڌِهين، توڙي کُوڙِي کَنِ،

هُن جي کُوڙِي سُوڙِيَ جِهڙِي، پَڙهِيا پَروجهَنِ.

يُبَدّلُ اللهُ سَيِّئَا تِهِمِ حَسَنَات، اِيڏَا طالعَ تَنَ.

آگي جي آجا کيا، چِٽا کان ڏوهَنَ.

اعمَلُوا مَاشِئتُم فَقَد غَفَرتُ لَکُم : جهِڙا(٣) بَدرِيَنِ.

اَندرِ بَدرُ اُنِ کي، باهَرِ جِنءَ بِينِ.

---

(١) جهه : کرامت (٢) جهه : ڏٺا. ڏ : ڏوهنٿا (٣) جهه : جهڙو.

www.maktabah.org

حالُ جَنين جو هِھڙو، ڪهڙا طعنا تنّ(١)؟

مُلَنِ(٢) مُوران تَنِ سان، مَحبّتَ ميٺُ نہ مَنّ(٣)،

پَهسُ پُڇائي تَنِ کي، ڪاتِينُ(۴) ساڻُ ڪهَنّ.

آتَنِ خَيرُ خَلقَ سان، نَہ سان وِلايتَ وارنِ.

سَبَبُ تَنہ جو پَڌرو، مَرُ سارا لوڪَ سُڻَنّ:

مُلاَّ سُجا ۽ سَکِڻا، هوءِ ڪَراماتُون ڪَنّ،

هِي هَلَنِ ظاهِرَ(٥) تي، هوءِ باطونُ بَڪَنّ،

سُڌِيُون ڏِينِ سَماءَ جِيُون، ڳُجها سِرّ سَلَنّ.

تَنِ ڪان اِسمُ الله جو، جيڪي پُرسَ پُڇَنّ،

تِيهي هِدايتَ تَنِ کي، رَبّ جي رازَ رَسَنّ.

جِيارِينِ جَڏَنِ کي، نهارِيو نہيڻَنِ،

---

(١) هي ڏ ۽ ر جي پڙهڻي آهي؛ ٻيا سبب: ڪهڙي معني تن ؟ هن سٽ ڪان پوءِ جهہ ۾ آهي، مذهب جنہ محبوب جو، تن جو ڪين ڪهن (٢) جهہ : ملان (٣) هي٠ ڏ ۽ ي جي پڙهڻي آهي، جهہ : ڪن، ٻيا سبب : تن (۴) جهہ ڪاتيءَ (٥) جهہ جي پڙهڻي، ٻيا سبب : ظاهري

www.maktabah.org

ڏِينِّ نِپِٽَنِ پُٺِڙا، مَردِي نامَردَنِ،

آکِيُون ڏِينِ آنڌَن کي، صِحت مَرِيضَنِ،

بُکَ لاهِين تَنِ جِي، وِلَها جهي وَتَنِ،

دُعا پاراتو تَنِ جو، تا قَبُولُ ڪَهَنِّ:

ڪَرامَتُون اِهڙِيون، ڀِيُون پُڻِ سو سَنَدَنِ،

ڳِڻي ڳِڻِيان ڪيترا، لَکَڻِ لاهوتِينَ،

تَيلاهَ فَقِيرَن سان، پيهِئي ناهِ پَڙهِينِّ.

يالَ يَلاَيُون تَنِ جِيُون، سُٺِيو ڪَينَ سَهَنِّ،

تا مَرَن اِنهِم مامِري، تہ هوءِ تا وَڍِ وَجَنِّ.

ڇهي اَسان چُوندو(١) ڪونَ ڪو، جِنءَ اُنين جِيرنِ،

اِيندا نَہ عالِمَنِ ڏُونهُ، پُٽَ ڏِيئي پِيرنِ،

لوکُ لَڙَندو تَنِ ڏي، مَنجهان جي ميرنِّ،

(١) اڏ : پچندو.

www.maktabah.org

تَائِبُ ٿِيندو سَيِڪو، ڦري فَقِيرَنِ.

اِهَا گهٽُو اُهڪي لَڳِي، سَيا ڳالهہ ڳرنِ (١).

اَمر يَحسدُونَ النّاسَ عليٰ مَا آتَاهُمُ الله من فَضلِهٖ :

حَسَدُ هيڏو ڪَنِ،

لِڪِيُم قَدرُ تورڙو، مانَ سٽِي (٢) سَمُجهَنِ.

هاٺي جِڏ هِتِئي هِنِ ڪي، نات هِي نہ جَڏينڊءِ چِنِ،

پيرُ ڪَڍِنڊءِ (٣) پُنيان (۴)، پُڇِي پاڙيچَنِ.

موتُ اِنهِم مَذڪُورَ تان، تَرڪُ ڏيئِي ڪي تَنِّ،

نَاتَ ڪَنداءِ ڪَارِ اَڳُوٺَنِ جي، ڪَڏهِ ڪا پُورِيَنِّ (۵).

يَقتلُونَ الاَنبيَاءَ بِغَيرِ حَق : اِهڙائي آهِينِ.

ڊوڪُ، پُنِيَ لَڳِ تَنِ جي، مَحَبّتَ جنِ (٦) جي مَنِّ،

وينا وَحدانِيّتَ ۾، واحدَ جي (٧) وِهُسَنِ.

---

(١) ڏ : لڳي ٿي ڳالهہ ڪٽن، جهہ : گهرن، ا : ڪڙن : ع ل : ڪرن، ر : ڪر (٢) سٽي ڪي
(٣) جهہ : ڪڍنڊءِ. (۴) ح : پٺتي (۵) ڏ : ڪڍي ڪان پوئين، ر : گڏجي پڇايو ڏين (٦) جهہ : جنين (٧) ع ل : جي سدائي

www.maktabah.org

قُلِ اُللهُ ثُمَّ ذَرُهُمۡ، اِهو تَڪِيو تَنِ.
چَوُ عاجِزي(١) اُنِ ڪي، تو ڏانهَ مانَ تُسَنِ!
ٿَين سؤالِي رَبَّ جا، بَخشائِينِ بُڇَنِ!
هُمۡ قومٌ لاَ يَشقَي جَلِيُسُهم : اِهڙي ۾ آٿَرنِ.
مَرهين "مُحَمَّدَ شَرِيفَ" ڪي، ڏِسِي ڏانهُ فَضلَنِ!
مائِتَ جَنهِ جا آصلِي(٢)، راڻِي پُورِ رَهَنِ.
بَخشِين بوڇَ بُڇائِيُون، مَولِيٰ شالَ(٣) مڙَنِ!
رِسالو راسِ ٿِيو، مَنجهہِ اِنِين ڏِينَهنِ:
ڪَارَنهَ سَوَ گُذَرِيا سائيڪو وَرِهَنِ.
چُٽا سڀِي فَضَل(٤) سِين، ڪَلِمو جي ڪَهَنَّ(٥).

لاالهٰ الِاَّ للہ محمّدُ رَّسُول الله صلي الله عليہ وآلِہٖ وسلم

(١) ڏ جي پڙهٽي، ٻيا سڀ : آزردي (٢) ڏ : اصلين (٣) جهہ : ڇال (۴) جهہ : ايمان (۵) ال ن: چون.

www.maktabah.org

ٿي [illegible] ڪي، [illegible] هي ته جيڪڏهن جي،

سڙ ڪڏهن (٣) [illegible] بيان (٤)، [illegible]

موٽ اڃهم مذڪور ٿان ترڪ ڏجي ڪي ٿو،

نات ڪنداء ڪار اڪوٽن جي، ڪنه ڪا بورين(٥)،

يقتلون الانبياء بغير الحق ؛ اعرافي آهن

دوڪ، ٻئي لڳ ٿي جي [illegible] جن(١) جي من،

وينا وحدانيت [illegible] واحد جي(٧) وهسن،

---

(١) ڄ، لکي ٿي ڳالهه ڪٿي، [illegible] ڪهڙن، ا: ڪڙن، [illegible] ڪرن، [illegible] (٢) [illegible]

[illegible]

جنين (٧) ع ل: جي سدائي

www.maktabah.org

ڏکين لفظن جو فرهنگ

الف

آب : آبرو، پاڻي
آبا (= آباء) : ابا، ابا ڏاڏا
ابتر : پچ وڍيل، لنڊو، بي اولاد
ابد : بي پڇاڙيءَ هميشگي
ابريو : بڇيو، اوباريو
ابُس : سندس ابو يا بيءُ
ابن السبيل : واٽهڙو، مسافر
ابنياء : (صحيح ابناء، واحد = ابن): پٽ
ابيتو : ابي ڏاڏي وارو، پيڙهايتو
ابيٺا : بيٺا
اَپ : ٻاڦ، بخار
اپڊ : بنان ٻڌيءَ جي، اڻ سمجهه
اپوجهي : بي سمجهائي، معصوميت
اَپيارڻ : بيهارڻ، ڪڙو ڪرڻ
اَپيڪ : هڪ هنڌ بيهڪ
اَپيڪائي : بيٺل، قائم، محڪم
اَت (= انت) : بنياد، ترو
اَٽل : لاڙو، ميل، سرسائي
اَٽڻ : ڳرڻ، پگهرڻ
اثبات : الا الله چوڻ
اثر : نشان، نقش
اَجاريا : روشن ڪيا
اجر : ثواب، انعام، اجورو
اجيرا : اجورو گهرندڙ
اجل : موت، مدو

اَجهايا : وسايا
اَجهڻ : منجهڻ
آچار : احوال
اخير : پويون
اُداس : سڪ، اُڪير
آڏيرا : ڏڪا، ٿاٻا
آڏيرا ڪرڻ : ڏڪا ٿاٻا کائڻ
اڏس : بي ڏس، لامڪان
اڏوهي : بي ڏوهي
ارنگر : بي رنگ (خدا)
آرسي : آلسي، سست
ارض : زمين
اڙانگ : اڙانگائي، ڏکيائي
آڙهم : مچ
آزردي : بيزار يا ڪڪ ٿي
ازل : بي شروعات هميشگي
آسانبو : آسانگو، آسرو
استخاره : خير جي دعا گهرڻ
استدراج : شيطان جو انسان کي آهستي آهستي هرڪائي گمراهيءَ ۾ وجهڻ، شيطاني الهام
استفتا : فتوا گهرڻ
استقبال : مستقبل، ايندڙ وقت
اسد : شينهن (برج جو نالو)
اسم (ج : اسماء) : نالو
اُسهہ (مصدر : اُسهڻ) رواني ٿي

www.maktabah.org

اشارت : اشارو، ڪنايو
اصل : تڙ، پاڙ
اضداد (واحد: ضد) : هڪ ٻئي جي ابتڙ شيون
اطراف (واحد: طرف): پاسا
اطوار (واحد: طور): شڪليون، نمونا
آفاقي : جهانگرد، چوڌاري جهان جو سير ڪندڙ
اقامت : هڪ هنڌ رهڻ
آڪاڄ : بي ڪاڄ، بي نصيب
آڪار : پار ڪر
اڪاسڻ : سڪڻ
اڪمل : سڀ کان وڌيڪ ڪامل
اڪمو : بي ڪمو، بي غرض
آڪنڊ : سڪ، چڪ
اڳلا : ٻيڙا، گدلا، بد شڪل
آڪٿ: اڻ ڪٿ، بي شمار
اڳانجهو: پريرو
اڳاهين: پراهين
اڳرو: زياده
اگهاڙڻ: اگهارو ڪرڻ، خوار ڪرڻ
اگهيا: قبول پيا
الهام : اندروني غيبي اشارو
آما : انب
امر: حڪم
امل : (بي ملهو) موتي، امل ماڻڪ
اُنچو : اوچو، مٿاهون، بلند
اندام : عضوه، لڱ
انذار : انذاري، اوندهه
اندا ڪيڻ: ميٽيل آليء فرحيء تي اڪرن جا نشان ڪيڻ
اُنس : محبت، الفت
اَنعام : جانور، ڍور ڍڳا
انفسي : پنهنجي نفسن اندر سير ڪندڙ
انگڙا: عضوا
انهيون: (ضد: سنهيون) ڏنگو، ابتو
اٿائي: اجائي (ڳالهه)
اڻ جڙنديون: جي ٿهي نہ سگهن
اوبار (اوبر): ڪاڏي جي ٻچت
اوبارڻ: ڪاڏو ڪائي ٻچائڻ
اوپر (= اوپارو): وهڪري جي ابتڙ هلڻ
اوج : تماشا، مزا
اوجرو: سوجهرو، نور، روشنائي
اوچڻ: ڍڪ
اور : آنڊو، پيٽ
اورا (= اوران) پٽ : اور جا پٽ، آنڊي چٽيا پٽ
اوزار (واحد: وِزر): بار، گناهه
اوسر : ماتام، مصيبت
اوسيڙو : الڪو، انتظار
اوڳو: موڳو، بيوقوف
اوهڏي : ڪڏ ۾ ڪري مري ويئي
اهاءُ : سوجهرو، نور جو ڏيو
اهڃاڻ : نشان
اَهر : تيلي ٻج جو نالو
اهڪ : ڏڪ
اهڪو : ڏڪيو
اهڪي : ڏڪيائي، جکي
اهل سجن: قيد جا ماڻهو، قيدي

www.maktabah.org

اهمال : ڇڏي ڏيڻ، ڍاري ڇڏڻ
آهيڙي: شڪاري، ڇهڙا
ايجاد: وجود ۾ آڻڻ، پيدا ڪرڻ، خلقت

ب

باري: خلقيندڙ
باسين = (بانس): بوءِ
باطون (= باطن): اندر جو ڳجهه
ٻچا : بچڙا
بخرو : ٻهرو، ڀاڱو، حصو
بخش : بخشش، ڏات
بدري: اهي اصحابي جن بدر جي لڙائي ۾
ٻهرو ورتو
بدعت : سنّت جي برخلاف ڪم
برج: گرز
برزخ: بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ مڪان
برق: وڄ، ڪنوڻ
بروز : ظهور، نماء
بروو : برهه، وڇوڙو
بسمل (= بسم الله): شروع ٿو ڪريان
ساڻ نالي الله جي
بشري: بشارت، خوشخبري
بشير: خوشخبري آڻيندڙ
بل (= بلڪ): مگر
بمڙيا : بم ۾ پريا، ڦوڪيا
بودلا: چاڳلا، ٻالا ڀولا
بوند: پڇو، پولهه، پونجهه
بهتان: تهمت، ڪوڙو بنبو ستو
بيخ : پاڙ

ٻ

ٻاڪوڙا: ٻوڪڙ، دانهون
ٻاڪوڙائڻ: ٻوڪڙ ڪرڻ
ٻاڻ: وجهه، اتفاق
ٻائر: ٻير جو وڻ
ٻٽ: ٻڪريءَ يا هرڻيءَ جو ٻچو
ٻپاري: ٻن پارن (طرفن) ڪان
ٻرٻر: هاءِ هاءِ
ٻن : ڪڏ
ٻهقور : ٻاقور، چاٽ
ٻهڳڻ: گهٽن ڳٽن وارا، ڳٽائتا
ٻيائي : دوئي
ٻَيرَ: زال، عورت
ٻيليپو: ٻيلپو، مددگاري

پ

پانگا : ڪائيون، ٽاريون
پت : ريت، طرح، قسم، نمونو
پتون: وڇون
پر: پراء، لاڙو
پرڪا: ڦرڪا، پيرا
پرن: ڦرن، گهمرا ڏين
پڙ: ماهر، هوشيار
پٽن ـ پوٽن : گهمن، هلن
پوارا: پؤ وارا، خوفائتا
پوري: سادي
پول: پولا، خدشا، وسوسا
پون: زمين
پئي : ڊپ ڪان

www.maktabah.org

پير: نمونو، هلت چلت

پيرڻ: ڦيرڻ، ايٽ

ت

تاب: پرتوو

تار: تند

تارڪي: تارڪ، ترڪ ڪندڙ

تازي: عربي گهوڙو

تاڪو: تڪيندڙ، تاڪائو

تاويل: تعبير

تائڙي: آس، تڙڪو

تتر ڪرڙي: هلڪو جهڙ يا ڪڪر

تحرير: لکيت، دستاويز

ترسڻ: دير ڪرڻ، دِپ ڪرڻ

ترڪو: ورثو

ترميزان: ساهمي

تُري: تارازي، ساهمي

تسڻ: راضي ٿيڻ

تعزير : مذهبي گناھ جي سزا، گڏھ تي
چاڙهي شهر ۾ گهمائي هيڙهو هيڙهو
ڪرڻ

تعلقي (= تعلق ۾): حد اندر

تعيَن : وحدت جي صورت، ظهور، هڪ
خاص مقرر صورت

تغيرون: ڦيريون گهيريون، جاڙون

تفرقو: جدائي

تڪا: ڏڪاءُ، تڪائو

تڪيو: پروسو

تلّ : برابر، همسر

تم: تمام، برابر

تنجڻ: ٻار کي پينگهي ۾ سمهارڻ لاءِ ٻنڌڻ

توار (= تنوار): وائي

توڙا (= توڙان): منڍ کان

توشڪون: بسترا، هنڌ

توڻ: ڪاڄ، شڪار

تيلون (= سندن تيل): انهن جو تيل

ٿ

ٿاريلو: ٿر جو رهاڪو

ٿلهي: ٿورو، پائخانو

ٿوڪ: وٿ، شيءِ

ٿهرڻ: ٿامرجڻ، ٿهرن

ٽ

ٽار: ٽارو، ڇهبڪ

ٽاڻ: ٽاڻو، وقت، هلت چلت

ٽني (مصدر ٽنڻ: پرچڻ، راضي ٿيڻ): پرتي

ٽڪا: نشان

ٽڪاٽو: ماڪ

ٽمي (مصدر ٽمڻ: ٽمڻ ٽلڪڻ، هلڻ چلڻ): هلي

پ

پاٻوڙو: پيڻ جا وڏا پن، پيڻ ول جو ڦر

پاٻوهڻ: مرڪڻ، خوش ٿيڻ

پاتار: ترو

پاٽيون: صاف ستريون

پاپ : گناھ

پاچاندو : پاچو

www.maktabah.org

پاڇويا: پاڇا، اولڙا، عڪس
پار: اهڃاڻ، ڏس پتا
پارانيا: نياپا
پار ڪٽان: ڏس پتا پڇان
پاريا: انهن تي عمل ڪيائون
پاند: پر ۾، پرسان، نيزي پاند: نيزي جيترو
پاڻ پرو: پاڻ سنڀالڻ جهڙو
پاڻ ڏنا: سندس مقبول ٻانها
پاھ پوڻ: رنگ جي ڪُن ۾ پوڻ
پاھت: ٻنڌياڻ، لاڳو، مقرر ڏن
پٽولا: پٽ جا ڪپڙا
پٽيرا: اهي جي سڄ کي پٽ ڏين
پڇر: پڇار
پدم: هڪ هزار، ڪروڙ يا ڏهه هزار ڪروڙ
پڌرڻ: پڌرو ٿيڻ
پر ڇڏڻ: پر (ڏارين) جي پڇار ڇڏيڻ
پرت: پريت، پيار، عشق
پُرج: هلج
پرچڻ: ڇٽيندڙ، بهادر
پرس: مڙس
پرماڻو: حڪم، فرمان، اختياري،
پرمائون: سندن اختياري، دستور
پرڻ: هلڻ
پرٽا: پارت، سفارش، سپردگي
پرئڻ: سپرد ڪرڻ، سونپڻ، حوالي ڪرڻ
پرواري: نِڳي (ضد: سڳي)
پروانا: پتنگ، فدائي
پروجھ: سمجھ

پرهڻ: پوشاڪون
پرهولي: پرولي، ڳجهارت
پريا: اڇا وار
پرياڻ: پتو، اهڃاڻ
پڙپڻ: حاصل ٿيڻ
پڙو: ڏاجو (ڪنوار جو)
پڙهڏ: پڙاڏو، پڙلاءُ
پل: سارين جا توھ
پلتار: پڇا
پَنا: پڳاء، پورا ٿيا
پنڊ: پاڻ، خود
پوھت: پورت
پُور: پورو
پوربي: پورب ڏي ويندڙ جوڳي يا سالڪ
پورين: پور پڇائين
پوئن (= ڪين پوي): پوين
پھہ: ويچار، فڪر، رستو
پهر: ماڻهن جو مجموعو، ميڙ
پهس: يڪدم، اوچتو
پهڻ: پهه ڪرڻ، خيال ڪرڻ، اتفاق ڪرڻ
پهي: په وٺي هلندڙ، پانڌيڙو، قاصد
پهيڙو، قاصد
پيوند: ڳانڍاپا
پيهون: ڳپاڳيهون

ڦ

ڦرڪڻ: ٻڇڻ
ڦوڙائو: وڇوڙو، فرق

www.maktabah.org

ج

جاٽ: جاترا، زيارت، تيرٿ

جاڙائي: جاڙ، ظلم

جال: جالارو، گهٽو

جامع : جمع يا گڏ ڪندڙ

جر: پاڻي

جڙ: ميخ، چيچڙي

جڙيو پڙيو: تهيل تڪيل

جڪي : ذڪيائي

جڳ ديس: دنيا جو مالڪ، گرو

جمل: اٽ

جنان (واحد: جنّت): باغ، بهشت

جنبيو: پليد، تڙ پيل

جنڪ: ذوق

جوت: روشنائي

جوءِ: ماڳ، هنڌ

جِها: جهڙا

جيٽو: ساچو

ڄ

ڄڻ : وياءُ، اولاد

ڄيرو: آگ، باهہ

جهہ

جهاڪ: پليد (؟)

جهجهائي: گهٽائي

جهنڊلا: جهنڊ وارا، گهاٽا، ڳتيل

جهوپو: جهوپڙي

چ

چاٻو: چٻيندڙ، ڪائيندڙ

چاڳ: ناز، نخرو

چالي: چال

چانڊوٽا: شمعدان، روشنايون

چانگور: چانگار، آواز

چاهِ (= چاه ڪان): شوق ڪان

چشم بندي: طلسم ۽ طلسم جي ڪري

اڪ جو حقيقي شيءِ بدران ٻي شيءِ

ڏسڻ

چغد : چپرو

چڪن: ٽڪجن

چلڙ: گپ چڪ

چندا: چنتا، ڳڻتي، فڪر

چوڏس: چوطرف، چوڌاري

چوڪڻ: پرڪڻ

چيچپائي: ڪنجوسائي، مرچوئائي

ڇ

ڇلڻ: ڪلڻ، ظاهر ڳالهہ ڪرڻ

ڇن ـ ڇنا: هر گز

ڇنو: اجهو، گهر

ڇيٽون: ڇريل رنگا رنگي ڪپڙا

ڇيو: ڇيهو، نقصان، گهاٽو

ڇيهون: پرزا پرزا

ڇيهون ٿيڻ: جدا ٿيڻ

ح

حاتم: حاتم طائي (مجازي) سخي مرد

www.maktabah.org

حاجب: پردو ڪندڙ، روڪيندڙ
حادث: اها ڳالهه جا وضو پيجي
حاصل : موڙي، نچوڙ
حجاب : پردو
حجرو: ڪوٺي
حرص: لوڀ، لالچ
حرف: حساب، اعتراض
حسني: امام حسن (رضہ) جو اولاد
حڪام (واحد: حاڪم) : حاڪم، والي
حڪمي: راءِ تي ٻڌل
حلق : نڙي
حمل: گهيٽو (برج جو نالو)
حيف : اجايو

خ

خاطر : دل
خالصو: خالص، صاف
خاڪي: خاڪ جي
خطرا: دل جا خيال، وسوسا
خلت: خليلائي، دوستي
خليل: دوست
خمس: پنج
خنثي: ڪدڙي عورت
خنثي مشڪل: اهو مرد يا عورت، جنهن کي ٻئي عضوا هجن
خو: عادت
خوجپ : خواجگي، سرداري
خيل: گهوڙا
خيل: (= کيل): تماشو

د

دادلو : پيارو
دار: گهر
درشن: ديدار، مشاهدو
دري: چمڪندڙ
دورنگو: ٻہ رنگو، ٻچاپڙو، ڪوڙو

ڌ

ڌتيا (= ڌوتيا): ڀاڙيا، ڀڙوا
ڌتا (= ڌتل: چونڊيل): چونڊيل مقبول ٻانها
ڌيا: ڌئڻ سان

ڏ

ڏجر: نياڳي
ڏجهڻ: (= ڏڄڻ): ڪڄڻ، ناسڄڻ، دشمن
ڏر (= ڏڙهہ) : برپٽ، ميدان
ڏس: طرف، مڪان
ڏمر: ڪاوڙ
ڏني: ڪنڌي
ڏويان: ڏوجهن يا ٻين کي
ڏيڪائو: ڏيڪاري
ڏيل: بدن

ڊ

ڊڳڙ - ڊڳڙي : ڪٽڪ جي اڻ مڪيل ماني
ڊوهين (مصدر ڊوهڻ): ڊوه يا خيانت ڪن
ڊهيو: مليو، پڙ پيو

ذ

ذابح : ذبح ڪندڙ
ذات (يعني خدا پاڪ جي ذات): هويت

www.maktabah.org

ذاتي ظهور: ذات جو ظهور، جو ممڪن ناهي
ذبح : (جانور) ڪهڻ يا حلال ڪرڻ
ذوق : مزو، حظ
ذووالارحام: مائٽ، خصوصاً زال جي طرفان جن
ڪي ورثي ۾ حصو نہ هوندو آهي.

ر

راڄاڻ : راجا، بادشاهہ
راز: ڳجهہ، اسرار
راقم: لکندڙ، انگ ڪڍندڙ
راول : محبوب، دوست
رجوع: موٽ، لاڙو
رحم : ڪڙ، فرج
رچي (مصدر: رچڻ): وٽي
رعايت: لحاظ، سانگو
رم (مصدر : رمڻ): هل
رمز: راز، ڳجهہ، اٽڪل
رند: مست فقير
روجهاٽي: ذات جو نالو ۽ آنڙ يا سپڙ چام جو
خانداني لقب
روچين (مصدر: روچڻ) پسند ڪن
روش: هلت
رهاڻ : رهاڻ ڪرڻ، وروڻهڻ
رهڪ: رهڻ جي جاءِ
رهين(= پوئتي رهيلن): پوئتي پيلن
رياست: حڪومت، سرداري، راڄ
ريبارو: اوٺي، قاصد، پيغمبر
ريذالا: رذيل، ڪمينا
ريسارو: ريس وارو، غيرت مند، غيور

ز

زجاج: شيشو
زلف : وارن جي چڳ، ڪاڪل

س

ساجارا: سجاتل
ساجهہ: ساجاهہ، ساڃاءِ، شناخت
ساڪن: رهواسي
ساڳائي: سڃاڻو، ڄاڻندڙ، سڱ رکندڙ
سام: پناهہ، اجهو
سانگ : موقعو، سجهہ
سانگي: سانگ يا سجهہ يا موقعي تي گذاريندڙ
۽ جن جو گذر مينهن جي موقعي
تي هجي، مارو
سانگي سلم جا: (مکي جي پرسان) سلم جبل
تي سانگ سان گذاريندڙ يعني حضرت رسول
مقبول (ﷺ)
ساٺيہ: ديس، ڏيهہ، وطن (يعني عالم اعليٰ)
ساٺيهي: ديسي، ڏيهي، وطني
ساءُ: سواد، ذوق
سائو: آسودو، شاهوڪار، سکر
سُباه: سيان، سياٽي
سپر : ڏاڍو
سيت: سيکنهن هنڌ
ست بڻ: ستن بڻن واري، ٻٽائتي، اصيل
ستاٽي: ڏاڍي
سُپ : ڇڄ
سجاڻ : سينگارڻ

www.maktabah.org

سجل: سينگاريل

سجن: بنديخانو، قيد

سُڄي: سجهي

سجهايا: ڳاريا، پگهاريا

سجهن: سرن، جڙن

سڌ : سڌ وارا، عاقل

سڌر: مضبوط

سر: چشمو، ڍنڍ

سر: راز، ڳجهه

سرتي: ريڌي، پرتي

سرجٽا: جيت

سَريو: مليو، حاصل ٿيو، (مصدر: سرڻ)

سفر اقامت (يعني سفر ۾ اقامت): سفر ۾ حضر

سفرو : سڦلو

سکرت : نشو

سکنيون: سکيون، خشڪ

سکوت: ماٺ، خاموشي

سکوتا (= سکو تان): سکوت ۾

سکا : باس، نذر

سکر: چڱا (بي ڏوها)

سڳر: سڳورو، ڀلارو

سگهون : طاقتون، قوتون، قدرتون

سگڻ: سگَ رکڻ

سگيٽو: سگَ ۾، مائٽ

سلب: کسي وٺڻ، وڃائڻ، نفي

سلوڻا: چڱا لوڻيل، نمڪين، مليح

سما (= سماء): آسمان

سنياءِ : تيار کر

سنيوڙو: تيار، هکيو تکيو

سنڍورڻ: ڳولڻ

سنرا: سرها

سنگهار : ڌٽار

سونت ـ سؤنت: سڌائي

سنهارا: سونهن وارا، سڳورا

سنهاڻا ـ سهاڻا: سونهڻ لڳا، وڻيا، مقبول

سنهاڻل: وڻيل، مقبول

سنهڻو: سپنو، خواب

سنهي: (عورتن جي اصطلاح ۾) پيشاب

سنهيون: سنئون، سڌو (ضد: انهيون)

سنيهي: سنهيو آڻيندڙ، نينهن رکندڙ

سڻائي: (يعني سڻائي واٽ): سولو رستو، صراط مستقيم

سڻهو (= سڻو): ڀڏو

سوڻو : ذمو، ضمانت

سود : فائدو، نفعو

سور چرڻ: ڏک سهڻ

سوڙي: چگو وڙ، ڀلائي

سوغات : سوکڙي

سوريا: سوريل، شوريل، سوڻل، ڦوکيل، منهن ڦوکيل (سوئر وانگي)

سيول : فائدو

سونهون: رهبر، دڳ لائيندڙ

سوئيرو: سرمو

سهڄ : سک

سهکڙو: سولڙو، آسان

سهر: حصو، پتي

www.maktabah.org

سيارا۔ سيارڙا : گدڙ

سير: وچ دريا

سيف : ترار

سيل: ڀاڙا ڪنڊا

سِيءَ : حد

سِيءِ سياه : سياٽي تائين

ش

شبرق : هڪ قسم جو ننڍو ٻوٽو جنهن جا پن
نيزن جي نوڪن کان به سنها ٿيندا
آهن. رنگ جو سخت ڳاڙهو ۽ سندس
رس تمام ڪوڙو ٿيندو آهي.

شرڪت : ڀائيواري

شڪور: شڪر ميڃيندڙ

ص

صحيفو : ڪتاب

صراط : واٽ

صرفو: سانگ، بچت

صريح: صاف، چٽو

صفت: وصف

صفاتي: اهي نالا جيڪي خدا جي وصف ڪن.

صلحي: جن ساٽس صلح ڪيو

صمد: رب تعاليٰ، بچائيندڙ، جنهن ڏي سڀ
ڳالهه ۾ رجوع ڪجي.

صمداني : الاهي، رحماني، خدائي

صور: سڱ، ڏنڊ، توتارو (جو قيامت کان اڳ
ملڪ اسرافيل وڄائيندو)

صورت: ٻاهرين شڪل، ڊول، آڪار

صوري: ٻاهرين شڪل وارو، ظاهري، مجازي،
دنيوي (ضد : معنوي)

ض

ضال: گمراهه

ضبط : مضبوط، پختا

ضرر: نقصان

ضعف (= ضعيف): هيٺي

ط

طالع: نصيب

طرفي: سڌي واٽ ڇڏي پاسن ڏي هلندڙ

طور: نمونو، ڍنگ

طه: قرآن شريف جي هڪ سوره جو نالو،
جا "طه" لفظ سان شروع ٿئي ٿي.
طه = يا انسان، رسول ﷺ جو لقب

ظ

ظهور : (هتي) ٻاهريون ڏيک، رياءِ

ع

عارف: ڄاڻندڙ، معرفت جو صاحب

عاق : ٻي چيو، نافرمان

عاقب: پوئتان ايندڙ

عبدالله : الله جو ٻانهو

عدل : وچون رستو

عدو : دشمن

عز : عزت، رتبو، مرتبو، شان

عصبائي: نرينه مائٽي

عصبو (عصبه): فوتيءَ جا نرينه مائٽ

www.maktabah.org

جن کي ويجهن وارثن بعد بقايا مان حصو ملندو آهي.
عصوبت: عصبائي
عصيان: گناهہ
عطائي: عطا ڪندڙ
عطور : عطر واري، سرهي
عقبيٰ: آخرت، ٻيو جهان
علت: سبب، ڪارڻ
علم لدني: اهو علم جو سڌو الله کان عطا ٿيو هجي.
عنقاء : سيمرغ، گرڙپک
عول : مخرج يا پتيءَ جو وڌي پوڻ
عهد : اقرار، انجام
عين: شي جو اصل جوهر

غ

غفور: گهڻو بخشيندڙ

ف

فاقيرو: فقيراڻو، فقيرن جو
فاهم: سمجهندڙ
فرع : شاخ، ٽاري، ڏار
فريق: فرقو، جماعت، قوم

ق

قال : قول (ٻاهريون)
قابل: قبول ڪندڙ، وٺندڙ (هر صورت)
قبض (يعني روح جو قبض ٿيڻ): موت
قدح : پيالو
قدوسي: پاڪ
قرابت: مائٽي
قسط : ورهاڱو، ڀاڱو
قسمت: ورهاست، ورهاڱو
قصاص : (خون جو) بدلو. قصاصي ڪار ڪرڻ: خون جو بدلو وٺڻ
قطر: قطرو، ڦڙو
قطع : وڍڻ
ققنس: باهہ ۾ رهندڙ پکي
قلت: ٿورڙائي
قهرو: قهري، ڪاوڙيل

ک

ڪابينو: پيٽ ۾ انگ، مهر
ڪاپو: ڪپهہ ڪتڻ جو ڪارخانو
ڪاڄ: ڪاڄ، ڪم ڪار
ڪاڇيلارا - ڪاڇيلاٺا: ڪاڇوٽي ڪيندڙ يا ڪڇ جا وينل
ڪاڏو: ڪيڏ، ڇڪ، سڪ
ڪارايا (= ڪارايان): ڪارائيءَ ڪان
ڪارون: پڪارون، سڏ (مدد لاءِ)
ڪاڪل : زلف
ڪام : ڄڙي، ڇهبڪ، تير
ڪامڻ: جادو،منڊ
ڪامڻي: سهڻي عورت
ڪانه: ڪاڏي
ڪايا: بدن، جسم، ديهي
ڪايو: شيشو، ڪاچ
ڪبينداءِ : دٻينداءِ
ڪٽڪ: لشڪر

www.maktabah.org

ڪٿيا: وڏي چڏيا
ڪپيري: اها واٽ جنهن ۾ پيرو نہ هجي
ڪجات (= ڪذات): بد ذات، ڪميڻو
ڪرپوڻ: گهٽتائي ظاهر ٿيڻ
ڪرشم: ڪرشمو، عجب، اچرج، معجزو
ڪرڳل : آواز، هل، گوڙ
ڪرمش: ڪورنش، ادب
ڪرنگهو: ڪرنگهہ، هڏن جو پڃرو
ڪرهہ: جهيڙو، لڙائي
ڪرهل ـ ڪرهو: اٺ
ڪريهہ : مڪروهہ ، اڻ وڻندڙ
ڪڙ: فرج، پيٽ
ڪڙم : قبيلو، ذات
ڪسب: ڪم، حاج
ڪفران: بي شڪري
ڪفو: هڪ جيڏو، سرتو
ڪڪرو: رند، ٻگ
ڪڪورجڻ: ڳاڙهو يا زعفراني ٿيڻ
ڪلاس: سيجو
ڪلالت: اها حالت جنهن ۾ ڪو ماڻهو ماءُ پيءُ ۽ اولاد کان سواءِ مري، ڇورڙائي
ڪلو: جهيڙو، جنگ
ڪماحقه: جيئن ان جو حق هجي، سندس حق مناسب
ڪنز: خزانو (ڪنزون = سندن ڪنز)
ڪنگاليون: سڃيون
ڪنن ڪر: ڪنن تائين
ڪڻ ـ ڪڻو: (ان جو) داڻو

ڪٽڪج (مصدر: ڪٽڪڻ): ڪڇج
ڪوثر: گهڻائي، جهجهائي، گنج (بهشت ۾ حوض جو نالو)
ڪوڏو (=ڪ اوڏو) : اڻ اوڏو، پري
ڪوڙي: خراب وڙ، برائي (ضد: سوڙي)
ڪوفو: فرقو
ڪوڪب (ج : ڪواڪب): تارو، ستارو
ڪونر: ڪمار، شهزادو، پهلوان
ڪهگل : ڪرڳل، هل، گوڙ
ڪيرت: نيزاري، منت، وينتي
ڪيرو: ڪلو
ڪيس: خضاب، ڪارو رنگ
ڪيف: نشو، خمار
ڪين: عدم، اڻ هوند ۽ نابودي
ڪيهر: شينهن

ک

کاتون: (؟)
کاند : صبر، ماٺ
کانديرو: صابر، صبر ڪندڙ
کائڻ: ساڙڻ
کاڻ: ڪرپڻي، جي کڏ
کپت: کپ، احتياج، گهرج، خرچ
کجڻ: جڪ کائڻ، بي صبر ٿيڻ
کرک (مصدر: کرکڻ = لکي نکرڻ) کسک
کرو: ان جو ديرو، فصل، لابارو
کڙا : پتر
ککي: باس (ميڇي، جي)

www.maktabah.org

کمنديائي: صبر ڪندي

ڪمڻ : صبر ڪرڻ

ڪڻ: هنڌ، موقعا ملڻ جا

ڪيرو: بيهوش

ڪيه: متي، غير، گند

گ

گاءِ ـ گهاءِ : وانگي

گر : گرو، مرشد

گرداب : ڪن

گوالپ : ٻانهپ، غلامي، بندگي

گولن گاڏو: گولن سان گڏ

گولو : غلام، زر خريد

گوندر : غم، ڏک

ڳ

ڳٽ (ڳالهين جا): ڳتڪا، ڳنديون، هڙون

ڳڙهڙي: اڦراٽو، جنهن جي وچ ۾ پٽڙو ڳڙ پيل هجي

ڳن: وٽ

ڳور (= گور) : قبر

ڳورانيو: پيار

ڳوري: باوقار، گهوري، آهستي هلندڙ (ضد: هوري)

ڳوڙهو: ڳجهڙو، ڳجهه رکندڙ، رازدار

ڳهو: ڳهه، گروي

گه

گهر : گهري، مشيئت، رضا

گهورون: ڦيرا، گهمرا

ل

لاچو : لانجهو، هيٺو، جهڪو

لاڏاڻو: چالاڻو، انتقال، وفات

لاڏڪو۔ لاڏلو: جيڪو لاڏ ڪري، جنهن جو لاڏ سهجي، يا جنهن تي لاڏ ڪجي.

لار: لاٽ، ذري

لاقيدي: بي قيد، بي تعلق، ٻنڌڻ ڪان سواءِ، آزاد

لاڪجڻ: لاک جهڙو ڳاڙهو ٿيڻ

لاڪيٽو: لک لهندڙ

لاڳوتو : لڳل، مليل، شامل

لال: ڳاڙهو، سنهٽو، پيارو، سورهه، وير

لالاءِ (لالائي ٿو): چمڪي ٿو

لالي : ڳاڙهاڻ

لامتناهي: لانهايت، بي انتها

لامڪاني: جنهن جو مڪان نه هجي

لامون : تاريون، شاخون

لاهه : لاها، هيٺاهيون

لاءِ: لاڳاپو

لب : لالچ، لوڀ

لقاپر: اهو ماڻهو جتي رڳو الله تعاليٰ جو لقاء هجي

لڪ : لڪڻ، لڪڻ جي جاءِ

لک : ذري، ماٽي، ناتو

لڪڙي: ذرڙي، ذرڙي نسبت

لکڻ: معلوم ڪرڻ

لڪڻ : لڇڻ، اخلاق

لواءِ: جهنڊو

لوٽي: ساڙي، جلائي

لوڙڻ: پوڳڻ، ماٺڻ

www.maktabah.org

لوڙيهون: ماٺيون

لوهہ: ڪاهہ، حملو

ليڙو: ضعيف، هيٺو، ليلهر

ليل: رات

ليئي: لئي (چنبڙائڻ لاءِ)

م

ماڃڻ: مهڻ، صاف ڪرڻ

مادو: ذخيرو، جنس

ماربو: مرڻ جو وقت

مارڳ: رستو

ماضي: گذريل وقت

ماڪڙي: ماڪ، نمر

مالڪ: بهشت جي دربان جو نالو

مامرو: ڳالهوڙو

مامون: امن ۾، سلامت

مانجهي: بهادر

مانع: منع ڪندڙ، مانع وارثت جا: اهي عزيز جن جو ورثي ۾ ڀاڱو نہ آهي

ماهيت: حقيقت

ماءِ (= مياءِ): مابي

مباح: جائز، حلال

مٿو: حد، ڇيهہ

مٿورو: مٿو ڳهرندڙ، مٺ ڳهرو، بدخواه

مجاهدو: ڪوشش، رياضت

محبت: محبت، اطاعت

مجر: ڪنديءَ جو ٻور

مڃڻ: متان، مبادا

محالي: محال، ناممڪن

محض: بالڪل، صرف

محڪم: پختو

محڪومي: حڪم هيٺ رهڻ، غلامي، اطاعت

محو: گم

مختلف: اُبتو

مخرج: اها رقم جنهن مان وارثت جو حصو يا پتي ڪڍجي.

مخزن: گدام، خزانو

مدام: هميشہ

مڏ: ڪانين جو ترهو، سامان

مرتبو: درجو، دنيوي عزت، شان

مرجع: اها شيءِ يا هنڌ جيڏانهن موٽ ڪائجي، اصل، بنياد

مردود: رد ٿيل، ڌڪيل

مرهبا: بخشيا

مرهيا: بخشيا، مئا

مڙهين: مڙئي، سڀ

مستور: لڪل

مسجود: جنهن جو سجدو ڪجي، سجده ڪيل

مسلم: تسليم ٿيل، قبول پيل، مڃيل

مسئلا: فقهي سؤال

مشابه: هڪ جهڙو

مشڪاة: شمعدان

مشڪل: ٻن جنسن وارو

مصور: تصوير رچيندڙ، ٺاهيندڙ، چٽيندڙ

مظهر: اها شيءِ جنهن مان خدا تعاليٰ جو جلوه ظاهر ٿئي، جا خدا جي هستي جي گواهي ڏئي، جا خدا جي هڪڙيءَ صفت جو اظهار ڪري.

www.maktabah.org

معدوم : عدم پيدا، گم ٿيل، سڃو
معرڪو: ڪچهري، مجلس
معمور: آباد، برسيل
معنوي: معنيٰ جي لحاظ سان، باطني طور، روحاني لحاظ سان (ضد: لفظي، مجازي)
مغضوب: جنهن تي خدا جي غضب يا ڪوپ ٿيل هجي.
مفلس: سڃو
مقام: هڪ هنڌ تي ويهڻ، ويهڪ، ويٺڪ
مقامي: هڪ جاءِ تي ويٺل
مقلب: ڦيرائيندڙ گهيرائيندڙ
مقيم : هڪ جاءِ تي رهندڙ
ملاحت: نمڪيني
ملاقي: ملاقاتي
مناڙڻ: زور ڏيڻ
منسوخ: رد
منشا (= منشاء): مراد، مقصد
من مڙڻ: من جو هٽڪڻ، هٽڪ، شڪ
منهو: ننڍو منهن
منهون: مينهن
مور: منڍ، اصل
موريا: گونچ ڪڍيائون
موقوف: بند ٿيل، خارج
مولود: ڇاول يعني ٻار
مهاند: مهاڙ، الله، سامهان
مهانداس: سندس مهاندو
مهت: سوڀ
مهت: مسجد
مهتر: وڏيرو، بزرگ، حضرت
مهتڙي: ننڍي مسجد، خونرت، ڪروت
مهدار: سالار، پيشوا، اڳواڻ
مهر: ڏاجو
مهراڻ: درياهه
مي: مهاٽو، مهاٽي
مياءُ: ماٻي
مياٽي: مياٽي، مهاٽن جو ڳوٺ

ن

نااميدي: نراسائي، ڪنهن ۾ بہ اميد نہ رکڻ
نار: ٻاهہ، آڳ
نار: زال، عورت
نافع: نفعو بخشيندڙ
نامرادي: دنيوي پدارٿن جي آس يا خواهش نہ رکڻ
نپٽو: نپٽو آنٽو، جنهن کي پٽ نہ هجي
نجهرو: گهر
نحر: ڪهڻ، تڪبير وجهڻ
نذير: (عذاب کان) ڊيڄاريندڙ يا چتائيندڙ
نزاع: جهڳڙو
نست: بي همت
نسورو: صاف، نج
نفسي نفسي: آءٌ رڳو آءٌ رڳو
نفي: غير الله جو انڪار ڪرڻ "لااِلٰه"
نقشبند: اهو جو الله جو نالو دل تي نقش ڪري
نڪٽي: نڪٽو، ڳهٽو
نوٽ: نئڙت، هيناهين
نوڙ: ١. هيناهين نئڙت، تواضع- ٢. هيناهين زمين

www.maktabah.org

و

واڌائي: مبارڪ

واڪيندا: واڪا ڪندا

وانٽو: حصو، پتي

وانٽيتو ـ وانٽيدار: حصي دار، پتيءَ وارو

وانجها: ولها، محروم

وانڊريون: وڍيون، زنجيريون

واهيرو: آڪيرو

وترو: وڌيڪ، زيادہ، گھڻو

وٽون: شيون، چيزون، پدارٿ

وجھ: (۱) منهن (۲) غرض (۳) اجورو (۴) طرف

وڇا: وديا، علم

وجهل: ڳاراٽو، سڪا

وجهلڻ: ڳرڻ

ويچاهين (= وهيچائين): تعبير يا تاويل ڪن

وحي : قرآن مجيد

وڌ ويڇڻ: ڪٽر ڪٽڻ، گوءِ ڪٽڻ

وڏاڻ: ۱. وڏ، عيب ـ ۲. ساز، واڇو

وڏنءَ: وڏائي، هٺ، تڪبر

ور: مر، ڀلي

ور : وٽ، موڙ، پيچ

ورد: وظيفو

ورسيا: روڪيا، پوئٽي رهيا، محروم ٿيا

ورڪ: وڻ

ورن: رنگ، قسم

ورنهہ: بانڪو، بهادر

ورءَ: مقرر ٿيل سيڌو يا ڪاڌو

وريام: بهادر، بانڪو

وزر: بار

وزير: بار ڪٽندڙ، يار(بادشاهہ جو همراہ)، بادشاهہ پاران حڪومت جو بار ڪٽندڙ

وسوسو: خيال خطرو

وسهوڙا: ويساهہ ڪيائون

وسي: بستي، ڳوٺ

وطيرت: نمونو

وظيفو: روزاني مقرر دعا، روزينو

ولاء : دوستي

ونگ: ڏنگ، ور

ونگي: ڏنگي

ونهيون: شاهوڪار (ضد: انهيون، ولهو)

وٿت: پسندگي، رضا

وٿڪون: وٿندڙ ڳالهيون، خدا جون رضائون

وٿي: وٿندڙ ڳالهہ، رضا

وٿيو: پسند ڪيو

ووڙ: ڳولا

وهجي: ڊهجي، پڙبي، ملي

وهسڻ: خوش ٿيڻ

وهلور: غم، ڏک، سور

وهم: وسوسا، خيال خطرا

وهون: زالون، ننهون

وياء: اولاد

ويتر: زيادہ

ويڌ: (۱) وڌ، عيب (۲)ويد (هندن جو پاڪ ڪتاب)

ويڌ وڏاڻ: عيب صواب

ويڙ (= ويڙهہ): ڪيڙن جي ويڙهي اندر مارو،

www.maktabah.org

ماٺهن جا گهرڙا

ويسه: ويساھ، عقيدو

ويڪ: ڪشادائي

ويلو:لنگهڻ، بک مرڻ

ويلون = سندن ويلو

ھ

هاتڪ: حاذق، هوشيار

هاڙو: هاڙو، (جبل جو نالو)

هائي: باه، کڏ (هاويه)

هني: هنيلو، هوڏر

هجوم: ڪاھ، ڀيڙ

هوڙو: هلڪي بار وارو، هلڪو

هرڪيا: موهيا

هريو: آلو

هڙده: ارڙنهن

هڙڪيا: چتا ٿيا

هور: هول، ڊپ، هوري

هورش: ٻچ، ڪاھ

هول: هور، ڊپ، خوف

هولي: خوشي

هوند: هوئڻ، هستي، بود، وجود

هوءِ پوڻ: مشهور ٿيڻ، خدا جي هويت يا ماهيت ۾ محو ٿيڻ

هيو: هچارو، لعنتي

هيولا: هر شيءِ جو مادو، ماهيت ۽ اصل

www.maktabah.org

و

وڏائي: مبارڪ

واڪيندا: واڪا ڪندا

والئو: حصو، ڀتي

والئيو ـ والئيدار: حصي دار، ڀتي وارو

والهيا: ولها، محروم

[illegible]

ولهيرو: آڪيرو

[illegible]

وٿون: شيون، چيزون، [illegible]

وجه: (۱) سبب (۲) غرض (۳) [illegible]

وجهه [illegible]

وجهيا: ڳارائو، سڪا

وجهلن: ڳڙ

وچاهين (= وچائين): تعبير يا تاويل ڪن

وحي: قرآن مجيد

وڏ ويڙو: ڪتر ڪتڙ، گوه ڪتڙ

وڏاڻ: ۱. وڌ، عيب ۲. سان، وانجو

وڏن: وڏائي، هٺ، تڪبر

ور: مڙس، ڀلي

ور: وڪڙ، موڙ، پيچ

ورد: وظيفو

ورسيا: روڪيا، پوئتي رهيا، محروم ٿيا

ورڪ: ورق

ورن: رنگ، قسم

ورنهه: ياڻڪو، بهادر

ورق: مقرر ٿيل سبق يا ڪاڳر

وريام: بهادر، ياڻڪو

[illegible]: ڏاڍو بار

[illegible]: ڏاڍو بار کڻندڙ، بار [illegible]

[illegible]: بادشاهه، ياران حڪومت جو بار [illegible]

[illegible]: وسوسو، خيال خطرو

[illegible]: وسوسو(= وسواس) ڪيائون

[illegible]: [illegible] ڀيني، ڳوٺ

[illegible]: وظيفو، نمونو

وظيفو: روزاني مقرر دعا [illegible]

[illegible]: دوستي

وڙ: رنگ، ڍنگ، ور

[illegible]: رنگ، ڍنگ

[illegible]: وڻهيون، شاهوڪار [illegible]

وڻت: پسند ڪي، رضا

وڻڪون: وڻندڙ ڳالهيون، خدا جون رضائون

وڻي: وڻندڙ ڳالهه، رضا

وڻيو: پسند ڪيو

وڙا: ڳولا

[illegible]: ڀڄي، [illegible]، ملي

[illegible]: خوش ٿيڻ

[illegible]: شهر ۾ ڪٺو ميڙ

[illegible]: وسوسا، خيال خطرا

[illegible]: ڄاڻون، نهون

[illegible]: اولاد

[illegible]: زياده

ويڌ: (۱) وڌ، عيب (۲) ويد (هندن جو پاڪ ڪتاب)

ويڌ وڌاڻ: عيب صواب

ويڙ (= ويڙهه): ڪيڙن جي ويڙهي اندر [illegible]

www.maktabah.org

آيتن ۽ حديثن ۾ آيل عبارتن جو ترجمو

الف

اتبعوا ما انزل اليكم ـ الخ (ق): جيڪي ڪي اوهان ڏي پنهنجي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي، تنهن جي پيروي ڪريو، ۽ ان کان سواءِ ٻين صاحبن جي پيروي نہ ڪريو.

اجعلوا الا خوات الخ ـ (ح): ڀينرن کي ڌين سان گڏ عصبو ڪري ليکيو.

اجيعوا بطونكم ـ الخ (ح): پنهنجي پيٽ بکيا رکو ۽ پنهنجا انگ اگهاڙا ڪريو، تہ پنهنجي رب کي ڏسندا.

احسن كل شيء خلقه (ق): سنهڻو بنايائين سڀ ڪنهن شيء کي، جنهن کي پيدا ڪيائين.

احفظ الله يحفظك: الله کي سنڀار تہ اهو بہ توکي سنڀاريندو.

اخوانا علي سر رمتقابلين (ق): (اهي ٿي ويندا) ڀائر، هڪ ٻئي جي سامهون تختن تي ويٺل.

ادعوا الي الله (ق): سڏيان ٿو الله جي طرف.

اذا الشمس كورت (ق): جڏهين سج ڍڪيو ويندو.

اذا مروا باللغو ـ الخ (ق): جڏهن ڪنهن اجائي ڳالهہ وٽان لنگهندا آهن، تہ نهايت شرافت سان لنگهي ويندا آهن.

ارنا الاشياء ـ الخ (ح): ڏيکار اسان کي شيون، جئن اُهي آهن.

ازهد في الدنيا ـ الخ (ح): دنيا کان ڪيباءِ، تہ الله تعاليٰ توکي پائي.

استفت قلبك ـ الخ (ح): پنهنجي دل کان فتوا گهر، اگرچہ ڪو چريو ڪٿي توکي راءِ ڏئي.

www.maktabah.org

اسلم شيطاني ـ الخ (ح): منهنجي شيطان منهنجي هٿ تي ايمان آندو آهي (يعني منهنجي آڻ مڃي آهي).

اصلها ثابت ـ الخ (ق): جنهن جي پاڙ محڪم آهي، ۽ جنهن جو ڏار آسمان تائين پهتل آهي.

اعملوا ماشئتم ـ الخ (ق): (هن عبارت جو پهريون اڌ قرآني آهي): جيڪي وڻيو سو ڪريو، ڇو ته تحقيق مون اوهان کي بخشيو آهي.

اعيي الوري ـ الخ: (قصيده برده جو هڪ بيت) سندس (يعني پاڻ ڪريمن) جي معنوي ڪمال جي فهم لوڪن کي ٿڪائي ڇڏيو، سو پري توڙي اوري ان ڳالهه ۾ ڪو به سواءِ گهٽيل جي نظر ڪونه ٿو اچي.

افتؤمنون ببعض الكتاب ـ الخ (ق): ڇا ڪتاب (تورات) جي ڪنهن حصي تي ويسهه ٿا ڪريو، ۽ ڪنهن حصي کان انڪار ٿا ڪريو؟

افرايت من ـ الخ (ق): ڇا تو ڏٺو آهي ان کي جنهن پنهنجي معبود کي حرص ۽ هوا ڪري ورتو؟

اقرءوا القران ـ الخ (ق): قرآن پڙهو، ۽ جيڪي ان ۾ آهي تنهن تي پيروي ڪريو.

اكرموا الضيف ـ الخ (ح): مهمان جي عزت ڪريو، اگرچه ڪٽي ڪافر هجي.

الا ان اولياء ـ الخ (ق) خبردار، تحقيق الله تعاليٰ جي دوستن تي نه خوف آهي، ۽ نه اهي ڏڪارا ٿيندا.

الا انّ حزب ـ الخ (ق) خبردار، تحقيق الله تعاليٰ جو ٽولو ئي غالب آهي.

الاخلاء يو مئذ ـ الخ (ق) متقين کان سواءِ، ٻيا يار انهي ڏينهن هڪ ٻئي جا دشمن هوندا.

الاله الخلق ـ الخ (ق) خبردار، ان جي ئي هٿ ۾ خلق (جو عالم) ۽ حڪم (امر جو عالم) آهي.

الايمان بين الخوف ـ الخ (ح): ايمان خوف ۽ اميد جي وچ ۾ آهي.

البخل ام الرذائل (مقولو): بخل سيني ڪمينائين جي ماءُ آهي.

البلاء للو لاء ـ الخ (مقولو): دوستي لاءِ مصيبت (آزمايش) ائين آهي، جئن سون لاءِ باهه (يعني: آزمايش دوستي کي پرکي ٿي).

الحقوا الفرائض ـ الخ (ح) ورثي جا حصا (قرآن شريف موجب پهريائين) حقدار جي حوالي ڪريو، پوءِ باقي جيڪي بچي، سو ويجهي ۾ ويجهي عصبي واري مرد کي ڏيو.

الحكم بلا وجه ـ الخ: سبب کان سواءِ حڪم (فيصلو) ائين آهي جئن روح کان سواءِ جسم.

www.maktabah.org

الحمد الله رب العالمين (ق): سيڪا ساراهہ انهي الله ڪي جڳائي جو پالڻهار آهي سيني جهانن جو.

الحمدلله علي كل حال: سڀ ڪنهن حالت ۾ شڪرانو الله تعاليٰ کي جڳائي.

الحمد يملا ـ الخ: جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي، سو سڀ الله تعاليٰ جي حمد سان ڀريل آهي.

الدار تخلتف ـ الخ (فقهي قانون): بادشاهن جدا جدا هئڻ ڪري، وطن بہ جدا جدا ليکجڻ ۾ ايندو. مثلاً جيڪڏهن مورث (فوتي) اسلامي ملڪ ۾ هوندو، ۽ اُن جو پٽ (ڪافر) ڪنهن غير اسلامي ملڪ ۾ هوندو تہ اهو ورثي جو حقدار ٿي نٿو سگهي (ڏسو "سراجيه" جو شرح "شريفيه").

الدرهم كي ـ الخ (ح): هڪڙو ڏوڪڙ هڪڙو ڏنبُ آهي ۽ ٻہ ڏوڪڙ ٻہ ڏنبَ.

الدنيا جنة الكافر (ح): دنيا ڪافر لاءِ باغ آهي.

الدنيا سجن المؤمن (ح): دنيا مومن لاءِ بنديخانو آهي.

(نوٽ) حقيقت ۾ مٿيان ٻئي فقرا هڪڙي ئي حديث آهي: الدنيا سجن المومن و جنة الكافر.

الدنيا سحر: دنيا جادو آهي.

الرضا باب الله الا عظم: رضا الله تعاليٰ (ڌي وڃڻ) جو وڏي ۾ وڏو دروازو آهي.

السلطان لي ـ الخ (ح): بادشاهہ وارث آهي ان (فوتي) شخص جو، جنهن کي ڪو وارث ناهي.

الصلح خير (ق): صلح (هر حالت ۾) چڱو آهي.

العالم علي باب الاغنياء ـ الخ (ح): عالم ماڻهو شاهوڪارن جي دروازي تي گونهہ تي مک وانگر آهي.

العالم من عقل عن الله: عالم اهو آهي جو خدا کان سمجهي.

العبد لا يملك: ٻانهو مالڪ جو وارث ٿي نٿو سگهي.

العبد و ما في يده ـ الخ: ٻانهو ۽ جيڪي سندس هٿ ۾ آهي، سي ٻئي ڌڻيءَ جا آهن.

العلم بحر ـ الخ: علم هڪ سمونڊ آهي ۽ علم جو علم موجون آهن.

العلم حبيب الله ـ الخ: علم خدا جو دوست آهي، نٿو ڏئي مگر پنهنجي دوست کي.

www.maktabah.org

الغنم بالغرم (فقهي اصطلاح): گروي يا ڳهه قرض جي برابر هئڻ گهرجي: جي فائدو ۽ واڌ ٿئي تہ اصلي ڳهه جي مالڪ جو آهي، ۽ جي ڳهه وٺندڙ جي قصور بغير ان ڳهه تي ڪجهہ نقصان پيو، تہ اهو ڳهه رکندڙ تي آهي، پر جي ڳهه وٺندڙ جي غفلت يا بي پرواهي ڪان ان ۾ ڪو نقصان ٿيو، تہ اِهو ڳهه وٺندڙ تي آهي.

الفقر فخري (ڪوڙي حديث): مسڪيني منهنجو فخر آهي.

القاتل لا يرث (ح): قاتل مقتول جي مال ۾ وارث ٿي نٿو سگهي.

القرآن اِمامي: قرآن منهنجو امام (رهبر) آهي.

القسام في النار: ورثي جي حصن جو (غلط) وراهيندڙ دوزخ ۾ پوندو.

الڪراهة ضد المحبة: اڻ وڻت ضد آهي محبت جو.

الڪونان حرامان ـ الخ: الله وارن لاءِ ٻئي جهان حرام آهن.

الله ربي ـ الخ: الله منهنجو رب آهي ۽ محمد (صہ) منهنجو رسول آهي ۽ قرآن منهنجو امام آهي.

اللهم احيني ـ الخ: (هي مقولو آهي ۽ نہ حديث ڪنهن بہ معتبر حديث جي ڪتابن ۾ اهڙو نبوي قول نہ آيل آهي) اي الله جيار مون کي مسڪين ڪري، ۽ مار مون کي مسڪين ڪري (۽ اٿار مون کي ڏيهاڙي قيامت جي مسڪينن جي ٽولي مان).

اللهم صل ـ الخ: اي الله محمد (ص) تي برڪتون موڪل!

الله نور السماوات ـ الخ: الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جو نور (ڏيندڙ) آهي.

الماضي لا يعود (مقولو): گذريل وقت موٽي نٿو.

الم ذلڪ الڪتاب (ق): الله آهي سڀ ڪان وڌيڪ ڄاڻندڙ، هي اُهو (عظيم الشان) ڪتاب آهي.

المرء مع من احب (ح): ماڻهو انهن سان گڏ هوندو، جن سان سنديس محبت آهي.

المؤمن مرآة المؤمن (ح): (هڪ) مومن (ٻئي) مومن جي آرسي آهي. (مؤمن پڻ نالو آهي الله تعاليٰ جو. انهيءَ ڪري ترجمو هيئَن بہ ٿي سگهي ٿو: مؤمن الله تعاليٰ جي آرسي آهي).

الناس اعداء ما جهلوه (مقولو): ماڻهو دشمن آهن انهيءَ ڳالهہ جا جنهن جو ڪين علم آهي.

الوضوء سلاح المؤمن (ح): وضو مومن جو هٿيار آهي.

الوراثة ولد التناصر: (فقهي وراثت جو اصول): وراثت ٻچو آهي هڪ ٻئي کي مدد ڏيڻ جو. يعني

www.maktabah.org

وراثت جو مدار آهي هن ڳالهه تي ته فوتيءَ جا وارث اهڙا هجن جو آئيء ويل هڪ ٻئي کي مدد ڏيئي سگهن، يعني اهي مسلمان هجن، پوءِ ڪٿي جدا جدا ملڪن ۾ رهندڙ هجن.

الولاء لحمة ـ الخ (ح): خاوند جي مائٽي پنهنجي آزاد ٿيل ٻانهي سان هڪ تاجي پيٽو آهي، جيئن نسب جو تاجي پيٽو، يعني ته جيڪڏهن خاوند بنا اولاد مري ته آزاد ٻانهو سندس وارث ٿي سگهي ٿو ۽ بالعڪس.

الهم نصف الهرم (مقولو): ڳڻتي پوڙهائيء جو اڌ آهي.

اليقين لا يزول ـ الخ: شڪ سان يقين زائل نٿو ٿئي.

امر الا تعبدوا ـ الخ (ق): امر ڪيو اٿس ته ان کان سواءِ ٻئي جي پوڄا نه ڪريو.

امن تذکر ـ الخ: (قصيده برده جي پهرين سٽ) ڇا ذوسلم جي پاڙيسرين جي يادگيريءَ ۾ تون اکين مان رت ڳوڙها هاري رهيو آهين؟ مرحوم مولانا شفيع محمد پاتائيء اها سٽ هيئين طرح نظم ۾ آندي آهي.

ڪ ڪين سار سڄڻ جي پرين پاڙيچا
هاريءَ هنجون هيج مان ڳڙي رت ڦڙا

ام يحسدن الناس ـ الخ (ق): يا اهي ماڻهن تي ريس ڪن ٿا انهي تي، جيڪي انهن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل مان عطا ڪيو آهي؟

ان اتبع ـ الخ (ق): نٿو پيروي ڪريان مگر ان جي جو مون ڏانهن وحي طور موڪليو ٿو وڃي.

انا غيور (ح): مان تمام غيرت مند (ريساڙو) آهيان.

انا و الساعة ـ الخ (ح): آءٌ ۽ قيامت جي گهڙي ائين آهيون جيئن شهد ۽ وچين آڱر (يعني تمام نزديڪ)

انا فتحنا ـ الخ (ق): اسان تنهنجي واسطي کلم کلا فتح ڪئي آهي، انهيء لاءِ ته الله تنهنجا اڳيان پويان قصور معاف ڪري.

ان الحکم ـ الخ (ق): ناهي حڪم (فيصلو) مگر خدا لاءِ.

ان الذين اجرموا ـ الخ (ق): اهي جن جرم (گناه) ڪيو سي کلندا هوا انهن تان جن ايمان آندو هو.

www.maktabah.org

ان الذين اختلفوا - الخ (ق): تحقيق انهن جن ڪتاب بابت اختلاف ڪيو، سي پراهين ڏڦيڙ ۾ آهن.

ان الذين قالوا - الخ (ق): تحقيق اهي جن چيو ته اسان جو پالڻهار الله آهي ۽ پوءِ ان تي مستقيم رهيا (انهن تي ملائڪ ائين چوندا لهندا، ته نه ڊڄو، ۽ نه غم ڪريو، بهشت جي بشارت وٺو جو اوهان لاءِ وعدو ڪيو ويو آهي.)

ان الشرڪ - الخ (ق): تحقيق شرڪ وڏو گناهه آهي.

ان الله اشتري - الخ (ق): تحقيق الله تعاليٰ خريد ڪيون مومن کان سندين جندون جانيون ۽ مال اموال، انهي لاءِ ته ڪين جنت نصيب ٿئي.

ان الله جميل - الخ: تحقيق الله سنهڻو آهي (۽) سونهن کي پسند ڪري ٿو.

ان الله يحب المقسطين (ق): تحقيق الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو.

انتم و الساعة - الخ (ق): تحقيق (قيامت جي) گهڙي جو زلزلو هڪ وڏي شيءِ آهي.

ان ڪثيرا من الاحبار - الخ (ق): تحقيق ڪيترائي (يهودي) عالم ۽ راهب ماڻهن جا مال ڳڙڪائي ڪري کائين ٿا ۽ خدا جي واٽ کان روڪين ٿا.

انما اثمه - الخ (ق): تحقيق ان جو گناهه انهيءَ مٿي آهي جنهن اهو (ڪوڙ) گهڙيو.

انما الهڪم - الخ (ق): تحقيق اوهان جو الله هڪڙوئي معبود آهي.

انما امره - الخ (ق): تحقيق سندس حڪم فقط هي آهي ته جڏهن ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪري، تڏهن ان کي چوي "ٿيءُ" ته اها "ٿي پوندي".

انما بخشي - الخ (ق): تحقيق الله تعاليٰ کان سندس ٻانهن ۾ فقط اهي ڊڄن ٿا، جي عالم آهن (يعني جن کي سچي پروڙ آهي).

ان مع العسر - الخ (ق): تحقيق ڏک سان گڏ سک آهي.

اهدنا الصراط المستقيم (ق): ڏيکار اسان کي سڌي واٽ.

اهل المعروف - الخ: دنيا ۾ چڱائيءَ جا صاحب ، آخرت ۾ پڻ چڱائي جا صاحب آهن.

اول الفڪر - الخ: فڪر (خيال) جي اڳياڙي آهي عمل جي پڇاڙي: يعني ڪنهن شيءِ جي ايجاد جو فڪر يا خيال پهريان ڪبو آهي، ۽ پوءِ اها شيءِ وجود ۾ ايندي.

اولائڪ ڪالا نعام - الخ (ق): اهي ڍورن وانگي آهن، بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه.

www.maktabah.org

اياڪ نعبد ـ الخ (ق): تنهنجي ئي اسان عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد مڱون ٿا.

اينما تولوا ـ الخ (ق): جيڏانهن ڪيڏانهن اوهين رخ ڪندا، تيڏانهن اوهين خدا جو جلوه ڏسندا.

اينما يو جهه ـ الخ (ق): جيڏانهن ڪيڏانهن ڪيس هو (يعني مالڪ) موڪلي ٿو، تہ هو ڪابہ ڀلائي نٿو آڻي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ ٻن شخصن جو مثال ڏئي ٿو جن مان هڪڙو گونگو آهي، جو ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهي ۽ پنهنجي خاوند تي بوج آهي، جيڏانهن ڪيڏانهن موڪليس ٿو تہ ڪابہ چڱائي نٿو آڻي. (سورة النحل: ٧٦) اعاذنا الله!

ب

بلغوا عني ـ الخ (ح): مون ڪان (ماڻهن ڪي) پهچايو اگرچہ هڪڙي آيت هجي.

بل نحن محرومون (ق): بلڪ اسين بي نصيب آهيون.

ت

تبارڪ الذي ـ الخ (ق) : سڀورو آهي اهو (ذاتي) جنهن جي هٿ ۾ (ساري جڳت جي) بادشاهي آهي.

تعلموا الفرائض ـ الخ (ح): (ورثي جا) حصا سکو ۽ اهي ماڻهن کي سيکاريو، ڇاڪاڻ تہ اهي علم جو اڌ آهن.

تقشعر منه ـ الخ (ق): (الله تعاليٰ بهترين نياپو ڪتابي صورت ۾ موڪليو آهي، جنهن جيون آيتون، هڪ ٻئي جي موافق ۽ وري وري دهرايل آهي، جنهن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ڪان) انهن (ماڻهن) جون چمڙيون ڪاندارجن ٿيون، جي پنهجي پالڻهار ڪان ڊڄن ٿا.

ج

جميع العلم في القران: سيوئي علم قرآن شريف ۾ موجود آهي.

ح

حب الدنيا ـ الخ (ح): دنيا جو موهہ سيڪنهن خطا جو سرچشمو آهي.

www.maktabah.org

حب المال ـ الخ (ح): مال ۽ شرف جو موهہ وڏيڪ تباهہ ڪندڙ آهي، دين لاءِ بگهڙ ڪان ردِن جي حق ۾.

خ

خط لنا ـ الخ (ح): اسان لاءِ رسول خدا جي هڪ ليڪو ڪڍيو ۽ چيائين: هي آهي واٽ خدا جي. سو ان تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو.

خلق القبيح ـ الخ: خراب شي پيدا ڪرڻ ڪا خراب ڳالهہ ناهي.

خير الامور اوسطها (ح): بهترين ڪار وچين ڪار آهي.

ر

رضوان من الله اكبر (ق) : الله جو رضامندو سڀ ڪان وڏو آهي.

رضي الله عنهم ـ الخ (ق): الله تعاليٰ ڪائن راضي ٿيو ۽ اهي ڪائنس راضي ٿيا.

رهبانية ابتدعوها ـ الخ (ق): سنياس جي زندگي جا هنن پاڻ لاءِ نئين سر گهڙي ڪڍي، ۽ اسان انهن تي مقرر نہ ڪئي هئي.

ز

زين للذين كفروا ـ الخ (ق): سينگاري وئي انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو دنيائي زندگي (يعني نيچ زندگي)

س

سارعوا الي مغفرة ـ الخ (ق): پنهنجي پالڻهار جي مغفرت ڏانهن ڊوڙو.

سافروا تربحوا: (ٻين ملڪن جو) سفر ڪيو تہ فائدو پرائيندا.

سياتي زمان ـ الخ (ح): منهنجي امت تي جلد هڪ اهڙو زمانو ايندو، جو سندن علماء آسمان جي اڌوڙ هيٺان رهندڙن ڪان بہ وڏيڪ بڇڙا هوندا.

سيد القوم خادمهم (ح): قوم جو سردار سندن چاڪر آهي.

www.maktabah.org

ش

شر الامور محدثا تها (ح): خراب ۾ خراب ڪم اهي آهن جي نئين سر گهڙي ڪڍجن.

ص

صاحب الغرض مجنون (مقولو): غرض وارو چتو ٿيندو آهي.

صبغة الله ـ الخ (ق) هي آهي الله جو رنگ ۽ ڪير آهي وڌيڪ سنهڻو خدا ڪان رنگ ڏيڻ ۾؟

ض

ضربت عليهم الذلة ـ الخ (ق): انهن تي ذلت ۽ سچائي مڙهي وئي.

ع

علي الله فتو ڪلوا ـ الخ (ق): الله تي ئي توڪل رکو، جيڪڏهن اوهين مومن آهيو.

عليكم بالسواد الاعظم (ح): وڏي ۾ وڏي جماعت کي چهٽي پئو.

ف

فاتبعوني يحببكم الله (ق): پوءِ منهنجي پيروي ڪريو، تہ خدا تعاليٰ اوهان کي پيائيندو.

فاختلفوا بغيا بينهم (ق): پوءِ اختلاف ڪيائون، هڪ ٻئي وچ ۾ دشمني خاطر.

فاذا نفخ في الصور ـ الخ (ق): جڏهن ڏنڊ ڦوڪيو ويندو، تڏهن سندن وچ ۾ ڪي بہ نسب باقي نہ رهندا.

فاذ ڪروني اذڪرڪم (ق): مون کي ياد ڪندا تہ آءٌ بہ اوهان کي ياد ڪندس.

فاقتلو هم ـ الخ (ق): سو ماريو انهن کي جتي بہ انهن کي لهو.

فاقم وجهڪ ـ الخ (ق): پوءِ سڌو ڪر منهن پنهنجو دين لاءِ سچائيءَ سان.

فاينما تولوا ـ الخ (ق): پوءِ جيڏانهن ڪيڏانهن ڦرندا تہ اتي الله جو جلوه ڏسندا.

www.maktabah.org

فرقوا دينهم ـ الخ (ق): پنهنجي دين کي فرقن ۾ وراهي ڇڏيائون ۽ جدا جدا جماعتون ٿي پيا.

فسبحان الذي ـ الخ (ق): سو پاڪائي آهي انهيءَ کي جنهن جي هٿ ۾ سڀ شي جي بادشاهي آهي ۽ جنهن ڏي اوهين موٽايا ويندا.

فعال لما يريد (ق): ضرور ڪندڙ آهي انهيءَ (ڳالهه) جو جيڪي چاهي.

فلاتسئلن ـ الخ (ق): سو نه پڇ مون کان (انهيءَ ڳالهه جو) جنهن بابت توکي علم ناهي.

فهل يهلڪ ـ الخ (ق): پوءِ نه ناس ڪيا ويندا، مگر فاسق ماڻهون.

فويل للقاسية ـ الخ (ق): ويل آهي انهن لاءِ جن جا قلب ڪٺور ٿي ويا آهن الله جي ذڪر ڪان.

في القصاص ـ الخ (ق): بدلي ۾ آهي زندگي، اي دلين وارا.

ق

قد افلح من تزڪي ـ الخ (ق): تحقيق سوڀارو ٿيو اهو جنهن پاڻ کي پاڪ ڪيو، ۽ الله جو اسم ياد ڪري صلواة پڙهيائين.

قدت بدت البغضاء ـ الخ (ق): تحقيق ظاهر ٿي سخت ڏڪار اسان جي ۽ اوهان جي وچم.

قد علم ڪل اناس ـ الخ (ق): سڀ ڪنهن قبيلي پنهنجو پنهنجو پاڻي پيڻ جو هنڌ ڄاتو.

قل الله ثم ذرهم (ق): چؤ الله ۽ پوءِ ڇڏي ڏين.

قل ان الامر ـ الخ (ق): چؤ: تحقيق ساري ڳالهه الله جي هٿ ۾ آهي.

قل انما يوحي ـ الخ (ق): چؤ، تحقيق مون تي وحي ٿئي ٿو ته اوهان جو اله (معبود) فقط هڪڙوئي الله آهي.

قل ڪل من عندالله (ق): چؤ، سڀوئي خدا وٽان آهي.

قل لن يصيبنا ـ الخ (ق): چؤ پل ته پنهنجي ڪاوڙ ۾ مرو.

قل هو الله (ق): چؤ، هو آهي الله (جل شانه).

قوما لدي (ق): جهڳڙالو قوم (وتنذر قوما لدا= ۽ ڊيڄارين هڪ جهڳڙالو قوم کي).

قوة القرابة ڪقربها: قرابت جي قوت ان جي قرب (ويجهڙائيءَ) وانگر آهي.

www.maktabah.org

ڪ

ڪانهم حمر ـ الخ (ق): ڄڻ تہ اهي وحشي گڏھ آهن جي ڀڄندا آهن شينهن ڪان.

ڪل الينا راجعون (ق): سيئي اسان ڏانهن موٽڻ وارا آهن.

ڪل جديد لذيذ (مقولو): سيڪا نئين شيءِ وڻندي آهي.

ڪل شيءِ في ڪل شيءِ: سڀ شيءِ سيڪنهن شيءِ ۾ آهي.

ڪل شيءِ هالڪ ـ الخ (ق): سيڪا شيءِ ناس ٿيندڙ آهي سواءِ سندس (الله جي) ذات جي.

ڪل شيءِ ـ الخ (مقولو): سيڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏي موٽ ڪائي ٿي.

ڪل ماقدريڪون: جيڪي ڪي تقدير ۾ لکيو ويو آهي، سو اوس ٿيندو.

ڪل يوم هو في شان (ق): هر روز هو هڪ (نئين) شان ۾ آهي.

ڪن في الدنيا ـ الخ (ح): دنيا ۾ ائين هج ڄڻ تہ ڌاريون آهين يا واٽهڙو.

ل

لا ايمان لمن لا محبة له: اهو جنهن ڪي محبت ناهي تنهن ڪي ايمان ناهي.

لا تحدثو هم ـ الخ (ق): جيڪو راز خدا اوهان تي کوليو آهي، سو توهين ڪين نہ ٻڌايو. اصل آيت هن ريت آهي: اتحدثونهم بما فتح الله عليڪم ـ ڇا اوهين ڪين ٻڌايو ٿا اهو راز جو خدا ـ الخ.

لاتفتح لهم ـ الخ (ق): (جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ انهن ڪان وڏائي واريائون) تن لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ نڪي جنت ۾ گهڙي سگهندا جيستائين ڪ اُٺ سئيءِ جي ناڪي مان لنگهي (جا ڳالهہ ناممڪن آهي).

لا تڪتبوا عني ـ الخ (ح): قرآن ڪان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ مون ڪان نہ لکو.

لاتيئسوا من روح الله (ق): الله تعاليٰ جي رحمت ڪان نااميد نہ ٿيو.

لا خوف عليهم ـ الخ (ق): ڪونهي ڪو خوف خطرو انهن تي ۽ نڪي اهي ڏڪارا ٿيندا.

لا قدر و لا جبر ـ الخ: نڪي قدريه آهن نڪي جبريه، پر ٻنهي جي وچ ۾ درميانو طريقو ورتو اٿن.

www.maktabah.org

لا نرث و لا نورث ـ الخ (ح): (انبياء) نکي ڪنهن جا وارث آهن ۽ نکي ٻيا اسان جا وارث ٿي سگهن ٿا؛ جيڪي اسان پوئتي ڇڏيو، سو صدقو آهي.

لا نفرق ـ الخ (ق): سندس (الله جي) رسولن مان ڪنهن جي ٻه وچ ۾ اسين فرق ڪونه ٿا ڪريون.

لا يرقبون ـ الخ (ق): ڪنهن ٻه مومن جي حق ۾ مائٽي جي ڳنڍ يا ذمو مرعي نٿا رکن.

لا يسئل عما يفعل (ق): جيڪي ٻه هو ڪري ٿو تنهن بابت ڪائنس ڪابه پڇا ڪانه ڪئي ٿي وڃي (يا ڪئي ويندي).

لا يملکون ـ الخ (ق): پنهنجي پاڻ لاءِ نکي ڪو ضرر يا نفعو هٿ ۾ اٿن، ۽ نکي ڪي موت يا حياتي يا جيابي جا مالڪ آهن.

لا يموت فيها ـ الخ (ق): نکي ان (جهنم) ۾ مرندو نکي جيئندو.

لا يهديهم طريقا ـ الخ (ق): سڄي آيت هن طرح آهي؛ ان الذين ڪفروا و ظلموا، لم يکن الله ليغفر لهم ولا ليهديهم طريقا الا طريق جهنم ـ يعني تحقيق جنين انڪار ۽ ظلم ڪيو، تن کي خدا نه بخشڻ وارو آهي ۽ نه ڏيکارڻ وارو آهي ڪا واٽ، مگر واٽ دوزخ جي.

لئن شکرتم ـ الخ (ق): جيڪڏهن تحقيق اوهين (منهنجو) شڪر بجا آڻيندا، ته آءٌ اوهان کي وڌائيندس.

لتر کبن طبقا ـ الخ (ق): اوهين پڪ منزل بمنزل مٿي چڙهندا ويندا.

لله الامر من قبل و من بعد (ق): اڳي توڙي پوءِ الله جو ئي حڪم آهي.

لله المشرق و المغرب (ق) الله جو ئي آهي مشرق ۽ مغرب.

للذکر مثل حظ الانثيين (ق): نر کي ٻن مادين جي حصي جيترو ملندو.

للغازي احدي الحسنيين: غازي لاءِ ٻن چڱاين مان هڪ چڱائي ضرور آهي.

لن تنفعکم ـ الخ (ق): قيامت جي ڏينهن اوهان کي پنهنجا مائٽ يا پنهنجو اولاد هر گز فائدو نه ڏيندو.

لها معان ـ الخ: انهيءَ کي (يعني بسم الله جي ب کي) سمنڊ جي لهرين وانگي معنائون آهن.

لهم البشري ـ الخ (ق): انهن واسطي خوشخبري آهي دنيوي حياتي ۾.

www.maktabah.org

لهم مايشاؤن ـ الخ (ق): سندن لاءِ ان ۾ (جنت ۾) آهي جيڪي او طلبين ۽ اسان وٽ اڃا ٻـ وڌيڪ آهي.

لو انزلنا هذا القرآن ـ الخ (ق): جيڪڏهن اسين هن قرآن کي جبل تي لاهيون ها (تہ ڏسين ها ان کي ڪنبندو ۽ ڏرندو خدا جي خوف کان).

لو لا السيوف ـ الخ: جيڪڏهن ترارين نہ هجن ها تہ ضرور بادشاه فنا ٿي وڃن ها.

لو لاڪ لما خلقت الا فلاڪ (هيءَ حديث ناهي، پر انهيءَ معنيٰ تي ٻيون ڪيتريون ئي حديثون آيل آهن): جيڪڏهن تون نہ هجين ها (يعني تنهنجي پيدا ڪرڻ جو خيال نہ هجي ها) تہ هوند آسمان نہ خلقيان ها.

ليس ڪمثله شيءُ (ق): ڪابہ شيءِ هن جهڙي ناهي (يا: ڪابہ شي ان جي مثل وانگي ناهي، جيئن ابن عربيءَ معنيٰ ڪئي آهي).

م

ما ادخر ـ الخ: سيان لاءِ ڪابہ شيءِ ذخيرو ڪري نہ رکيائين.

ما خطر ببالڪ ـ الخ: جيڪي تنهنجي دل ۾ هري، خدا انهيءَ کان ٻي طرح آهي.

ما خلقنا السموات... بالحق (ق): اسان نہ خلقيا آهن آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي مگر حق سان.

ما خلقنا السموات ... لاعبين (ق): اسان نہ خلقيا آهن آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي راند روند ۾ (يعني بي مطلب).

ماسمعنا بهذا (ق): اسان اهڙي ڳالهہ ڪانہ ٻڌي آهي.

ماشغلڪ ـ الخ: جيڪي توکي (خدا کان) سيڙائي سو تنهنجو ٻت آهي.

ماعند ڪم ينفد ـ الخ (ق): جيڪي اوهان وٽ آهي، سو کپي ويندو، ۽ جيڪي خدا وٽ آهي سو باقي رهندو.

مالڪ ما قدمت ـ الخ (ح): تنهنجو مال اهو آهي جو تو اڳوات (خدا جي راهہ ۾) موڪليو، ۽ جيڪي تو پوئتي ڇڏيو سو تنهنجي وارث جو مال آهي.

من اتقي الشبهات ـ الخ (ح): جو شبهن کان بچي ٿو، تنهن گويا پنهنجي دين لاءِ پاڪائي ڪئي.

www.maktabah.org

من احب شيئا ـ الخ: جيڪو ڪنهن شيء ڪي پيائيندو آهي تہ هر هر ان جو ذڪر ڪندو آهي.

من القي السلاح ـ الخ: جو هٿيار اڇلائيندو (يعني پيش پوندو)، سو سلامت آهي.

من بلغه عني ـ الخ (ح): جنهن کي منهنجي طرفان ڪا حديث پهچي ۽ پوءِ ان کي رد ڪري، تہ مان قيامت جي ڏينهاڙي سندس دشمن ٿيندس.

من تبع عالما ـ الخ: جيڪو عالم جي پيروي ڪندو، سو الله کي سالم لڌو.

من ربک ـ الخ: ڪير تنهنجو رب آهي ۽ ڪير تنهنجو نبي آهي ۽ ڪهڙو تنهنجو دين آهي؟

من رضي ـ الخ: جو راضي ٿيو، تنهن کي رضامندو حاصل ٿيندو.

منزه عن شريک ـ الخ (قصيده برده جو بيت): پنهنجي خوبين ۾ ڪنهن بہ شريک کان پاک آهي، ۽ سندس حسن جو جوهر اڻ وراهيل آهي.

من صمت نجا: جو ماٺ ڪندو، سو ڇوٽڪارو پائيندو.

من قال ـ الخ (ح): جيڪو "لا اله الا الله محمد رسول الله" چوندو سو سواءِ ڪنهن حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندو.

من كان في هذه ـ الخ (ق): جيڪو هن (دنيا) ۾ انڌو آهي، سو آخرت ۾ پڻ انڌو هوندو.

من كان لله ـ الخ: جيڪو خدا جو آهي، خدا پڻ ان جو آهي.

من كان يومن بالله ـ الخ (ح): جنهن کي الله ۽ پوئين ڏينهن ۾ ويساهہ آهي، تنهن کي گهرجي تہ مهمان جي عزت ڪري.

من له المولي فله الكل: جنهن کي خدا آهي، تنهن کي سڀڪين آهي.

من لبس الحرير ـ الخ: جيڪو هن دنيا ۾ پٽ پهريندو، سو آخرت ۾ نہ پهريندو.

موتوا قبل ان تموتوا: مرڻ کان اڳ مرو (يعني پنهنجي نفس کي ماريو).

ن

نجا المخففون ـ الخ: هلڪي بار وارا ڇٽي ويا ۽ ڳري بار وارا ناس ٿيا.

نحن الاخرون السابقون (ح): اسين آخر ۾ آيا آهيون، پر حقيقت ۾ سڀ کان اڳ ۾ آهيون.

نور علي نور (ق): نور مٿان نور.

www.maktabah.org

هـ

هذا ماكنزتم ـ الخ (ق): هي آهي جيڪي اوهان پاڻ لاءِ ڪٺو ڪيو آهي.

هلڪ من ڪان قبلهم (ح): ڪائنڻ اڳ جيڪي ناس ٿيا، سي فقط پنهنجن نبين بابت اختلاف ڪري.

هل يهلڪ ـ الخ (ق): نہ ناس ٿيندا مگر ظالم ماڻهون.

هم قوم لا يشقي جليسهم: هو اهي ماڻهون آهن جن جو هم جليس ڪڏهن بہ دکي نہ ٿيندو.

هو الاول و الاخر ـ الخ (ق): هوئي پهريون ۽ پويون آهي ۽ هوئي ظاهر ۽ باطن آهي.

و

و آتوا البيوت ـ الخ (ق): ۽ گهڙو گهرن ۾ سندن دروازن ڪان.

و آخر دعواهم ـ الخ (ق): ۽ سندن پوئين دعا هوندي تہ شڪر آهي الله جو، جو سڀني جهانن جو پالڻهار آهي.

و اذڪر اسم ربڪ ـ الخ (ق): ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر، ۽ ان ڏي ڪلي علحدو ٿي.

و استغفر لذنبڪ (ق): معافي گهر پنهنجي ڪوتاهيءَ لاءِ.

و اڪثرهم الفاسقون (ق): ۽ انهن مان اڪثر فاسق آهن.

و الامر يومئذ لله (ق): ۽ انهي ڏينهن سڀ حڪم خدا جو آهي.

و الله الغني ـ الخ (ق): ۽ الله تعاليٰ غني (بي پرواه) آهي ۽ اوهين محتاج.

و الله خلقڪم ـ الخ (ق): ۽ الله تعاليٰ اوهان ڪي ۽ جيڪي ڪي اوهين ڪريو ٿا خلقيو آهي.

و الذين اوتوا العلم (ق): ۽ اهي جن ڪي علم ڏنو ويو آهي.

و الظاهر و الباطن (ق): (هوئي) ظاهر آهي ۽ باطن.

و القران اِمامي: ۽ قرآن منهنجو امام (رهبر) آهي.

و اما القاسطون ـ الخ (ق): ۽ اهي جي سنئين رستي ڪان پري ٿا وڃن، سي جهنم جون ڪاٺيون ٿيندا.

و امر بالمعروف ـ الخ (ق): ۽ چڱائيءَ جو حڪم ڪر ۽ برائيءَ جي منع.

www.maktabah.org

و ان الكافرين ـ الخ (ق): ۽ تحقيق ڪافرن کي ڪو مددگار ڪونهي.

و ان تعدوا ـ الخ (ق): ۽ جيڪڏهن خدا جي نعمتن جو شمار ڪندا تہ انهن کي ڳڻي نہ سگهندا.

و ان من شيء ـ الخ (ق): ۽ ڪابہ اهڙي شيء ڪانهي جنهن جا اسان وٽ خزانا نہ هجن.

و ان يمسسڪ الله ـ الخ (ق): ۽ جيڪڏهن خدا توکي آزار سان ڇهي، پوء ناهي ڪو تاريندڙ ان جي مگر اهو (خدا)، ۽ جيڪڏهن توکي چڱائي سان گهري، تہ ڪو بہ ان جي مهربانيء جو موٽائيندڙ ناهي.

و اهجرهم ـ الخ (ق): ۽ انهن کي ڇڏي ڏي سهڻي نموني ۾.

و اولو الارحام ـ الخ (ق): ۽ مائٽيء وارا جن مان ڪي ٻين کان الاهي قانون ۾ ويجهڙا آهن.

و تخفون ڪثيرا (ق): ۽ لڪايو ٿا گهڻو (متن ۾ "من الناس" زياده آهي، ليڪن قرآن شريف ۾ موجود ناهي).

وجودڪ ذنب ـ الخ: تنهنجو وجود ئي گناه آهي، جنهن برابر ٻيو ڪو گناه ڪونهي.

وجوه يومئذ ـ الخ (ق): ڪي منهن انهي ڏينهن سرها هوندا ۽ پنهنجي رب طرف نهاريندڙ.

و ذرني و المڪذبين (ق): ۽ ڇڏي ڏي مون کي ۽ نعمت وارن ڪوڙن کي.

و رفعنالڪ ذڪرڪ (ق): ۽ اسان تولاء تنهنجو نالو بلند ڪيو.

و سارعوا الي مغفرة ـ الخ (ق): ۽ پنهنجي رب جي مغفرت ڏانهن ڊوڙو ۽ جنت ڏانهن، جنهن جي ويڪر آسمان ۽ زمين آهن (۽) متقين لاء سنباهي وئي آهي.

و في السماء رزقڪم (ق): ۽ آسمان ۾ اوهان جو رزق آهي.

و في انفسڪم ـ الخ (ق): ۽ اوهان جي جندڙن ۾، ڇا اوهين نٿا ڏسو؟

و ڪل آي ـ الخ: (قصيده برده جو بيت): ۽ جيڪي معجزا نبين سڳورن آندا آهن، سي سڀ ڪين سندس (پاڻ ڪريمن جي) نور کان مليا آهن.

و ڪيف يدرڪ ـ الخ: (قصيده برده جو بيت): ۽ ڪئن لهندا سندس حقيقت (حقيقت محمدي) کي اهي ماڻهون جي ستل آهن ۽ خواب ڏسي پاڻ کي خوش ڪري رهيا آهن؟

ولايجر منڪم ـ الخ (ق): ۽ ڪنهن بہ قوم جي اڻبڻت اوهان کي نہ ڇيڙي انهيء ڳالهہ تي تہ اوهين انصاف نہ ڪريو.

www.maktabah.org

ولا يخافون لومة لائم (ق): ۽ ڪنهن به ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نٿا ڊڄن.

ولا يغرنڪ - الخ (ق): (ليڪن آيت شريف جي منڍ ۾ "و" ڪونهي): انهن ماڻهن جي ملڪن ۾ (تجارت لاءِ) آمدرفت توکي نه ٺڳي.

و لقد آتيناڪ - الخ (ق): ۽ تحقيق اسان توکي عطا ڪيون آهن ست وري وري تڪرار ٿيندڙ آيتون (يعني سورة الفاتحه) ۽ قرآن عظيم.

و لقد ڪذب - الخ (ق): ۽ تحقيق حجر وارن مرسلن کي ڪوڙو ڪيو.

و لقد ڪرمنا - الخ (ق): ۽ تحقيق اسان آدم جي اولاد کي شرف وارو ڪيو.

و لله الحمد (ق): ۽ سڀ ساراه الله تعاليٰ واسطي آهي.

و لله المشرق و المغرب (ق): ۽ اوڀر ۽ اولهه سڀ خدا جو آهي.

و لله خزائن السموات - الخ (ق): ۽ آسمانن ۽ زمين جا خزانا سڀ خدا جا آهن.

و له الحڪم - الخ (ق): ۽ سڀ حڪم سندس آهي ۽ ڏانهس ئي توهين موٽايا ويندو.

و له الحمد - الخ (ق): ۽ سڀ ساراه آسمانن ۽ زمين ۾ سندس لاءِ ئي آهي.

وما ارسلناڪ - الخ (ق): ۽ نه موڪليو اسان توکي مگر جهانن لاءِ رحمت ڪري.

وما اڪل السبع - الخ (ق): ۽ جيڪي کي مرون ۽ کاڌو، سواءِ ان جي جيڪو اوهان حلال ڪيو.

وما الحياة الدنيا - الخ (ق): ۽ ناهي دنيا جي حياتي مگر غرور جو سامان.

وما بڪم من نعمة - الخ (ق): ۽ جيڪي کي اوهان وٽ نعمت جو ڀاڱو آهي، سو الله کان آهي.

وما خلقت الجن - الخ (ق): ۽ نه خلقيم جنن ۽ انسانن کي مگر انهي لاءِ ته منهنجي عبادت ڪن.

وما ڪان الله - الخ (ق): ۽ لله انهن کي سزا ڏيڻ وارو ناهي حالانڪ تون منجهن موجود آهين.

وما ڪان لهم الخيرة (ق): ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جو اختيار نه هو.

وما نراڪ - الخ (ق): ۽ اسين ڏسون ٿا ته فقط اهي ماڻهون تنهنجا اوائل ۾ پوئلڳ ٿيا آهن، جي اسان ۾ خسيس ليکجن ٿا.

وما ننزله - الخ (ق): ۽ نٿا نازل ڪريون اُن کي مگر معلوم مقدار ۾.

وما ينطق عن الهودي (ق): ۽ اجايو سجايو نٿو ڳالهائي.

www.maktabah.org

و من اعرض عن ذكري ـ الخ (ق): ۽ جو منهنجي يادگيريءَ کان منهن موڙيندو، تہ ان لاءِ زندگي تنگ ٿي پوندي.

و من اهل الكتاب ـ الخ (ق): ۽ اهل ڪتاب وارن مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪڏهن انهن کي هڪڙو دينار امانت لاءِ ڏيندا تہ توکي موٽائي نہ ڏيندا.

و من يتوكل علي الله ـ الخ (ق): ۽ جيڪو الله تي توڪل ڪندو، تہ اهو سندس لاءِ ڪافي آهي.

و من يعتصم بالله ـ الخ (۽ جيڪو خدا کي ڇهندو) تنهن کي سنئين واٽ ڏي هلايو ويندو.

و من يؤت الحكمة ـ الخ (ق): ۽ جنهن کي حڪمت بخشي وئي آهي، تحقيق ان کي وڏو خير عطا ڪيو ويو آهي.

و من يوق الشح ـ الخ (ق): ۽ جي پنهنجي نفس جي بخيلائي کان بچايا ويا آهن، سيئي ڇٽل آهن.

ونحن اقرب اليه ـ الخ (ق): ۽ اسين ڪيس ڪنڌ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون.

ونهي النفس ـ الخ (ق): ۽ (جنهن) پنهنجي نفس کي سڌ کان روڪيو، تحقيق جنت (تنهن جي) پناهگاه ٿيندي.

و هو القاهر فوق عباده (ق): ۽ اهوئي حڪمران آهي پنهنجي ٻانهن مٿان.

و هو علي كل شيء شهيد (ق): ۽ اهو سڀ ڪنهن شيء مٿان شاهد آهي.

و هو معكم اينما كنتم (ق): ۽ هو اوهان ساڻ آهي، جتي ڪٿي اوهين هجو.

و وجدك ضالا فهدي (ق): ۽ توکي لڌائين (حق جي تلاش ۾) ڀٽڪندڙ ۽ دڳ لايائين.

ويقطعون ما ـ الخ (ق): ۽ وڍين ٿا اهو (سڱُ) جنهن لاءِ خدا امر ڪيو آهي تہ ڳنڍيو وڃي.

ويكتمون ـ الخ (ق): ۽ لڪائين ٿا اهي نشانيون جي اسان نازل ڪيون آهن.

ي

يا اهل يثرب لا مقام لكم (ق): اي يثرب وارا، اوهان لاءِ ترسڻ جي جاءِ ناهي.

يا ايها الناس اعبدوا ـ الخ (ق): اي ماڻهؤ، پوڄيو پنهنجي رب کي جنهن خلقيو آهي اوهان کي ۽ انهن کي جيڪي اوهان کان اڳ ٿي گذريا آهن.

يبدل الله ـ الخ (ق): الله تعاليٰ سندن بديون نيڪين ۾ بدلي ٿو.

www.maktabah.org

يجعلون اصابعهم ـ الخ (ق): پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وجهي ٿا ڇڏين.

يجعلون ڪتاب الله ـ الخ (ق): الله جو ڪتاب پٺيءَ پاڇون ڪري ٿا ڇڏين، ڄڻ ته انهن کي علم ئي ناهي.

يحببڪم الله ـ الخ (ق): الله تعاليٰ اوهان کي پيائيندو ۽ اوهان جا گناهه بخشيندو.

يحبهم و يحبونه (ق): هو ڪين پيائي ٿو ۽ هو ڪيس پيائين ٿا.

يحرفون الڪلم عن مواضعه (ق): لفظن کي پنهنجي جاين تان مٽائي ٿا ڇڏين.

يشترون بايات الله (ق): الله جي آيتن جي عوض ٿورو ملهه وٺن ٿا.

يقتلون الانبياء بغير الحق (ق): نبين کي ناحق ڪهن ٿا.

يقولون بافواههم ـ الخ (ق): پنهنجي واتن سان چون ٿا جيڪي سندن قلبن ۾ ناهي.

يڪتوب الڪتاب ـ الخ (ق): ڪتاب پنهنجي هٿن سان لکن ٿا ۽ چون ٿا ته هي خدا وٽان آهي.

ينظرون اليڪ ـ الخ (ق): تو ڏي نهارين ٿا حالانڪ اهي نٿا ڏسن.

يو ندعو ـ الخ (ق): انهي ڏيهاڙي جو سيني ماڻهن کي سندن امامن (رهبرن) سميت سڏيندا سين.

يوم يفرالمرءُ ـ الخ: (ق): انهي ڏيهاڙي جو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄندو.

ڏکين فقرن جون سمجهاڻيون

١ـ حقيقت محمدي (صه)

(تهميد)

حقيقت محمديءَ وارو ڪلمو بزرگ گرهوڙي (رحه) جي ڪلام جو نڪ آهي. هي ڪلمو الله بخش. الله ڏني، حامد الله ۽ عبدالرحيم روهڙائي وارن نسخن ۾ سيني کان اول آيل آهي. تنهن ڪري انهن جو تتبع ڪري هن مطبوعه نسخي ۾ پڻ ڪيس مقدم رکيو ويو آهي. هونءَ به جنهن صورت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سيني نبين ۽ مرسلن جو مهڙ آهن، ۽ الله پاڪ جو پيغام يعني قرآن شريف به سندن ئي طفيل انسان ذات کي مليو آهي، ۽ ان جي علومن ۽ اسرارن کان پڻ پاڻ ئي

www.maktabah.org

واقف آهن. تنهن صورت ۾ واجب هو تہ حقيقت محمديءَ واري ڪلمي کي سورة الحمد ۽ سورة الڪوثر جي تفسيرن ۽ ٻين ڪلمن تي فوقيت ڏجي ۽ منڍ ۾ رکجي.

بزرگ گرهوڙيءَ (رحہ) هن ڪلمي جي چوڻ ۾ ڪين گهٽايو آهي. جهڙو اتس خيال پاڪيزو ۽ اونهو، تهڙي ئي آهي سنديس عبارت سلوڻي ۽ سنهڻي ۽ سوز ناڪ. گهڻن ئي صوفي سونهارن حقيقت محمديءَ جي اسرارن جي عربيءَ توڙي فارسيءَ ۾ اپٽار ڪئي آهي، پر ڪو بہ هن سنڌي بزرگ (۱) سان ڪلهو هڻي نہ سگهندو، ڇا موضوع جي صفائيءَ ۽ وضاحت ۾، ڇا عبارت جي رعنائيءَ ۽ طراوت ۾. ٻيا صاحب تہ وڃي تصوف ۽ فلسفي جي منجهائيندڙ اصطلاحن ۾ پيا آهن، جنهنڪري ڪو وڏو پڙهيل بہ مس انهن جو مطلب معلوم ڪري سگهندو، پر هن بزرگ جي واٽ سنئين سنهائي آهي، ۽ ڪو بہ ٿوري علم وارو سولائيءَ سان مضمون جو منجهہ پروڙي ويندو. ذلک فضل الله يؤتيه من يشاء و الله ذوالفضل العظيم.

هن ڪلمي مان ظاهر آهي تہ بزرگ تي حسين بن منصور حلاج، محي الدين ابن العربي، عبدالڪريم جيلي، ابن الفارض، البوصيري ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جو گهڻو ۽ گهاٽو اثر رهيو آهي، جنَ جنَ جدا جدا موقعن تي نروار ڪيو ويندو.

حقيقت محمّديءَ جو تخيّل

حقيقت محمديءَ جو تخيل اسلامي تصوف ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ابن العربيءَ ان کي ڪل ڪائنات جي قبي (قبة الوجود) جو عمود (پيل پايو) ڪري سڏيو آهي. ساريءَ موجودات جو مدار حقيقت محمديءَ تي آهي. جيڪڏهن اها عالم جي عناصرن ۾ طاري ۽ ساري نہ هجي، تہ هوند سارو مانڊاڻ ڊاواندول ٿي وڃي، بلڪ زمينون ۽ آسمان ۽ جيڪي بہ انهن ۾ آهي، هٿو ۽ هوندو، ازل کان وٺي ابد تائين حقيقت محمديءَ جي ذريعي ۽ ان کي نروار ڪرڻ خاطر وجود ۾ آيو آهي. اهو نہ فقط صوفين جو عقيدو آهي، پر عالم پڻ انهيءَ راءِ جا آهن. ۽ عوام جي اندر ۾ تہ اها ڳالهہ گهر ڪري وئي آهي. شاعرن ۽ قصاصن وري ان کي پنهنجي تصور جو خاص رنگ ڏيئي هڪ افسانو بنائي ڇڏيو آهي. تنهن هوندي بہ ان جي ماهيت جي خبر اڃا ڪنهن کي پئجي نہ سگهي آهي.

حقيقت محمدي الله تعاليٰ جي اسرارن مان هڪ اسرار آهي، جيئن حضرت خواجه محمد زمان صاحب لنواريءَ فرمايو آهي تہ:

(۱) حمل فقير بہ حقيقت محمديءَ سمجهائڻ جي سنڌي نظم ۾ ڪوشش ڪئي آهي. پر حمل فقير ۽ بزرگ گرهوڙيءَ جي وچ ۾ ٻانهيءَ ۽ سائڻ جو سنڌو آهي.

www.maktabah.org

عجب جهڙي آهہ، حقيقت حبيب جي
نکين چئبو سو ڏٽي، نکين مخلوقا
شفق جي ساجاءِ، جامع ليل نهار کي.

هن ماکوڙيءَ مثال ناچيز کي کهڙي طاقت آهي جو انهيءَ پاند جي کني موٽ ورائي؟ العجز عن درک الادراک ادراک. سبحانک لا علم لنا الاما علمتنا، انک انت علام الغيوب.

حقيقت محمّديءَ جي اصليّت

حقيقت محمديءَ جو تخيل يا عقيدو اوائل اسلام ۾ پيدا ٿيو، ان جو ڪارڻ ڪي موضوع يا ضعيف حديثون آهن، جي پهريائين شيعن ۾ مشهور ٿيون، ۽ پوءِ رفته رفته اهل السنة و الجماعة وارن ۾ بہ سرايت ڪري ويون. انهن سڀني جو بنياد ڪرستاني "لاگاس" (ڪلمو، لفظ، سخن يا شبد) تي ٻڌل آهي، ڇاڪاڻ جو هو حضرت عيسىٰ کي ڪلمة الله (الله جو اکر) ڪري ميجيندا آهن. انهي لفظ جو مفهوم حضرت عيسىٰ جي وڏي حواريءَ سينٽ پال مشهور يهودي فيلسوف "فلو" کان پرايو، جنهن وري اهو خيال يوناني رواقي فيلسوفن جي ليکتن مان اخذ ڪيو. "لاگاس" جو ماحصل هي آهي تہ:

"ڪرست خدا ناپديد جو پتلو آهي، منجهس الاهي ذات جو ڪمال، قدرت ۽ صفتون جسماني صورت ۾ رهن ٿيون، هو وياپڪ روح آهي، جنهن رستي سڀ شيون هستي پائين ٿيون، هو ازل کان وٺي خدا جي شڪل ۾ هو، هو سڀ موجودات جو پهريون ڇاول آهي، جنهن ۾ جنهن جي وسيلي ۽ جنهن ڏانهن سڀ شيون راجع آهن، سڀ شيون ان ۾ مجتمع آهن، هو سڀ ۾ سڀ آهي، سڀ شيون ان جي ذريعي وجود ۾ آيون آهن، هو خدا ۽ مخلوقات جي وچ ۾ وسيلو آهي، ان کان سواءِ ڪابہ شيءِ وجود ۾ نہ آئي آهي."

اهو عقيدو گهڻو اڳ زردشت جي تعليم ۾ پڻ موجود هو. زردشتي حڪمت الاهي موجب اهو رمزد (خدا) جون روحاني صفتون جسماني صورت اختيار ڪري سندس خدمت هڪيون تڪيون حاضر رهن ٿيون. انهن ابدي زنده شخصيتن مان بہ هستيون مکيہ آهن: ١ـ ووهو منه (چڱي دل) ٢ـ آشه (نيکي). وو هو منه بابت چيو وڃي ٿو تہ اهو اهورمزد جو پهريون مخلوق آهي، جنهن جي دوران هن ٻيا سڀ مخلوق پيدا ڪيا.

www.maktabah.org

حضرت محمد صلي الله عليه وسلم (يا زيادھہ صحيح عبارت ۾، حقيقت محمدي) جي ازليت جو عقيدو پڻ آڳاٽو ئي پهرين شيعن ۽ پوءِ سنين ۾ پرگهٽ ٿيو، ۽ صوفين ان کي زور وٺايو. رسول الله ﷺ ڏانهن ڪيترين ئي حديثون منسوب آهن، جن سان سندين ازليت جو ثبوت ملي ٿو، مثلاً:

١ـ ڪنت نبيا و آدم بين الماء و الطين (١): آءٌ نبي هوس حالانڪ آدم پاڻيءَ ۽ مٽيءَ وچ ۾ هو. يعني اڃا سندس بوتو ئي ڪونہ بنيو هو.

٢ـ ڪنت اول الناس في الخلق و آخرهم في البعث: يعني آءٌ پيدا ٿيڻ جي لحاظ کان پهريون ماڻهو هوس ۽ (دنيا ۾) بعثت (پيغمبر ٿي موڪلجڻ) جي لحاظ کان سڀني ۾ پويون (٢).

انهن ٻنهي حديثن مان حضرت جن جي اوليت معلوم ٿئي ٿي، يعني سندن ذات يا جوهر يا نور آدم جي پيدايش کان بہ اڳي هو، اگرچہ ارضي ۽ زماني حيثيت ۾ پاڻ سڀني پيغمبرن جي پٺ ۾ آيا. انهيءَ مان صوفي سڳورا هي انومان ٿا ڪڍن تہ پاڻ ڪريم ﷺ سڀني تجليات ۽ تعينات جو مجموعو ۽ نچوڙ هوا، ۽ تنهنڪري ظاهرئين مظهر جي لحاظ کان نبين ۾ فرق ڪونهي، مگر حقيقت ۾ هڪڙوئي رسول (يعني حضرت محمد صلعم) آهي جو جدا جدا زماني جي دورن ۾ انسان ذات جي ضرورتن پٽاندڙ موڪليو ويو تہ الله تعاليٰ جا امر ۽ احڪام ماڻهن کي سڻائي. يعني حضرت آدم ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ (صلوات الله عليهم) سڀئي حقيقت محمدي جا خارجي جسماني مظهر هوا، جي پنهنجي شان ۽ شعور، حسن ۽ ڪمال سان سڀني نبين کان پوءِ آئيا، ۽ انسان ذات کي وحدت جو سبق سيکاريو روحاني منزل جي اعليٰ ڏاڪي تي پهچايائون.

---

(١) هيءَ صوفين جي روايت آهي. اصل لفظ، جئن ترمذيءَ ۾ بين نقل ڪيا آهن، هن طرح آهن: قيل يا رسول الله، متي ڪنت نبيا؟ قال: و آدم بين الروح و الجسد ـ يعني ڪنهن سوال ڪيو تہ: يا رسول خدا جا، توهين ڪڏهن نبيءَ هوا؟ چيائون تہ: اڃا آدم روح ۽ بدن جي وچ ۾ هو، يعني آدم اڃا وجود ۾ نہ آيو هو. ۽ عرباض ابن ساريہ کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون: اني عبدالله و خاتم النبيين و ان آدم لمجندل في طينته: يعني تحقيق آءٌ خدا جو ٻانهو هوس ۽ نبين جي مهر ۽ تحقيق آدم ان وقت پنهنجي مٽيءَ ۾ ڍيري ٿيل هو، يعني اڃا ڪونہ سرجيو هو.

(٢) امام غزالي پنهنجي ڪتاب "النفخ و التسوية" ۾ ازليت جي هن طرح توجيه ڪئي آهي: جڏهن پيغمبر (صہ) فرمايو تہ "مان پيدايش ۾ پهريون ۽ بعثت ۾ پويون هوس" تڏهن "خلق" مان مراد آهي "تقدير" ۽ نہ سچو پچو "ايجاد". ڇاڪاڻ تہ ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيڻ کان اڳ پاڻ نڪي موجود هو ۽ نڪي ڪيس خلقيو ويو هو. پر سندس صفتون ۽ ڪمال اڳئي تقدير ۾ موجود هئا ۽ پوءِ وجود ۾ آيا. اهو هئن آهي: پهريان ڪنهن شيءِ جو خيال ڪبو آهي، ۽ پوءِ اها عمل ۾ ايندي آهي. جئن رازو ڪنهن جاءِ جو نقشو جاءِ ٺاهڻ کان اڳ ۾ دل تي آڻيندو يا ڪا ڳرتي ڪڍندو آهي، ۽ پوءِ آخر ۾ ان کي اڏڻ لڳندو آهي. اهڙي طرح محمد ﷺ پڻ خدا جي مخلوقات جو پويون مقصد هو، اگرچہ هو سڀ کان پهريائين الله تعاليٰ جي ذهن ۾ موجود هو.

www.maktabah.org

انهيءَ عقيدي مان حلول جي بوءِ اچي ٿي، ۽ در حقيقت انهيءَ فساد جو منبع ۽ مصدر اهل التشيع وارن جون روايتون ۽ تاويل آهن. ابن سعد پنهنجي طبقات ۾ عڪرمه جي واتان حضرت ابن عباس (رضہ) کان "وتقلبک في الساجدين" (الشعراء: ٢١٩) جي تفسير جي باري ۾ هيءَ حديث آندي آهي. قال معناه: من نبي الیٰ نبي و من نبي الیٰ نبي حتي اخرجک نبيا. يعني پاڻ ڪريمن فرمايو تہ ان آيت جي معنيٰ آهي تہ (او تعاليٰ توکي ڏسي رهيو آهي، جڏهن تون) هڪ نبيءَ جي پٺ کان ٻئي نبي جي پٺ ۾ گشت ڪري رهيو هئين، تان جو توکي نبي ڪري ڪڍيائين: انهيءَ جو مطلب جيڪر هيئن ڪڍيو وڃي تہ زماني زماني بعد ماڻهن ڏي هڪڙوئي نبي موڪليو ويو آهي، تان جو آخر ۾ حضرت محمد (ص) جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. اها ساڳي روايت هوبهو ساڳين شخصن جي واتان معتبر شيعي تفسيرن (جهڙوڪ: تفسير مجمع البيان، تفسير التبيان، تفسير صافي ۽ تفسير منهاج الصادقين) ۾ بيان ڪئي وئي آهي. سني مفسرن مان ڪنهن بہ اهو تاويل نہ ڪيو آهي، سواءِ فخر الدين رازيءَ جي، جو رواجي سمجهاڻي بعد هي لفظ استعمال ڪري ٿو: ان الله تعاليٰ نقل روحه من ساجد الیٰ ساجد. يعني الله تعاليٰ سندس (يعني حضرت نبي ڪريم صلعم جو) روح هڪڙي سجدي ڪندڙ کان ٻئي سجدي ڪندڙ تائين نقل ڪيو آهي (١).

انهيءَ روايت جي تائيد ۾ ابن سعد وري ٻي حديث حضرت ابو هريره جي واتان بيان ڪئي آهي، جنهن کي امام بخاري صاحب (رحہ) پڻ پنهنجي صحيح ۾ جاءِ ڏني آهي، اها هيءَ آهي: قال رسول الله صلي الله عليه وسلم:

بعثت من خير قرون نبي آدم قرنا فقرنا حتي بعثت من القرن الذي كنت فيه

يعني رسول الله ﷺ فرمايو تہ: مان زماني بعد زماني بني آدم جي بهترين پيڙهيءَ مان موڪليو ويو آهيان، تان جو هن پيڙهيءَ مان پيدا ڪيو ويس جنهن ۾ هوس.

و الله اعلم بالصواب.

حضرت رسول صلعم جي اولي ۽ ازلي صورت ڪي. جا الله تعاليٰ جي پهرين خلقيل شيءِ آهي، تنهن کي "نور محمدي" بہ تصور ڪيو ويندو آهي. اهو نور پهريائين حضرت آدم ۾ مجسم

(١) ابن سعد جي روايتن کان سواءِ انهيءَ نظريه جو پهريون ثبوت مشهور سني صوفي بزرگ سهل بن عبدا التستري (٢٠١- ٢٧٣ هہ) جي تفسير مان ملي ٿو، جنهن مان قاضي عياض پنهنجي ڪتاب "شفاء" ۾ ڪيتروئي اقتباس ڪيو آهي. نور واريءَ آيت (سورة النور: ٣٥) جو تفسير ڪندي چوي ٿو تہ "جاريءَ ۾ ڏيو مثال آهي نور محمديءَ جو، جڏهن اهو پنهنجي وڏن جي اصلاب ۾ لڪل هو". زرتشتين جي عقيدي موجب زردشت جي فروهر (ڏيا) پڻ پشت بہ پشت گشت ڪندي قديم بادشاهن جي ورثي ۾ هلندي آئي. احتمال آهي تہ اهو خيال نو مسلم ايراني شيعن جي رستي اسلام ۾ آيو.

www.maktabah.org

ٿيو، ۽ پوءِ پشت بہ پشت سيني پيغمبرن ۾ هويدا ٿيندو آيو. تان جو بالآخرة، سنين جي عقيدن موجب خود حضرت محمد ﷺ ۾ ديهہ ڌاري ٿيو. يا شيعن جي ويساه پٽاندر حضرت رسول ﷺ کان پوءِ حضرت عليءَ ۽ امامن ڪرامن ۾ جاءِ ورتائين.

مطلب تہ اسلامي لاڳاس (ڪلمي) واري عقيدي گهڻائي رنگ روپ اختيار ڪيا آهن، جن جو تفصيل سمجهڻ تمام اوکو آهي، پر ان جا مکيہ اوصاف هي آهن: پهريون تہ حضرت محمد (صلعم) يعني حقيقت محمدي، سندن ارضي ظهوري جي بالمقابل، ساريءَ خلقيل ڪائنات جو مرڪز ۽ حيات بخش اصل آهي. بلڪ سيني شئين جو روح ۽ زندگي آهي ۽ ٻيو تہ أها الله تعاليٰ جي لطف رحمت جو واسطو آهي، جنهن جي ئي وسيلي الله تعاليٰ پنهنجو علم پنهنجن ٻانهن کي ڏئي ٿو، ۽ انهن کي هر ڪنهن قسم جي روحاني عطائن ۽ نعمتن سان مالا مال ڪري ٿو. القصه حضرت محمد صلعم ئي ڪامل انسان ۽ "حق تعاليٰ جو نسخو آهي." هو هڪ آئينو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجا نالا ۽ صفتون پسي ٿو.

نور محمّديءَ جو تخيّل

"نور محمدي" الله تعاليٰ جو علي الاطلاق پهريون مخلوق آهي. عبدالرزاق بن همام (١٢٦ـ٢١١هہ)، الجامع الڪبير جو صاحب، جو امام احمد بن حنبل جو استاد هو، ۽ امام مسلم گاهہ گاهي سندس نالو ورتو آهي، ۽ جنهن جي زياده رغبت ۽ صحبت شيعي عالمن سان هوندي هئي، تنهن جابر بن عبدالله الا نصاري جي واتان هيءَ حديث روايت ڪئي آهي (١):

قال: يا رسول الله، بابي انت و امي اخبرني عن اول شيء خلقه الله تعاليٰ قبل الاشياء قال: يا جابر، ان الله خلق قبل الاشياء نور نبيک من نوره. فجعل ذلک النور يد و ربالقدرة حيث شاء الله تعاليٰ، ولم يکن في ذلک الوقت لوح و لاقلم ولا جنة ولانار و لا ملک ولا سماء ولا ارض ولا شمس ولا قمر ولا انس ولا جن ـ فلما اراد الله ان يخلق الخلق، قسم ذلک النور اربعة اجزاء: فخلق من الجزء الاول القلم، ومن الثاني اللوح، ومن الثالث العرش. ثم قسم الرابع اربعة اجزاء: فخلق من الجزء الاول حملة العرش، ومن الثاني الڪرسي و من الثالي باقي الملائڪة. ثم قسم الجزء الرابع اربعة اجزاء: فخلق

(١) هيءَ حديث قسطلاني جي ڪتاب "المواهب اللدنيه" ۾ آهي ۽ بيهقيءَ پڻ ان جي رايت ڪئي آهي.

www.maktabah.org

من الاول السموات، و من الثاني الارضين، و من الثالث الجنة و النار ثم قسم الرابع اربعة اجزاء: فخلق من الاول نور ابصار المؤمنين و من الثاني نور قلوبهم وهي المعرفة، و من الثالث نور السنتهم و هو التوحيد "لا اله الا الله محمد رسول الله". الحديث ١هـ (١).

جابر پڇيو: يا رسول الله، توتان منهنجا ماءُ ۽ پيءُ قربان ٿين، پهرين شيءِ جي خبر ڏينم، جا الله تعاليٰ (سڀني) شين کان اڳ ۾ خلقي. جواب ڏنائين ته: اي جابر، سڀني شين کان اڳ الله تعاليٰ تنهنجي نبيءَ جي نور کي پنهنجي نور مان خلقيو. پوءِ جيئن الله تعاليٰ جي مرضي هئي تيئن اهو نور سنديس قدرت سان ڦرڻ لڳو. انهيءَ وقت نڪو لوح هئو، نڪو قلم، نڪو بهشت هو، نڪو دوزخ، نڪو ملائڪ هو، نڪو آسمان ۽ نڪا زمين، نڪو سج هو نڪو چنڊ، نڪو انسان هو، نڪو جن. جڏهن الله تعاليٰ ارادو ڪيو ته خلق پيدا ڪري، تڏهن انهيءَ نور کي چئن ڀاڱن ۾ وراهيائين: پوءِ پهرئين ڀاڱي مان قلم خلقيائين، ٻئي مان لوح محفوظ ۽ ٽئين مان عرش. پوءِ چوٿين حصي کي چئن ڀاڱن ۾ ورهيائين: پهرئين ڀاڱي مان عرش جا ڪنڌڙ (ملائڪ) پيدا ڪيائين، ٻئي مان ڪرسي ۽ ٽئين مان باقي ملائڪ. پوءِ چوٿين حصي کي چئن ڀاڱن ۾ ورهيائين. پهرئين مان آسمان پيدا ڪيائين. ٻئي مان زمينون، ۽ ٽئين مان بهشت ۽ دوزخ. پوءِ (وري) چوٿين حصي کي چئن ڀاڱن ۾ وراهيائين: پهرئين مان مومنن جي اکين جو نور پيدا ڪيائين، ٻئي مان سندين دلين جو نور يعني معرفت، ۽ ٽئين مان سندين زبانن جو نور يعني توحيد جو ڪلمو "لا اله الا الله محمد رسول الله" (اتي حديث پوري ٿي).

اهڙي طرح ابن القطان جي ڪتاب "احڪام" مان ابن مرزوق روايت ڪئي آهي ته حضرت امام علي ابن امام حسين پنهنجي پيءُ کان ٻڌو، ۽ جنهن سندس ڏاڏي حضرت علي (ڪرم الله وجهه) کان ٻڌو ته حضرت نبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ته "ڪنت نورا بين يدي ربي قبل خلق آدم باربعة عشر الف عام. يعني "مان آدم جي پيدائش کان ١٤ هزار ورهيه اڳ پنهنجي رب جي اڳيان نور هوس" (٢).

(١) المواهب جي شرح ۾ زرقانيءَ هي لفظ ڳڻيا آهن: ولم يذكر الرابع من هذا الجزء - يعني هن جزء جي چوٿين حصي بابت ڪجهه نه چيو ويو آهي. مان چوان ٿو ته اهڙي تقسير جي انتها ناممڪن آهي. انمان پڌرو آهي ته هيءَ حديث موضوع آهي.

(٢) ساڳئي عبدالرزاق بن همام مٿين روايت ٻيءَ طرح بيان ڪئي آهي، جي "نور محمد ٻارنهن هزار ورهيه قرب جي مقام تي بيٺل هو. پوءِ الله تعاليٰ ان مان عرش ۽ ڪرسي، ۽ عرش جا ڪنڌڙ ۽ ڪرسيءَ جا راڪا پيدا ڪيا. تنهن کان پوءِ رب تعاليٰ نور محمدي کي ٻيا ٻارنهن هزار سال زندگيءَ جي مقام تي رکيو ۽ ان مان قلم، لوح ۽ بهشت خلقيائين. اوتروئي وقت نور محمدي خوف، رجا (اميد) ۽ حياء جي مقام تي رهيو، جتي ان مان ملائڪ، آسماني اجرام، عقل ۽ علوم وغيره پيدا ڪيا ويا (التهامي: هداية المحبين، ص ٥).

www.maktabah.org

مطلب تہ شيعن اهي حديثون پنهنجون دليون گهڙي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش آهي تہ نور محمدي پشت بہ پشت امامن سڳورن جي ورثي ۾ ايندو آيو. تان جو امام جعفر الصادق (رضہ) تي ختم ٿيو. جا پڻ عجب جي ڳالهہ آهي! وري حضرت علي جي اوليت ڏيکارڻ لاءِ ٻيون حديثون گهڙيائون، چي الله تعاليٰ پهريائين حضرت محمد صلعم، حضرت علي (ڪرم الله وجهه) بي بي فاطمه (رضي لله عنها) ۽ امامن حسن ۽ حسين (رضي الله عنهما) کي خلقيو، ۽ اهي الله تعاليٰ جي اڳيان نوراني اشباحن (شڪلين) ۾ موجود هوا. ڪي بہ هجي، ليڪن اهو اعتقاد سيني مسلمانن، سنين توڙي شيعن، ۾ عام آهي، ۽ جيتري ساراهہ پاڻ ڪريمن (صہ) جي حقيقت ۽ نور جي ڪجي، سا ٿوري آهي. ڏسو عشق الاهيءَ جو شهيد وڏو صوفي حلاج (١) سندن نور جي شان ۽ عظمت ۾ ڇا ٿو فرمائي:

”سيني نبين جا نور سندس نور مان نڪتا آهن. هو سيني کان اڳ ۾ هئو، ۽ سندس نالو قسمت جي ڪتاب ۾ پهريون درج ٿيل هو. هو سيني شين ۽ وجود کان اڳ موجود هو، ۽ پڻ سيني جي پڇاڙيءَ بعد جٽاءُ ڪندو. ان جي هدايت مان سيني اکين بينائي حاصل ڪئي آهي... سڀ علم سندس مهاساگر مان هڪ ڦڙو آهن، سڀ حڪمتون سندس حڪمت جي بحر جي مقابلي ۾ هڪ ننڍڙي نهر آهن، سڀ زمانا سندس زماني بنسبت هڪ ساعت آهن.“

پيران پير دستگير شيخ عبدالقادر جيلانيءَ (٤٧١ - ٥٦١ هہ) سندين ساراهہ هيٺين سنهڻن ۽ بي نظير لفظن ۾ ڪئي آهي:

اي ختم المرسلين، تون پاڪ روح آهين،
تون ساري وجود جي جسد ۾ جان آهين،
تون ڪائنات جي باغ جو گلابي گل آهين،
تون ٻنهي جهانن جي حياتي جو سرچشمو آهين،
تو لاءِ ڪلام الله جا موتي پوتا ويا آهن،
تنهنجي روح جي مشام تي قدم جون هيرون لڳيون آهن...

”مواهب الدنيه“ ۾ زرقاني هينءَ ٿو لکي:

”حضرت محمّد (صعلم) سڀني مخلوقات جي مرڪزي شخصيت آهي، هو

(١) ياد رهي تہ حسين بن منصور الحلاج پڻ اوائل ۾ شيعي مذهب جو هئو.

www.maktabah.org

سڄي دنيا جي پساري جو مخفي نقشو آهي، جيئن اهو تقدير جي لوح تي چٽيل آهي، سندس بغير مخلوقات وجود ۾ اچي نٿي سگهي، الله تعاليٰ ان کي ائين ڪم آندو آهي، جيئن ڪاتب قلم کي. دنيا جي صورت سنديس ئي صنعت آهي. هو ساري جهان جو رکپال ۽ سڄيءَ هستيءَ جو آڌار آهي.“ وغيره وغيره.

حقيقت محمدي ۽ سنديس صورتون

اسان جي سنڌي بزرگ ابو الحسن قريشي ڏاهريءَ پنهنجي فارسي ڪتاب ”ينابيع الحياة الابديه“ ۾ ابن العربي ۽ ٻين وڏن صوفين جو تتبع ڪندي، حقيقت محمديءَ جو هن طرح وسٽار ڪيو آهي:

”ازل الا زال ۾ حق سبحانه و تعاليٰ هڪ واحد حقيقي موجود هو ۽ ان سان ٻيو ڪجهه نہ هو. سيڪا شيءِ ڪلي ۽ جزوي ازل کان ابد تائين سندس علم ۾ حاضر هئي. انهن علمي صورتن کي ”اعيان ثابته“ چوندا آهن. انهن سڀني علمي صورتن مان پهرين صورت حضرت محمد (صلعم) جي صورت هئي، جنهن کي ”حقيقت محمدي“ يا ”حقيقة الحقائق“ چوندا آهن (١)... پوءِ حق تعاليٰ پنهنجي ارادات ۽ علم موافق ڪنهن معين زماني ۾ ”حقيقت محمدي“ کي نهايت لطيف نوراني صورت ۾ موجود ڪيو، ۽ اهڙي طرح ”نور محمدي“ وجود ۾ آيو. انهيءَ مان پڌرو آهي تہ ”نور محمدي“ مخلوق آهي، ۽ اهو نور انهيءَ نور جو فرع آهي، جو حق تعاليٰ جي صفت آهي. انا من نور الله و المومنون من نوري (آءٌ الله جي نور مان آهيان ۽ مؤمن منهنجي نور مان آهن) اها رمز اتي معلوم ڪر“.

---

(١) حقيقت محمدي جا ڪيترائي نالا آهن جهڙڪ: ١ـ التعين الاول (يعني پهريون تعين يا مظهر) ٢ـ التجلي الاول (پهرين يا ذاتي تجلي) ـ ٣ـ العقل الاول (عقل اول يا پهرين عقل)ـ ۴ـ القلم الا علي (قلم اعليٰ)ـ ۵ـ الاسم الاعظم (اسم اعظم، وڏي ۾ وڏو نالو)ـ ٦ـ النور المحمدي (نور محمدي)ـ ٧ـ الروح المحمدي (محمدي روح) جدا جدا حديثن آهر جي سلوڪ جي ڪتابن ۾ مشهور آهن. اگرچہ محققن کي ڪن جي صحت ۾ شڪ آهي، مثلاً:

١ـ اول ما خلق الله نوري: پهرين شي جيڪا خدا پيدا ڪئي، سا هئي منهنجو نور.
٢ـ اول ما خلق الله روحي: پهرين شي جيڪا خدا پيدا ڪئي، سا هئي منهنجو روح.
٣ـ اول ما خلق الله القلم: پهرين شي جيڪا خدا پيدا ڪئي، سا هئي منهنجو قلم.
۴ـ اول ما خلق الله العقل: پهرين شي جيڪا خدا پيدا ڪئي، سا هئي منهنجو عقل.

www.maktabah.org

شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي جي تعليم موجب: الاهي صفاتي اسمن مان هر هڪ کي الله تعاليٰ جي علم ۾ خاص صورت آهي، جنهن کي "ماهيت" يا "عين ثابته" چوندا آهن، ۽ وري هر هڪ اسم کي سچي ٻاهرين شڪل (صورة خارجيه) آهي، جنهن کي "مظهر" يا "موجود عيني" چوندا آهن. "حقيقت محمدي" الله تعاليٰ جي سڀني اسمن ۽ صفتن جي جامع صورت آهي، ۽ سڀيئي ان جي وسيلي ٽڪن ٿا. حقيقت محمديءَ کي ٻه پاسا آهن ١. انساني، جنهن حالت ۾ حضرت محمد ڪريم ﷺ الله تعاليٰ جو "عبد" (ٻانهو) آهي، جيئن الله تعاليٰ اشارو ڪيو آهي "هو اوهان وانگي هڪ انسان آهي، جنهن ڏانهن وحي موڪليو وڃي ٿو" يا "جڏهن الله جو ٻانهو بيٺو ان کي سڏڻ لاءِ" ٢. الاهي، جنهن ڏانهن هن آيت ۾ اشارو آهي: "تو نه نشان ڪيو، جڏهن تو نشان ڪيو، ليڪن الله تعاليٰ نشان ڪيو". ابن العربيءَ جو خود خيال آهي ته رسول الله ﷺ "ماڻهن مان آهي ۽ نه به آهي". ماڻهن مان آهي ڇاڪاڻ ته هو مخلوق آهي، ۽ ماڻهن مان نه آهي ڇاڪاڻ ته هو خود ماڻهن کي وجود بخشي ٿو. هو سڀني مخلوقن جو محافظ ۽ نگهبان آهي، الله تعاليٰ ڪيس ساري موجودات جي قبي جو ٿنيو بنايو آهي، بدن جي لحاظ کان حادث آهي، پر روح جي از روءِ ازلي آهي. ابن العربيءَ کان چار سؤ ورهيه اڳي حلاج يهودين ۽ ڪرستانن جي مشهور مقولي (١) "خلق الله آدم عليٰ صورته" (يعني الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو) تي ٻاڙي دعويٰ ڪئي ته رسول الله ۾ به حضرت عيسيٰ وانگي ٻه طبيعتون آهن: ١. ناسوت يعني انساني طبيعت ۽ ٢. لاهوت يعني الاهي طبيعت. ابن العربي جي قول موجب، "انسان پنهنجي اندر ۾ الله تعاليٰ ۽ عالم جي صورت رکي ٿو. انسان ئي الله جي ذات، اسماء ۽ صفات جو مظهر آهي. هو آئينو آهي جنهن ۾ خدا پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو، ۽ انهي ڪري هو خلقت جو آخرين سبب ۽ علت آهي".

عبدالڪريم جيلي "ڪامل انسان" جي وصف ڪندي چوي ٿو ته "ڪامل انسان حق تعاليٰ جو نسخو آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن الله تعاليٰ ۾ حيات، علم، قدرت، اراده، سمع، بصر ۽ ڪلام جون ست وصفون آهن، تيئن انسان ۾ پڻ آهن. انسان ڪامل ئي آهي جنهن ۾ الاهي اسمن

---

(١) ليڪن هن مقولي اسلام ۾ هڪ حديث جي صورت ورتي آهي، جا ابوهريره جي واتان صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ مندرج آهي. حقيقت ڪري سارو خلم رکو صورت واري ضمير مچايو آهي. جيڪڏهن ضمير کي آدم جي طرف راجع ڪجي ته قصو سنئون ٿي پوي، يعني الله آدم کي آدم جي صورت ڀٽاندر، جيڪا ان کي سونهن ۽ سيبائي، بنايو. مولانا جلال الدين رومي پنهنجي ڪتاب "فيه ما فيه" ۾ "عليٰ صورته" جي توجيه "عليٰ صورة احڪامه" ڪري ٿو، يعني الله تعاليٰ آدم کي "پنهنجي احڪامن جي صورت تي" ٺاهيو، يعني انهيءَ لاءِ ته سندس حڪم ساريءَ خلق ۾ صادر ٿين. اگرچه مثنويءَ ۾ وري ساڳي صوفين واري لات لنئي اٿس:

خلق ما بر صورت خود کرد حق وصف ما از وصف او گیرد سبق.

۽ صفتن جو جوڙ نمودار آهي، ۽ جنهن ۾ الاهي زندگي باڪمال نموني ۾ بکي ٿي. منجهس سڀ ڪنهن جسماني ۽ روحاني شيءِ جا اعيان موجود آهن: سندس قلب الله تعاليٰ جي عرش مطابق آهي، سندس عقل قلم مطابق، سندس روح لوح محفوظ مطابق، ۽ سندس طبيعت چئن عناصرن مطابق" (١). "دنيا ۾ جيڪو بہ حسن آهي، سو سندس جمال مان اڌارو ورتل آهي، ۽ سندس ئي جمال ۽ نور ڪري قائم آهي. سندس ئي جمال آهي جو سڀ ڪنهن حسن ۾ ڏسجي ٿو، سندس ئي نور آهي، جو سڀ ڪنهن روشنائيءِ ۾، سج، چنڊ ۽ تارن ۾ نمايان آهي" (٢) رسول الله (ﷺ) ئي قطب (ڪِير) آهي جنهن تي جمال جا افلاڪ ڦرن ٿا، ۽ آفتاب آهي، جنهن ڪان ڪمال جو بدر روشنائي وٺي ٿو، هند ۽ سلميٰ، عزة ۽ اسماء (٣) سڀ سندس حقيقي حسن جون مختصر صورتون آهن، بلڪ سڀ پاڻ آهي (٤).

بزرگ گرهوڙي صاحب جو ڪمال آهي، جو عربي عورتن بدران سنڌ جون صورت وند سنهڻيون سورميون، پنهنجي بينظير ڪوتا ۾ بيان ڪيون اٿس:

سسئي، سنهڻي مون پرين، مارئي محبوبا
پاڙي مون پرين جي، مجنون مشتاقا
مومل پسي مات ٿي، حبيبي حسنا.

نہ فقط حسين زالون، پر منهن موچارا عاشق بہ انهيءَ حقيقت جي حسن مان بهره ور ٿيا. هيٺين ابن الفارض جي بيتن مان پڌرو آهي تہ ڪيئن نہ الحقيقة الالهية (الاهي حقيقت) سونهن پرين عاشقن ۽ معشوقن ۾ واسو وٺي ٿي، ۽ انهن کي پنهنجي حسن ۽ جمال، ۽ جوهر ۽ ڪمال جو جلوه بخشي پنهنجو مظهر بنائي ٿي.

وصرح باطلاق الجمال و لا تقل بتقييده ميلا لزخرف زينة
فكل مليح حسنه من جمالها معاره و حسن كل مليحة
بها قيس لبني هام بل كل عاشق كمجنون ليليٰ او كثير عزة
فكل صبا منهم اليٰ وصف لبسها بصورة حسن لاح في كل صورة
و ما ذاك الا ان بدت بمظاهر فظنوا سواها وهي فيهم تجلت:

۽ صاف صاف چٽي ڏي تہ جمال مطلق آهي، ۽ ٻاهرئين سونهن سينگار تي موهجي اٿين نہ

(١) الانسان الكامل، جلد ٻيو، ص ٥٢
(٢) محمد بن قاسم جسوس: الفوائد الجليله (جلد ١، ص ٤٨).
(٣) عرب جي مشهور سنهڻين عورتن جا نالا جن کي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي.
(٤) الانسان الكامل: جلد ٢، ص ١٢.

www.maktabah.org

چٽج تہ جمال مقيد آهي.

ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪنهن سلوڻي (عاشق) جو حسن، سندس (الاهي حقيقت جي) حسن مان اڌارو ورتل آهي، ۽ اهڙي طرح حسن سڀ ڪنهن سلوڻيءَ (معشوقه) جو.

انهيءَ (حقيقت الاهيءَ جي حسن تي) لبنيٰ جو عاشق قيس مست ٿيو. بلڪ سيڪو عاشق، جيئن مجنون ليليٰ جو عاشق يا ڪثير عزه جو عاشق.

(در حقيقت) انهن مان سڀ ڪو ان جي (حقيقت الاهيءَ جي) شبهي جي وصف تي عاشق ٿيو، جو شبهو حسن جي صورت ۾ سڀ ڪنهن (سنهڻيءَ) صورت ۾ نروار ٿيو.

اهو انهي ڪري جو اها (حقيقت الاهي) مظهرن ۾ ظاهر ٿي، پر انهيءَ کي ٻيو ڪري سمجهائون، حالانڪ اهائي الاهي حقيقت انهن مظهرن ۾ ظاهر ٿي هئي.

گرهوڙي صاحب فرمائي ٿو:

ملڪن آدم ميڄيو، سيد جي سبيا.
ٻيڙي طوفانا نڪئي، نرمل جي نظرا.
احمد ابراهيم جا، اوڙاهہ اُجهايا.
بحر موسيٰ ميڄيو، ساڃن جي ساڄاءِ.
مٺي در دوستن جي، درسن داؤدا.
شوڪت سليمان کي، نوريءَ جي نظرا.

...

ذرو زليخا سريو، سيد سونهن منجهان.
مهتر يوسف مڱيو، حسن حبيبن ڪان.

...

پنهون راڻي پنيو، جانب جوت منجهان.

مطلب تہ ذات الاهي يا حقيقت الاهي يا حقيقت محمدي ڪائنات جي ذره ذره ۾ طاري ۽ ساري آهي.

عبارا تنا شتي و حسنک واحد   و کل الي ذاک الجمال بشير

www.maktabah.org

حقيقت محمديءَ جي ابديّت

جيئن تہ حقيقت محمدي ازل آلازال کان وجود ۾ آئي، ۽ نور محمدي پڻ الله پاڪ جي قرب ۾ دائمي مقام رکي ٿو. تيئن حقيقت محمديءَ يا نور احمديءَ جو اثر ابد آلاباد قائم رهندو، ۽ جيڪي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان سچي ۽ گهاٽي محبت رکن ٿا. تن جي دلين کي روشن ڪندو رهندو.

اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ حقيقت محمديءَ جا ٻہ پهلو آهن: هڪڙو الاهي ۽ ٻيو انساني. پهرين صورت ۾ پاڻ هڪ ازلي نور هئا. جو قديم آهي ۽ حادث ناهي، يعني جو هميشه کان آهي ۽ جنهن جي چراغ کي فنا جي باد اُجهائي نہ سگهندي. اهو نور محمدي دنيا ۽ ڪائنات جي وجود کان اِڳ ۾ هزارها سال موجود هئا. ۽ انهيءَ ئي نور مان علم ۽ عرفان جا سرچشما اُپريا. سندين ٻي صورت نبي مرسل جي آهي، جا پهرينءَ صورت کان الڳ آهي. حلاج (پنهنجي تصنيف ڪتاب الطواسين ۾) نور محمديءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ "پاڻ ڪريم ﷺ غيب جي نور جي روشني هئا. ظاهر ٿيا ۽ واپس ويا" اهوئي خيال ابن العربيءَ ورتو آهي، ۽ شهيد گرهوڙي بہ ان جو قائل ٿو ڏسجي (!):

جيڪڏهن دنيا دار ۾، پرين ٿيا پڌرا،
تہ هوند نہ رهيو ڪڏهين، ڪافر منجهہ ڪفرا.

ڇا ان جي اها معنيٰ آهي تہ پاڻ ڪريمن پنهنجي زمني زندگيءَ ۾ دين جي تڪميل پوري نہ ڪئي؟ اهو تہ قرآن "اليوم اڪملت لڪم دينڪم" جي صريحاً خلاف آهي. مان ڀانيان ٿو تہ بزرگ جي مراد آهي، تہ حقيقت محمدي (يا نور محمدي) ڪجهہ وقت لاءِ بشري صورت وٺي دنيا ۾ آئي، ۽ الاهي وحدت جو اصول قائم ڪري، ڪفر ۽ شرڪ کي بطلان بنائي، وري غيب جي پردي ۾ لڪي وئي ۽ باقي رهيل ڪهيل ڪم رسول الله ﷺ جي محبتين پورو ڪيو ۽ ڪري رهيا آهن ۽ ڪندا رهندا، تان جو ساري عالم ۾ وحدت جو ڏونڪو وڄندو ۽ هڪڙو ڪافر بہ ملڪ ۾ نہ رهندو. منهنجو عقيدو آهي تہ "ان الدين عند الله الاسلام" ۽ اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن اسلام پاڪ سڄيءَ ڌرتيءَ تي ڇانئجي ويندو. "نڪا ٻي پچار، وحدت وائي هيڪڙي".

صوفين جو متو آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن نہ فقط نبيءَ مرسل هوا، پر ولايت جا صاحب بہ هوا. نبوت سندين زمني زندگيءَ ختم ٿيڻ تي پوري ٿي، ۽ ڪائنات ٻيو ڪو

www.maktabah.org

نبوت جي دعوا ڪري نہ سگھندو، پر سندين ولايت جو ڪرشمو هميشه پنهنجا رنگ ڏيکاريندو رهندو، ۽ اولياء الله جي رستي تبليغ جو ڪم پورو ڪندو رهندو. انهيءَ اصول موجب سڀ ڪنهن قرن ۾ حقيقت محمدي ڪنهن نہ ڪنهن وليءَ يا مجدد جي صورت اختيار ڪري، ماڻهن کي حق ڏي مائل ڪندي رهندي، جيئن مولانا رومي فرمائي ٿو:

پس بهر دوري وليي قائمست — تا قيامت آزمايش دائمست
پس امام حق قائم آن وليست — خواه از نسل عمر خواه ازعليست
مهدي و هادي ويست اي راه جو — هم نهان و هم نشسته پيش رو

و عند الله علم الغيب و الشهادة.

www.maktabah.org

ضروري سمجهاڻيون

يعني حقيقت محمديء جو دنيا ۾ ظهور، جو خواب وانگي گذري ويو.

لقا پر يعني اهو ملڪ جتي فقط خدا جو ديدار آهي، يعني "عالم العميٰ" . ابو رزين العقيلي پاڻ ڪريمن کان پڇيو تہ: "اين كان الله قبل ان يخلق السماوات و الارض" يعني الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين خلقڻ کان اڳ ڪٿي هو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ "كان في عماء، ما تحته هواءٌ و ما فوقه هواءٌ و كان عرشه علي الماءِ" يعني "مٿاهين باريڪ دونهي رنگ واري ڪڪر ۾ هو، مٿان بہ پولار هوس ۽ هيٺيان بہ پولار، ۽ سندس عرش پاڻيء تي هو". عميٰ يا عماء جي معنيٰ ڪئي اٿن "ليس معه شيءٌ" يعني ساڻس ڪابہ شيء ڪانہ هئي (ترمذي). بخاريء ۾ حديث آئي آهي تہ "كان الله ولم يكن شيءٌ غيره و كان عرشه علي الماءِ" يعني الله تعاليٰ هو ۽ ان کان سواءِ ٻي ڪابہ شيء ڪانہ هئي ـ الخ". صوفين جي اصطلاح ۾، الله تعاليٰ خفاء جي پردي ۾ هو، ڪو بہ مظهر ڪونہ خلقيو هوائين، ۽ ذات پاڪ پنهنجو پاڻ تي جلوه پئي ڪيو. گهڻي گهڻي زماني بعد جڏهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جو ارادو ٿيس، تڏهن "پهريون تعين" يعني حقيقت محمدي يا نور محمدي خلقيائين. اهو نور پاڪ خود ٻارنهن هزار سال (جن جو هر هڪ ڏينهن هڪ هزار ورهين جي برابر آهي) "مقام قرب" ۾ ذات الاهي جي ديدار ۽ عبادت ۾ مشغول هو.

مان نٿو چاهيان تہ انهن ٻن سٽن جي معنيٰ واضح ڪريان، سيڪو پنهنجو فهم ۽ ادارڪ آهر انهن جو مطلب پروڙي، ۽ پوءِ "الساعة" يا قيامت جو مفهوم معلوم ڪري. جيڪڏهن پڙهندڙن جي مرضي هوندي تہ ٻئي ڇاپي ۾ انهيء ڳالهہ تي بحث ڪيو ويندو.

ڏسو تمهيد.

يعني رسول الله ﷺ يا حقيقت محمدي الله تعاليٰ جي قرب ۾ گذاري ٿي، ۽ دنيا ۾ فقط سندس ظلال يا عڪس يا پاڇولا ۽ اولڙا ظاهر ٿين ٿا. سندس ظهوري کان اڳ نبين سڳورن جي صورت ۾، ۽ سندن نبوت بعد قطبن ۽ اولياء جي صورت ۾.

هي ٻئي سٽون بزرگ گرهوڙيء جي مرشد حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي مٿي تهميد ۾ ايراد ٿيل بيت جو اقتباس آهن. يعني پاڻ ڪريم نڪي ڏينهن آهن ۽ نڪي

www.maktabah.org

رات، پر ٻنهي جو وچون سنڌو "شفق" (منهن اونداهي). نڪي خالق آهن، نڪي مخلوق، پر ٻنهي جو وچ، يعني پاڻ لاهوت ۽ ناسوت (الوهيت ۽ انسانيت) جو مجموعو آهن. شاه لطيف انهيءَ باري ۾ هيئن ٿو فرمائي:

عاشق چؤ م اَن کي، م کي چؤ معشوق،
خالق چؤ م خام تون، م کي چؤ مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصيان نڱيو.

اهو راز فقط اهل باطن وارا سمجهي سگهندا.

ٿاري ڪيئن ٽڙ جي ماهيت کي سمجهي سگهندي؟

حقيقت محمدي ٻين سڀني حقيقتن (اعيان ثابته) جو اصل ۽ منڊ آهي. سڀ تعينات ۽ مظاهر حقيقت محمديءَ جا تابع آهن. ۽ ان جي وسيلي ۽ ان جي ڪري وجود ۾ آيا آهن.

هن خيال تي ڪي قدر تهميد ۾ روشني وڌي وئي آهي، ۽ پڻ امام غزاليءَ جي سمجهائي رسول الله ﷺ جي اوليت يا ازليت بابت ڏني وئي آهي. پاڻ اول ۾ موجود هوا ۽ آخر ۾ ظاهر ٿيا. الله تعالىٰ ساري خلقت سندن ئي خاطر وجود ۾ آندي. لولاڪ لما خلقت الا فلاڪ - يعني جيڪڏهن تون نه هجين ها ته آسمان نه خلقيان ها (١). حضرت آدم اگرچه آدم ذات جو ابو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح حضرت رسول ﷺ جو ابو به ٿيو، پر جنهن صورت ۾ حضرت رسول ﷺ (نور محمدي) ساري مخلوقات کان اڳ موجود هو، ۽ ساري مخلوقات سندس هٿان ۽ سندس ئي ڪري وجود ۾ آئي، تنهن صورت ۾ چئبو. ته پاڻ ساري جڳت جا ۽ حضرت آدم جا ابا هوا، اگرچه سندن ارضي ۽ زمني ظهورو حضرت آدم کان تمام گهڻو پوءِ ٿيو هي سارو خيال مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ تان ورتل آهي:

پس بمعني عالم اکبر توئي پس بصورت عالم اصغر توئي
باطنا بهر ثمر شد شاخ هست ظاهرا آن شاخ اصل ميوه است
کي نشاندي باغبان بيخ شجر گر نبودي ميل او اوميد ثمر
گر بصورت از شجر بودش ولاد پس بمعني آن شجر از ميوه زاد

---

(١) هيءَ حديث ناهي، پر انهيءَ مطلب جون ٻيون حديثون ڪتابن ۾ موجود آهن.

www.maktabah.org

مصطفيٰ زين گفت کادم و انبيا | خلف من باشند در زير لوا (١)
بهر اين فرموده است آن ذو فنون | رمز نحن الاخرون السابقون
گر بصورت من ز آدم زاده ام | من بمعني جد جد افتاده ام (٢)
کز براي من بدش سجده ملک | وز پيء من رفت بر هفتم فلک (٣)
پس ز من زائيد در معني پدر | پس ز ميوه زاد در معني شجر
اول فکر آخر آمد در عمل | خاص فکري کو بود وصف ازل

پوءِ تون صورت ۾ عالم اصغر آهين، ۽ معني (حقيقت) ۾ عالم اکبر آهين.

ظاهر ۾ تہ شاخ ميوي جو اصل آهي، پر باطن ۾ شاخ ٿي ميوي واسطي وجود ۾ آئي آهي.

جيڪڏهن ميوي جي خواهش ۽ اميد نہ هجي ها، تہ باغائي هوند ڪيئن وڻ جي پاڙ جي چڪي هڻي ها؟ تنهنڪري حقيقت ۾ گويا اهو وڻ ميوي مان ڄائو، اگرچہ صورت ۾ اهو ميوو وڻ جي پيدائش هو.

انهيءَ ڪري سبب ڪري (محمد) مصطفيٰ (ﷺ) فرمايو آهي تہ آدم ۽ ٻيا نبي (قيامت ڏينهن منهنجي پٺيان جهنڊي هيٺ هوندا).

۽ انهي لاءِ ئي انهيءَ علمن جي صاحب هيءَ رمز ٻڌائي آهي تہ "اسين (اگرچہ) پويان آهيون پر (حقيقت ۾ سيني کان) اڳيان آهيون".

(تنهن جو مطلب تہ) جيڪڏهن ظاهر ۾ مان آدم کان ڄاول آهيان، پر حقيقت ۾ آءٌ (سڀ ڪنهن جو) ڏاڏو آهيان.

منهنجي ڪري ملائڪن سندس سجدو ڪيو، ۽ منهنجي ئي خاطر هو ستين فلڪ جي سير تي ويو.

---

(١) حديث: آدم و من دونه تحت لوائي يوم القيامة ولا فخر= آدم ۽ ٻيا نبيءَ قيامت ڏينهن منهنجي جهنڊي هيٺان هوندا ۽ انهيءَ ۾ ڪو فخر ناهي.

(٢) اشارو هن حديث ڏي "ڪنت نبيا و آدم بين الماء و الطين".

(٣) ملائڪن آدم جو انهي ڪري سجدو ڪيو، جو ان ۾ نور محمدي جو ٻهريون مظهر ڏٺائون. خبر ۾ آيو آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ آدم کي خلقيو تڏهن اهو نور سندس پيشانيءَ ۾ ڏرڻايئن. پوءِ الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي بادشاهيءَ جي تخت تي چاڙهيو ۽ ملائڪن جي ڪلهن تي رکي انهن کي فرمايائين تہ هن کي ملڪوت جي عجائبن ڏيکارڻ لاءِ آسمانن جو سير ڪرائن. جڏهن عرش تي ڪلمو شريف لکيل ڏٺائين، تڏهن موليٰ تعاليٰ کان پڇيائين تہ هي ڪهڙي شخص جو نالو آهي. تنهن تي باري تعاليٰ فرمايس تہ "لولاه لما خلقتڪ" يعني جيڪڏهن اهو نہ هجي ها تہ توکي بہ نہ خلقيان ها.

www.maktabah.org

تنهنڪري ڇٺبو تہ، حقيقت ۾ ابو (آدم) مون ڪان ئي ڄائو، ۽ تنهنڪري گويا حقيقت ۾ وڻ ميوي ڪان ڄائو.

خيال جو پهريائين ذهن ۾ اتپن ٿئي ٿو، سو آخر ۾ عملي صورت ٿو وٺي، خصوصا اهو خيال جو ازلي آهي.

ليڪن بزرگ اهو خيال نهايت ايجاز سان ٿن سٽن اندر سمايو آهي.

هن سٽ ۾ "استعاره ترشيحي" سمايل آهي. اشارو آهي انهن مصري زالن ڏي جي حضرت يوسف جي سونهن ڏسي پنهنجا هٿ ڪپي وينيون.

٢ـ دربيان بسمله و سورة فاتحه

جيڪي اهل دل آهن، سي ئي ڪين جي ڪنائيءَ (يعني حقيقت) ڪي ڏسندا آهن.

ڪٽڻ (داڻن) مان پل (انبار) ڏسجن.

جيڪي علم وارا آهن سي بہ "ڪين" مان رنگ ڏيئي نٿا سگهن(؟)

رب تعاليٰ "ڪين" (عدم) مان صورتون ڇٽي ٿو.

مائٽيءَ ڪي ڇهبڪن سان ڪٽين ٿا، يعني مائٽيءَ ڪي ترڪ ڪري ڇڏين.

حضرت زڪريا (عم) ڏي اشارو آهي، جنهن وڻ جي ٿڙ اندر پناه ورتي هئي ۽ يهودين ڪيس ڪرت سان چيرائي ڇڏيو. جيڪڏهن الله جي پناه وٺي ها تہ سندس اهو حال نہ ٿئي ها.

صحيح پڙهٽي "لبن" يعني لاڇن.

پڙين (پر انهن اڳين) مغضوبن جو، جي يهودي آهن ۽ جي مال ميڙڻ لاءِ تڪڙا آهن، ۽ "موڙهم" اورين (ويجهن) جو يعني "ضالّن" (گمراهن، موڙهلن) جو، جي نصارا يا ڪرستان آهن.

يعني وحيءَ ۾ پنهنجا لفظ گڏيو، ماڻهن ڪي منجهائين ٿا.

www.maktabah.org

نڪي "السير في الا نفس" جا شوقين آهن ۽ نڪي "السير في الافاق" ڏي ارواح اٿن. اشارو آهي هن آيت شريف ڏي "سنر يهم آياتنا في الآفاق و في انفسهم حتيٰ يتبين لهم انه الحق" يعني جلد ئي انهن کي پنهنجون نشانيون چوڌس ۾ ۽ سندن جندڙن ۾ ڏيکاريندا سون تان تہ مٿن چٽو ظاهر ٿئي تہ اُهو ئي حق آهي، يعني اُنهن کي صوفين جي سيرن ۽ لطيفن جو ڪو شوق ناهي.

جمع يعني خلق کي ڇڏي حق ڏي رجوع ٿيڻ. فرق جا ٻہ قسم آهن - ١. الفرق الاول: خلق ۾ لڪڻ ڪري حق کان پري رهڻ ۽ ٻاهريون رسمون بحال رکڻ - ٢. الفرق الثاني: حق جي رستي خلق جي ٻيهڪ کي ڏسڻ يعني اهو ڏسڻ تہ خلق جو قيام ۽ مدار حق تي آهي، وحدت کي ڪثرت ۾ ڏسڻ ۽ ڪثرت کي وحدت ۾ پسڻ.

اهي هميشہ الله تعاليٰ جي رضا تي راضي آهن، ۽ سندس مشيئت ۽ اراده موجب هلن ٿا.

"مقلب" الله تعاليٰ جو هڪ نالو آهي يعني "قلبن کي ڦيرائيندڙ".

هن سٽ جو مفهوم منجهيل آهي. شايد هيءُ معنيٰ اٿس: ذاتي تعاليٰ سندين صفت آهي، يعني الله تعاليٰ جي صفتن سان موصوف آهين ۽ ڪين ورد وظيفي جي ضرورت ناهي.

ڪلالت= موڳائي، سستي، ٿڪ.

سندن قلب هر ڪا صورت اختيار ڪري سگهي ٿو، جيئن ابن العربي فرمايو آهي:

لقد صار قلبي قابلا كل صورة   فمرعي لغزلان ودير لرهبان

يعني منهنجو قلب هر ڪنهن صورت اختيار ڪرڻ جو لائق ٿي ويو آهي: اهو هرڻن لاءِ چراگاهہ ۽ راهبن لاءِ مڙهي آهي.

هيولا يا هباء اهو مادو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ اوائل ۾ ساري عالم جون صورتون ڪوليون ۽ جو هر ڪنهن صورت پڪڙڻ لاءِ قابل آهي. ابن العربي "فصوص الحكم" ۾ چوي ٿو تہ "فكن في نفسك هيوليٰ لصور المعتقدات كلها، فان الله تعاليٰ اوسع و اعظم من ان يحصره عقد دون عقد" يعني پنهنجي اندر ۾ سڀني اعتقادن جي صورتن لاءِ هيولا ٿجي پؤ، ڇاڪاڻ تہ الله انهيءَ ڳالهہ کان وڌيڪ وسيع ۽ وڏو آهي، جو هڪڙيءَ ڳنڍ ۾ محصور ٿي وڃي.

يعني اهي لامڪان ۾ اڏامن ٿا، تنهنڪري هڪ خاص ڏس (طرف) ڏي اڏامڻ ۾ ڪين رنج پهچي ٿو.

www.maktabah.org

ڀٽيو شاهہ لطيف:

هر هر هٽ ۾ پاءِ، اي ڳنڌ ڇهنڊيءَ نہ ڇڙي،
ڪوڙيين وڏا ڪيترا، ان ور منجهہ منجهاءِ،
هي هي ڪندا هاءِ، ات هاتڪ هزارين ويا.

ايءَ هڙ ڇهنڊيءَ نہ ڇڙي، تنهن ڪي هر هٽ ۾ لاءِ،
ان ور مٿي ماءِ، ڪوڙيين ڀليا ڪيترا.

يا خدا، سيني مومن کي نقطي جي نظر نصيب ڪر يعني سنئين سڌي نگاہ جا وڇڻ واٽ ڪان ٿڙڪي نہ ويجي.

٣- تفسير سورة الکوثر

اهي تارڪ سڀ ترها ۽ وسيلا ترڪ ڪري الله جي واٽ تي هليا.

انهيءَ ورنهہ وريام جي ريت اختيار ڪريو، جنهن فرمايو آهي "الفقر فخري" جا حقيقت ۾ هڪ موضوع ۽ باطل حديث آهي.

آدم (عم) کي تہ رڳا اسم (نالا) سيکاريا ويا، پر شيون (جن تي اهي نالا ڏريل هوا) تن جي هن کي ڪل ئي ڪانہ هئي.

اشارو آهي هنن ٻن حديثن ڏي - ١. قرة عيني في الصلواة (نماز ۾ منهنجو اکين جو ٺار آهي) - ٢ الصلواة معراج المؤمنين (نماز مؤمن جي معراج آهي).

٦- ايمان جون ست صفتون

خبرن ۽ آثارن مان پڌرو آهي تہ دنيا جي عمر جا ست هزار ورهيہ آهن، جن مان ٥٦٠٠ ورهيہ حضرت رسول ڪريم ﷺ جي بعثت کان اڳ ٿي گذريا آهن. مان ڀانيان ٿو تہ اهي

www.maktabah.org

انگ سڀ اسرائيليات تي ٻڌل آهن. جڏهن ته موهن جي دڙي ۽ سميري تهذيب جا آثار عيسوي سن کان ٻن ٽن هزار ورهن اڳي جا آهن، تڏهن چئبو ته آدم جي خلقت کڏهن ٿي. آدم کان اڳ سڄو ملڪ جنن ۽ ٻين مخلوقن سان معمور هو. سائنسدانن جي حساب موجب هن ڌرتيءَ تي علي الاقل ٽيهن ڪروڙ ورهن کان ڪنهن نه ڪنهن قسم جي بستي موجود رهي آهي. تنهنڪري اهي انگ اکر سڀ اٽڪل بازيءَ جا آهن. قيامت کڏهن ٿيندي تنهن بابت الله تعاليٰ پنهنجي مقدس ڪتاب ۾ فرمائي ٿو ته "اليٰ ربک منتهاها" يعني ان جو آخري علم خدا کي آهي.

رسول اڪرم ﷺ جي هجرت کي هاڻ ١٣٧٦ ورهيه گذري ويا آهن. ليڪن اڃا نڪو دجال پيدا ٿيو آهي، ۽ نڪي مهديءَ جا آثار ڏسجن ٿا. مهديءَ بابت سڀ حديثون ڪوڙيون ۽ جڙتو شيعن جون تاهيل آهن، ۽ مهديءَ جو سارو تخيل انهن جي دماغ جو دم پختو آهي. اهي روايتون رفته رفته مسلمانن جي دل ۾ گهر ڪري ويون آهن، ۽ مسلمانن کي بيڪار بنائي ڇڏيو اٿن. امام احمد بن حنبل صاحب فرمايو آهي ته "ثلاثة ليس لها اصل: التفسير و الملاحم و المغازي" يعني ٽي ڳالهيون آهن جي بي بنياد آهن: تفسير ۽ ڪوس ۽ لڙايون. تفسيرن جون روايتون اڪثر يهودي زنديقن، ايرانين ۽ اهل ڪتاب وارن مان ٽيل مسلمانن جي واتان آهن، جيئن حافظ ابن ڪثير بيان ڪيو آهي. اهي ڪوڙ گهٽو ڪري اڳين پيغمبرن جي قصن ۽ سندن ڪتابن ۽ معجزن بابت ڪٽيل آهن. تاريخي واقعا جهڙوڪ اصحاب ڪهف جو قصو، ارم ذات العماد، بابل جي جادو ۽ عوج بن عنق جا قصا سڀ واهيات آهن. اهڙي طرح غيبي ڳالهيون جهڙوڪ قيامت جا شرط ۽ جيڪي ان جي برپا ٿيڻ کان اڳ يا پوءِ ٿيندو، تن مان به وڏو حصو خرافات ۽ مفتريات سان ڀريل آهي. امام ابن تيميه به ساڳيءَ راءِ جو آهي.

اهي اهڃاڻ زماني جي سيني دورن ۾ ظاهر رهيا آهن ۽ سيڪو نيڪمرد، شاعر، فيلسوف هميشه انهن جي دانهن ڪندو آيو آهي، پر جيئن ٽڪ تيئن وڏ.

ڪشف ڪتاب الخ - هي قلمي ڪتاب لنواريءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جو موجوده سجاده نشين صاحب مون کي مطالعي لاءِ ڏنو هو. حقيقت ۾ اهو ڪتاب ناهي، پر هڪ ننڍڙو رسالو آهي، جو علامه جلال الدين سيوطيءَ فتوي طور ٨٩٨هه ۾ لکيو ۽ سندس نالو رکيائين "الڪشف عن مجاوزة هذه الامة الالف" (هن امت تي هزار ورهيه لنگهڻ جو چٽو بيان) جو سندس ٻين فتوائن سان گڏ "الحاوي للفتاوي" جي ٻئي جلد ۾ مندرج

www.maktabah.org

آهي. مان پڙهندڙن جي فائدي لاءِ ان جي ديباچي جو ترجمو هيٺ ڏيان ٿو.

هيءَ حديث عام ماڻهن جي وات ۾ آهي ۽ ان بابت گهڻو پڇ پيڇاءُ ڪن ٿا ته "ان النبي صلي الله عليه وسلم لا يمكث في قبره الف سنة" (نبي صلي الله عليه وسلم قيامت کان اڳ هزار سال به قبر ۾ نه رهندو). منهنجو جواب آهي ته هيءَ حديث ڪوڙي آهي ۽ ان جي ڪو به اصل ناهي. پوءِ ماه ربيع الاول ٨٥٨هه ۾ هڪ شخص مون وٽ پنهنجي هٿ اکر لکيل ڪاغذ کڻي آيو، جنهن ۾ ان وقت جي هڪ وڏي عالم جي انهيءَ حديث جي مدار تي انهيءَ باري ۾ فتويٰ ڏنل هئي ته ڏهين صديءَ اندر مهديءَ ۽ دجال جو خروج ٿيندو، حضرت عيسيٰ آسمان تان لهندو، سيئي شرط قيامت جا پورا ٿيندا، ڏنڊ ۾ ڦهرين ڦوڪ ڏني ويندي، چاليهه ورهيه ڦهرينءَ ۽ ٻيءَ ڦوڪ جي وچ ۾ گذرندا ۽ ڏهين صديءَ جي پوري ٿيڻ کان اڳ رستاخيز جي ڦوڪ ڏني ويندي اهڙي بزرگ جي واتان اهڙو ڪلام مون عقل کان بعيد سمجهيو، پر سندس ادب وچان مون کو رد ڪڏ ڪونه ڏنو، ۽ فقط چيم ته انهيءَ ڳالهه جي مون کي معرفت ناهي. سواليءَ مون کي عرض ڪيو ته انهيءَ مضمون تي هڪ تحرير لکو، پر مون سندس مقصد پورو نه ڪيو ۽ چيومانس ته وڃي ٻين عالمن کي ڏس. پر ڪنهن به عالم سندس شڪ نه لاٿو ۽ ائين ئي اهو سال گذري ويو. پوءِ ڪيترن ئي ماڻهن منهنجو دروازو کڙڪايو، جنهن تي هي ڪتاب لکيم:

مان چوان ٿو ته آثار هن ڳالهه جي دلالت ڪن ٿا ته هن امت جي مدت هزار سالن کان مٿي آهي ۽ زيادتي ٥ سؤ سالن کان وڌيڪ نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته جدا جدا طريقن کان وارد ٿيو آهي ته هن دنيا جو عرصو ڪل ست هزار سال آهي ۽ نبي جن ڇهين صدي جي آخر ڌاري موڪليا ويا هوا ۽ پڻ آيو آهي ته دجال هڪ صديءَ جي منڍ ۾ نڪرندو ۽ عيسيٰ لهندو ۽ ان کي ماريندو، ۽ پوءِ زمين تي چاليهه سال رهندو. پوءِ سج جي اولهه اڀرڻ بعد ماڻهو ١٢٠ سال رهندا، ۽ ٻنهي ڦوڪن جي وچ ۾ ٤٠ ورهيه گذرندا. هي ڪل ٿيا ٢٠٠ سال، جن کان پڇڻ ڪونهي. هاڻي هڪ هزار ورهين مان فقط ١٠٢ سال وڃي رهيا آهن، ۽ اڃا تائين سج اولهه کان ڪونه اڀريو آهي، ۽ نڪي ڪي دجال ئي نڪتو آهي، جو سج جي انهيءَ طرح اڀرڻ کان ڳچ سال اڳ ۾ نڪرندو، ۽ نڪي ڪي مهدي ظاهر ٿيو

www.maktabah.org

آهي، جو دجال کان ٧ سال اڳ ۾ ظاهر ٿيڻو آهي، ۽ نڪي ڪي قيامت جا شرط مهديءَ جي ظهوري کان اڳ پورا ٿيا آهن، ۽ نڪي ڪي ممڪن آهي ته دجال ويجهڙائي ۾ نڪرندو ... ٻيءَ ڪيئن چئبو ته قيامت هزار ورهيه تمام ٿيڻ کان اڳ قائم ٿي ويندي. اها ڳالهه ناممڪن آهي ..."

ڪتاب جي آخر ۾ لکي ٿو ته "مون امام احمد بن حنبل جي تاليف "ڪتاب العلل" ۾ ڏٺو، جنهن چيو آهي ته اسمعيل بن عبدالڪريم بن معقل بن منبه اسان کي ٻڌايو ته مون کي عبدالصمد ٻڌايو ته مون وهب [جو مشهور ڪوڙ ڪٿيندڙ قصاص آهي] کان چوندو ٻڌو ته "دنيا مان ٥٦٠٠ سال گذري چڪا آهن ۽ مون کي سڀ ڪنهن زماني جي بادشاهن ۽ نبين جي خبر آهي". "اهو سڀ ڏيکاري ٿو ته هن امت جي مدت هزار سال کان اٽڪل ٤٠٠ ورهيه زياده آهي".

پڙهندڙ پليءَ پت پروڙي سگهندا ته قيامت جون اڳ ڪٿيون سڀ ڪوڙن بدوڙن تي ٻڌل آهن، قيامت بيشڪ واقع ٿيڻي آهي، پر ان جو علم فقط مالڪ تعاليٰ کي آهي. اسان کي ان جو پوءِ رکڻ گهرجي. "انما انت منذرمن يخشاها کانهم يوم يرونها لم يلبسوا الا عشية اوضحاها. صدق الله العلي العظيم".

تيرهين صدي گذري به وئي، پر سچو مهدي ته اجا پيدا ڪونه ٿيو، اگرچه علي محمد باب ۽ غلام احمد قادياني جهڙا مدعي سي گهڻا پيدا ٿيا آهن، جي نڪي مديني ۾ ڇاوا ۽ نڪي مڪي ڏانهن ويا.

ياجوج ماموج جو ذڪر برابر قرآن مجيد ۾ آيو آهي، پر انهن بابت محققن جا رايا علحدا آهن. اهو واقعو اسلام کان اڳ ٿي ٿو پائنجي - والله عنده علم الحساب.

دابة الارض (زمين جو وهٽ) ڏي قرآن شريف ۾ اشارا برابر آيل آهن، پر اهو به هڪ غيب جو معاملو آهي، جنهن جو منجهه مالڪ ڄاڻي.

"جمع" ۽ "تفرقه" به لفظ آهن، جيڪي جدا جدا علم وارن وٽ مشترڪ آهن. عارفن جي نظر ۾ انهن جي هيءَ معنيٰ آهي: جيڪي سالڪ ڏي منسوب آهي سو "تفرقو" آهي، ۽ جيڪي خدا ڏي منسوب ڪجي، سو "جمع" آهي. ٻنده جا ڪم ڪاريون ۽ بندگي ۽ ٻيا بشري احوال ۽ انهن جا نتيجا "تفرقو" آهن، ۽ الاهي ذاتيون ۽ خدائي لطف، احسان ۽ فضل جا نتيجا "جمع" آهن. (هجويري: ڪشف المحجوب). ٻندو ٻنهي ڳالهين کان ڇٽي نٿو

www.maktabah.org

سگهي. ٻئي ڳالهيون سندس لاءِ ضروري آهن. ڇاڪاڻ تہ جنهن کي "تفرقو" ناهي، تنهن کي "بندگي" ناهي، ۽ جنهن کي "جمع" ناهي، تنهن کي "معرفت" ناهي. هي جو ٻانهو چوي ٿو "اياڪ نعبد" تہ اهو "تفرقي" جي اثبات آهي ۽ جڏهن ٻانهو چوي ٿو تہ "اياڪ نستعين" تہ اها "جمع" جي طلب آهي. انهيءَ بناءَ تي "تفرقو" ارادت جو آغاز آهي ۽ "جمع" ان جو انجام (ڏسو: تعريفات شريف جرجاني).

پڻ "جمع" جي معنيٰ آهي "خلق کان سواءِ حق جو شهود"، "فرق" جو مطلب اڳيئي سمجهايو ويو آهي. "جمع کان وڌيڪ عالي ۽ ڪامل درجو آهي "جمع الجمع" جو يعني حق تي قائم رهي خلق جو شهود ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ "جمع جي معنيٰ آهي خدا جي وسيلي شيئن جو مشاهدو ڪرڻ." عارف انهيءَ حالت ۾ خدا کان سواءِ ٻيو ڪو بہ موثر وجود جي عالم ۾ نٿو ڏسي، مگر "جمع الجمع" جو مقصد آهي ماسوا الله کان فنا ٿيڻ، پوري بيخودي حاصل ڪرڻ، ۽ پاڻ کي ڪلي وڃائڻ. اهو آهي اتحاد ۽ اتصال جو مقام جنهن ۾ عارف تعينات جي عالم کان جو تفرقي جو عالم آهي آزادي پائي ٿو، جيئن حافظ چيو آهي:

زفکر تفرقه باز آي تا شوي مجموع بحکم آنکه چوشد اهرمن سروش آمد

قدريه اهي آهن جن جو اعتقاد آهي تہ انسان پنهنجن علمن ۽ افعالن ۾ آزاد آهي، ۽ جبريه اهي آهن جي چون ٿا تہ انسان پنهنجي علم ۽ افعالن ۾ مجبور (لاچار) آهي. ڇاڪاڻ تہ خدا تعاليٰ ان جو مقدر ۾ لکي ڇڏيو آهي تہ اهي عمل ڪري.

ابو نعيم بن عبدالله بن احمد بن اسحاق الاصفهاني (٣٣٦-٤٣٠ هہ) جنهن جون بہ تصنيفون مشهور آهن: ١. حلية الاولياءِ - ٢. تاريخ اصفهان.

٧- دربيان توڪل

قرآن مجيد جي هن آيت ڏي اشارو آهي: قل لو کان البحر مدادا لکلمات ربي لنفد البحر قبل ان تنفد کلمات ربي ولو جئنا بمثله مددا يعني "چؤ (اي محمد ﷺ) تہ جيڪڏهن منهنجي رب جي ڪلمن (لکڻ) لاءِ سمونڊ مس ٿئي تہ هوند انهن جي ڪٿڻ کان اڳ سمونڊ کپي وڃي، اگرچہ ان جهڙو ٻيو سمونڊ بہ ڪري مدد طور آڻيون."

هڪ حديث غالي شيعن حضرت علي (رضہ) ڏانهن منسوب ڪئي آهي، جا پڻ سنين وٽ

www.maktabah.org

رائج ٿي ئي آهي. ان جو مطلب آهي ته ”قرآن شريف جا سڀ اسرار فاتحه (الحمد) ۾ آهن ۽ فاتحه جا اسرار بسم الله ۾ آهن، ۽ بسم الله جا اسرار ”ب“ ۾ آهن، ۽ ”ب“ جا اسرار ان جي نقطي ۾ آهن. شيعا خود جناب حضرت عليءَ (رضہ) کي بسمله جي ”ب“ جي معني ڪري سمجهندا آهن. قاشاني قصيده تائيه جي شرح ۾ لکي ٿو ته ”ب“ مان مراد آهي ”هن ظاهر متعين وجود جي صورت“ جيئن ”الف“ آهي ”باطن عام مطلق وجود جي صورت“ ۽ ”ب“ جي نقطي مان مراد آهي ”حدوث“. ڪن عارفن جو قول آهي ته ”ما رايت شيئا الاو رايت الباء مکتوبة عليه“ يعني جيڪا به شي مون ڏٺي ته ان جي مٿان ”ب“ لکيل هئي. ابن عربيءَ جو قول آهي ته ”سارو وجود ”ب“ جي وسيلي ظاهر ٿيو، ۽ نقطي جي وسيلي عابد ۽ معبود جي وچ ۾ تميز پيدا ٿي“. شبلي (رحہ) فرمايو آهي ”انا النقطة التي تحت الباء“ يعني مان اهو نقطو آهيان جو ”ب“ هيٺان آهي. جنهن مان مراد آهي ته جيئن ”ب“ کان سواءِ ٽيڪو ڪي به ڪين آهي، تيئن مان به عدم ۽ فاني آهيان.

”ب“ جي بخشش سان ”ل“ ”الف“ سان لڳو. انهيءَ رمز جي اجا مون کي پروڙ نه پئي آهي. ”الف“ سان ”لام“ لڳو سو ته ٺيڪ آهي، پر وچ ۾ ”ب“ جو ڇا ويو؟ جيڪڏهن خدا گهريو ته پئي ڇاپي ۾ انهيءَ تي روشني وڌي ويندي.

الف ۽ لام سان ”م“ ڳنڍيو ته آلم ٿي پئي.

الف ـ لام ـ ميم حروف مقطعات آهن، جن جي معنيٰ جي ڪنهن کي نه خبر پئجي سگهي آهي. چون ٿا ته انهن توڙي ٻين مقطعات ۾ رب تعاليٰ ۽ حضرت رسول اڪرم ﷺ جي وچ ۾ ڪي اونها راز اوريل آهن:

ميان عاشق و معشوق رمزيست	کراما کاتبين راهم خبر نيست

حضرت عبدالله ابن عباس هڪ روايت ۾ فرمايو آهي ته ”الف“ ”انا“ (= آءٌ) جو پهريون اکر آهي ۽ ”لام“ الله جو وچون اکر ۽ ”ميم“ ”اعلم“ (سڀ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ) جو پويون اکر آهي يعني ”آءٌ آهيان الله سڀ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ“ ۽ ٻيءَ روايت ۾ فرمايو اٿس ته ”الف“ الله جو پهريون اکر آهي ۽ ”لام“ جبريل عليه السلام جي نالي جو پويون اکر ۽ ”ميم“ حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي نالي جو پهريون ۽ ٽيون اکر يعني هي قرآن مجيد الله تعاليٰ جي طرفان، ملڪ جبريل جي واتان، حضرت محمد ﷺ جن تي نازل ٿيو آهي. اهي سڀ زٽل قافيا آهن. و الله اعلم بالصواب.

www.maktabah.org

هن پڙهڻ موجب اهي ٿي اکر قرآن مجيد ۾ "ام الکل" يعني سڀ جي ماءُ آهن. يعني ڪلام الله جا سڀئي اسرار انهن ٽن اکرن ۾ سمايل آهن. تعاليٰ الله علوا ڪبيرا.

٩ـ دربيان ڪلمهء طيِّبَه

هن سٽ جو مطلب اڳ ۾ سمجهايو ويو آهي.

رسول الله ﷺ جا هڪ حديث موجب پنج نالا آهن ١ـ محمد ـ ٢. احمد ـ ٣. حاشر (گڏ ڪندڙ ـ يعني منهنجي قدم تي ماڻهو گڏ ڪيا ويندا)ـ ۴. ماحي (ميساريندڙ ـ يعني منهنجي وسيلي الله تعاليٰ ڪفر کي ميٽي ڇڏيندو)ـ ۵. عاقب (پڇاڙي ۾ ايندڙ). پاڻ ڪريمن فرمايو آهي ته "انا العاقب الذي ليس بعده نبي" يعني آءٌ اهو پڇاڙي ۾ ايندڙ آهيان، جنهن بعد ٻيو ڪو نبي نه هوندو.

١٠ـ اساس الفرائض

هن سٽ جي سمجهاڻي اڳ ۾ اچي وئي آهي.

يعني تبيين الحقائق علي ڪنز الدقائق جنهن جو مصنف زيلعي (وفات ٧١٣ هـ) آهي. اهو شرح آهي نسفيءَ جي ڪتاب "ڪنز الدقائق" جو.

www.maktabah.org

سنڌي بيت

(سر ڪلياڻ)

بيت ١- هن بيت جو مطلب پوريءَ طرح معلوم نہ ٿيو. شايد بزرگ جو مطلب آهي تہ الله تبارڪ تعاليٰ جو نور ڪاري رنگ جو آهي، جنهنڪري سنديس ذات پاڪ جي ماهيت پروڙي نٿي سگهجي، ۽ انهيءَ ڪري ئي ذات پاڪ جي مشابهت گهپ رات سان ڪئي وئي آهي. پڻ احتمال آهي تہ "الله ڪارو اوجرو" وارن لفظن ۾ "ڪان الله في عماء" ڏي اشارو آهي، جيئن مٿي سمجهايو ويو آهي. انهيءَ جي برخلاف رسول ﷺ نسورو نور آهي، جنهن جي وسيلي الله پاڪ جي ٿوري گهڻي سڌ پئجي سگهي ٿي. ذات پاڪ اڻ لکي ۽ نامعلوم آهي. ان جو تصور فقط صفتن جي رستي ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ صفاتي نور حسي آهي يعني ان کي حواسن سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. يا هن بيت ۾ "حجابن" واريءَ حديث ڏي اشارو آهي: ان لله سبعين حجابا من نور لوڪشفها لاحرقت سبحات وجهه ما ادرڪه بصره - يعني تحقيق الله تعاليٰ کي نور جا ستر (بي عدد) پردا آهن، جيڪڏهن انهن مان هڪڙو بہ کولي تہ سندس منهنجا تجلا هوند ساري ڪائنات کي ساڙي ڇڻ ڪري ڇڏين". هيءَ حديث مختلف نمونن ۾ آئي آهي، ڪنهن ۾ ستر هزار پردا لکيا اٿن، تہ ڪنهن ۾ هڪ هزار، ۽ ڪنهن ۾ فقط "نور ۽ اونداهيءَ جا پردا" لکيا اٿن.

قادر جي قدرت انسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي: وٽيس تہ درياہ مان واهڙ وهائي، وٽيس تہ ساري درياهہ کي واهڙ جي منهن ۾ پلٽائي...

پيٽيو شاهہ لطيف جو بيت:

ڪاري رات، اڃو ڏينهن، اِيءَ صفتان نور
جتي هوت حضور، اُتي رنگ نہ روپ ڪو.

بيت ٢- هي سارو بيت هيٺينءَ عربي عبارت جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي، سفينة الطريقة الاحمدية و سفينة النجاة وصل الرحم و حمل الڪل و ڪسب المعدوم و قري الضيف و ان تعين علي

www.maktabah.org

نوائب الحق ـ يعني احمد ۽ محمدي طريقي جي ٻيڙي ۽ ڇوٽڪاري جي ٻيڙي آهي؛ مائٽي ڳنڍڻ ۽ ڪهين جا بار کڻڻ ۽ سچن لاءِ پورهيو ڪرڻ ۽ مهمانن کي ماني کارائڻ ۽ مصيبتن ۾ هڪ ٻئي جي مَدد ڪرڻ. عربي عبارت جو منڍ قدري غلط آهي.

بخاري سريج الخ: شايد هن سٽ ۾ اشارو آهي تہ حضرت بهاء الدين نقشبند جي طريقي جي پيروي ڪر، جو بخارا جو ويٺل هو.

(سر يمن ڪليان)

بيت ٣ـ اجر رءِ جي جوڙ يعني بنا اجوري ترتيب يا تہ هيءَ پڙهڻي اختيار ڪجي "اَجڙنديءَ جي جوڙ". اوريون عقل جو سلوڪ ۾ بيڪار آهي.

بيت ١٠ـ ٻيءَ سٽ جي صحيح پڙهڻي آهي "هڏ، ڪرنگهر، مڪ" هي بيت پڻ شاهہ جي رسالي ۾ اچي ويو آهي. گوندر ڇڏم گل (ڪل غلط آهي) يعني گوندر جي گلي (گهٽي) نہ ڇڏ.

(سر رامڪلي)

بيت ١٠ـ قابول = ڪابول= ڪابل جتي سامين جو هڪ ڏو تيرٿ گاهہ هو.

بيت ١۴ـ پهرينءَ سٽ جي صحيح پڙهڻي اجا معلوم ٿي نہ سگهي.

(سر آسا)

بيت ٦ـ ڀيٽيو شاهہ لطيف جو بيت؛

ڳاڙهو ۽ ڳاڙهو، ڪارو پسن ڪينڪي،
اکڙين پاڙو، وڃي ڪيو لاک سين.

بيت ٧ـ ملا سڀ مرندا الخ . عنقاء مان مراد آهي "هباء" يا "هيولي" يعني اهو مادو جنهن ۾ الله تعاليٰ اوائل ۾ عالم جون صورتون جوڙيون. بزرگ کي ظاهري ملن تي سخت ڪاوڙ ٿي ڏسجي.

١٠ـ هي بيت صاحب ابن عباد جي مشهور عربي بيت جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي:ـ

رق الزجاج و رقت الخمر فتشابها فتشاكل الامر
فكانما خمر و لا قدح و كانما قدح ولاخمر

www.maktabah.org

يعني شيشو ۽ شراب ٻئي ايتري قدر لطيف آهن، جو هڪجهڙا پيا ڏسجن ۽ ڳالهہ منجهي پئي آهي. ڇڻ تہ صرف شراب آهي ۽ پيالو ناهي، يا ڇڻ تہ صرف پيالو آهي ۽ شراب ناهي.

هن بيت ۾ عارف الله تعاليٰ جي هستي ۾ محو ٿيڻ ڏي اشارو آهي. اها حالت جنهن ۾ حسين بن منصور حلاج بي اختيار ٿي پڪاريو "انا الحق" ۽ با يزيد بسطامي "سبحاني ما اعظم شاني".

بيت ١١- سچو خيال مولانا جلال الدين رومي جي مثنويءَ مان ورتو ويو آهي:

ابلهان گفتند مجنون را ز جهل — حسن ليلي نيست چندان هست سهل
بهتر از وي صد هزاران دلربا — هست همچون ماه اندر شهر ما
گفت صورت كوزه است و حسن مي — مي خدايم ميدهد از طرف وي
مرشما راس كه داد از كوزه اش — تا نباشه عشق او تان گوش كش

ڪن مورکن پنهنجي اڻڄاڻائيءَ ڪري مجنون کي چيو تہ ليلي جو حسن ڪو ايترو گهڻو ناهي، بلڪ خسيس آهي.

ڪائنس هزار دفعا وڌيڪ سنهڙيون چنڊ ورنيون دل ڪسيندڙ نازنينون اسان جي شهر ۾ موجود آهن.

چيائين تہ: ٻاهرين صورت ڪوزي وانگر آهي ۽ حسن شراب آهي، مون کي خدا سندس ٽانءَ مان شراب ٿو ڏئي.

اوهان کي سندس ڪوزي مان سرڪو ڏنو اٿس، تان تہ سندس عشق اوهان کي ڪن ڪان نہ پڪڙي.

اهو ساڳيو خيال وڌيڪ تفصيل سان پنهنجي ڪتاب "فيه مافيه" ۾ پڻ ڏنو اٿس. يعني مجنون ليليٰ جي ٻاهرين صورت تي عاشق نہ هو، انهيءَ صورت رڳو سندس معنوي حسن کي محفوظ ٿي رکيو، جنهن جي خاطر ليلا خود قرب وچان لهرين ۾ لڙهي پنهنجي صورت فنا ڪري ٿي.

(سر سسئي)

بيت ٦- هي بيت شاهہ جي رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ "سر سنهڻيءَ" ۾ آيل آهي.

www.maktabah.org

بيت ٢٦ـ هن بيت جي صحيح پڑهڻي معلوم ٿي نہ سگهي.

(سر ڪاموڏ)

بيت ١ـ هنن غريبن ميڻن (مهاڻن) جي واهہ ۾ اوٽ آهي پاڻ ڪين سمجهڻ.

بيت ٢ـ هن بيت جو مطلب حال في الحال سمجهي ڪين سگهيس.

بيت ۴ـ مولوي عبدالرزاق صاحب سيتائي جي لکڻ موجب هن بيت ۾ الله پاڪ جي ذات ۽ ان جي ستن صفتن (ستن ٻٽن: حيات، علم، قوت، اراده، ڪلام، سمع، بصر) ڏي اشارو آهي.

سائو ورک ـ الخ : لامڪان ۾ سائو وڻ (سائي نور) مان مراد آهي "حقيقت محمدي" "ڪشف الحقائق شرح ڪنزالدقائق" (تاليف الشيخ عبدالحڪيم الافغاني) ۾ آيو آهي تہ "اول ما خلق الله تعاليٰ شجرة لها اربعة اغصان، فسماها الله شجرة اليقين، ثم خلق نور محمد من درة بيضاء" يعني الله تعاليٰ پهريائين هڪ درخت پيدا ڪيو، جنهن کي چار ٽاريون هيون ۽ ان کي يقين جو وڻ ڪري سڏيائين ۽ انهيءَ کان پوءِ حضرت محمد ﷺ جو نور اڇي موتي مان خلقيائين.

لالچ نہ آهس ـ الخ: الله تعاليٰ جي ذات پاڪ بشري صفتن جهڙوڪ ڪائڻ پيڻ کان خالي آهي. تون پيو سندس ڪاڄ ڪاءُ. (ڪاءُ تون) يعني ان جي فيض مان بهرو وٺندو رهہ.

ست ٻڻ سونهي ـ الخ: سندس دل ڪيهر شينهن جهڙي آهي، جنهن جي ڌڪار ڪري ڪو ٻہ سندس ويجهي وڃڻ جي اجازت نٿو رکي. الله پاڪ جي ذات جو منجهہ پروڙڻ انساني عقل ۽ ادارڪ کان ٻاهر آهي.

(سر رپ)

بيت ١ـ هي بيت اڳيئي اچي ويو آهي. هتي ڀل کان دوباره ڇپجي ويو آهي.

(سر ڏناسري)

بيت ١ـ "تذڪره مخاديم ڪهڙه" موجب بزرگ گروهڙيءَ هي بيت تڏهن چيو جڏهن حضرت سلطان الاولياء کان لنواريءَ مان فيض وٺي گرهوڙ ۾ پهتو. ڏکڻ ۾ چنڊ ڏٺو يعني خواجه صاحب جن جو فيض ڏکڻ (لنواريءَ) کان جاري ٿيو، ۽ انهيءَ فيض جي اثر ڪري اتر (يعني گرهوڙ) ۾ عيد ملهائي وئي.

نوٽ:ـ هن بيت کان سواءِ ٻيا بيت سيئي ڪن مريدن جا چيل ٿا ڏسجن، جيئن شاهہ جي

www.maktabah.org

رسالي ۾ پڻ "سر ڏناسريءَ" جا سڀ بيت سندس مريدن ۽ معتقدن جا چيل آهن.

بيت ٦- هي بيت ميين محمود ڪڙيه واري جي ڪنهن مريد جو چيل ٿو ڀائنجي.

(ابيات متفرقه)

بيت ١- هن بيت جي پوين ڇئن سٽن جو مطلب سمجهڻ ۾ نہ آيو.

www.maktabah.org

ضميمو

سر ڪاهوڙي(١)

ڏس نہ سندي ڏوٿيين، نڪ ڏيهہ سندون،
پري ڏيهہ ٿيون، جت پير نہ آه پکيءَ(٢) جو.

سر مارئي(٣)

ا- مارئي نالو مڙس جو، پسڻ عورت آهي،

---

(١) هي بيت سيني نسخن ۾ موجود آهي، ۽ سر رامڪليءَ بعد پڙهڻ گهرجي.
(٢) ۾ جي پڙهٽي، هئن سيني نسخن ۾ "پرينءَ" لکيل آهي جو ظاهرا غلط آهي.
(٣)
مارئي جو سر اصل متن ۾ سر سهڻيءَ بعد رکيو ويو هو. پر مطبعة العرب وارن اهي مسوده جا صفا ئي گم ڪري ڇڏيا. ۽ جنهن صورت ۾ ڇاپايل نسخي جي صفحن جو تعداد لاڳيتو رکيائون تنهن صورت ۾ مارئي جي سَر گم ٿي وڃڻ جي خبر ئي ڪانہ پئي. تان جو تاريخ ١١ آڪٽوبر جو ڇپيل متن کي ڦولهيندي ان جي ساروٽي ٿي ۽ سڄو پورهيو نئين سر ڪرڻو پيو. پر ارمان فقط انهيءَ ڳالهہ جو آهي، جو هي سر پنهنجي جاءِ تي پٽجي نہ سگهيو.
جان محمد، حامد الله، ابو الحسن ۽ الله بخش وارن نسخن ۾ هيٺيان راتين جا بيت زائد آهن، جي ڪنهن گمنام شاعر "ملار" جا چيل ٿا ڏسجن:

(الف) پسو پيم رات، پهرين پنهارن ري؛ (ڏسو حاشيه اڳئين ص تي)

www.maktabah.org

پاهيو پاهي پاڙ(١) کي، رچڻ روح لاءِ.
پلي ڇائي مارئي، جنهن مارو ملهائيا،
سنتيءَ سامائي، ٻڌا موڙ ملير کي(٢).

(آندل حاشيه پوئين ص کان)

من ۾ مروئن جي، تن ۾ طلب تات؛
وائي ٻي نہ وات، عمر اباڻن ري.

(ب)

ٻيجهيءَ ڏيان ٻن، ماڙيون محل ملار ڇئي؛
قضا آنديس ڪوٽ ۾، ڇنيس ڪنهن نہ ڇن؛
سدا سانگي سج ۾، تا ويڙيچا وسن؛
مارو اٿم من، راتو ڏينهان روح ۾.

(ج)

ٽيجهيءَ ٽڪاٽا، وسه مون وه ٽيا.
پلنگ پٽراٽيون پالکيون، وه ٽيا وهاٽا؛
ڏوٽي ڏاڏاٽا، مون وسان ڪين وساريا.

(د)

چوٿينءِ رات ڇڳا، ڏٺم خواب خوشيءِ جا؛
ڏونرا ڏيهاين سان، ٿي پٽن پاس پچان؛
اٿم آس اچان، ويڙيچي وچڻ جي.

ڀهرين رات کي حافظ حامد الله وري ٻيهر هن طرح دهرايو آهي:

ڀهرين رات پٽن تي، عمر جا پيئي؛
اوسيڙي اندوه مان، وهاٽي ويئي.

جي نس پس شاه لطيف ڏي نسبت ٽيل هيٺين بيت جو ڀهريون ہ سٽون آهن:

ڀهرين رات ملير ري، منکي جا پيئي؛
اونداهيءَ اندوه ۾، وهامي ويئي؛
ڏور ٽيا ڏيهي، کن کر پچان خبرون.

(١) پڙهڻي ح موجب؛ ٻيا سڀ "پاه"
(٢) هي بيت فقط حافظ حامد الله واري نسخي ۾ آيل آهي.

www.maktabah.org

(٣)

جيڪر آءُ جيان، تہ پٽ پرهيان سومرا،
پاٽي پٽاشن جو، پايو پوچ پيان،
ڪائي ڪاچ خوشيءَ مان، ماھ پڻ مچايان،
پر ڪارڻ بن ڏينهان، ٿي لاهيندي لڄ مران.

(۴)

جي هڏ ڪائي ڪير، ماس مٿاهون چاڙهيان،
(تہ)مچي(١) ڪينءَ ملير، ٿيان ڪارباٽي ڪاند جي.

(۵)

تڪ ڏين توحيد ۾، وجهلن وصالت،
مون جيڏيون ملير ۾، پين ماڪي معرفت،
پرتيان پنهواريون پين، شربت(٢) شريعت،
هادي حقيقت، مولا مونکي ميڙيين.

(٦)

ڪرڙ، پڪاءِ پال، جن سڪونت سج ۾،
واحد ڪر وصال، تن بر ۾ بدوين جو.

(١) م: مچي؛ ٻيا نسخا: مچي (٢) ل ۽ ن خ: شرب؛ ابوالحسن ۽ ج: شربت.

www.maktabah.org

(٧)

اسين جتان آئيون، تتي ڪڇنب ناهہ،
عمر جي وياهہ، ماتم ويئي مارئي (١).

(٨)

اسين جتان آئيو، تتي ڪک نہ پن،
توڙي ڪين نہ ان، پڻ وهہ وهہ سين گڏبا.

(٩)

ڪيريون، ٻيريون، ٻائريون، جن جا ڪک سين ڪوندا،
آهر اُن هندا، گندا غريبن جا.

(١٠)

جيڪس ڪي ڪيام، اوڳڻ اباڻن سين،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ٻاڻي ڀهر پيام،
مارو ٽر ٽيام، آءٌ ٽي نير نجهران (٢).

---

(١) هي بيت شاهہ ڪريم جي تتبع تي چيل ٿو ڏسجي:

اسين تتان آئين، جتي ڪهنيو ناهہ،
جي ويڇون ڪنه وهاءِ، تہ پڻ متهون لوئيون.

(٢) شاهہ جي رسالي جي ڪن نسخن ۾ هي بيت هن ريت ڏنل آهي:

جيڪس ڪي ڪيام، اوڳڻ اباڻن سين،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ہہ ٽي ڀهر پيام،
ڏيهي ڏيهہ ويام، ڏيان ڏراپو ڪن ڪي.

www.maktabah.org

(١١)

هتن حاج وه تي، نيٹن نندب حرام،
مارو منهنجو چام، عمر چام ٻين جو.

(١٢)

واسي(١) وار نہ ويڙهيان، مر چڳن منجھ چيڙ،
ههڙي حال حمير، وري ڇا(٢) ويڙ وڃان.

(١٣)

سپ سلندياس(٣) ڳالهيون(٤)، الله جي آندا،
تيندا هيڪاندا، ماروئڙا ملير ۾.

(١٤)

اکڙيون ملير ۾، جيئن راتو ڏينه،
اُجاري آڇا ڪيا، نيٹن تنين جا نيه،
عمر ڪندو(٥) ڪينءَ، اُنين(٦) آسائن سين(٧).

---

(١) ابو الحسن ج خ ل: وانسي. شاه جي رسالي جي ڪن نسخن ۾ هي بيت هن طور ڏنل آهي:

وسي وار نہ ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروء جي مهاڙ ري، منکي اندر ناهہ اکير،
ههڙو حال حمير، ونيي شال ويڙ يان.

(٢) ابو الحسن: شل. (٣) م: سليندياس. (٤) ج: ڳالڙيون. (٥) خ ل: ڪندون. (٦) ل: آئي. (٧) هن بيت ۾ شاهہ ڪريم جون هيئيون بيت تضمين طور ڪم آيل تو ڏسجي:

اکڙيون ملير ڏي، جنين راتو ڏينهن،
هاٿي ڪندين ڪينء، عمر آسائن سين.

www.maktabah.org

(١٥)

ٻڪر ٻن پيا، جنين وس وه ڪئي،
عمر مون ويا، سندا سانوڻ ڏينهڙا.

(١٦)

ٻڪر ٻن پيا، جنين وس وهہ ڪئي،
ڇيلا ڇڏي پٽ ۾، هلج تون هئان،
ڪمند ڪانهي ڪا، ويڙيچاٽيءَ وس جي.

(١٧)

سرتيون سپن ڪان، سڪو ريت سڪڻ جي،
اوڏي اوڏيائي نہ اچي، گهري آب مٿان(١).

(١٨)

سپون هون سمنڊ ۾، سمنڊ نہ سپن نہ پون،
هوءِ جي همه پون، تن الف نہ اندر رکيو.

---

(١) هن بيت ۾ شاهہ لطيف جو هيٺيون بيت نسخ مسخ ڪيو ويو آهي.

سڪو سپن ڪان، سرتيون ريت سڪڻ جي،
مگن جر مٿان، اوري ڪن نہ آسرو.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org